هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

چھ ماهي

# سنڌي ٻولي

[ تحقيقي جرنل ]

جلد تيرھون — شمارو پهريون
جون 2020ع

ISSN: 2519-9765

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

[هائيَر ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل]

چهه ماهي

# سنڌي ٻولي

تحقيقي جرنل

جلد تيرهون- شمارو پهريون

جون 2020ع

ISSN: 2519-9765

ايڊيٽر

**شبنم گل**

**سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو**

**حيدرآباد، سنڌ**

## ايڊيٽوريل/صلاحڪار بورڊ (ڏيهي)
## Editorial/Advisory Board (National)

**پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا**
اڳوڻو چيئرمئن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

**پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق**
اڳوڻو چيئرمئن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

**پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين**
اڳوڻي چيئرپرسن، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

**ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري**
محقق ۽ ماهر آثار قديمه

**پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو**
اڳوڻو چيئرمئن، سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

**پروفيسر ڊاڪٽر ادل سومرو**
اڳوڻو چيئرمين، سنڌي شعبو
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

**پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجو**
چيئرمئن، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

**ڊاڪٽر حاڪم علي برڙو**
اسسٽنٽ پروفيسر
علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

**ڊاڪٽر منظور علي ويسريو**
اسسٽنٽ پروفيسر (NIPS)
قائداعظم يونيورسٽي، اسلام آباد

## ايڊيٽوريل /صلاحڪار بورڊ (پرڏيهي)
## Editorial /Advisory Board (International)

**ڊاڪٽر چيتو لالواڻي**

اسڪالر / اڳوڻو ڊائريڪٽر

نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج (ڀارت)

**پروفيسر ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي**

اڳوڻو چيئرمئن، سنڌي شعبو

ممبئي يونيورسٽي، (ڀارت)

**ڊاڪٽر روشن گولاڻي**

چيئرمئن بورڊ آف اسٽڊيز

گجرات يونيورسٽي، احمد آباد، (ڀارت)

**ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي**

پريزيڊنٽ (وومين ونگ)

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا (ڀارت)

**ڊاڪٽر هاسو دادلاڻي**

هيڊ، سنڌي شعبو

SPC گورنمينٽ (P.G) ڪاليج، اجمير شريف (ڀارت)

**ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي**

سربراهه، سنڌي شعبو

چاندي ٻائي ڪاليج، الهاس نگر (ڀارت)

**ڊاڪٽر سريش ٻٻلاڻي**

ريسرچ اسڪالر

اجمير شريف (ڀارت)

# فهرست


1. چيئرمئن پاران 06

2. ايڊيٽوريل 07

## ٻولي

3. جديد سنڌي گرامر جي ضرورت 09-30
ڊاڪٽر آفتاب ابڙو

4. لغتن جا مختلف قسم: هڪ جائزو 31-52
ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو

5. جديد دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ان کي درپيش مسئلا 53-60
ڊاڪٽر مخمور بخاري

6. توروالي ٻوليءَ جو مختصر جائزو 61-70
ڊاڪٽر منظور ويسريو

7. مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنيس مرکّب جو جائزو 71-94
ڊاڪٽر الطاف جوکيو

8. سنڌي ٻوليءَ ۾ جاگر افيءَ جو علم: هڪ اڀياس 95-126
مختيار احمد ملاح

## ادب ۽ قديم ماڳ

9. شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻين جو موضوعاتي اڀياس 127-140
ڊاڪٽر حاڪم ٻرڙو_ارشد علي

10. ماڻڪ جي ناول 'ساهه مٺ ۾' جو تنقيدي جائزو 141-159
ڊاڪٽر شير مهراڻي

11. سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ مقبرن جي فن تعمير ۽ بحالي 160-185
اشتياق انصاري

12. شيخ اياز جي ڪهاڻي 'ڪلٽي' جي زمان و مڪان جو جائزو 186-199
رضا علي قاضي

## ادارتي پاليسي

## Policy & guidelines for Authors

’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جرنل ۾ ڇپجندڙ مقالا جيئن تہ تحقيق تي مشتمل هوندا آهن، تنهنڪري مقالا نگار جي متن سان اداري جو متفق هئڻ ضروري نہ آهي.

- ✓ مقالا نگارن کي گذارش آهي تہ مقالو تحقيق جي مروج اصولن تحت لکن، حوالا ۽ مقالي جو انگريزيءَ ۾ تَتُ (Abstract) ضرور شامل ڪن.
- ✓ هن جرنل لاءِ مقالو لکڻ وقت حوالي طور ڪنيل مواد لاءِ ’ماڊرن لئنگئيج ايسوسيئيشن‘ MLA طريقو اختيار ڪيو وڃي.
- ✓ لکيل يا ڪمپوز ٿيل مقالا ٽپال ذريعي موڪليا وڃن، ساڳئي وقت مقالا اداري ڏانهن اي-ميل بہ ڪيا وڃن.
- ✓ ڪمپوزنگ لاءِ 13 پوائنٽ سائيز ۾ MB Bhitai Sattar فانٽ استعمال ڪيو وڃي.
- ✓ مقالي جي آخر ۾ مقالا نگار جو مڪمل پتو، فون نمبر ۽ اي ميل ڄاڻايل هجي.

## چيئرمئن پاران

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏيڻ جي مقرري کي آئون اعزاز سمجهان ٿو. هيءَ ذميواري هڪ اهم قومي فرض سمجهندي، خلوص ۽ سچائيءَ سان نڀاهڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪبي.

هن اداري جي بنيادي مقصدن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ سکيا لاءِ طريقا ۽ ذريعا سوچڻ ۽ عملي قدم کڻڻ، صوبائي ٻوليءَ جي حيثيت سان سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم، سنڌيءَ ۾ دفتري/ سرڪاري لکپڙهه ڪرڻ، جديد دور جي گهرجن مطابق سنڌي ڪمپيوٽنگ جي ترقيءَ لاءِ ڪوششون ڪرڻ وغيره شامل آهن. ان سلسلي ۾ گهڻن سالن کان هن اداري پاران سنڌي ٻوليءَ جي قديم لکت، ان جي پاڄ، جديد لکت، تاريخ، قديم لفظي ذخيري جي بچاءَ، مختلف لهجن، جديد دور جي گهرجن پٽاندر واڌاري، سنڌيءَ کي ٻولين جي عالمي درجي تائين رسائڻ وغيره بابت ڪوششون ٿينديون رهيون آهن ۽ انهن موضوعن تي ڪيترا ئي ڪتاب پڻ شايع ٿيندا رهيا آهن.

ڪيترن ئي اهم ڪمن ۾ هن اداري پاران گهڻن سالن کان شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل 'سنڌي ٻولي' بہ شامل آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ علمي تحقيق (Academic Research) کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. هن وقت ان تحقيقي جرنل جو سال 2020ع جو پهريون شمارو منهنجي سامهون آهي. اڳين شمارن وانگر هن شماري ۾ بہ اهم تحقيقي مقالا شامل آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ تي وڌيڪ تحقيق لاءِ مددگار ثابت ٿيندا. هن جرنل کي سنوارڻ ۾ ايڊيٽر محترمہ شبنم گل، اسسٽنٽ ايڊيٽر شوڪت چاچڙ ۽ ٻين جون محنتون بہ واکاڻ جوڳيون آهن.

منهنجي پڻ اها ترجيح رهندي تہ ايندڙ شمارن کي وڌيڪ معياري بڻائيندي، وقت سر آڻجي. اها بہ ڪوشش رهندي تہ نہ رڳو هن جرنل کي 'هائير ايجوڪيشن ڪميشن' جي معياري قاعدن ۽ جديد تحقيقي طريقن مطابق شايع ڪريون، پر گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ جي محققن ۽ عالمن جي سهڪار سان سنڌي ٻوليءَ، لسانيات جي مختلف موضوعن، سنڌولکت ۽ سنڌيءَ ۾ تعليم وغيره جي موضوعن تي گهڻي کان گهڻا مقالا شامل ڪجن تہ جيئن اداري کي اصل مقصدن ماڻڻ جي منزل طرف وڌائي سگهجي. اسان جي هيءَ بہ ڪوشش رهندي تہ هن جرنل سميت اداري طرفان ڇپجندڙ هر ڪتاب ۾ ڪمپوزنگ جي مرحلي دوران خاص ڪري لفظن جي ترجيحي صورتن ۽ اکرن جي وسرڳ، اوسرڳ وغيره جو ڌيان رکجي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي درست استعمال کي يقيني بڻائجي.

اٿارٽيءَ جي سربراهہ جي حيثيت ۾ ٻين ڪمن سان گڏ منهنجي ڪوشش رهندي تہ اداري ۾ هڪ 'سنڌو لکت ميوزم ' (Indus Script Museum) قائم ڪجي، جنهن ۾ قديم دور کان موجوده دور جي لکت جا سڀئي نمونا ترتيب وار رکيا ويندا. اهڙيءَ ريت اداري ۾ هڪ لئنگئيج ليبارٽي پڻ قائم ڪئي ويندي.

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**
**چيئرمئن**

30 جولاءِ 2020ع

# ايڊيٽوريل

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ابتدائي عرصي يعني 1992 ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سربراهي ۾ ’سنڌي ٻولي‘ نالي سان خبرنامو جاري ٿيندو هو. جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ ان جي درست استعمال لاءِ ڪيل ڪوششن ۽ سرگرمين جون رپورٽون شايع ٿينديون هيون. 1994ع ۾ ڊاڪٽر نواز علي شوق ان خبرنامي’سنڌي ٻولي‘ کي ٽه ماهي تحقيقي جرنل جو درجو ڏنو. جنهن ۾ ٻوليءَ بابت مختلف عالمن ۽ ليکڪن جا مضمون ۽ مقالا شايع ڪيا ويا. 1995_1996ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش قاضي صاحب جي سربراهي واري دؤر ۾ ان جرنل جو سالنامو شايع ٿيو هو. ان بعد ڪجھ عرصو ان رسالي جي اشاعت بند رهي، ٻيهر 1997 ۾ محترم حميد سنڌي اداري جو سربراھ مقرر ٿيو ۽ محترم تاج جويو سيڪريٽري هو ان وقت ’سنڌي ٻولي‘ جرنل جو هڪ خاص نمبر ’مرزا قليچ بيگ‘ جي سري هيٺ شايع ٿيو. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي دور ۾ ٻه هن جرنل جا ڪجھ پرچا شايع ٿيا. ڪجھ سالن جي وٿيءَ کانپوءِ ڊاڪٽر فهميده حسين، هن تحقيقي جرنل جي اشاعت کي 2008 کان 2015 تائين مسلسل جاري رکيو. ان کانپوءِ 2016 ۾ ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ هن جرنل کي HEC جي پاليسي ۽ جديد تحقيقي اصولن تحت ڇپائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون ۽ پنج شمارا شايع ڪيا. بعد ۾ هڪ پرچو محترم اڪبر لغاري صاحب جي ادارت ۾ ڇپيو. جنهن کانپوءِ جرنل جا ٽي شمارا ڇپيا آهن.

خوشيءَ جي ڳالھ اها ٻه آهي ته هي شمارو تيار ٿيڻ تائين ڊاڪٽر محمد علي مانجهي صاحب هن اداري جي چيئرمئن طور ست ۾ شامل ٿي چڪا آهن، اميد ته سندن اڳواڻيءَ ۾ هي ادارو پنهنجي مقصدن تحت ترقي ماڻيندو. اهو ٻڌائيندي سرهائي محسوس ٿئي ٿي ته اداري جي هن تحقيقي جرنل کي اپريل 2020ع ۾ پاڪستان جي هائير ايجوڪيشن ڪميشن HEC پاران معياري تسليم ڪندي، منظوريءَ جو خط جاري ڪيو ويو آهي. هي هڪ گڏيل تنظيمي ڪم آهي، جنهن ۾ اڳوڻن چيئرمئنن، ايڊيٽوريل بورڊ، سب ايڊيٽر، مقالا نگارن، ڪمپوزر، ڪاتب، ويب ڊولپر ۽ ڊزائينر سڀني جو گڏيل پورهيو شامل آهي.

محققن ۽ ليکڪن لاءِ ضروري آهي ته پنهنجو مقالو موڪلڻ وقت نئين موضوع جي چونڊ ڪن ۽ معيار کي ڌيان ۾ رکندي، مقالي جو انگريزي ۾ خلاصو (Abstract) ۽ MLA طريقي موجب حوالا/ببليوگرافي لازمي طور تي شامل ڪن. هر مقالو معيار جي بنياد تي، ٻن مختلف ماهرن جي راءِ (Blind review) ۽ منظوريءَ کانپوءِ شايع ڪيو ويندو آهي. اميد ته هي شمارو پڻ اوهان پڙهندڙن جي معيار وٽان هوندو.

**شبنم گل**

ايڊيٽر

ڊاڪٽر آفتاب ابڙو

# جديد سنڌي گرامر جي ضرورت
# Need for Modern Sindhi Grammar

## Abstract:

*Sindhi language has been written in Birhami, Paali, Gurmukhi, Khojki, Gujrati and Devnagri scripts since ancient times, but such literature is no more extant. The experts of language know that Panini Sahib wrote first grammar in this region in Sanskrit, in which he formulated some rules and regulations about language by which Sanskrit developed. This grammar was developed in 400 BC. William Henry Wathen wrote first Sindhi grammar in 1836. It follows the pattern of Persian grammar. Later on, George Stack wrote his book on Sindhi grammar in 1849. Dr Ernest Trump also wrote Sindhi grammar by carrying out a good deal of research. After him, Grammarians resorted to imitation which is apparent in several cases. Dr. Trump has presented the examples under the title "Sindhi Isiman Joon Pichharriyon" (Suffixes of Sindhi Nouns). Mirza Qaleech Baig has put forth almost similar examples in the first topic of chapter five. Wahid Bakhsh Sheikh has taken the same example from Arabic, Persian and Sindhi and presented them accordingly. After this, many books of similar nature on Sindhi grammar have been published with mere change of words. After the study of various references of the books, examples and considering the opinions of the experts, this article proposes that a committee consisting of well-versed figures in Sindhi Grammar be constituted, which should closely examine the characteristics of Sindhi language, its peculiar qualities, patterns, word-settings, description and grammar in order to prepare modern grammar of Sindhi language on the basis of modern principles.*

قديم دور کان سنڌي ٻوليءَ برهمي، پالي، گُرمکي، خوجڪي، گجراتي، ديوناگري وغيره لپين ۾ لکجندي رهي آهي. پر اهو ادب هاڻي اسان وٽ موجود نہ آهي. البت ڪجهہ آڳاٽين لِپين ۾ نڪرندڙ رسالا ۽ ڌرمي پستڪ، ڪن ماڻهن وٽ محفوظ آهن، جيڪي هٿ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ ترتيبوار محفوظ ڪري

سگهجن ٿا، تہ جيئن نوجوان محققن کي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت کان واقفيت ٿئي.

ٻوليءَ جا ماهر اهو بہ ڄاڻائين ٿا تہ هن خطي ۾ سڀ کان پهريون گرامر پاڻينيءَ نالي عالم سنڌوءَ ڪناري ويهي لکيو ۽ اها ٻولي جنهن کي هن صرف ڀاشا سڏيو، ان کي معياري ٻولي بنائڻ لاءِ ڪن اصولن ۽ قاعدن کي ترتيب ڏنو. ان ٻوليءَ جي ان سڌاريل سنواريل روپ کي بعد ۾ سنسڪرت نالو ڏنو ويو. ان ڪري چوندا آهن تہ: سنسڪرت جو پهريون گرامر پاڻينيءَ لکيو. جنهن ۾ هن ٻوليءَ بابت ڪي قاعدا ۽ اصول جوڙيا، جنهن تحت سنسڪرت ترقي ڪئي. (اهو پاڻيني بعد ۾ گنگا جمنا واديءَ ڏانهن لڏي ويو هو) اهو گرامر 400 قبل مسيح ۾ لکيو ويو. اڳتي هلي جڏهن ان زبان ۾ ويد لکيا ويا تہ پنڊتن پابندي مڙهي تہ سنسڪرت پوتر ٻولي آهي، ان کي گهٽ ذات وارا ۽ پورهيت طبقو استعمال نہ ٿو ڪري سگهي! نتيجو اهو نڪتو تہ سنسڪرت جهڙي شاهڪار صرف پنڊتن ۽ پروهتن تائين محدود ٿي ويئي. هن وقت اها ٻولي رڳو ڪن ڌرمي رسمن ۾ استعمال ٿي ٿئي. باقي ڪنهن بہ ملڪ جي پرڳڻي تہ ڇا ڪنهن ڳوٺ ۾ بہ ڳالهائي نہ ٿي وڃي. پر موجوده هندستان ۾ ان کي ڌرمي ٻوليءَ جي حيثيت ۾ ٻيهر جيارڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

سنڌ ۾ راءِ گهراڻي (432_ 612ع) جي ڌرمي ٻولي پالي هئي، جيڪا ٻڌ ڌرم جي مذهبي ٻولي هئي. ان جو جنم سنسڪرت جي سختين سبب ٿيو. مهاتما ٻڌ، پنهنجي پوڄارين کي هدايت ڪئي تہ ٻوليءَ تي ڪا بہ پابندي نہ مڙهيو. عوام کي آزاد ڇڏيو تہ جيئن وڻين تيئن ٻولي استعمال ڪن. نتيجي ۾ اها ڏکڻ ايشيا جي ماڻهن جي عام ٻولي ٿي، جيڪا اڄ بہ ڳالهائي ۽ لکي وڃي ٿي. سنڌ جي نالي واري عالم ۽ مورخ ايم ايڇ پنهور جي راءِ آهي تہ راءِ گهراڻي جي دور ۾ سنڌ ۾ پالي ٻوليءَ جو اوج هو. ڌرم کان علاوه اها عام وهنوار جي پڻ ٻولي هئي. ان بابت شاندار گرامر ۽ لغتون موجود آهن. خاص طور ٽرنر صاحب جي ترتيب ڏنل Etymological and Comparative Dictionary of Pali Language (1965) جو تہ مٽ ئي نہ آهي. چين جو ڏاکڻو صوبو، جپان، ميانمار، ٿائليند، ڀوٽان، لائوس، منگولا وغيره ۾ اڄ بہ پالي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. سريلنڪا ۾ تہ ان کي سرڪاري حيثيت مليل آهي.

راءِ گهراڻي کان پوءِ برهمڻ گهراڻي سنڌ حڪومت جون واڳون 612 کان 711ع تائين سنڀاليون. ان دور ۾، اسان کي سنڌ ۾ ديوناگري سان گڏ، خداوادي خط

اُسرندي نظر اچي ٿو. جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا پنهنجا نج آواز بہ موجود هئا. انگريزن جي دور تائين ان لپيءَ ۾ تعليم، واپار، خط ڪتابت جو عام رواج هو.

”انگريزن جڏهن 1843ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو تہ خداوادي لپي عام وهنوار جي لپي هئي. انگريزن پاران پنج پڌرناما (Notifications) جاري ڪيا ويا تہ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ خداوادي خط اختيار ڪيو وڃي. پهريون حڪمنامو مسٽر آر. ڪي پرنگل سنڌ جي ڪمشنر جي حيثيت ۾ جاري ڪيو. ڪيس بمبئي حڪومت پاران پڻ اهڙيون هدايتون جاري ڪيون ويون تہ سنڌ ۾ سرڪاري ڪاروبار هلائڻ لاءِ ڪيپٽن اسٽئڪ جي تجويز ڪيل الفابيٽ، سنڌي ٻوليءَ جي دستاويزن لکڻ ۽ ڇپائيءَ لاءِ استعمال ڪئي وڃي، جڏهن تہ ٻين لپين کي بہ نظرانداز نہ ڪيو وڃي.“(1)

جڏهن تہ عربن جي دور (711ع) کان مغل دور (1600ع) تائين ويندي ڪلهوڙن کان ٽالپرن تائين سنڌ ۾ عربي ۽ خاص طور فارسي ٻوليءَ جو رواج هو. مدرسن ۾ باقاعده عربي صرف ناما ۽ فارسي ’صرف ۽ نحو‘ جا ڪتاب پڙهايا ويندا هئا. هيٺين درجن ۾ ’صَرف صغيره‘ ۽ مٿين ڪلاسن ۾ ’صرف ڪبيره‘ پڙهايا ويندا هئا. ڏهہ صديون لڳاتار عربي ۽ فارسي تعليم، تدريس، مذهب، فلسفي، تاريخ وغيره جهڙن اهم موضوعن جون ٻوليون رهيون. ان کان علاوه ٻالجتي کان بلوغت تائين ٻارن کي عربي، فارسي گرامرن جي تعليم لازمي ڏني ويندي هئي ۽ جنهن کي علم صرف، نحو ۽ علم تجويد تي مهارت هوندي هئي اُهي هوشيار شاگرد ليکيا ويندا هئا. مختلف مدرسن ۾ اهڙن طالبن جي وچ ۾ مقابلا بہ ٿيندا هئا.

انگريزن جي دور ۾ جديد علم جي شروعات ٿي. سرڪاري سطح تي اسڪول ڪليا ۽ درس تدريس جو عمل شروع ٿيو. حقيقت اها آهي تہ انگريزن کي هتي تعليمي نظام رائج ڪرڻو هو جيئن هنن ننڍي کنڊ جي ٻين رياستن ۾ ڪيو. اها سندن مجبوري هئي. سوسائٽي کي ضابطي هيٺ رکڻ لاءِ هنن پورو نظام لاڳو ڪرڻ ٿي گهريو. ان لاءِ تعليم واحد ذريعو هئي، جنهن وسيلي هو پنهنجا قاعدا قانون عوام تائين پهچائي ٿي سگهيا. ان کانسواءِ، ميڪاولي جي نظريي مطابق نائب قاصد ۽ ڪلرڪ مقامي ماڻهن مان تيار ڪرڻا هئا. ان وسيلي ماڻهن کي نوڪرين جو آسرو

بہ ڏنو ويو. ہي صورت ۾ ڪين خوف ھو تہ اھي اڻپڙھيل ماڻھو ٿوري گھڻي تي پيا وڙھندا ۽ سرڪار لاءِ بہ مستقل ڏچو ثابت ٿيندا.

”سنڌ ۾ تعليم لاڳو ڪرڻ لاءِ انگريزن ڪي وڏا وس ڪرڻا پيا. خاص طور مسلمانن جي ٻارن لاءِ ھنن ڪي ڪمپلسري ايجوڪيشن ايڪٽ (1923ع) قرآن ايڪٽ (1940ع) زميندار چلڊرين ايڪٽ (1940ع) مسلم چلڊرين ايڪٽ (1946ع) وغيره لاڳو ڪرڻا پيا.“ (2)

انگريزن سنڌي رسم الخط رائج ڪرڻ لاءِ ڪو فھميدو فيصلو ڪو نہ ڪيو. قدامت ۾ تاريخ جي حوالي سان ڏسنداسين تہ ھنن اسان سان وڏيون ويساھہ گھاتيون ڪيون. تاريخ جي تسلسل ڪي ٽوڙيو جن بنيادن تي اسان جي ٻولي ترقي ڪندي پئي آئي، انھن اھي بنياد ئي ختم ڪري ڇڏيا. سنڌي ٻولي ھن وقت اسپاويڪ (Unnatural) طريقي سان ترقي ڪري رھي آھي، جنھن جو وڏو ڪارڻ اسان جو پنھنجي ٻوليءَ سان فطري لڳاءُ آھي. (ان موضوع تي ڊاڪٽر فھميده حسين جي نگرانيءَ ۾ راقم ’سنڌي رسم الخط جي اوسر‘ جي موضوع تي پي ايچ ڊي ڪئي آھي. جيڪا زير اشاعت آھي، وڌيڪ تفصيل ان ٿيسز ۾ آھن).

## جديد سنڌي گرامر جي ضرورت ڇو؟

مٿي ذڪر ڪيل آھي تہ عربن جي دور (711ع) کان وٺي انگريزن جي قبضي 1843ع تائين ساڍيون يارنھن صديون، سنڌي ٻولي سرڪاري سرپرستي کان وانجھيل رھي. حاڪمن خاص طور ارغون، ترخان، ازبڪ ۽ مغلن عام رعيت ڪي تائي ڪنيو ھو. ٻيٽا ٽيٽا ڏنڊ مڙھي، ھنن جي چيلھہ چٻي ڪري ڇڏي ھئي. مھل ڪُمھل اچي ڪاردار مٿان ڪڙڪندا ھئا. انھن سان مڪاني ڪمدار ڪاراوا بہ گڏ ھوندا ھئا. اھو احوال ابوالقاسم نمڪين جي لکيل ’تاريخ مظھر شاھہ جھاني‘ ۾ پڙھي سگھجي ٿو.

اھڙين عقوبتن کان پوءِ مقامي ماڻھن شھر ڇڏي وڃي واھڻ وسائيا. اتي پوکي راھي ۾ ٻين سماجي ڪرتن ۾ ڏنڌن سان لڳي ويا. تعليم سندن ڪنھن لحاظ کان ترجيح ۾ شامل نہ ھئي. تنھن ھوندي بہ ماڻھو پنھنجي مرحوم بزرگن جي بخشش لاءِ قرآن شريف ۽ درود پڙھندا ھئا. البت ڪي مولوي فارسيءَ جا بہ چار بنيادي ڪتاب: تفصيل المبتدي (ابتدائي گرامر) ارشاد صرف، نحو مير، آمد نامو، ڪريما، گلستان، بوستان وغيره پڙھي، پوءِ علم رمل جي وسيلي تعويذ لکي پيٽ گذر ڪندا ھئا. ٻئي

پاسي وري ڪي ملان ٻڌ سڌ تي حڪمت جا چار اکر پڙهي، ويئا اٻوجهن کي ابتيون سُبتيون سُتيون ڏيئي روزگار ڪندا هئا، جنهن لاءِ شاهه سائين فرمايو:

ڪُنيس ڪُوبجن، تن طبيب نه گڏيا،

ڏيئي ڏنب ڏڌن، پاٽان ڏيل ڏکوئيو. (يمن ڪلياڻ)

ٺٽي، بکر، نصرپور، بوبڪ وغيره ۾ البت تعليم جو سٺو بندوبست هو انهن شهرن ۾ عالمي سطح جا ديني مرڪز هئا، جتي عربي ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکيا ويندا هئا. انهن ڪتابن جي موضوعن جو سنڌ جي سماج، معاشيات، زراعت وغيره سان ڪو تعلق نه هوندو هو. فارسيءَ کي علمي ڄاڻ جو استعارو سمجهيو ويندو هو جنهن کي فارسي نه ايندي هئي، ان کي عالم تصور نه ڪيو ويندو هو. ان دور جو مشهور پهاڪو آهي، ’فارسي گهوڙي چاڙسي‘ يعني فارسي اعليٰ درجي تي رسائيندي، ٻئي طرف چيو ويندو هو ته ’سنڌي وائي ڪم نه آئي‘ يعني سنڌي ٻولي پڙهي، اوهان کي ڇا ملندو!

اهڙي صورتحال ۾ سنڌي ٻولي ڪهڙي ترقي ڪري پئي سگهي! البته ايترو سو ٿيو جو واهڻن ۾ قائم اوطاقن ۽ اوتارن ۾ لوڪ ادب بهتر انداز ۾ اُسريو، ڦهليو، جهرجهنگ ڳائڻ وڄائڻ ۾ آيو. هن وقت سنڌي ٻولي، ادب، شاعري، پهاڪا، چوڻيون، محاورا وغيره ان دور جو ورثو آهن، جن جو آڌار ۽ تسلسل گذريل هزارين سالن جي ٻوليءَ تي ڦهليل آهي.

سنڌ ۾ 1843ع ۾ انگريزن جي اچڻ سان، سنڌي سماج ۾ وڏي اٿل پٿل آئي. زراعت کي هٿي وٺائڻ لاءِ جديد طرز جا ڪينال ۽ واهه کوٽيا ويا، ٻيلو ڪاٽو ڪولي وڏي انگ ۾ وڻ پوکيا ويا ۽ انهن جي سنڀال جوڳو بندوبست پڻ ڪيو ويو. ننڍا وڏا عملدار رک لاءِ رکيا ويا. ملڪ ۾ قاعدا قانون لاڳو ڪيا ويا. تعليم کي لازمي قرار ڏيئي اسڪول کوليا ويا، جتي جديد طرز جي تعليم ڏني ٿي ويئي. تعليم جي ترقيءَ جو باب طويل آهي. ان مختصر پسمنظر کان پوءِ، هتي ڪن مکيه سنڌي گرامر جي ڪتابن بابت مختصر راءِ پيش ڪجي ٿي.

**وليم هينري واٿين جو گرامر 1836:** واٿين، انگريزن جي دور جو هاڪارو عالم هو. کيس فارسي ٻوليءَ تي عبور حاصل هو ان ڪري کيس 1822ع ڌاري سرڪار پاران فارسيءَ جو ترجمان مقرر ڪيو ويو. اڳتي هلي 1835ع ۾ بمبئي گورنمينٽ کيس جنرل

ڊپارٽمينٽ جو چيف سيڪريٽري مقرر ڪيو. مسٽر واٽين  ڪي احساس ٿيو تہ هڪ تہ بمبئيءَ ۾ ڪوڙ سارا شاهوڪار سنڌي عملدار ۽ واپاري رهن ٿا، انهن جي آسانيءَ لاءِ گرامر بابت ڪو بنيادي ڪتاب جوڙجي. ٻئي طرف بمبئي ۾ انگريز سرڪار حڪمت عملي سوچي رهي هئي تہ ڪهڙيءَ ريت ۽ ڪڏهن 'سنڌ' کي پنهنجي تسلط هيٺ آڻجي! مسٽر واٽين کي ادراڪ هو تہ جڏهن سنڌ انگريزن جي تسلط هيٺ آئي تہ اڳتي هلي اهو ڪتاب وڏي اهميت حاصل ڪندو.

مون ان ڪتاب بابت تفصيلي ذڪر صلاح الدين قريشي (مرحوم) کان ٻڌو هو. جنهن پنهنجو هڪ اهم ڪتاب 'پٽاليني راوڙ ۽ پالي' پڻ ڇپرايو . وٽس ان ڪتاب جي ڪاپي بہ هئي. ان کان علاوه مون کي پالي سمجهڻ ۾ ان جو سنڌي ٻوليءَ سان تعلق معلوم ڪرڻ جو وڏو شوق هو. پر قريشي صاحب کان سهڪار نہ ملي سگهيو. وليم هينري واٽين جي گرامر جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ اهو سنڌي ٻولي جو پهريون گرامر آهي، جيڪو 1836ع ۾ (A Grammert of Sindhi language) نالي سان شايع ٿيو. ان جي طرز فارسي گرامر واري آهي، جو مرتب هرلفظ جاگردان ڏنا آهن. هي مثال انٽرنيٽ تان ورتا ويا آهن. اصل ڪتاب اٽلپ آهي:

*"**واحد:** ماڻهو کهي- جمع ماڻهن کهي*

*ماڻهو جو---- ماڻهن جا*

*ماڻهو کهون---- ماڻهن کهون*

**صفت (Adjective) :**

*واحد: ڀلي---- جمع ڀلن*

*ڀلي جو--- ڀلن جو*

*ڀلي کهي----- ڀلن کهي*

*ڀلي کهون----  ڀلن کهون*

*جنس مذڪر.................*

*واحد: چنگو مرس------- جمع: چنگا مرس*

*چنگي مرس جو----- چنگي مرسن جا*

*چنگي مرس کهي------ چنگي مرسن کهي*

*چنگو مرس------- چنگا مرس*

*چنگي مرس کهون------ چنگي مرسن کهون"*

آخر ۾، هن ٽي هزار سنڌي لفظن جي لڙهي (Vocabulary) ڏني آهي. جن جي انگريزي معنيٰ ڏني اٿس. پنهنجي ڪتاب ڪي رسم الخط فارسيءَ وارو ڏئي، هن انگريز عملدارن ۽ علمي حلقن ۾ پذيرائي تہ حاصل ڪئي، پر سنڌي لفظن جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو. James Cowles جو هڪ مضمون ’ايشياٽڪ سوسائٽي جرنل‘ ۾ 1844ع ڌاري ڇپيو هو. جنهن ۾ مسٽر واٿين جي گرامر بابت راءِ ڏيندي لکيو هو تہ واٿين سنڌي لفظن جو ٻيڙو ٻوڙيو آهي. ڪيس سنڌي ٻوليءَ جي پسمنظر جي ڪا خبر نہ هئي. هن جو خيال هو تہ سنڌي ٻوليءَ برج باڪا (Brig bakha) (اصل لفظ آهي ’برج ڀاشا‘) جو لهجو آهي يا خالص هندستان جو ڪو لهجو!

مسٽر واٿين جي گرامر بابت منهنجي راءِ آهي تہ ان ڪتاب جي اشاعت سان سنڌي ٻوليءَ جا آڳاٽا ڪي لفظ محفوظ ٿي ويا. باقي سنڌي گرامر جو بنياد غلط رخ تي رکيو ويو.

**جارج اسٽئڪ جو گرامر 1849:** علم ادب ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان جارج اسٽئڪ جو مان مٿاهون آهي. هو سنڌي ٻوليءَ جو خيرخواه ۽ دوranديش محقق هو. دلچسپي سبب ڪجهہ مهينن ۾ سنڌي، سنسڪرت، فارسي ۽ ٻيون پراڪرتون سکي ويو. اندازو لڳايو تہ انگريزن 1843ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ هن 1845ع ۾ پنهنجو سنڌي گرامر تيار ڪري ورتو. ان سان گڏ انگريزي- سنڌي لغت بہ تيار ڪري ورتائين، جنهن کي پوءِ 1849ع ڌاري سرڪاري انتظام هيٺ شايع ڪيو ويو. گرامر جي پيش لفظ ۾ هن ٽي ڳالهيون اهم لکيون آهن: هڪ تہ هن جڏهن گرامر لکڻ شروع ڪيو تہ ڪن مقامي پڙهيل ماڻهن سان صلاح مشورو ڪيو تہ ڪيس هاڪاري موٽ ڪا نہ ملي، جنهن لاءِ لکي ٿو تہ: ڪيس سنڌ ۾ هڪ بہ اهڙو سنڌي ماڻهو نہ مليو جنهن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي ڄاڻ هجي ۽ هو سنڌي ٻوليءَ جي لساني خوبين کان واقف هجي. ٻيو تہ هو گرامر ڪهڙي لپيءَ ۾ لکي! ان جي وضاحت هيئين ريت ڪري ٿو:

> ”هن ڪم جي شروع ڪرڻ وقت اول سوچڻو پيم تہ ديسي لفظ ڪهڙي لپيءَ ۾ لکان. منهنجي سامهون، رواجي سنڌي خط، رومن خط، پارسي خط، گرمکي خط ۽ ديوناگري خط هئا. پارسي خط انهيءَ ڪري ترڪ ڪيم جو منهنجي اڳيان واٿين جو گرامر (Wathen’s Grammar) ۽ ٻيا سنڌي ڪتاب موجود هئا. پارسي خط مقرر ڪرڻ کان اڳ،

كيترن ئي نج آوازن لاءِ نيون صورتون مقرر ڪرڻيون پون ها، جن جا آواز پارسي خط لاءِ انوکي حيثيت رکندڙ هئا. مون محسوس ڪيو ته اهو خط سنڌين لاءِ بلڪل ائين ٿيندو، جيئن رومن خط، جنهن ۾ صورتن جا اضافا ڪجن ها يا تبديليون ڪجن ها، جيڪي پارسيدانن کي عجيب لڳن ها."(3).

سندس خيال هو ته زبان سکڻ ڪو اوکو ڪم نه آهي، شوق هجي ته اهو ڪلاڪن (هفتن) جو ڪم آهي، پر جيڪي ننڍا سکڻ گهرن، انهن لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي!

جارج اسٽئڪ سنڌ جي اصل لپي، 'خداوادي خط' جو حامي هو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا سڀ صوتيا شامل هئا. جنهن لاءِ هن پنهنجي آفيس ٻاهران نوٽيس هڻائي ڇڏيو هو ته ڪو ماڻهو خداوادي خط ۾ درخواست داخل ڪندو ته اها پڙهڻ ۾ ايندي. سنڌ ۾ لپيءَ تي ڪو اٺ سال کن لڳاتار بحث هلندو رهيو. اسٽئڪ صاحب پنهنجا ٽيئي ڪتاب: گرامر ۽ ٻه لغتون ديوناگريءَ ۾ شايع ڪرايون.

موجوده عربي- سنڌي الف بي جيتوڻيڪ 1853ع ۾ جڙي راس ٿي (جنهن جو پورو خاڪو ابوالحسن جي سنڌي الف ب جي پٽيءَ تي آڌار رکندڙ هو جنهن ۾ ڪي ٿوريون تبديليون ڪيون ويون هيون) اها سرڪاري طور اسڪولن، ڪورٽن ۽ سرڪاري لکپڙهه لاءِ رائج ٿي، پر مانواري اسٽئڪ ان کي سنڌي مزاج جي خلاف ڀانئيو ۽ پنهنجي سنڌي- انگريزي لغت لاءِ پنهنجي اسسٽنٽ مسٽر ايلس برو کي تاڪيد ڪري ويو ته اها ديوناگريءَ ۾ شايع ڪئي وڃي. ائين ئي ٿيو جو سندس لاڏاڻو 9 جون 1853ع تي ٿيو ۽ سندس اها لغت 1855ع ۾ ديوناگريءَ ۾ شايع ٿي. انهن ٽنهي اهم ڪتابن کي ڊاڪٽر فهميده حسين موجوده خط ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ مان شايع ڪرايو آهي.

اسٽئڪ جي گرامر جي خاص خوبي اها آهي ته هن ان وقت رائج گرامرن کي سامهون رکي، جديد انداز ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ گرامر لکيو. البت گرامر جي قاعدن ۽ اصولن لاءِ سندس وڏو آڌار انگريزي گرامر ئي هئا. جيڪي قاعدا انگريزي گرامرن ۾ ملن ٿا. انهن جي اصولن کي سامهون رکي، هن سنڌي ٻولي جا مثال لکيا آهن، البته ڪن هنڌن تي هن سنڌي نج لفظن ۽ اصولن جو به خيال رکيو آهي. ونس مسٽر واٿين

جو فارسي زده گرامر ٻہ موجود هو پر ان مان هن ڪي مثال ٻہ ڪين ڏنا.

**ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو گرامر 1872ع:**

ڪاڪي پيرومل ۽ مرزا قليچ بيگ سميت ٻين سينئي سنڌي گرامر نويسن جي پيٽ ۾، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ وڏيڪ کوجنا ۽ محنت ڪئي آهي. هو بنيادي طرح علم لسان (Philology) جو اسڪالر هو. اهڙن عالمن کي لفظن جي ڏاتن، ٻين ٻولين جي لفظن جي داخلا ۽ صرفي، نحوي بناوتن تي مهارت حاصل هوندي آهي. هن سنڌي ٻوليءَ بابت اهڙي اشتقاقي (Etymological) لغت لکڻ جي ڪوشش ورتي هئي، جيڪا 'ج' حرف تائين مڪمل ٿي سگهي. هن وقت اها چرچ مشن سوسائٽي جي لائبريريءَ ۾ محفوظ آهي.

ڊاڪٽر ٽرمپ جي گرامر جي اها اهميت هئي، جو سندس همعصر بنگالي اسڪالر سنيتي ڪمار چيٽرجي، جنهن بنگالي ٻوليءَ جي اصليت ۽ ترقيءَ بابت ٽن جلدن ۾ The Origin and Development of Bengali Language لکيو. انهيءَ جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو تہ "ڪاش آءٌ بہ ڊاڪٽر ٽرمپ جهڙو معياري ڪتاب جيڪو هن سنڌي ٻوليءَ لاءِ لکيو آهي، لکي سگهان، بيشڪ هن A Grammar of Sindhi Language لکي، سنڌي ٻوليءَ جي وڏي خدمت ڪئي آهي". *(پهرين جلد جو پيش لفظ)*

سنڌي ٻوليءَ جي بنياد بابت ڊاڪٽر ٽرمپ الائي ڇو حقيقت کي پرکي نہ سگهيو. جيتوڻيڪ هن ڪيترن ئي هنڌن تي لکيو آهي تہ هي ديسي لفظ آهن، پوءِ بہ هو سنسڪرت جي سڳي مان نہ ڪري سگهيو. حالانڪ سندس ئي دور ۾ برهميءَ جي قدامت نروار ٿي چڪي هئي. چيٽرجي پاڻ لکي ٿو تہ:

"بنگالي جي اسڪرپٽ سنڌي جي قديم لکت برهمي مان ورتي وئي آهي". (4)

ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ پنهنجي نگرانيءَ ۾ ڪيترن ٻين اهم ڪتابن سان گڏ، هي ناياب نسخو ترجمو ڪرائي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ مان شايع ڪرايو. هاڻي ان کي سمجهڻ سولو ٿي پيو آهي.

گرامر جي نفسيات، ان جي جزن، وينجن، سُرن ۽ علامتن جو هڪ وڏو جهان آهي. جنهن کي سمجهڻ لاءِ اڌ عمر ڏيڻي پوي ٿي. عام طور اسان انگريزي توڙي عربي، فارسيءَ جي مقرر ڪيل اٺن حصن (Parts of Speech) کي ئي گرامر سمجهون ٿا. انهن جون وصفون ياد ڪري، مثال رٽي گرامر جا ماهر ٿي وڃون ٿا. پر حقيقت اها

مٺاهين آهي. اسان اُهي لڪ لنگهيا ئي ڪونهن. جت ٿانڊا ٺمڪن ٿا، جنهن لاءِ پٽائي چيو آهي تہ: ’ڏورتٺائين ڏس، اکر جٺائين جُڙيا‘.

بهرحال ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجي عالماڻي صلاحيت جو ڀرپور استعمال ڪيو آهي. هن وينجن جي سرشتي، سُرن جي سرشتي، آوازن جي سرشتي، لفظن جي جوڙجڪ، سوس، واڌ مطلب تہ گرامر جي هرهڪ جزي تي تفصيل سان لکيو آهي.

جيئن تہ ڊاڪٽر ٽرمپ صاحب عبراني، توراني، عربيءَ سميت ڏيهي ٻولين سنسڪرت، پالي ۽ ٻين پراڪرتن کان چڱي طرح واقف هو ان ڪري هن مڪاني پراڪرتن جي لفظن ۽ انهن جي گهاڙيٽن سان سنڌي ٻوليءَ جي ڀيٽ پڻ پيش ڪئي آهي، اهڙي خوبي ٻين گرامرن ۾ گهٽ نظر ايندي.

ان ڪانپوءِ جن عالمن ڪي، ان دور ۾ انگريزي ايندي هئي، انهن هن گرامر مان استفادو حاصل ڪيو آهي. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي گرامر کان پوءِ، محمد احمد حيدرآباديءَ درسي ڪتاب طورُ ’صرف نحو‘ لکيو جيڪو هوبهو فارسي گرامر تي لکيو ويو. ان جي ڀيٽ ۾ وري منشي اڌارام ٿانور داس (جيڪو ايلس جي ٽاهيل ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ هو) ان ’سنڌي وياڪرڻ‘ 1892ع ڌاري شايع ڪرايو. هي هڪ رواجي ڪتاب هو ان جي ڪا خاص خوبي ڪانهي جنهن تي ويهي لکجي، سواءِ ان جي تہ اهو انگريزن پاران مقرر ڪيل صورتخطيءَ ۾ لکيل آهي.

ان کان پوءِ ڪشنچند گلاب سنگهہ گدواڻي 1914 ڌاري ”سنڌي وياڪرڻ“ لکي شايع ڪرايو. ساڻس گڏ ڏيارام وسڻمل ميرچنداڻي بہ هو. هنن گرامر جا بہ ڀاڱا جوڙيا: هڪ ننڍن ٻارن لاءِ، ٻيو وڏن ڪلاسن جي شاگردن لاءِ. هو ڪتاب جي مُنڍ ۾ لکن ٿا تہ:

> ”سنڌي ٻوليءَ ۾، ننڍن ٻارن لاءِ ڪنهن سولي ۽ سليس وياڪرڻ جي گهڻي گهرج ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن وقت جيڪي وياڪرڻ جا ڪتاب موجود آهن، تن ۾ فقط ’ويا ڪرڻ‘ جون حقيقتون ڏنل آهن، پر ٻارن کي اهي ڪيئن سمجهائجن، تنهن بابت ڪا ترتيب ڏنل نہ آهي. انهيءَ ڪري وصفون ياد ڪرائي ڇڏيندا آهن، جنهنڪري انهن کي نڪو مزو اچي، نڪو ڪين وياڪرڻ جا چٽا خيال ويهن. جڏهن تہ اسان انهن

جون وصفون ۽ مثال ڏنا آهن تہ جيئن ٻار پاڻ ڳولي ڪڍن ۽ وصفون پاڻ ڇڃي سگهن. خاص انهي مراد سان هي ڪتاب لکيل آهي“ (ص 1)

ان عرصي دوران، اسان کي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ هڪ خطرناڪ رجحان ڪر موڙيندي ۽ اڀرندي نظر اچي ٿو اهو آهي ڏرم جو اثر، جيڪو انگريزن جي دور ۾ اُسريو منهنجي خيال مطابق انگريزن ان کي وڌيڪ شهہ ڏني ۽ سنڌي ادب، ٻولي، گرامر توڙي ٻين صنفن ۾ بہ واضح ڏارائون اڀري آيون. اسان جي ان دور جي عالمن پنهنجون سڀ ڪسرون گرامر جي آڙ ۾ پوريون ڪيون. پوءِ اسان کي ان ڏس ۾ هڪ ڊوڙ نظر اچي ٿي. ديوان ليکڪ ’سنڌي وياڪرڻ‘ سنسڪرت ۽ ٻين پراڪرتن جي آڌار رچيندا هئا تہ ٻئي طرف مسلمان عالم ’سنڌي صرف نحو‘ عربي ۽ فارسي گرامر جي اصولن تي جوڙيندا هئا. ٻنهي ٻولين جا سائنچا ٺهيا پيا هوندا هئا. پوءِ انهن ۾ سنڌي لفظ ٺنبيندا ويندا هئا. ڪنهن بہ عالم اها ڪوشش نہ ڪئي تہ سنڌي هڪ قديم تهذيبي زبان آهي. ان جا پنهنجا بہ ڪي اصول، قاعدا هوندا!.

ان ڏس ۾، سنڌي ٻوليءَ جو هاڪارو عالم ۽ گرامر جو ڄاڻُو ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو تہ:

”سنڌيءَ ۾ لکيل گرامرن جو جڏهن جائزو وٺجي ٿو تڏهن ڪيترائي سوال پيدا ٿين ٿا ۽ انهن سوالن جي جوابن لاءِ جڏهن انهن ئي گرامرن جا صفحا اٿلائجن ٿا، تڏهن ائين پيو معلوم ٿيندو آهي تہ ڄڻ ڪنهن بہ صاحب انهن لکيل وياڪرڻن ۾ بيان ڪيل نڪتن کان اڳتي وک نہ وڌائي آهي. سنڌيءَ جا اهي گرامر جا ڪتاب ثابت ٿا ڪن تہ انهن لکندڙن اردو ۽ پارسيءَ جي پراڻن گرامرن کي سامهون رکي، سنڌي ٻوليءَ جا گرامر جوڙيا آهن. اڄ جڏهن انهن گرامرن جي ڪتابن کي تحقيقي نظر سان ڏسجي ٿو تڏهن ڪي وصفون گرامر موجب ۽ ڪي علمي نالا (اصطلاح) سنڌي ٻوليءَ جي صرفي ۽ نحوي اصولن موجب عجيب لڳن ٿا. اُهي يا تہ عربي صرف نحو سان واسطو رکن ٿا يا وري انگريزي گرامر جا چربا آهن، جيڪي سنڌي صرف- نحو جي اصولن موجب قبول ڪري نہ ٿا سگهجن“. (5)

ڪاڪي ڀيرومل مهر چند آڏواڻيءَ جي پيش لفظ (منڍ) پڙهڻ سان، اسان جي موقف

ڪي هٿئي مليو ٿي، هو لکي ٿو:

”هن ڪتاب جوڙڻ مهل مون ڪيترا سنڌي، سنسڪرت، فارسي ۽ هندستاني ٻولين جا گرامر توڙي وولنر وارو پراڪرت گرامر، سرگريئرسن وارو لنگوسٽڪ سروي آف انڊيا ۽ پروفيسر گربخشاڻيءَ وارو شاهه جو رسالو اڳيان رکيا هئا، پر سڀني کان گهڻي مدد ڊاڪٽر ٽرمپ واري گرامر مان ملي اٿم. پڇاڙيءَ ۾ آءٌ شمس العماءُ مرزا قليچ بيگ جي شڪرگذاري ڪرڻ فرض ٿو سمجهان، جنهن صاحب پنهنجو دستخط سنڌي گرامر مون ڏي ڏياري موڪليو جنهن مان توڙي سندس ڪتاب ’علم نحو‘ مان بہ ڪجهہ مدد ورتي اٿم. وري جڏهن هي ڪتاب تيار ڪري رهيس تڏهن بہ هن صاحب تڪليف وٺي سڄو گرامر پنهنجي نظر مان ڪڍيو. پروفيسر گربخشاڻيءَ پڻ پوين پاڱا نظر مان ڪڍيا. جنهن لاءِ آءٌ هن صاحب جو پڻ ٿورائتو آهيان“. (6)

مٿيون بيان واضح ثبوت آهي تہ ڪاڪي ڀيرو مل اڳ لکيل گرامرن جي اصولن کي سامهون رکي، پنهنجو گرامر جوڙيو. جيئن تہ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجي جوڙيل ’شاهہ جو رسالو‘ مان مثال کنيا ساڳي ريت هن صاحب وري ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ترتيب ڏنل شاهہ جي رسالي مان مثال ورتا آهن. ڪيترن هنڌن تي هن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جا ڏنل مثال هوبهو اتاريا آهن. هن شعبي جا ماهر چڱي طرح ڄاڻن ٿا تہ گرامر ۾ مثال نثر مان ڏنا ويندا آهن، ڇاڪاڻ تہ گرامر لفظن ۽ جملن جي بيهڪ ۽ ترتيب بابت بحث ڪري ٿو. واحد بخش شيخ صاحب پنهنجي گرامر ’سنڌي ٻولي جو صرف ۽ نحو‘ ۾ تہ شعري مثالن جي حد ڪري ڇڏي آهي. اهو هڪ الڳ بحث آهي.

ڪاڪي ڀيرومل پنهنجو گرامر 1925ع ڌاري ڇپايو. ان جو نالو رکيائين: ’وڏو سنڌي وياڪرڻ‘ جنهن جو سبب هن اهو ٻڌايو تہ اڳ جوڙيل اڌارام ٿانور داس ۽ ڪشن چند گلاب سنگهہ گدواڻي جا جوڙيل گرامر هيٺين درجن جي شاگردن لاءِ آهن ۽ سندس گرامر مٿين ڪلاسن (سنڌي فائنل) جي شاگردن لاءِ آهي.

ان ڪتاب کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو طرفان 1985ع ڌاري شايع ڪرڻ جي رٿ عمل ۾ آئي تہ ان جي ڇپائيءَ کان اڳ ماهراڻي راءِ جي لاءِ

ڊاڪٽر غلام علي الانا ڏانهن موڪليو ويو. ڊاڪٽر صاحب چڱيءَ ريت اڀياس ڪرڻ کانپوءِ ان جي ٻيهر اشاعت لاءِ راءِ ڏني ته:

”ديوان صاحب جي وياڪرڻ جو دارومدار ڊاڪٽر ٽرومپ جي ڪتاب A Grammar of Sindhi Language تي آهي. ديوان صاحب اسمن جي سمجهاڻيءَ لاءِ ٽرومپ جي گرامر تان نه فقط مدد ورتي آهي، پر شاهه صاحب جا اُهي بيت جيڪي ڊاڪٽر ٽرومپ مثال طور ۽ حوالي لاءِ ڏنا آهن. اهي ئي بيت هوبهو ديوان صاحب به مثال طور ۽ حوالي لاءِ ڏنا آهن. حالانڪ وياڪرڻي صورتن جي سمجهاڻي لاءِ نثر جا مثال زياده آسان لڳن ها، ڇو ته ڪنهن به ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي صحيح ۽ اصلي خبر نثرمان ملي سگهندي. نظم جا مثال ويا ڪرڻ جي مطالعي ۾ مناسب طرح مددگار ٿي نه سگهندا. هونئن به ته شاهه لطيف جي وياڪرڻ تي هڪ ڌار ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. منهنجي ذاتي مطالعي جي آڌار تي آءٌ هن راءِ جو آهيان ته ’وڏو سنڌي ويا ڪرڻ‘ جا هيٺيان باب ۽ هر باب هيٺ آندل عنوان نئين سر ۽ نئين نظر سان سنڌي لسانيات جي هاڻوڪن اصولن موجب رکڻ گهرجن. اهو ڪم ماهرن جو هڪ گروپ گڏجي لکي ته وڌيڪ بهتر آهي“. (7)

جيئن اڳ. ڄاڻائي آيا آهيون ته مرزا قليچ بيگ ’سنڌي صرف ۽ نحو‘ تي قلم اڳ ۾ کنيو ۽ سندس فراخدلي هئي جو هن ساڳي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ پنهنجي همعصر ليکڪ ڪاڪي ڀيرومل آڏواڻي کي پنهنجو هٿ اکر لکيل مسودو ڏنو. اها روايت اسان وٽ تمام گهٽ آهي. ايتريقدر جو اڄ به ڪو اديب، محقق، شاعر پنهنجي هٿ اکر شين کي ٻين آڏو ظاهر نه ٿو ڪري.

مرزا صاحب پنهنجي صرف ۽ نحو (گرامر) کي ڇئن ننڍين ڀاڱن ۾ ڪرائون سائيز ۾ ڇپرايو. جنهن کي ٻه دفعا ترتيبوار 1961 ع ۽ 1992 ع ۾ ساڳي صورت ۽ نالي ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪرايو. جڏهن ته ان جي ٽئين ڇاپي(2006 ع) ۾ ان جو نالو بدلائي ’سنڌي وياڪرڻ‘ لکيو ويو. مرزا صاحب جي طرز تحرير توڙي صرفي ۽ نحوي ترڪيبن جو آڌار عربي ۽ فارسي ڪتابن تي آڌاريل آهي، ان ڪري اهو نالو وڌيڪ موزون هو. حيرت ان ڳالهه جي ٿي ٿئي ته سنڌي ادبي بورڊ جي تڏهوڪي انتظاميا ان

جي جوڙجڪ ئي ڦيرائي ڇڏي آهي. اڳيان عالم ڪتاب جي اهميت ۽ ماهيت بابت ’منڍ‘ ابتدا ۾ لکندا هئا. پيرومل توڙي ٻين گرامر نويسن ائين ڪيو آهي. اهو ’منڍ‘ جيڪو ڪتاب جي اڳيان اچڻ گهربو هو سو بدلائي ڪتاب جي وچ ۾ صفحي نمبر 139 تي ڏنو اٿن. مرزا صاحب هر هڪ ڀاڱي لاءِ ’ديباچو‘ الڳ لکيو آهي. ’علم صرف‘ جي ديباچي ۾ مرزا صاحب لکي ٿو ته:

”... انهن مان ’علم صرف‘ ته عام آهي ۽ مڪتبن، مدرسن ۽ اسڪولن ۾ شاگردن کي سيکاربو آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ گرامر ۽ هندي ۾ ’ويا ڪرڻ‘ سڏيندا آهن. علم نحو به مختصر طرح صرف سان گڏ، سيکاريو ويندو آهي. مگر ’نحو‘ لاءِ ڌار مفصل ڪتاب اڳ ۾ نه هو جو مون لکيو آهي. انهيءَ جي پوئين باب ۾، انهن ٻين سيني علمن جو مختصر بيان ڏنو اٿم، جو ’نحو‘ جو انهن سان واسطو هو. ’منطق‘ جو ڪتاب به سنڌيءَ ۾ منهنجي ياءَ جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ علم بديع جو مفصل بيان آهي..... مون ڪوشش ڪري، فارسي ڪتابن مان ضروري مضمون ڪڍي، هتي گڏ ڪيا آهن“.(8)

عربي ۽ سنڌي، ٻوليءَ ۾ هڪ واضح فرق اهو به آهي ته عربي جملن جو آڌار صرف (Morphemes) تي هوندو آهي ۽ نحو ان ۾ معمولي ۽ چس خاطر استعمال ڪندا آهن. جنهن لاءِ عربيءَ ۾ چوڻي آهي ته ’النحو في الڪلام ڪالملح في الطعام‘يعني نحو ڪلام (بيان) ۾ ائين آهي. جيئن ڪاڌي ۾ لوڻ جيڪو بنهه ٿورو هوندو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ سنڌي جملن جو آڌار هوندو ئي نحو (Syntax) تي آهي. علم نحو بابت پڻ مرزا صاحب الڳ ڪتاب لکيو. ديباچي ۾ لکي ٿو ته:

”هيستائين جيڪو سنڌي گرامر اسڪولن ۾ سيکارڻ ۾ پئي آيو آهي، سو گهڻو ڪري فقط ’علم صرف‘ آهي. جو اوائل کان عربي صرف جي نموني تي لکيو ويو آهي ۽ علم نحو جو منجهس فقط اشارو هوندو هو. هاڻ ٿورن ڏينهن کان انهيءَ ۾ جملن جو ڇيد شامل ڪيو ويو آهي، جو نحو جو ڀاڱو آهي. مگر اهو تمام مختصر آهي ۽ نحو جا ڪي به قانون ڏسڻ ۾ نه آيا آهن. علم نحو ۾ ٻيا ڪافي مضمون شامل آهن....تنهنڪري ڪن دوستن جي صلاح سان مون عربي، فارسي ۽

انگريزي نحو جي گڏيل نموني تي هيءَ سنڌي نحو جو ڪتاب لکيو آهي".(9)

تہ پوءِ سنڌي نحو ڪيڏانهن وئي؟ مطلب تہ هر عالم پنهنجي علم ۽ مطالعي مطابق ٻين ٻولين جو نقل ڪيو آهي، جنهن جو واضح طور هنن اعتراف بہ ڪيو آهي.

ذڪر ڪيل گرامرن کان علاوه ٻيا ڪوڙ سارا نقل ڪيل گرامر شاگرد جي گهرج مطابق ايندا رهيا. انهن ۾ وصفون ساڳيون باقي مثالن ۾ ٿوري گهڻي ڦيرڦار هئي. ڪن اڳ ۾ مثال ڏئي پوءِ وصفون سمجهايون آهن تہ ڪن وري اڳ ۾ وصف ڏئي پوءِ ان جي جزن جي تعريف ڪئي آهي، ٻيو ٿيو ڪل خير!.

**واحد بخش شيخ جو 'سنڌي ٻولي جو صرف ۽ نحو' 1986ع:** گرامر جو هي ڪتاب واحد بخش شيخ صاحب جو لکيل آهي. سنڌي ادبي بورڊ ان کي ٻن حصن ۾ 1986ع ڌاري شايع ڪيو. بظاهر مناسب ڪتاب ٿو لڳي، جنهن ۾ هر باب کي چڱي طرح مثالن سان سمجهايو ويو آهي. غيرضروري طور ڪلاسيڪي شاعرن، شاهہ لطيف، سچل، بيدل، بيڪس وغيره جي شاعريءَ مان مثال کنيا ويا آهن. منهنجي راءِ مطابق ڪتاب جو 90/80 سيڪڙو مواد نقل ٿيل آهي. (ان بابت الڳ هڪ مقالو لکڻ جي ضرورت آهي).

عالمن جي گڏيل راءِ آهي تہ ڪتاب جي متن (Text) بابت ليکڪ پاران لکيل تمهيد/مهاڳ/پنهنجي پاران/مقدمو وغيره مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ ليکڪ جي مضمون مٿان ڪيتري گرفت آهي! مناسب ٿو ڀانيان تہ شيخ صاحب پاران ڪتاب بابت جيڪو 'عالماڻو' ليک (تمهيد) ليکيو ويو آهي. ان مان ڪجهہ ٽڪرا پيش ڪريان.

ان تمهيد مان سوال تہ سوين جڙن ٿا، پر اختصار کان ڪم وٺندي، ڪي اهميت جوڳا بہ چار سوال پيش ڪجن ٿا، جنهن مان (1950) کان پوءِ گرامر نويسن جي علمي ڄاڻ، لسانياتي مهارت، لفظن جي جوڙجڪ، جملن جي بيهڪ وغيره جو اندازو لڳائڻ آسان ٿيندو!.

(الف) "سنڌيءَ جي 52 حرفن ۾ سورنهن حرف عربي ۽ فارسيءَ جا آهن!". (ص-1)

شيخ صاحب کي (Orthography) جي بلڪل ڄاڻ نہ آهي. شيخ صاحب جيڪڏهن سمجهي ٿو تہ ا_ ب_ ت، ج، ک، م، و، ن، ي وغيره عربيءَ جا آهن، سنڌي جا

نہ آهن تہ پوءِ ان تي افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو! وڌيڪ لکي ٿو تہ:

(ب) ”سنڌي زبان جا پنهنجا اکر ڪل چار اکر آهن, باقي سنسڪرت جا آهن“. (ص_1)

جنهن عالم جي سوچ اها هجي تہ هزارين سالن جي اوسر ۾ دنيا سان ڪاروهنوار رکندڙ سنڌي ٻوليءَ وٽ ڪل چئن اکرن جي ’ميراث‘ هئي. تہ پوءِ ان تي ڪهڙي ميار؟.

(ٻ) ”سنڌي ٻولي اگرچہ سنسڪرت مان پيدا ٿي آهي. تاهم ٻنهي ۾ حرفي مشابهت ڪانسواءِ ٻي ڪا ظاهر هڪجهڙائي خير ڪا نظر ايندي. پر انهيءَ جي برعڪس عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين سان، سندس تعلق ۽ تشبهہ گهڻو نظر ايندو.“ (ص_3)

ستر جي ڏهاڪي تائين، اهو تسليم ٿي چڪو هو تہ سنڌي ٻولي، سنسڪرت جي پيداوار نہ آهي، البتہ انهن ٻولين جو ماضيءَ ۾ تعلق رهيو آهي. ٻئي الڳ الڳ زبانون آهن. پر شيخ صاحب کي شايد اها ڪل نہ پئي.

(ت) ”دنيا ۾ وڏيون ۽ ممتاز ٻوليون عام طور اهي ليکجن ٿيون، جي دنيا جي گهڻي ڀاڱي ۾ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿيون. مثال انگريزي، فرينچ، عربي ۽ اردو وغيره. نسبتا سنڌي ٻولي هڪ ننڍي صوبي جي زبان آهي، پر جا وسعت هن ٻوليءَ ۾ آهي، سا ٻين ٻولين ۾ ورلي هوندي! ڇا ادب ۾، ڇا سائنس ۽ تاريخ ۾ ۽ ڇا سياست ۾، مطلب تہ هر پهلو تي روشني وجهڻ لاءِ سنڌي زبان ۾ ڪافي مواد ملي سگهي ٿو!“ (ص-4)

ان تي ڪهڙو تبصرو ڪجي! هڪ طرف فرمائين ٿا تہ نسبتن سنڌي ٻولي هڪ ننڍي صوبي جي زبان آهي، وري لکن ٿا، پر جا وسعت هن ٻوليءَ ۾ آهي... ڪهڙي بيان کي سچ سمجهون! اڳين حوالن سان ڀيٽ ڪجي تہ سائين واحد بخش شيخ صاحب جي علمي قلعي کلي پئي ٿي تہ چار اکر رکندڙ ٻوليءَ ۾ سائنس ۽ سياست بلڪ هر موضوع تي مواد موجود آهي؟.

واحد بخش شيخ صاحب جي گرامر بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

> ”سنڌ جي هڪ وڏي تعليمي ماهر محترم واحد بخش شيخ جو ٻن جلدن ۾ ڇپيل ’سنڌي صرف ۽ نحو‘ پڙهيم. تہ آءٌ انهي سوچ ۾ پئجي ويس تہ جهڙي طرح سرگريئرسن، ڊاڪٽر ٽرمپ، پروفيسر ڀيرومل آڏواڻي ۽ ديوان نارائڻداس جڳت ناٿ جا لکيل سنڌي ويا ڪرڻ،

سنسڪرت جي وياڪرڻ ڪي بنياد بنائي لکيا ويا آهن. تهڙي طرح محترم واحد بخش شيخ وري عربي صرف ـ نحو جي بنياد تي 'سنڌي صرف ۽ نحو' جي عنوان تي مسودو بورڊ مان ڇپرايو آهي". (10)

آخر ۾ مان اهو عرض ڪندو هلان ته آساني سان چئي سگهجي ٿو ته شيخ صاحب سواءِ نقاليءَ جي ٻيو ڪجهه به نه ڪيو آهي.

**ٻولين جا تضاد:** هن وقت تائين گرامر جي حوالي سان، جن ٻولين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن ۾ عربي، فارسي، سنسڪرت، پراڪرت، انگريزي وغيره اچي وڃن ٿيون، جن تان اسان جا گرامر نقل ڪيا ويا آهن. انهن ۾ سنسڪرت ۽ عربي جي قاعدن کي ترجيح ڏني وئي آهي. هيٺ عربي ٻولي، جي بيهڪ ۽ جوڙجڪ جي ڀيٽ سنڌي سان ڪجي ٿي. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب پنهنجي 'سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر' ۾ لکي ٿو ته: پڙهندڙن کي اهو معلوم آهي ته سنڌي ۽ عربي ٻولين جو تاريخي لسانيات جي لحاظ کان هڪ ٻئي سان پري جو به تعلق ڪونهي، البت اٺ سئو سالن جي حڪمراني واري زماني ۾، پهرين عربي ٻولي ۽ ان کانپوءِ فارسي ٻوليءَ معرفت هزارن جي تعداد ۾ عربي ۽ فارسي لفظ سنڌي ٻوليءَ جي لغات ۾ شامل ٿيا. (11)

(1) عربي، سنسڪرت، انگريزي جي جملن ۾، اڳ ۾ فاعل، پوءِ فعل ۽ آخر ۾ مفعول ايندو آهي. ڪن صورتن ۾ عربي جملي جي ابتدا فعل سان ٿيندي آهي.

ـ جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جي جملي ۾ اڳ ۾ فاعل، مفعول ۽ آخر ۾ فعل ايندو آهي.

(2) ذڪر ڪيل ٻولين ۾ حرف جر (Pre Position) اڳ ۾ ايندو آهي ۽ سنڌي ۾ اسم، ضمير، صفت کانپوءِ ايندو آهي.

(3) ذڪر ڪيل ٻولين ۾ جنس جا ٽي قسم ٿين ٿا: مذڪر، مونث ۽ بي جان (Neutral)

ـ جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ ۾ فقط مذڪر ۽ مونث ٿين.

(4) عربي ۽ سنسڪرت ۾ عدد ٽي ٿين: واحد، تثنيه، جمع

ـ جڏهن ته سنڌيءَ ۾ صرف واحد ۽ جمع ٿين.

(5) عربيءَ ۾ ٻه زمان ٿين. ماضي ـ مضارع

ـ پر سنڌيءَ ۾ ٽي زمان ٿين، حال، ماضي ۽ مستقبل

(6) عربيءَ ۾ ڳالهائڻ جا ڪل ٽي جزا ٿين:

اسم- فعل- حرف

- جڏهن تہ سنڌي ۾ هي اَٺَ آهن:

اسم- ضمير- صفت- ظرف- حرف جر، حرف جملو حرف ندا، فعل.

(7) عربي لفظن جو مادو فعل (ماضي مجهول) مان ڪڍيو ويجي ٿو.

= جڏهن تہ سنڌي لفظ 'مصدر'مان نڪرن ٿا. فارسيءَ جي بہ اهڙي صورتحال آهي. سنڌي ۾ اچڻ- وڃڻ- ڳالهائڻ، فارسيءَ ۾ آمدن، رفتن، گفتن وغيره.

(8) عربي، فارسي، سنسڪرت، انگريزيءَ ۾ صفتن جا ٽي درجا ٿين ٿا: خالص، تفضيل، مبالغو.

حقيقت ۾ سنڌيءَ ۾ صرف هڪ سادي صفت ٿيندي آهي. گل سهڻو آهي، انب مٺو آهي. اٺ وڏو آهي، وغيره. باقي اسان جي گرامر نويسن ديسي طريقي سان ٻيون صفتون جوڙي ورتيون آهن. گلاب جو گل سڀني کان سهڻو آهي. انب، صوف کان وڌيڪ مٺو آهي. اٺ، گهوڙي کان وڏو آهي. انهن ۾ نہ صفت تفضيل آهي نہ وري مبالغو. اسان جي هڪ محقق دوست صفت تفضيل ۽ ٻئي ۾ لکيل 'صفت تفصيل' جي بحث تي ووٽنگ بہ ڪرائي. چئي فلاڻن، فلاڻن ڪتابن، رسالن، مقالن ۾ تفضيل ۽ فلاڻن ۾ "تفصيل" لکيل آهي. تفصيل نڪتل آهي فصل مان وغيره. جڏهن تہ ٻولي ۽ گرامر جي عالم مرزا قليچ بيگ 'تفضيل' (ڏسو: سنڌي ويا ڪرڻ 2006 ص 190) وڏي وضاحت سان لکيو آهي. اهڙي طرح ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب پڻ 'صفت تفضيل' لکيو آهي.

صفت تفضيل بابت مانواري ڊاڪٽر ارنسيٽ ٽرمپ پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت ڪيو آهي: صفتن جي ڀيٽ Comparison of Adjectives

"سنڌي ۽ ٻين ڄاتل ٻولين سنسڪرت (۽ فارسي) جي پوئواري ڪندي صفتي جوڙن ذريعي صفت تفضيل Comparative ۽ صفت مبالغو (Superlative) ناهڻ جي خاصيت وڃائي ڇڏي آهي". (12)

**اسم تصغير:** اسم تصغير ۽ اسم تڪبير ٻئي عربي ٻوليءَ جا اصطلاح آهن. جڏهن اسان جي ٻوليءَ ۾ اسم تڪبير جو ڪو نالو نشان نہ آهي تہ پوءِ اسم تصغير ڪٿان آيو؟ اسان جي عالمن زوريءَ اهو اصطلاح سنڌي ٻوليءَ ۾ ٺنبيو آهي. جيئن ڪاڪي ڀيرومل پنهنجي ڪتاب 'وڏو ويا ڪرڻ' ۾ لکيو آهي:

ايرو پڇاڙي: سنسڪرت ۾ اسم تصغير جي پڇاڙيءَ ۾ ’ايرو‘ ايندو آهي. مثلن ٻڍو- ٻڍيرو، ٿورو- ٿوريرو، چڱو- چڱيرو. ان سان گڏ (ر) بہ ايندي آهي جيئن ڪُٽير معنيٰ ننڍي ڪٽي يا ڪُٽيا يعني جهوپڙي. هي مثال جارج اسٽئڪ پنهنجي گرامر ۾ سڀ کان پهريائين صفحي 103 تي ڏئي آيو آهي. پوءِ سڀني گرامر نويسن ساڳيا مثال ڪنيا آهن.

ڙ- ڙو: هيءَ بہ ساڳئي ’ر‘ پڇاڙي آهي، پر اچار ڦري ’ ڙ ‘ ٿيو اٿس جيئن هٽ- هٽڙو، پنڌ- پنڌڙو.

’ٽ پڇاڙي‘، چريو- چريٽ، معنيٰ ٿورو چريو. چام- چاموٽ، ڳوٺ جو وڏيرو (اهو ٿيو اسم تصغير) ڏئو- ڏئاٽي- ’ڏياٽي‘ ۾ پنج ڇهہ ڏيئا پاسن سان هوندا آهن) اصل سنسڪرت پڇاڙي ’تر‘ مثلن ’گوٽيتر‘ معنيٰ ننڍي ڳوٺ. اسان وٽ تہ ڳوٺ کان ننڍو ’ٻاڇڪو‘ ٿيندو آهي. اهڙي ريت سنسڪرت ۾ جيڪي تصغيري پڇاڙيون آهن، سي سڀ پيرومل ترتيب سان ڏنيون آهن، پوءِ انهن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو نالو نشان هجي يا نہ، پر هن زوريءَ چڪي سنسڪرت جي مٺيرائي پيش ڪئي آهي. ايتري قدر جو پڇاڙي ۾ لکي ٿو تہ، ڏنو- ڏنل، ڪنو- ڪنل، هي ساڳي ’ر‘ پڇاڙي آهي. جنهن جو اچار ’ل‘ ٿئي ٿو. اها اسم مفعول پنيان گڏبي آهي تہ اهو صفت ٿي ڪم ايندو آهي. هتي بہ صغيرائي جي معنيٰ ڪانهي“ (13)

ساڳيءَ طرح ڪن عالمن وري عربي ۽ فارسيءَ جا مثال ڏنا آهن. واحد بخش شيخ صاحب تہ پيرومل جا مثال ڪٺي اڳ ۾ آندا آهن پوءِ فارسي مان: باغ- باغيچہ، ڪوءِ- ڪوچہ، مرد- مرڪ وغيره عربي مان مثال ڏيندي لکي ٿو تہ:

”بحر- بُحيره، بُحيره، (ننڍو بحر: ڍنڍ) عام سنڌي، محاوري مطابق ”بحيره عرب“ يعني عربي سمنڊ -زبده- زبيده (ٿوري مکڻ ذري) عام محاوري ۾ ننڍي مانڊاٽي- عبد- عبيد‘ (ننڍو ٻانهو)“ (14)

اسان جي روايتي گرامر نويسن ’ڙي، ڙوڙا‘ آخر ۾ ايندڙ لفظن کي ’اسم تصغير‘ قرار ڏنو آهي. جيئن- ادڙو، منڙو، ڪتڙي، مڇڙي، انڙا، ڪانڙي، هانڙي وغيره.

اسان وٽ جيڪي اهڙا لفظ استعمال ٿين ٿا، اهي صرف اسم نہ هوندا آهن،

بلڪل صفت، ظرف، فعل وغيره ٿين ٿا. ان بابت مون ڪيئي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. منهنجو موقف اهو آهي تہ اهي اسم تصغير نہ آهن، بلڪ اها سنڌي ٻولي جي هڪ نرالي خاصيت آهي، جيڪا شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻوليءَ ۾ هجي! لفظن ۾ موزون جاءِ تي 'ڙي- ڙو- ڙا' ملائڻ سان لفظ ۾ جاذبيت، پنهنجائپ، سڪ ۽ اڪير جا جذبا پيدا ٿين ٿا، جيڪي نہ صرف ٻولي ۾ سونهن ۽ ميناج پيدا ڪن ٿا، پر ماحول ئي دلپزير ڪري ڇڏين ٿا. مثال طور هڪ سنڌي ڪافيءَ جو ٽلهہ آهي:

'فقيرن جو سڱڙو، مون کي ڪين لڳڙو،
حياتيءَ تان هٿڙو، عزيزن کنيو آ'
سر يمن ڪلياڻ جي وائي جو هڪ بند آهي:
اصل اسارين جا، ستي ويڙا سيڻ،
جيڏيون جي مان وِسهو ننڊ مَ هيريو نيڻ،
راتڙيون جاڳن جي، سي آئون ڪندڙي سيڻ.'

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ کي بہ ڪا اهڙي خوبي نظر آئي هئي، جو هن چيو تہ

"سنڌيءَ ۾، مختلف قسمن جا اسم تصغير ناهڻ جي وڏي سهولت آهي ۽ ان ڏس ۾ اها، ٻين پينر ٻولين کان گهڻو اڳتي آهي. اسم تصغير جي خيال کي ظاهر ڪرڻ لاءِ پڇاڙيءَ طور ڙو- ڙي وغيره ملائيندا آهن جيئن:

ڏي- ڏٿڙي، اک- اکڙي، دل- دلڙي، هنئو- هنئڙو وغيره

ان سببان مفهوم ڪنهن شيءِ جي ننڍي، نازڪ ۽ چڱي هئڻ جو نڪرندو آهي". (15)

**نقاليءَ جا ڪجهہ مثال:** ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ سنڌي ٻولي جو گرامر وڏي تحقيق ۽ ڏيرج سان لکيو. جنهن مان پوءِ لکندڙ گرامر نويسن نقالي ڪئي آهي، جيڪا ڪيترن ئي هنڌن تي واضح آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ 'سنڌي اسمن جون پڇاڙيون' جي عنوان هيٺ ڪجهہ مثال ڏنا آهن، جيئن I پڇاڙي اُ، VI پڇاڙي اِ (مذڪر ۽ مونث) ڪاڪي پيرومل اهي مثال جملن جي مٿ سٽ سان علم آواز ۾ ڏنا آهن. پاڻ ئي لکي ٿو (ڊاڪٽر ٽرمپ جي گرامر مان انتخاب) مرزا قليچ بيگ لڳ ڀڳ ساڳيا مثال باب پنجين- فصل پهرئين ۾ ڏنا آهن، (ص171_170).

واحد بخش شيخ ساڳيو اَ، اِ، او، اي ڪٽي مثال عربي، فارسي ۽ سنڌي مان ڏنا آهن. ڏسو: اسم جي جنس- ص 146)- اسم تصغير ۾ جيڪي مثال ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ڏنا آهن. مثلاً ڪات، ڪاتي، باهه- باهوتي، چام- چاموٽر (چاموتي) ڏئو- ڏئاتي، ڏکهو ڏرکهيرو ٿورو- ٿوريرو وغيره. پيرومل مهر چند آڏواڻي 'اسم تصغير' جي باب ۾ ساڳيا مثال ڏنا آهن. ڏسو صفحو 132- 233.

مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن جي حوالن، مثالن ۽ وياڪرڻي اڀياس ڪانپوءِ ماهرن جي راءِ کي سامهون رکندي، آءٌ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ۽ علم لسان ۽ گرامر تي مهارت رکندڙ ڊاڪٽر فهميده حسين جي انهيءَ راءِ جي تائيد ڪريان ٿو ته سنڌي گرامر جي ڇاڻن تي مشتمل ڪاميٽي جوڙي وڃي، جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي گڻن، خاصيتن، انداز بيهڪ، بيان ۽ گرامر جي عام جزن جو گهرائي سان جائزو وٺي گرامر جي جديد اصولن کي سامهون رکي، نئين سر سنڌي ٻولي جو جديد گرامر تيار ڪرائي.

منهنجي اها به تجويز آهي، ته اهو اهم ڪم سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سربراهي ۾ ٿئي، ڇاڪاڻ ته ٻولي بابت اهڙا ڪم اٿارٽيءَ جي بنيادي مقصدن ۾ شامل آهن. ان کان علاوه ٻوليءَ جي هڪ مڃيل اداري طرفان ورتل ڪوشش کي خاطريءَ سان مثبت موٽ ملندي.

## حوالا


1. ملاح مختيار احمد، 'خدا وادي رسم الخط،' سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 2018- ص 140
2. Siddiqi Habibullah, `Education in Sindh- past & present`, Institute of Sindhology- 1987, P. 194
3. Stack Captain, `A Grammar of Sindhi Language`- Reprint in 2011, P. 11
4. Chattergi Suneti Kumar, `The Origin & Development of Bengali Language`- 1926 P- 15
5. الانا غلام علي ڊاڪٽر، 'سنڌي گرامر جا مسئلا'- نئين زندگي مئي 1966 ص. 25
6. آڏواڻي پيرومل مهر چند- 'وڏو سنڌي وياڪرڻ'- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ڇاپو ٻيو 1985 ص ص. 7-6
7. الانا غلام علي ڊاڪٽر- ايڊيٽر طرفان- 'وڏو سنڌي وياڪرڻ'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ڇاپو ٻيون 1985 ص- 2

8. بيگ ميرزا قليچ شمس العلماءَ- ’سنڌي وياڪرڻ‘ - ڇاپو ٽيون، 2006- ص. 138
9. ساڳيو- ص. 66
10. الانا غلام علي، ڊاڪٽر – ’سنڌي ٻولي جو تشريحي گرامر‘ - سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2010
11. ساڳيو- ص. 3
12. ٽرمپ ارنيسٽ ڊاڪٽر- ’سنڌي ٻولي جو گرامر‘ - سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 2011- ص. 122
13. آڏواڻي ڀيرومل مهرچند- ’وڏو سنڌي وياڪرڻ‘ - سنڌي ادبي بورڊ 1985 ص. 234
14. شيخ واحد بخش- ’سنڌي ٻولي جو صرف ۽ نحو‘ - سنڌي ادبي بورڊ 1986 ص. 69
15. ٽرمپ ارنيسٽ ڊاڪٽر- ’سنڌي ٻولي جو گرامر‘ - سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 2011- ص. 81

ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو

# لغتن جا مختلف قسم: هڪ جائزو
# (Analyzation of kinds of dictionaries)


## Abstract:

*It is an established fact that language is a vital social tool of communication which enables people to share their ideas and thoughts with one another. Without language, a society cannot exist. A person's strong and effective talking, speaking and writing power and skills depend on his or her practice of carefully chosen words. However; it is not possible for a person to know and understand all the words of a language with their variety of meanings and, use the entire range of vocabulary or make sense every word. In order to solve this problem, dictionaries were compiled and written. With the passage of time, a variety of different kinds of dictionaries appeared such as Monolingual, Unilingual, General Purpose Dictionaries, Bilingual and Multilingual or Polyglot Dictionaries, Scholarly Dictionaries, and Special Dictionaries. Special types of dictionaries contain various formats. These include Etymological Dictionaries, Dictionaries of Skills and Arts, Educational Dictionaries, Dialectal Dictionaries, Dictionaries of Classical and Modern Poets and Prose Writers, Dictionaries of Sacred Books, Dictionaries of Proverbs, Idioms and Phrases, Dictionaries of Ancient and Obsolete Words, Chronological Dictionaries, Biographical Dictionaries, Encyclopedic and Reference Dictionaries, Pronouncing Dictionaries, Conceptual Dictionaries, Dictionaries of Usage, Slang Dictionaries, Dictionaries of names, and Dictionaries of Quotations.*

*I have attempted to analyze aforesaid kinds of dictionaries in a detail coupled with examples from dictionaries in Sindhi language in an exclusive manner.*


ٻوليءَ جون ڪي وصفونساديون ٿين ٿيون، تہ ڪي ڳُوڙهيون. سادين وصفن مان هڪ وصف، فتح محمد سيوهاڻيءَ پاران بہ آندل آهي؛ جنهن موجب:

”ٻولي چئبو آهي اهڙي ڳالهائڻ کي، جو ڳالهائيندڙ ڳالهائي تہ سندس هم زبان ٻڌندڙ اُن جو مطلب پوريءَ طرح سمجهي سگهي.“(1)

جيتوڻيڪ ان وصف کي تنقيد هيٺ آڻي چئي سگهجي ٿو تہ صرف ’هم زبان‘ ٻڌندڙ چوۡ ڇا ٻيءَ زبان وارو جيڪڏهن ان جو مطلب پوريءَ طرح سمجهي سگهي ٿو تہ ان کي ٻولي نہ چئبوۡ يا، جيڪڏهن ٻي ٻولي ڳالهائيندڙ ڳالهايل ٻوليءَ جو مطلب پوريءَ طرح نہ ٿو سمجهي سگهي يا اڌپورو سمجهي ٿو تہ ڳالهايل ٻوليءَ کي ٻولي نہ چئبوۡ ٻوليءَ جي اِن وصف توڙي ٻين وصفن منجهان کي ٻيون ڳالهيون پڻ معلوم ٿينديون آهن. انهن بابت لکڻ کان اڳ، ٻوليءَ جي هڪڙي ٻي وصف بہ هن ريت آهي:

”سچ پچ ٻولي اُها آهي، جا ننڍو ڳالهائي تہ وڏو سمجهي، وڏو ڳالهائي تہ ننڍو سمجهي؛ شهري ڳالهائي تہ ڳوٺاڻو سمجهي، ڳوٺاڻو ڳالهائي تہ شهري سمجهي؛ زال ڳالهائي تہ مڙس سمجهي، مڙس ڳالهائي تہ زال سمجهي؛ هندو ڳالهائي تہ مسلمان سمجهي، مسلمان ڳالهائي تہ هندو سمجهي (هيءُ فقرو خاص هندستان جي ٻولين سان لاڳو آهي، جن ۾ سنڌي بہ اچي وڃي ٿي). اِها آهي نج ۽ اصلي ٻولي ۽ انهيءَ جو ٻيو نالو آهي ’عام ٻولي‘.“(2)

ٻوليءَ جي اها وصف شروع تہ ’ٻوليءَ‘ جي وصف کان ٿي، پر ختم ”عام ٻوليءَ“ جي وصف تي ٿئي ٿي. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا ”ٻوليءَ“ ۽ ”عام ٻوليءَ“ ۾ ڪو فرق آهي يا ٻئي هڪ ئي ’شيءِ‘ جا بہ نالا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيل، هڪ ٻي وصف پڻ ڏيان ڇڪائي ٿي:

”ٻولي انسان ذات سان گڏ وجود ۾ آيل آوازن، آوازي نشانين ۽ علامتن جو هڪ اهڙو سرشتو آهي، هڪ اهڙي تنظيم ۽ عمل آهي، جنهن جي مدد سان هڪ سماجي گروهہ جا ماڻهو هڪ ٻئي سان وهنوار رکن ٿا، واسطو ۽ تعلق رکن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي سمجهن ٿا.“(3)

مٿين وصفن منجهان، اسان کي ٻوليءَ بابت ڪي ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون، جهڙوڪ:

(1) ڳالهايل لفظن ۾ ڪا نہ ڪا معنيٰ سمايل هوندي آهي، جيڪا ڳالهائيندڙ کي تہ معلوم هوندي آهي، پر ڳالهائيندڙ اها اميد رکندو آهي تہ ٻڌندڙ کي بہ انهن لفظن جي معنيٰ اچي ٿي.

(2) ڳالهائيندڙ ۽ ٻڌندڙ ڪهڙيءَ بہ ڄمار جا هجن، ڪهڙيءَ بہ جنس جا هجن، ڪهڙي

ٻہ مذهب جا هجن ۽ ڪهڙي ٻہ ماحول يا سماجي طبقي ۾ رهندڙ هجن. پر اهي ٻوليءَ ۾ ڪتب آيل لفظن ۽ انهن جي مراد کي چڱيءَ طرح سمجهندڙ آهن.

(3) ٻولي ماڻهن جي سماجي گروهہ منجهہ آوازن، آوازي نشانين ۽ علامتن جو هڪ سرشتو آهي، جنهن وسيلي اهي هڪ ٻئي سان وهنوار رکن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي سمجهن ٿا.

چئي سگهجي ٿو تہ ٻولي ڪنهن هڪ ماڻهوءَ سان لاڳاپيل هئڻ جي بدران ٻن يا ٻن کان ڏيڪ ماڻهن سان لاڳاپيل آهي. جيترا گهڻا ماڻهو ٻوليءَ، ان جي آوازن، آوازي نشانين، علامتن ۽ آوازن مان جڙندڙ لفظن وسيلي هڪ ٻئي سان لهہ وچڙ ۾ اچن ٿا اوترو ئي ٻوليءَ جو دائرو ڪشادو ٿئي ٿو ۽ اها رابطي سان گڏ سمجهہ واري ڪارج کي وڌيڪ اثرائتو ۽ ڪارگر بڻائي ٿي. ان لحاظ کان ٻولي سماج کان الڳ نہ آهي، نہ ئي ٻوليءَ کي سماج کان الڳ ڪرڻ ممڪن آهي. ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو لکي ٿو:

”ماڻهو جڏهن هڪٻئي سان واسطي ۽ لهہ وچڙ ۾ اچن ٿا، تڏهن اهي ڪجهہ بہ ڪن، ڪهڙو بہ عمل ڪن... اهي ڳالهائن ٿا. اسين ڳالهائڻ واري ٻوليءَ جي انهيءَ ڪائنات ۾ رهون ٿا.“(4)

ڳالهائڻ، ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي مرحلن مان گذرندڙ ٻولي، ماڻهوءَ جي ذهنن ۾ سانڍيل لفظن، انهن جي متبادل لفظن ۽ انهن جي مفهوم کي سمجهائيندڙ ڪجهہ ٻين لفظن جي صورت ۾ موجود هوندي آهي. وقت گذرڻ سان انهن لفظن ۾ واڌارو ايندو/ٿيندو رهندو آهي. ان ريت، مختلف ڏندڻ ۽ ڪِرتن سان لاڳاپيل ماڻهن جا لفظي ذخيرا، ڳالهہ ٻول ۽ ڪم ڪار ذريعي جڏهن هڪ ٻئي سان سلهاڙجن ٿا، تہ ٻولي ڳالهائيندڙن جو مجموعي لفظي ذخيرو وڌڻ لڳي ٿو جنهن سان ٻولي شاهوڪار بڻجڻ جي عمل مان گذري ٿي. ان ڪري، ٻوليءَ وٽ جيترا گهڻا لفظَ ۽ انهن جا مفهومي لفظ هوندا آهن، اها اوتري ئي گهڻي رچيل ۽ شاهوڪار هوندي آهي ۽ ڪنهن بہ خيال، مقصد، وهنوار ۽ ڪِرت کي ڀرپور ۽ سهڻي طريقي سان اظهاري، ان جي تشريح ۽ توسيع ڪري سگهندي آهي ۽ سماج ۾ پنهنجو گهڻ رُخو ڪارج ادا ڪندي رهندي آهي، خاص ڪري اهو ڪارج ويتر وڌي ويندو آهي، جڏهن ڪا هڪ ٻولي، ٻيءَ ٻوليءَ سان بامقصد رابطي ۾ ايندي آهي.

جيڪڏهن ماڻهوءَ جي ذهن ۾ ڳالهايل ۽ لکيل لفظ ۽ ان جي معنيٰ سمايل ۽ سمجهيل آهي، ته نه صرف ماڻهو پاڻ ان لفظ جو مفهوم ڄاڻي سگهندو ته هُو ڇا چئي رهيو آهي، پر ٻڌندڙ يا پڙهندڙ ماڻهو به ان ڪي چڱيءَ پر سمجهي سگهندو. ٻيءَ حالت ۾ اهو لفظ ڪنهن به معنيٰ ۽ مفهوم ڪانسواءِ هوندو. پوءِ پلي ته منجهس ڪو مفهوم سمايل به هجي. اهڙو لفظ ماڻهوءَ جي ذهن ۾ ڪو به تصور جوڙي نه سگهندو. جنهن سان لاڳاپيل تصور ذهن ۾ وينل نه آهي. اهو پڻ ممڪن نه آهي ته ڪنهن هڪ ماڻهوءَ وٽ ٻوليءَ جي هر لفظ بابت مڪمل ڄاڻ هجي ۽ اهو ان جي هر ڪارج کان پوريءَ ريت آگاهه هجي، پر جيڪڏهن ڪو هڪ يا ڪجهه ماڻهو اهڙي سڀ رُخي ڄاڻ رکندا به هجن، تڏهن به اهي سڄي سماج جو بدل نه ٿا ٿي سگهن. جتي ضرورت آهر مختلف لفظ واهپي ۾ ايندا رهن ٿا. ان صورت ۾ اهڙي ڪتاب جي لازمي ضرورت پوندي، جنهن ۾ اهو لفظ پنهنجي عام توڙي ٻئي مروج مخصوص اُچار، وياڪرڻي حالت، ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ متبادلن، معنائن، سمجهاڻين، جملي ۾ استعمال، وغيره سان گڏ موجود هجي، ته جيئن ان لفظ کي سمجهي سگهجي. اهڙي قسم جي ڪتاب کي، عام طور **”لغت“** (Dictionary) سڏيو ويندو آهي. جڏهن ته ’لغت‘ جوڙڻ، مرتب ڪرڻ، تاليف ڪرڻ يا لکڻ جي عمل کي ’لغت نويسي‘ سڏيو ويندو آهي.

> ”لغت سازي، ٻوليءَ جي تحفظ ۽ ترقيءَ جي وسيلن مان هڪ وسيلو آهي. ڪنهن به ٻوليءَ جون لغاتون جيڪڏهن نه لکجن ها ته ان ٻوليءَ جي الفاظ جو ذخيرو ضايع ٿي وڃي ها ۽ ان جا ڳالهائيندڙ پوريءَ طرح سان اظهارِ خيال نه ڪري سگهن ها. لهاذا جهڙي طرح ٻولين جي عالمن پنهنجين ٻولين جو صرف و نحو ۽ ان جا قاعدا مرتب ڪيا، اهڙيءَ طرح انهن لغاتون به مرتب ڪيون، جيئن ٻوليءَ جا قديم الفاظ، محاورا ۽ اصطلاح محفوظ رهن ۽ ٻولين جي ترقيءَ جي رفتار قائم رهي.“ (5)

لغت جي ڪتاب کي حوالاجاتي ڪتاب (Reference Book) جي حيثيت حاصل آهي. حوالاجاتي ڪتاب ضرورت آهر ۽ وقت بوقت مطالعي هيٺ آندا ويندا آهن. انسائيڪلوپيڊيائن جو شمار پڻ حوالاجاتي ڪتابن منجهه ٿيندو آهي.

ٻوليءَ، لفظن ۽ لغت جي مٿي ڪيل بحث منجهان اها ڳالهه چِٽي ٿي اچي

ٿي، تہ لغت اهو ڪتاب آهي، جنهن ۾ هڪ ٻوليءَ جي لفظن جون معنائون وغيره ساڳيءَ ٻوليءَ ۾ ئي لکيون وڃن ٿيون. ان لحاظ کان، اهڙي لغت کي ’هڪ-ٻوليائي لغت‘ (Mono-lingual dictionary) چئي سگهجي ٿو. مثال طور سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جون معنائون وغيره سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي لکيل هجن يا انگريزي ٻوليءَ جي لفظن جون معنائون انگريزيءَ ۾ ئي درج ڪيل هجن. اهڙيءَ لغت کي ’عام لغت‘ (General Dictionary) پڻ چئي سگهجي ٿو.

سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ’عام لغت‘ ڪانسواءِ لغتن جا ٻيا قسم بہ ٿيندا آهن ڇا؟ ان سوال جي جواب لاءِ لغتن جي تاريخ تي هڪ نگاهہ وجهڻي پوندي، ڇاڪاڻ تہ هڪ ئي وقت مختلف قسمن جون لغتون ڪو نہ جُڙيون آهن، پر جيئن جيئن لغتون لکجنديون ويون تيئن تيئن انهن جا قسم بہ پڌرا ٿيندا ويا. مثال طور پهرين صدي ق.م ۾ مارڪس ٽيرينٽس وَرو (Marcus Terentius Varro) هڪ مقالو ’De Lingua Latina‘ (دَ لنگئا ليٽينا) لکيو جنهن ۾ هُن لاطيني شاعرن جي ڪلامن مان لفظن جا اشتقاق ڏنا. ان لحاظ کان نہ صرف شاعرن جي ڪتب آندل لفظن جون لغتون جوڙڻ جي شروعات ٿي، پر اشتقاقي لغتن جي بہ گهرج محسوس ٿي. اهڙيءَ طرح، انگلينڊ ۾ 1440ع ۾ جيوفري دَ گرامرين (Geoffrey the Grammaran) سان منسوب، سڀ کان اڳ ٻہ-ٻوليائي (Bi-lingual) لغت لکي وئي، جيڪا انگريزي-لاطيني لغت هئي، جنهن جو نالو ’پرامپٽوريم پرويولورَم (اسٽور هائوس [آف ورڊس] فار چلڊرين آر ڪلارڪس‘ (“Promptorium parvulorum” (Store house [of words] for children or clerics) هو.(6) ان لغت کي باضابطا طور، پهرين انگريزي-لاطيني لغت جي حيثيت حاصل آهي. ڇپائيءَ جي دريافت کان اڳ اها لغت ڪيترن ئي سالن تائين هٿ اکرن ۾ لکي وئي. اها لغت 1499ع ۾ پهريون ڀيرو لنڊن پريس مان ڇپي. ان کان پوءِ 1476ع ۾ وليم ڪيڪسٽن جي جوڙيل ’فرينچ-انگلش وڪيبيلري‘ بہ پڌري ٿي. ان ريت ٻہ-ٻوليائي (Bi-lingual) لغتن جي باضابطا شروعات ٿي. انهن ٻہ-ٻوليائي لغتن کان پوءِ ئي، 1604ع ۾ رابرٽ ڪاڊري (Robert Cawdrey) جي لغت ' ’A Table Alphabetical..‘ (اَ ٽيبل الفابيٽيڪل...) ڇپي، جيڪا ٽن هزار لفظن تي مشتمل هئي. ان لغت کي پهرين نج انگريزي کان انگريزي لغت جي حيثيت حاصل آهي يعني اها پهرين انگريزي هڪ-ٻوليائي لغت آهي. جڏهن تہ 1721ع ۾ انگريزي ٻوليءَ جي پهرين اشتقاقي لغت ’اين

يُونيورسل اِٽامولاجيڪل انگلش ڊڪشنري' ( *An Universal Etymological English Dictionary*) ڇپجي پڌري ٿي. ان اشتقاقي لغت جا 1802ع تائين 30 ڇاپا پڌرا ٿيا. انگريزي ٻوليءَ جي لغت نويسيءَ ۾ هڪ وڏو ڇال، سموئيل جانسن (Samuel Johnson) جي جوڙيل لغت 'اَ ڊڪشنري آف انگلش لئنگئيج' (A Dictionary of English Language) آهي جيڪا 1755ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي. ان لغت کي انگريزي ٻوليءَ جي پهرين جامع لغت جي حيثيت مليل آهي، جنهن جي پهرئين ڇاپي ۾ 42-هزار لفظن جون داخلائون شامل هيون.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيل لغت نويسيءَ تي نظر ڊربي، ته معلوم ٿيندو ته سنڌ جي مدرسن ۾ يارهين صدي عيسويءَ کان وٺي، سومرن ۽ سمن توڙي ارغونن، مغلن ۽ ترخانن جي حڪومتي دَورن ۾ مذهبي تعليم دوران، 'ٻه وايا' ۽ 'ٽه وايا' ڪتب آندا ويندا هئا، جن مان 'ٻه وايا' فارسي ۽ سنڌي، يعني ٻه-ٻوليائي لغتن جو نمونو هئا ۽ 'ٽه وايا' فارسي، عربي ۽ سنڌي، يعني ٽه-ٻوليائي لغتن جو نمونو هئا. 1843ع ۾ انگريزن پاران سنڌ جي فتح کان پوءِ، انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ ٻه ويجهڙائي ٿيڻ لڳي، جنهن جي نتيجي طور، 1849ع ۾ پهرين انگريزي-سنڌي ٻه-ٻوليائي لغت، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي، 'A Dictionary: English and Sindhi' (اي ڊڪشنري: انگلش اينڊ سنڌي)، ڪتابي صورت ۾ ڇپي. ان ڪري، چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت نويسي ٻه-ٻوليائي ۽ ٽه-ٻوليائي لغتن جي قسمن سان ٿي آهي. جڏهن ته 1866ع ۾ جارج شرٽ جي ڇپيل لغت "اکر ڌاتو" سان، سنڌي ٻوليءَ ۾ اشتقاقي لغتن جي شروعات ٿي، جنهن ۾ سنسڪرت لفظن مان نڪتل سنڌي لفظن جا ڌاتو ۽ انهن جون معنائون ڏنل آهن.

لغتن جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ابتدائي لغتون هڪ ئي ٻوليءَ جون عام لغتون رهيون آهن، ته هڪڙي ٻوليءَ کان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ٻه-ٻوليائي لغتون به تدوين ڪيون ويون. ان کان پوءِ جيئن جيئن لغت جي فن ارتقا جا مختلف مرحلا طيءِ ڪيا ۽ علمن جي اوسر ٿيندي وئي، انهن موجب، لغتن جا مختلف قسم به جُڙندا ۽ پڌرا ٿيندا ويا. ان ڪانسواءِ، دنيا جي مختلف ٻولين ۽ انهن جي سماجن جي مختلف طبقن جي ضررتن ڪارڻ پڻ لغتن جا نوان قسم مرتب ٿيندا رهيا، جنهن سان لغت (Dictionary) جي وصفن ۾ به سڌارا ۽ واڌارا ايندا ويا. اهو ئي سبب آهي، ته جڏهن 'لغت' جون وصفون بيان ڪيون ويون آهن، ته اڻ سڌيءَ طرح، منجهن لغت جي

مختلف قسمن جو ذڪر بہ آيو آهي. مثال طور: ’ڊڪشنريءَ‘ جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏيندي ”آڪسفرڊ انگلش ريفرنس ڊڪشنريءَ“ جو مرتب لکي ٿو:

> “1 a book that lists (usu. in alphabetical order) and explains the words of a language or gives equivalent words in another language. 2 a reference book on any subject, the items of which are arranged in alphabetical order (*dictionary of architecture*)”. (7)

1۔ ڪتابُ جنهن ۾ ڪنهن ٻوليءَ جا لفظ (عام طور الف۔بي وار ترتيب ۾) ڏنل ۽ سمجهايل يا انهن جا ٻيءَ ٻوليءَ ۾ متبادل آندل هجن. 2۔ ڪنهن بہ موضوع تي هڪ حوالاجاتي ڪتاب، جنهن جا لفظ الف۔بي وار ترتيب ۾ ڏنا آهن (*تعميرات جي لغت*).

مٿينءَ وصف مان لغت جي ٽن قسمن جي سُڌ پئي ٿي: (1) ساڳي ٻوليءَ جي لفظن جون معنائون يعني هڪ ٻولياتي لغت، (2) هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ ڏنل معنائون يعني ٻہ۔ٻولياتي لغت، ۽ (3) موضوعي لغت.

’ڊڪشنريءَ‘ جي وصف ڏيندي، ”ڪيسِل ڪنسائز انگلش ڊڪشنري“ سمجهائي ٿي تہ:

> “A book containing the words of any language in alphabetical order, with their definitions, pronunciations, parts of speech, etymologies and uses, or with their equivalents in another language: a work of information on any subject under words arranged alphabetically.”(8)

(**ڊڪشنري**: اهو ڪتاب جنهن ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ جا لفظ الف۔بي وار ترتيب ۾، وصفن، اچارن، وياڪرڻي حيثيت، ڌاتوٴ ۽ استعمال، يا ٻيءَ ٻوليءَ ۾ انهن جي مترادفن سان ڏنل هجن؛ ڪنهن بہ موضوع تي لفظن جي الف۔بي وار ترتيب ۾ ڏنل معلوماتي تصنيف.)

ڪيسل ڊڪشنريءَ جي وصف منجهان پڻ ٽن لغتن جي ٽن قسمن جِي سڌ پئي ٿي: (1) هڪ ٻوليءَ جي لغت، جنهن ۾ اچار، گرامر ۽ اشتقاق جي سڌ ملي، (2) ٻہ ٻولياتي لغت، ۽ (3) موضوعاتي لغت.

”دَ اميريڪن هيريٽيج ڊڪشنري آف دَ انگلش لينگئيج“ ۾، ’ڊڪشنريءَ‘ جي وصف هن ريت ڏنل آهي:

"1. A reference book containing an explanatory alphabetical list of words, as: a. A book listing a comprehensive or restricted selection of the words of a language, identifying usually the phonetic, grammatical, and semantic value of each word, often with etymology, citations, and usage guidance, and other information. b. Such a book listing the words of a particular category within a language. 2. A book listing the words of a language with translations into another language. 3. A book listing words or other linguistic items, with specialized information about them: a medical dictionary."(9)

(1. هڪ حوالاجاتي ڪتاب، جنهن ۾ الف-بي وار ترتيب ۾ لفظن جي وضاحتي فهرست هجي، جهڙوڪ: ا. هڪ ڪتاب جنهن ۾ ڪنهن ٻوليءَ جي لفظن جي جامع يا محدود چونڊ هجي، جيڪا عام طور هر هڪ لفظ جي صوتياتي، وياڪرڻي، ۽ معنوي حيثيت، گهڻي ڀاڱي اشتقاق، حوالي، ۽ ڪتب آڻڻ جي رهنمائي، ۽ ٻي معلومات ڏَسيندڙ هجي. ب. ڪنهن ٻه ٻوليءَ ۾ ترتيب ڏنل خاص قسم جي لفظن جو ڪتاب. 2. هڪ ڪتابُ جنهن ۾ هڪ ٻوليءَ جي ترتيب ڏنل لفظن جو ترجمو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڏنل هجي. 3. هڪ ڪتاب جنهن ۾ ترتيب ڏنل لفظن يا ٻِين ٻوليائي لفظن بابت خصوصي ڄاڻ ڏنل هجي، جهڙوڪ: *ميڊيڪل ڊڪشنري*.)

لغت جي مٿينءَ وصف منجهان، ان جي چئن قسمن جِي سڌ پئي ٿي: (1)هڪ ٻوليءَ جي جامع يا چونڊ لفظن جي لغت، (2) هڪ ئي ٻوليءَ ۾ ڪنهن مخصوص قسم جي لفظن جي لغت، (3) ٻه ٻوليائي لغت، ۽ (4) موضوعاتي لغت.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل "جامع سنڌي لغات" ۾ لغت جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي هن ريت ڏني وئي آهي:

"**لُغَت ج لُغتُون**: ث. (ع. لغُوَ = ڳالهائڻُ) ڪنهن قوم جي زبان – هڪ ڪتاب جنهن ۾ ڪنهن ٻوليءَ جا لفظ سمجهاڻين، معنائن وغيره سميت درج ٿيل هجن – فرهنگ – ڪوشُ – قاموس – زُبان – ٻولي – ڀاشا – ڊڪشنري – اهي لفظ جن جي معنيٰ مشهور نه هجي. لفظ – شبد. وارتا – وائِي – ڇَوُت – چوپَچو – ڇَوُبولو."(10)

لغت جي مٿينءَ تشريح منجهان، صرف هڪ ئي قسم جي لغت يعني هڪ ٻوليائي لغت جي خبر پئي ٿي. لغت جي جديد وصفن موجب ان وصف ۾ اصلاح جي

گهرج محسوس ٿئي ٿي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ’لغات سنڌي مخففات‘ ۾ شامل ’مقدمي‘ ۾ لغت جي قسمن بابت، لکي ٿو: ”مطالعي جي مدد سان لغتن جا هيٺيان ڌار ڌار قسم مقرر ڪري سگهجن ٿا“:

(الف) لهجي-وار يا اُپڀاشا/اُپڀاشائن تي مشتمل لغات،

(ب) جاتيوار ٻولين جي لغات،

(ت) ڏنڌي وار لفظن جون لغتون،

(ث) ڌاتو ڪوش (Etymological dictionary)،

(ج) جامع لغات،

(ج) ثقافتي قسم جي لغات،

(خ) دو -لساني لغات،

(د) گهڻ-لساني لغات،

(ر) ڪنهن هڪ شاعر جي ڪلام مان چونڊيل لفظن جي لغات،

(ز) ڪنهن ٻه ٻوليءَ جي علم ادب جي لغات،

(س) اينسائيڪلوپيڊيا،

(ش) خاص موضوعن ۽ مضمونن تي مشتمل لغتون،

(ص) انڊيڪس يا ڏسڻي،

(ض) گلاسري يا فرهنگ،

(ط) دفتري ٻوليءَ تي مشتمل لغتون،

(ظ) ڪرانالاجيڪل لغات، ۽

(ع) پنهنجي ماحول ۾ رائج روزمره وارن لفظن جي لغات.“(11)

ڊاڪٽر الانا صاحب، انهن قسمن بابت تفصيل سان لکيو آهي ۽ انهن لغتن لاءِ مواد جي سهيڙ واسطي مددي ڪتاب پڻ لکيا آهن. انهن قسمن منجهان ”انسائڪلوپيڊيا، انڊيڪس يا ڏسڻي، ۽ گلاسري يا فرهنگ“ الڳ اصطلاح آهن، جن هيٺ لغتن کان ڌار قسمن جي فهرستن ۽ مواد جي سهيڙ ڪئي ويندي آهي.(12) ان کانسواءِ جديد اڀياس موجب لغت جا ٻيا قسم پڻ پاڻ منجهه ضم ٿين ٿا، جيئن اڳتي ڪيل بحث مان سمجهي سگهبو.

’انسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا‘ پنهنجي علمي معيار ۽ مواد جي ضخامت جي لحاظ کان سڄيءَ دنيا جي علمي حلقن ۾ وڏي سڃاڻپ، مڃتا ۽ قبوليت حاصل ڪئي آهي. ان منجهه لغتن جا هيٺيان ٽي قسم ڄاڻايا ويا آهن:

1. عام-مقصدي لغتون (General-Purpose Dictionaries، جنرل پرپز ڊڪشنريز)،
2. عالماڻيون لغتون (Scholarly Dictionaries، اسڪالرلي ڊڪشنريز)، ۽
3. خاص لغتون (Specialized Dictionaries، اسپيشلائيزڊ ڊڪشنريز).(13)

مٿي، لغت جي ذيل مختلف وصفن ۾، لغت جي جن قسمن جو ذڪر آيو آهي، انهن سڀني جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ، لغت جا هيٺيان چار بنيادي قسم معلوم ٿين ٿا:

1. هڪ-ٻولياڻي عام مقصدي لغتون (Monolingual/Unilingual General Purpose Dictionaries)
2. ٻه-ٻولياڻي ۽ گهڻ ٻولياڻي لغتون (Bi-lingual and Multilingual Dictionaries)
3. عالماڻيون لغتون (Scholarly Dictionaries) ۽
4. خاص لغتون (Special Dictionaries).

لغت جي مٿين چئني قسمن بابت هيٺ ذيل مفصل مطالعي مان معلوم ٿيندو ته انهن چئني قسمن جي لغتن ۾، لغت جو ڪو نه ڪو قسم شامل ٿئي ٿو.

1. هڪ-ٻولياڻي عام مقصدي لغتون
(Monolingual/Unilingual General Purpose Dictionaries):

لغت جو هيءُ قسم هڪ ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي واسطي آهي، ڇاڪاڻ ته انهن لغتن ۾ لفظن جون معنائون ساڳيءَ ٻوليءَ ۾ ئي ڏنل هونديون آهن، ان ڪري اهي ’هڪ-ٻولياڻي لغتون‘ به چئبيون آهن. هي لغتون سماج جي سڀني طبقن ۽ ماڻهن لاءِ فائديمند هونديون آهن. ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن جو ذخيرو وسيع هوندو آهي، ان ڪري ڪنهن عام ماڻهوءَ، استاد، عالم، اديب وغيره لاءِ اهو ممڪن نه هوندو آهي، ته ڪيس ٻوليءَ جي سڀني لفظن جون معنائون ايندڙيون هجن ۽ هو انهن جا گهڻ رُخا استعمال ڄاڻيندو هجي، ان ڪري انهن کي عام لغتن جي گهرج پوندي آهي. هن قسم جون لغتون ڪنهن قدر مجموعيت جو تاثر ڏيندڙ هونديون آهن.

عام مقصدي لغتون لفظن بابت ممڪن طور تي گهڻ رُخي معلومات ڏينديون آهن. ڪن حالتن ۾ اهڙي معلومات معياري ٻوليءَ موجب سهيڙيل هوندي آهي. عام

مقصدي لغتون هڪ جلد تي بہ مشتمل ٿي سگهن ٿيون، تہ هڪ کان وڌيڪ جلدن (several volumes) تي بہ مشتمل ٿي سگهن ٿيون. ان جي سائز بہ ننڍي يا وڏي ٿي سگهي ٿي. هن قسم جي لغتن ۾ ضرورت موجب، سادن، مرتب ۽ مرڪب لفظن، اصطلاحن، ورجيسن، فقرن، پهاڪن، چوڻين وغيره کي شامل ڪيو ويندو آهي ۽ انهن جون معنائون ڏيڻ سميت ٻي معومات شامل ڪئي ويندي آهي. هن قسم جي لغتن ۾ جيڪڏهن هر معنيٰ لفظن، سمجهاڻين، اشتقاقن، اُچارن، مختلف لکيتن، واحدن ۽ جمعن، مذڪرن ۽ مؤنثن، نحوي حيثيتن، مثالي جملن، لهجوي (dialectal) ڦيرين گهيرين (variations) سان گڏ، هڪ ئي ملڪ جي مختلف پرڳڻن توڙي مختلف ملڪن ۾ مروج هِجيئِن جي جاڻ ڪئي ڪجي، تہ اهڙيءَ لغت کي 'جامع لغت'(Comprehensive Dictionary) چئجي ٿو. جامع لغتن بابت، ڊاڪٽر الانا لکي ٿو: "هن قسم واريون اهي لغتون هر لحاظ کان جامع هونديون آهن، جن ۾ لهجي وار لفظن جا مجموعا، جاتيوار اُپياشائن جا شبد، پنڌار ڏنڌي وار لفظن جون لڙهيون، لفظن جا ڌاتو، اُچار، ماده ۽ اشتقاق ڏنل هوندا آهن."(14) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي جوڙيل 'جامع سنڌي لغات' (پنج جلد)، 'نئين جامع سنڌي لغات' (ٽي جلد)، 'مفصل سنڌي لغات' ۽ سترامداس 'سائل' جي جوڙيل 'سائل ڪوش' ان جو مثال آهن.

### 2. ٻہ-ٻوليائي ۽ گهڻ-ٻوليائي لغتون

(Bilingual and Multilingual/Polyglot Dictionaries):

'ٻہ-ٻوليائي لغت' ۾ هڪ ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جون معنائون، سمجهاڻيون ۽ ٻي معلومات ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڏني ويندي آهي. 'ٻہ-ٻوليائي لغت' ۾ ڪن بہ ٻن ٻولين منجهان، ڪنهن هڪ ٻوليءَ کي بنيادي ٻوليءَ طور مقرر ڪري، ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ضرورت موجب، عام توڙي آهنجن لفظن جون اُچارن سميت معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنيون وينديون آهن. دنيا جي تمام گهڻين ٻولين ۾ هن قسم جون لغتون جوڙيون ويون آهن، جن مختلف ٻولين ڳالهائيندڙن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪن حالتن ۾ ٻن مختلف ٻولين ۾ جڙيل ٻن لغتن کي، هڪ ئي جُلد ۾ گڏي، يعني ٻنهي ٻولين جون هڪ ٻئي ۾ مَٽ سَٽ ڪيل لغتون، 'گڏيل لغتن' ( Compact

طور ڇپيون وينديون آهن. تہ جيئن هڪ ئي جلد ۾ ٻنهي ٻولين مان (Dictionaries مستفيض ٿي سگهجي.

’ٻہ-ٻوليائي لغتن‘ ۾, هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ٻولين جو واڌارو ڪري, انهن کي ’ٽہ-ٻوليائي‘، ’چار-ٻوليائي‘، ’پنج-ٻوليائي‘، ’ڇهہ-ٻوليائي‘، ’ست-ٻوليائي‘ لغتون, يا ’گهڻ-ٻوليائي لغت‘ (PolygLot) پڻ بڻايو ويو آهي, جنهن سان هڪ ئي لغت ۾, ٻن کان وڌيڪ ٻولين جي متبادل لفظن جون معنائون ۽ ٻيو شامل ڪيل چاڻ ملي پئي ٿي. اهڙين ’گهڻ-ٻوليائي لغتن‘ ۾, ڪنهن هڪ ٻوليءَ کي بنيادي ٻوليءَ طور مقرر ڪري, باقي ٻين ٻولين ۾ انهن جا مترادف لفظ ڏنا وينداآهن. ڪن حالتن ۾ انهن لفظن جي نحوي حالت, اُچار, مثالي جملا, ضد, واحد-جمع وغيره پڻ ڏنا وڃن ٿا. هي لغتون ٻيءَ ٻوليءَ ۽ ان ۾ لکيل علم ادب کي پڙهڻ, سمجهڻ ۽ ترجمي ڪرڻ ۾ گهڻيون ئي مددگار ثابت ٿينديون آهن. هي لغتون شاگردن لاءِ تعليمي مقصدن جي حاصلات ۾ پڻ لاڀائتيون آهن. ان ڪانسواءِ هي لغتون سياحن ۽ ٻين ملڪن ۾ ڪمائڻ يا مستقل رهڻ وارن ماڻهن جي پڻ ڪم اينديون آهن.

’ٻہ-ٻوليائي ۽ گهڻ-ٻوليائي لغتن‘ ۾, هڪ واڌارو اهو پڻ ڪيو ويو آهي, تہ بنيادي ٻوليءَ جون معنائون ۽ سمجهاڻيون, ساڳيءَ ٻوليءَ ۾ لکڻ بعد, ٻين ٻولين ۾ ڏنيون وڃن ٿيون, جنهن سان اها لغت, هڪ ئي وقت ’هڪ-ٻوليائي لغت‘ بڻجڻ سان گڏ, ’ٻہ-ٻوليائي/گهڻ-ٻوليائي لغت‘ بہ ٿي پئي ٿي, جنهن سان لفظن جي معنائن کي سمجهڻ ۾ گهڻي سهولت ٿئي ٿي ۽ لغت جي افاديت بہ وڌي ٿي.

ٻارن ۽ ابتدائي تعليم پرائيندڙ شاگردن لاءِ جوڙيل ٻہ-ٻوليائي لغتن ۾ تصويرون پڻ ڇپيون وڃن ٿيون, جنهن سان ’ٻہ-ٻوليائي تصويري لغتون‘ جُڙي پون ٿيون. انهن لغتن ۾ ٻارن جي ڪورس جي مکيہ لفظن جي وضاحت ڪئي ويندي آهي, ڪن صورتن ۾ درجيوار ٻارن لاءِ لغتون مرتب ڪيون وينديون آهن. اهي لغتون تعليمي ۽ ثقافتي مقصدن لاءِ ڪارائتيون آهن.

’ٻہ-ٻوليائي لغتون‘ لغتن جو اهو قسم آهي جيڪو ماڻهوءَ جي گهڻي ۾ گهڻو ڪم آيو آهي ۽ ڪيس فائدو رَسايو آهي. دنيا جي لڳ ڀڳ سڀني ٻولين ۾, هيءَ قسم وڌ ۾ وڌ ڇپجندو رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ انگريزي, اردو, هندي, عربي, فارسي, بروهڪي, سرائڪي ٻولين سان لغتون ڇپيل آهن. جڏهن تہ ”هفت زباني لغت“ ۾

ست ٻوليون ـ اردو، بلوچي، بنگالي، پشتو پنجابي، سنڌي ۽ ڪشميري ـ شامل آهن. ’چوڻڪي لغات‘ ۾ اردو، سرائڪي، سنڌي ۽ انگريزي ٻوليون شامل آهن.

### 3. عالماڻيون لغتون (Scholarly Dictionaries):

’عالماڻي لغت‘ ڪنهن به منتخب حد اندر سائنسي لحاظ کان مڪملتا ۽ اعليٰ معيار سان جوڙيل لغت جو قسم آهي. هن لغت جي قسم ۾ عام طور تاريخي اصول اختيار ڪيو ويجي ٿو جنهن ۾ لفظ، ان جي بُڻ بڻياد، معنائن، مفهومن، استعمال وغيره جي تاريخ لکي ويجي ٿي، جنهنڪري ان کي ’تاريخي لغت‘ (Historical Dictionary)(15) پڻ سڏجي ٿو. ڊاڪٽر شوڪت سبزواري لکي ٿو:

"یہ لغات جامع بھی ہوتے ہیں اور تاریخی بھی۔ ان میں زبان کے تمام متداول، غریب، نادر یا متروک الفاظ درج کر کے ان کے قدیم وجدید معروف و غیر معروف لغوی و اصطلاحی تمام معانی بیان کیے جاتی اور لفظوں کی عہد بعہد صوتی و معنوی تبدیلیاں دکھائی جاتی ہیں اور بتایا جاتا ہے کہ لفظ کس زبان کا ہے، کب اس زبان میں داخل ہوا اور اس کی اصل شکل کیا تھی۔ شواہد کے طور پر ادبی ذخیرے خاص طور پر بیشتر شعراء کے شعروں کی مثالیں دی جاتی ہیں، اور علماء کی تحریروں سے مختلف عہد کی مثالیں درج کی جاتی ہیں۔"(16)

هن وقت تائين، جنهن لغت کي، وڏ ۾ وڏ ’عالماڻي لغت‘ سمجهيو ويجي ٿو اها دنيا جي وڏي ۾ وڏي ۽ لاطيني ٻوليءَ جي لغت ’*Thesaurus Linguae Latinae*‘ (ٿسارس لنگئا لاطيني) آهي، جنهن ۾ لاطيني ٻوليءَ جي ابتدا کان 600ع تائين عرصي کي آندو ويو آهي(17). ان کانسواءِ لغت نويسيءَ ۾اعليٰ ترين مڪمل حاصلات ۾، ’عالماڻي لغت‘ طور، ’اوڪسفرڊ انگلش ڊڪشنريءَ‘(18) جو نالو نمايان آهي. ’عالماڻين لغتن‘ جون رٿائون مختلف ملڪن ۾ پڻ ”قومي لغتن“ جي نالي سان جوڙيون ۽ مڪمل ڪيون ويون آهن. جن تي ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين ڪم جاري رهيو. هن قسم جي لغت ۾، ٻوليءَ جي تهذيب ۽ ثقافت جو مطالعو به شامل ڪري سگهبو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اجا تائين هن قسم جي ڪا به لغت مرتب ٿي نه سگهي آهي. البته اردو ٻولي جي فرهنگ آصفيه کي ان سان شامل ڪري سگهجي ٿو.

### 4. خاص لغتون (Special Dictionaries):

’خاص لغتون‘ مختلف علمن ۽ موضوعن سان تعلق رکن ٿيون، ان ڪري انهن کي ’موضوعاتي لغتون‘ (Subject Dictionaries) به سڏي سگهجي ٿو. لغتن جو هيءَ

قسم تمام گھڻو وسيع آھي، جنھنڪري ان جا تمام گھڻا قسم پڻ آھن. مٿي ڄاڻايل ٽن قسمن ڪانسواءِ، ٻيو ھر قسم جي لغت کي ھِن چوٿين قسم ۾ شامل ڪري سگھجي ٿو. لفظن جي چونڊ ۽ انھن بابت ڏنل ڄاڻ ۾ ڪنھن بہ قسم جي انفراديت ”خاص لغت“ جي ھڪ نئين قسم کي ظاھر ڪندي آھي. ھي لغتون تشريحي ۽ غير تشريحي، ٻنھي قسمن جون ھونديون آھن، جڏھن تہ ڪن ۾ ٻئي طريقا مليل ھوندا آھن. ھن قسم جي لغت ۾ ضرورت موجب اشتقاق، اچار، استعمال وغيره درج ڪري سگھجن ٿا. ’خاص لغتن‘ ۾ ھيٺيان ڪجھ قسم شامل آھن:

**اشتقاقي لغتون** (Etymological Dictionaries): ھن قسم جي لغتن ۾ لفظن جي بڻ بڻياد، ڌاتوءَ، پَدن (Syllables) ۽ تبديليءَ کي ظاھر ڪيو ويندو آھي. ڪنھن بہ ٻوليءَ ۾ جيئن تہ مختلف ٻولين جا لفظ بہ شامل ٿيندا رھندا آھن، ان ڪري اشتقاقي لغتن ۾ انھن ٻولين جي نشاندھي پڻ ڪئي ويندي آھي. جارج شرٽ جي ’اکر ڌاتو‘، جھمٽمل نارومل وسناڻيءَ جي لغت ’وئتپتي ڪوش‘، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جون لغتون ’تحقيق لغات سنڌي‘ ۽ ’سامي ڌاتوڪوش‘ ان قسم جون لغتون آھن.

**هُنرن، ڌَنڌن ۽ فَنن جون لغتون** (Dictionaries of Skills and Arts): ھر ھڪ ھنر، ڌنڌي، فن وغيره ۾ لفظن جو انوکو ذخيرو موجود ھوندو آھي، جيڪو ھن قسم جي لغتن ۾ سھيڙيو ويندو آھي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ’ھارپ جي لغت‘، ’تعميرات جي لغت‘، ’زراعت جي لغت‘، ’پرنٽ ٽيڪنالاجيءَ جي لغت‘، ’فرھنگ ھمايوني‘ علم طب تي ڪتاب وغيره ان جو نمونو آھن.

**تعليمي مضمونن جون لغتون** (Educational Dictionaries): ھي لغتون اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ ٻين تعليمي ادارن ۾ پڙھايَن ويندڙ مختلف مضمونن جي شاگردن ۽ استادن واسطي لکيون وينديون آھن. جھڙوڪ: فزڪس جي لغت، ڪيمسٽريءَ جي لغت، بائلاجيءَ جي لغت، مئٿميٽڪس جي لغت، جاگرافيءَ جي لغت، علم الانسان جي لغت، سوشيالاجيءَ جي لغت وغيره. اھڙيون ڪيئي لغتون سنڌي ٻوليءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري حيدرآباد پاران ڇپيون آھن. اسڪولي شاگردن لاءِ ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي مرتب ڪيل لغت ’پيڪاڪ سنڌي اسڪول ڊڪشنري‘ درسي لغت آھي. ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجي جي سھيڙيل ’موسمي تبديلي ۽ ماحوليات جي لغت‘ بہ ان جو ھڪ مثال آھي.

**لهجن جون لغتون** (Dialectal Dictionaries): ڪنهن بہ ٻوليءَ جي حدن اندر ڳالهائڻ توڙي لکڻ پڙهڻ جي لحاظ کان اها ٻولي ڪي گهٽ وڌ فرق رکندڙ هوندي آهي. انهن حالتن ۾ اهڙن حدن اندر ٻولي جي هِجي ۽ اُچار ۾ ڪجهہ قدر فرق هوندو آهي. ان ڪانسواءِ انهن ٻوليائي حدن (Linguistic limits) اندر ڪي خاص لفظ پڻ مروج هوندا آهن، جيڪي ٻين حدن جي رهواسين لاءِ اوپرا هوندا آهن. انهن فرقن سبب، انهن حدن جي ٻولين کي، علمي طور، لهجا سڏيو ويندو آهي. دنيا جي مختلف ٻولين ۾ انهن لهجن جون لغتون جوڙيون ويون آهن. هنن لغتن ۾ ٻولين جي مختلف ڦيرين گهيرين کي سهيڙيو ويندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي ”لاڙ جي لغت“، منصور ٿَلهي جي ’لاڙي لفظن جي موتين مالها‘ ۽ پُونم پاسڪل ۽ رِچٽ هوئيل جي ’پارڪري (ٻولي رئي) ڊڪشنرِيَ‘ اهڙيون لغتون آهن. منصور ٿَلهي جي لغت ’اکر پَٽي‘، ڪنهن لهجي بدران، سنڌ جي ساموندي پَٽيءَ جي لفظن تي مشتمل آهي.

**ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعرن ۽ نثر نويسن جون لغتون** (Dictionaries of Classical & Modern Poets and Prose Writers): ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعري آڳاٽي وقت ۾ مستعمل لفظن ۽ اصطلاحن تي پڻ مشتمل هوندي آهي، جن کي سمجهڻ لاءِ انهن جي شاعريءَ ۾ ڪتب آيل اهنجن لفظن ۽ اصطلاحن جون لغتون جوڙيون وينديون آهن. ساڳيءَ ريت جديد شاعرن ۽ نثر نويسن وٽ بہ لفظن ۽ اصطلاحن جو انوکو ذخيرو موجود هوندو آهي، جن جي معنائن ۽ سمجهاڻين جي پڻ پڙهندڙن کي گهرج رهندي آهي، جن لاءِ پڻ اهڙيون لغتون جوڙيون وينديون آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ آيل اهنجن لفظن جون ڪيئي لغتون ڇپيون آهن جن ۾ ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي ’غريب اللغات‘[19]، مرزا قليچ بيگ جي ’لغات لطيفي‘، سيد نجف علي شاهہ ”ڪمتر“ نقويءَ جي ’ٻاروچي ٻولي‘، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ’روشني‘، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي ’جامع لغات لطيف‘(20) وغيره شامل آهن. ٻين اهڙين لغتن ۾ مرزا قليچ بيگ جي ’سنڌي لغات قديمي‘، ڊاڪٽر فهميده حسين جي تدوين ڪيل ’ڪلاسيڪل شاعرن جي لغت‘، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جون ’سچل لغات‘ ۽ ’سامي ڏاتو ڪوش‘، ڊاڪٽر بدر ڌامراهي جي ’لغات سچل سرمست‘، عنايت انڙ جي ’اکر اکر ۾ اسرار‘، اسد جمال پَليءَ جي ’منثار اللغات‘،

عزيز ڪنگراڻيءَ جي ’اکر اکر آرسي‘، مير محمد پيرزادي جي ’نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي لغت‘ وغيره شامل آهن. البت ڪنهن بہ نثر نويس جي لغت اجا سنڌي ٻوليءَ ۾ نہ ڇپي آهي.

**مقدس ڪتابن، صحيفن ۽ خاص ڪتابن جون لغتون** (Dictionaries of Sacred Books): هن قسم جون لغتون الاهي ڪتابن، صحيفن وغيره ۾ آيل اهنجن لفظن، اصطلاحن ۽ فقرن جي معنائن ۽ تشريحن تي مشتمل جوڙيون وينديون آهن. سنڌيءَ ۾ ڇپيل اهڙين لغتن ۾، حسنين محمد مخلوف جي لکيل ۽ عبدالحق ربانيءَ جي ترجمو ڪيل ’ڪلمات القرآن‘ ۽ غلام اصغر ونديير ۽ مولوي صبغت الله ٻُٽي جي جوڙيل ’لغات القرآن‘ شامل آهن.

**پهاڪن، چوڻين، ورجيسن ۽ اصطلاحن جون لغتون** ( Dictionaries of Proverbs, Idioms & Phrases): هر هڪ ٻوليءَ ۾ آيل پهاڪا ۽ چوڻيون ان ٻوليءَ ۽ سماج جي لوڪ ڏاهپ جو وٽندڙ ۽ عوامي اظهار هوندا آهن. جن جون لغتون جوڙي، ڪن لفظن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنيون وينديون آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي جوڙيل ’اوسر پهاڪاتي لغت‘، شهيد سومري جي ’ٻوليءَ سندا ٻول‘، گهنشام داس رامنداس جو ’سنڌي ٻوليءَ جي سونهن‘، غلام اصغر ونديير جو ’سنڌي ڪتمنڙا عرف اصطلاحاتِ اصغر‘، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو ’اصطلاحن جي اصليت‘ ان جا مثال آهن. مختلف مؤلفن جا جوڙيل پهاڪن جا ڇپيل مجموعا پڻ ان ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا جيتوڻيڪ منجهن الف-بي جي ترتيبن جو ڪوٽ آهي، پر انجنيئر عبدالوهاب سهتي جي جوڙيل پهاڪن جي ڪتابن ۾ اها ترتيب نظر اچي ٿي ۽ انهن ۾ اهنجن لفظن جون معنائون پڻ مختلف جڳهين تي آندل آهن.

**آڳاٽن ۽ متروڪ لفظن جون لغتون** (Dictionaries of Ancient & Obsolete Words): آڳاٽا لفظ ٻوليءَ جي قدامت، ثقافت ۽ تهذيب جو اهڃاڻ هوندا آهن. ڪن حالتن ۾، اهي لفظ متروڪ ٿي، ماضيءَ جو حصو بڻجي ويندا آهن. ڇاڪاڻ تہ ٻولي مسلسل تبديليءَ جي عمل مان گذرندي رهندي آهي، جنهن سان ٻوليءَ جي لفظن سميت انهن جون معنائون پڻ بدلجن ٿيون. اهڙي مسلسل عمل هيٺ ڪي لفظَ مستقل طور متروڪ ٿي ويندا آهن، ڪي لفظ ٿورو يا گهڻو بدلجي پوندا آهن، تہ ڪيترن ئي لفظن جي معنائن ۾ غير محسوس طور ڦيرو بہ اچي ويندو آهي، جنهنڪري انهن کي سمجهڻ اوکو ٿي پوندو

آهي. ان ڪري ٻولين جي متروڪ ٿي ويل ۽ متروڪ ٿيندڙ لفظن جون لغتون جوڙيون ويندڙيون آهن. تہ جيئن ٻوليءَ جي لفظن سان تعلق برقرار رهي ۽ ماضيءَ ۾ سرجيل ادب بہ حال سان ڳنڍيل رهي. سنڌيءَ ۾ گنگا رام سمراٽ جي جوڙيل ’اسان ڪي متان وساريو‘ اهڙي قسم جي لغت آهي.

**ڪرانالاجيڪل لغتون** (Chronological Dictionaries): لغتن جي هن قسم ۾ لفظ ۽ انهن جون معنائون درج نہ هونديون آهن، پر اهڙين لغتن ۾ تاريخوار واقعن، قصن، حالتن وغيره جي وچور پيش ڪئي ويندي آهي. ايم. ايڇ. پنهور پاران انگريزي ٻوليءَ ۾ مرتب ڪيل لغت `Chronological Dictionary of Sindh` ان جو هڪ مثال آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اڃا ان قسم جي لغت نہ جُڙي آهي.

**سوانحي لغتون** (Biographical Dictionaries): هي لغتون مختلف شعبن جي معروف شخصيتن جي حياتين جي واقعن تي مشتمل هونديون آهن. ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻيءَ جي انگريزيءَ ۾ جوڙيل لغت `A Dictionary of Sindhi Literature` ان جو هڪ مثال آهي، جنهن ۾ اديبن جا مختصراً الف-بي وار تعارف ڏنل آهن. جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اڃا اهڙي لغت مرتب نہ ٿي آهي.

**انسائڪلوپيڊيائي ۽ حوالاجاتي لغتون** (Encyclopedic & Reference Dictionaries): هي لغتون انسائڪلوپيڊيا ۽ لغت جو ميل آهن، جن ۾ معلومات جو دائرو نسبتاً ڪشادو هوندو آهي ۽ لفظن جي معلومات پڻ ڏنل هوندي آهي. سنڌيءَ ۾ اڃا ’انسائڪلوپيڊيائي لغت‘ مرتب نہ ٿي آهي، البت انسائڪلوپيڊيا جي لفظ سان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ’انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا‘ جا 12-جُلد، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي پاران ’شاهہ عبداللطيف ڀٽائي انسائيڪلوپيڊيا‘ (جلد پهريون)، ڊاڪٽر بدر ڏامراهي جي لکيل ’لطيفي انسائيڪلوپيڊيا‘ ۽ بدر ابڙي جي لکيل ’سنڌ جي جهنگلي جيوت‘ (موضوع وار انسائيڪلوپيڊيا-1) ڇپجي چڪا آهن، جيڪي حوالاجاتي ڪتاب آهي.

**اُچارِي لغتون** (Pronouncing Dictionaries): هي لغتون هڪ ئي ٻوليءَ جي لفظن جي مروج مختلف اچارن تي مشتمل هونديون آهن. سنڌيءَ ۾ اڃا هن قسم جي لغت مرتب نہ ٿي آهي.

**تصورن تي مشتمل لغتون** (Conceptual Dictionaries): هن قسمن جي لغتن ۾ لفظن کي، الف-بي وار ترتيب ۾ پيش ڪرڻ جي بدران، تصورن يا معنوي ڳانڍاپن آڌار مرتب ڪيو ويندو آهي. اهڙين لغتن کي ’آئڊيوگرافڪ يا آئڊيالاجيڪل ڊڪشنري‘ پڻ چئجي ٿو. ان جي نمونن ۾ ’تصويري لغتون‘ (Picture or Pictorial Dictionaries، جن ۾ لفظ جي معنيٰ ۾ تصوير ڇپي ويندي آهي)، ’ٿسارس‘ (Thesaurus) ۽ ’وزيوئل ڊڪشنري‘ (Visual Dictionary، جنهن ۾ لفظن سان گڏ تصويرن کي ڪتب آندو ويندو آهي) شامل آهن. ان جي آنلائين مثال ۾ ”Onelook.com“ ۽ ڇاپي مثال ۾ ’Diccionario Ideológico de la Lengua Española‘ شامل آهن. تصورن تي مبني ڊڪشنرين کي ’رِوَرس ڊڪشنري‘ (*reverse dictionary*) پڻ ڪوٺيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ منجهن مکيہ لفظن (*headwords*) بدران تصورَن، فقرن (*phrases*) يا وصفن موجب مرتب ڪيو ويندو آهي. رورس ڊڪشنريءَ جي مثال ۾، ’ريڊرس ڊائجيسٽ رورس ڊڪشنري‘ ۽ ’برن اِسٽينس رورس ڊڪشنري‘ شامل آهن.(21) اِي.سِي پارنويل جي ’اوڪسفرڊ باتصوير ڊڪشنري‘ ۽ پروفيسر بشير احمد منگيءَ جي ’ٻارن لاءِ تصويري سنڌي-انگريزي لغت‘ کي ان قسم جي لغتن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو جيتوڻيڪ اهي ٻہ-ٻوليائي لغتون بہ آهن.

**واهپي جون لغتون** (Dictionaries of Usage): ان قسم جون لغتون، مختلف موضوعن جي لحاظ کان، لفظن جي درست واهپي ۾ مددگار ٿينديون آهن. اهڙيون لغتون گهڻي ڀاڱي ليکڪن، ايڊيٽرن ۽ مؤلفن جي تحريرن کي بهتر، مناسب ۽ ٺهڪندڙ لفظ جي سهولت ميسر ڪري، سندن تحريرن کي سگهارو ۽ اثرائتو بڻائينديون آهن. لفظن جو اهڙو واهپو صحيح اچار، صحيح هِجي ۽ صحيح لکيت جي آگاهي ڏيندڙ پڻ هوندو آهي. سنڌيءَ ۾ اڃا ان قسم جي ڪا لغت مرتب نہ ٿي آهي. انگريزي ٻوليءَ ۾، جان اوِ.اِي. ڪلارڪ جي مؤلف ڪيل `Dictionary of English Usage` (2012ع) ۽ ” Dictionary of Current English Usage“ ان جا مثال آهن.

**بازاري لفظن (ٻوليءَ) جون لغتون** (Slang Dictionaries): هن قسم جي لغتن ۾ بازاري، غير رسمي يا بي تڪلف لفظن جي سهيڙ ڪئي ويندي آهي، جنهن سان مختلف طبقن، ڌنڌن، ماڻهن وغيره جي ڳالهہ ٻول ۾ ايندڙ اهڙن لفظن ۽ اصطلاحن جون معنائون ڄاڻي ۽ ريڪارڊ تي آڻي سگهبيون آهن. پاڪستاني ٻولين مان اردوءَ ۾ هن قسم جو ڪجهہ

ڪم ٿيو آهي، پر سنڌيءَ ۾ اجا نہ ٿيو آهي.

**نالن جون لغتون** (Dictionaries of names): هر نئين ڄاول ٻار تي نالو رکڻ دوران ان جي معنيٰ، تهذيبي ۽ ثقافتي پس منظر کي خاص طور تي ڌيان ۾ رکيو ويندو آهي، تہ جيئن ٻار جي شخصيت تي سٺي نالي جو اثر بہ ٿئي ۽ سڏڻ ۾ بہ پيلو لڳي. ان ڪري ’نالن جون لغتون‘ پڻ جوڙيون وڃن ٿيون. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن قسم جي لغت اجا مرتب نہ ٿي آهي، البت انگريزي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ اهڙيون لغتون مرتب ٿيل آهن.

**قولن ۽ گُفتن جون لغتون** (Dictionaries of Quotations and Sayings): هن قسم جي لغتن ۾، مختلف نامور سياسي ۽ سماجي شخصيتن جي چوڻين ۽ تقريرن، ۽ اديبن جي لکڻين مان چونڊ قول ۽ جُملا سهيڙيا ويندا آهن، جن جي ترتيب موضوعن ۽ الف–بي آڌار ڪئي ويندي آهي. ان لحاظ کان اهڙي لغت کي ’خيالن جي لغت‘ پڻ سڏي سگهجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ اجا هن قسم جي ڪا لغت ڇپي نہ آهي، البت مختلف شخصيتن جي قولن ۽ چوڻين جي مجموعن سميت گڏيل قولن، چوڻين ۽ گفتن جا ڪتاب ڇپيا آهن، جن مان ڪن ڪتابن ۾ موضوعن کي عنوانن سان نروار ڪيو وآهي، تہ ڪن ۾ هڪ ٻئي پٺيان، بنا عنوان جي، مختلف قول درج ڪيا ويا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل اهڙن ڪتابن ۾، ”صدر ٽِني چيو“ (1972–73ع ڏاري ڇپيل، مرتب نامعلوم)، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي پاران ترجمو ڪيل ’ٽِني جا قول‘، حبيب الله صديقيءَ پاران سهيڙيل ’ٽِني چيو‘ (1995ع)، نور احمد ميمڻ جو مرتب ڪيل ’ايئن چيو محمد ﷺ‘ (1998ع)، وحيد ڪلوڙ، رياض شيخ ۽ سهيل ميمڻ جو سهيڙيل ’جيئَم جا قول‘ (2000ع، سائين جِي ايم سيد جا قول)، سرمد لطيف جو مرتب ڪيل ’سيد جا قول‘ (2001ع)، مولا بخش چانڊئي جو مرتب ڪيل ’قائد عوام جا قول‘ (2007ع)، محمد ڪامل ميمڻ جو سهيڙيل ’سدا بهار قول‘ (2008ع، مختلف شخصيتن جا قول)، استاد نبي بخش منگيءَ جو سهيڙيل ’ڏاتر ڏني ڏات‘ (2011ع)، نثار احمد پناڻ جو مرتب ڪيل ’اقوالِ زرين‘، فقير محمد سنڌيءَ جو مرتب ڪيل ’عظيم هستين جا عظيم قول‘ (2012ع)، خالد سراج جو سهيڙيل ۽ آفتاب حسين جي ترجمو ڪيل ’حضرت محمد ﷺ جا قول‘ وغيره شامل آهن. حقيقت ۾، اهڙن ڪتابن ۾ آندل متن کي موضوعوار ورهائي، الف–بي جي لغت واري ترتيب ۾ پيش ڪجي، تہ جيئن گهربل موضوع کي سهنجائيءَ سان ڳولي

سگهجي ۽ اهڙي ڪتاب جي پيشڪش ڪي لغت نويسيءَ ۾ جوڳي جڳهه ٻه ڏئي سگهجي.

لغتن جي انهن قسمن ڪانسواءِ خاص (special) لغتن ۾ ٻيون به انيڪ قسمن جون لغتون جوڙيون ويون آهن. جن ۾ مخففن (abbreviations) جون لغتون، ٻٽن لفظن جون لغتون (جهڙوڪ ڊاڪٽر غلام قادر سومري جي ’سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت‘)، مشترڪ لفظن جون لغتون، اشاراتي ٻوليءَ (sign language) جون لغتون وغيره شامل آهن.

**نتيجا:** ٻولي لفظن ۽ انهن جي معنائن سان سلهاڙيل آهي. ٻوليءَ جي لفظن ۽ انهن جي معنائن ۽ مطلبن جي ڄاڻ لغتن منجهان هر هڪ حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي گفتگو تقرير ۽ تحرير کي ڀرپور ۽ پُر اثر بڻائي سگهي ٿو. گهڻن قسمن جي لفظن، انهن جي بيهڪن، مطلبن، معنائن، اشتقاقن، موضوعن ۽ مرادن جي لحاظ کان، نه صرف لغتن جي وصفن کي جامع بڻايو ويو آهي، پر لغتن جا قسم پڻ وضع ڪيا ويا آهن، جن بابت لغتن جي ارتقائي تاريخ مان پڻ پروڙ پئي ٿي. لغتن جي انهن بنيادي قسمن ۾ ’هڪ-ٻوليائي عام مقصدي لغتون‘، ’ٻه-ٻوليائي ۽ گهڻ-ٻوليائي لغتون‘، ’عالماڻيون لغتون‘ ۽ ’خاص لغتون‘ شامل آهن. جڏهن ته ’خاص لغتن‘ جي ذيلي قسمن ۾ اشتقاقي لغتون؛ هنرن، ڌنڌن ۽ فنن جون لغتون؛ لهجن جون لغتون؛ ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعرن ۽ نثرنويسن جون لغتون؛ مقدس ڪتابن، صحيفن ۽ خاص ڪتابن جون لغتون؛ پهاڪن، چوڻين، ورجيسن ۽ اصطلاحن جون لغتون؛ آڳاٽن ۽ متروڪ لفظن جون لغتون؛ ڪرانالاجيڪل لغتون، سوانحي لغتون؛ انسائڪلوپيڊيائي ۽ حوالاجاتي لغتون، اُچاري لغتون، ذهن نشينيءَ واريون لغتون، واهپي جون لغتون، بازاري لفظن (ٻوليءَ) جون لغتون؛ نالن جون لغتون، قولن ۽ گُفتن جون لغتون وغيره شامل آهن.

## حوالا


1. سيوهاڻي، فتح محمد، حڪيم: ’آفتابِ ادب عرف ساهت جو سج‘، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون 1974ع، ص: 3
2. ساڳيو، ص: 4
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: ’ٻولي، ان جي ابتدا ۽ اوسر‘، مقالو، ڪتاب: ڊاڪٽر غلام علي الانا جا

چونڊ مضمون ۽ مقالا، مرتب: گل شير بلوچ، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1993ع، ص: 9

4. ٻگهيو قاسم، ڊاڪٽر: 'سنڌي ٻولي: لسانيات کان سماجي لسانيات تائين'؛ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو پهريون 1998ع، ص: 26

5. قادري، مدد علي، ڊاڪٽر: 'لغت سازيءَ جا اصول'، مقالو، ڪتاب: 'لغت نويسيءَ بابت مضمون ۽ مقالا'، مرتب: رياضت ٻرڙو، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، ڇاپو پهريون مارچ 2018ع، ص 81

6. https://en.wikipedia.org/wiki/Promptorium_parvulorum . [Accessed: 18/08/2016]

7. The Oxford English Reference Dictionary, Edited by Judy Pearsall and Bill Trumble, Oxford University Press New York, 1995, P. 395

8. Cassell Concise English Dictionary, Cassell Wellington House, London, England; Updated Edition 1995, P. 361

9. Morris, William. Editor: The American Heritage Dictionary of the English Language, American Heritage Publishing Co., Inc. & Houghton Mifflin Company, New York, Ed. 1971, P. 366

10. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: 'جامع سنڌي لغات' (جلد پنجون)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ڇاپو پهريون 1988ع، ص 2502

11. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: مقدمو، ڪتاب: 'لغات سنڌي مخففات'، مؤلف: مخدوم محمد زمان طالب المولي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پهريون 1991ع، ص:ص ص: ق_خ

12. لغت، فرهنگ، ڪوش، گلاسري، انسائڪلوپيڊيا اصطلاحن بابت راقم جا ٻه مقالا 'سنڌي ٻولي' (جُون 2019ع) ۽ 'ڪارونجهر' (جُون 2019ع) ۾ ڇپيل آهن، جن ۾ انهن اصطلاحن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي.

13. The New Encyclopaedia Britannica (Volume 18), Macropaedia, Encyclopaedia Britannica, Inc., 15th edition 2007, Pp. 281-282

14. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: مقدمو، ڪتاب: 'لغات سنڌي مخففات'، مؤلف: مخدوم محمد زمان طالب المولي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پهريون 1991ع، ص: ج)

15. 'تاريخي لغت' (Historical Dictionary) ۽ 'تاريخ جي لغت' (Dictionary of History) ٻه الڳ اصطلاح ۽ ترڪيبون آهن.

16. سبز واری، شوکت، ڈاکٹر: تعارف؛ 'لغت کبیر' اردو، جلد دوم (حصہ اول)، مولفہ ڈاکٹر مولوی عبدالحق؛ کراچی: انجمن ترقی اردو پاکستان، اشاعت اول 1977ء، ص: 12

17. 'ٿسارس لنگئا لاطيني' رٿا جي شروعات 1894ع ۾ ٿي هئي جنهن بابت طئي ڪيو ويو هو ته اها 2050ع ۾ مڪمل ٿيندي 'تاريخي اصول' تي جوڙيل ان عالماڻي لغت جي ڇپائي 1900ع ۾ شروع ٿي، پر 2009ع تائين ان عالماڻي لغت جو ڇپيل ڪم 'P' اکر تائين اُڪلائجي، پڌرو ٿي سگهيو

جيڪو ڏهن جُلدن (volumes) جي 158 ڀاڱن (fascicles) تي مشتمل آهي. موجوده وقت ۾ ان جي N ۽ R اکرن تي ڪم هلندڙ آهي ۽ R جا چار جُلد ڇپجي چڪا آهن. اِن عالماڻي لغت تي، جرمنيءَ جي شهر ميونخ ۾ ”بَويرين اڪيڊمي آف سائنسز اينڊ هيومنٽيز“ ۾ قائم اداري ۾ ڪم جاري آهي، جنهن سان دنيا جي 23 ملڪن ۾ 31 اڪيڊميون ۽ علمي ادارا سهڪاري آهن. اردو ٻوليءَ جِي ”اردو لغت (تاريخي اصول پر)“ (22_جلدن ۾ مڪمل ڇپيل: 1977_2009ع) ”عالماڻي لغت“ جو هڪ مثال آهي. سنڌي ٻوليءَ جِي ’مفصل سنڌي لغت‘ جي رٿا ڪي به ان ئي ارادي سان شروع ڪيو ويو آهي.

18. ’اوڪسفرڊ انگلش ڊڪشنريءَ‘ تي 1857ع ۾ ڪم جي شروعات ٿي، پر ان جو پهريون ڀاڱو 1884ع ۾ 'A New English Dictionary on Historical Principles' جي نالي سان ڇپيو. 1895ع ۾ مٿس 'The Oxford English Dictionary (OED)' ڇپيو ويو. اها لغت 1928ع تائين، مڪمل طور، 10_جلدن ۾ ڇپجي پڌري ٿي، جن ۾ نائون ۽ ڏهون جلد ٻن ٻن ڀاڱن تي مشتمل هئا. 1928ع ۾ ئي، ان جا 10_جلد گڏ ڇپرايا ويا. ان جو ٻيو ڇاپو 20_جُلدن ۾ 21728 صفحن تي مشتمل، 1989ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

19. 'غريب اللغات' ۾ ٽن سُرن: ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ ۽ ڪنڀات جون معنائون، بيتن جي ترتيب موجب، شامل آهن.

20. 'جامع لغات لطيف' ۾ پنج سُر: ڪلياڻ، يمن، ڪنڀات، بروو ۽ گهاتو شامل آهن، پهرين شاهه جو بيت ڏئي، پوءِ ان ۾ شامل اهنجن لفظن جي معنيٰ ڏني وئي آهي. ان ”لغت“ جو تفصيلي مطالعو الڳ پيش ڪيو ويندو.

21. https://en.wikipwdia.org/wiki/Conceptual_dictionary.

ڊاڪٽر مخمور بخاري

# جديد دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي درپيش مسئلا

# Problems Faced by Sindhi Language in Present Age

**Abstract:**

*Languages fall in the realm of Social Sciences, so their analysis could be carried out scientifically. Sindhi Language is one of the oldest languages of Sub-continent. There are numerous linguistic capabilities of every type in it. In this age of Computational technology, for the recognition and maintenance of the true status of any language, language experts are supposed to comprehend the problems of languages and come up with their solution in the light of language related technology.*

*Sindhi Language is not only facing external problems but also internal ones, which include correct usage of Sindhi, use of Sindhi as medium of instruction/education at Primary and Secondary levels, and recognition of Sindhi as Market Language. These issues related to Sindhi language need to be discussed productively for their proper solutions.*

*This paper is meant to study some of the aforementioned problems of Sindhi language.*

ٻولي آوازن جي مجموعي هجڻ سان گڏ هڪ سائنسي ۽ سماجي علم بہ آهي، ٻولي نظر نہ اچڻ باوجود مادي جيتري حيثيت رکي ٿي. اسان جڏهن ٻوليءَ لاءِ سماجي ۽ سائنسي علم جو خيال ظاهر ڪريون ٿا تہ اهو سمجهڻ گهرجي تہ ان کي انهن ئي علمن ذريعي سان پرکي/پروڙي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ ان ڳالهہ کان ڪنهن بہ طرح انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ ماءُ ٻوليءَ سان تعلق جذباتي ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ لاشعوري عمر ۾ جڏهن ڪنهن بہ آواز جي تصوير جو عڪس اسان جي ذهن ۾ اڪريل نہ آهي تہ ان وقت ماءُ جو آواز/ ڳالهاءُ اهڙا لفظي عڪس ٻار جي ذهن ۾ نقش ڪري ٿو. يقيناً، اهڙي حالت ۾ ان ٻوليءَ سان جڙندڙ تعلق ماءُ جي شفقت، ٻاجهہ ۽ ممتا وارو آهي. سائنسي علمن موجب، ٻار جي تصوراتي دنيا جو جُڙڻ بہ ان عمل سان سڌيءَ طرح واسطو رکي ٿو. تنهنڪري ٻار کي ماءُ ٻوليءَ ۾ بنيادي تعليم ڏيڻ انتهائي ضروري

آهي، جنهن ٻوليءَ کي ٻار ڄمڻ کان وٺي غيرشعوري طور تي سکيو آهي، يا ان جي ذهن ۾ اها ٻولي نقش ٿيل آهي، تنهنڪري بهتر اهو آهي تہ ان ئي ٻوليءَ ۾ ٻار کي بنيادي لفظي سکيا ڏني وڃي.

يونيسڪو نومبر 1951ع ۾ ٻار کي مادري زبان ۾ بنيادي تعليم ڏيڻ جو حق تسليم ڪندي اهو پڌرو ڪيو تہ:

”ٻار لاءِ بهترين تعليمي ذريعو سندس مادري زبان آهي. شاگردن کي مادري زبان ذريعي ئي بهترين تعليم ڏيئي سگهجي ٿي. تعليم، سنئي نموني سان مادري زبان ذريعي ئي حاصل ٿي سگهي ٿي، پوءِ ڀلي تہ شاگرد ڪو ٻار هجي يا بالغ. قومي زبان مادري زبان جي جاءِ نٿي ڀري سگهي.(1)

ان نُڪتي جي اهميت کي محسوس ڪندي، سنڌي ٻوليءَ جي ناملياري عالم ۽ اديب عثمان علي انصاري پنهنجي هڪ ليک ’قومي زبان – تعليمي زبان‘ ۾ لکيو تہ:

”سنڌي ٻار کي سنڌي زبان ۾ تعليم ڏيڻ گهرجي. جنهن جي گهر ۽ ماحول جي زبان سنڌي آهي ۽ جنهن ٻار جو شعوري ۽ نيم شعوري (سجاڳي ۽ ننڊ) حالتن ۾ سنڌي زبان سان واسطو رهي ٿو ۽ گهٽ کان گهٽ وقت اُها زبان ڳالهائيندو يا ٻڌندو ٿو رهي.“ (2)

اهو بحث گهڻو پراڻو هئڻ باوجود هر دور ۾ نئون پڻ آهي. اسان جون موجوده حالتون ٻوليءَ جي حوالي سان جنهن بهتري ڏانهن وڌڻ گهرجن، افسوس تہ اڻين نہ ٿيو ٿئي ۽ گهربل نتيجو بہ نہ ملي رهيو آهي. جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري سرپرستي حاصل آهي، پر سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا اها سرپرستي عملي طور بہ لاڳاپيل آهي، يا فقط اها سرڪاري رويي جي ور چڙهيل آهي. سنڌي ڳالهائيندڙ چاهين ٿا تہ سنڌي ٻوليءَ کي ان جي قدامت ۽ لساني خوبين مطابق حيثيت ۽ مڃتا ملڻ گهرجي، جنهن جي هيءَ ٻولي حقدار بہ آهي.

**سنڌي ٻوليءَ کي درپيش مسئلا :** تاريخ جا صفحا ان ڳالهہ کان ڪنهن بہ طرح انڪار ڪري نہ سگهندا تہ سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون هن خطي جي هزارن سالن جي قدامت ۾ ڦهليل آهن. تاريخ ۽ وقت ثابت ڪيو آهي تہ سنڌي ٻولي سنڌ جي ئي آهي. ان جون پاڙون هن ئي خطي ۾ کتل آهن(3)

ان سان گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ تاريخ جو طويل سفر طئي ڪندي ٻين ٻولين ڪي ڪيترو ڪجهہ ڏنو ورتو هوندو، ڪيترائي ثقافتي ۽ سماجي رنگ مٿس اثرانداز ٿيا هوندا، ٻوليون ثقافت کي بہ رنگينديون آهن تہ انهن جا رنگ بہ پاڻ تي ڪٽنديون آهن. سنڌي ٻولي اهڙو شاهوڪار ماضِي رکندڙ ٻولي آهي، جنهن جي اهميت ۽ حيثيت هر دؤر ۾ مجيل آهي.

سماجي لسانيات جي حوالي سان ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو لکي ٿو:

"ٻولي بہ ڪائنات ۾موجود ٻين شين وانگر هر وقت تبديليءَ جي حالت ۾ آهي. ايتري قدر جو صرف سؤ سال اڳ جي (ڳالهايل سنڌي آوازن جي صورت ۾ اسان وٽ رڪارڊ ٿيل ڪونہ آهي.) لکيل سنڌي بہ اڄ جي لکجندڙ سنڌي کان گهڻو مختلف آهي. جارج گريئرسن 100 سال اڳ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڳالهائجندڙ سنڌي جيڪا روينيو عملدارن جي ذريعي لکت ۾ آندي، اڄ جي ڳالهائجندڙ توڙي لکجندڙ سنڌيءَ کان گهڻو مختلف آهي." (4)

سنڌي سماج پنهنجي ثقافتي ۽ تهذيبي رنگ ڍنگ توڙي ادب، علم ۽ ڄاڻ جي حوالي سان هڪ زنده ۽ معتبر سماج جي حيثيت رکي ٿو جنهن جي بنيادي حقن ۾ پنهنجي ٻوليءَ جي بقا، حفاظت ۽ مؤثر ڦهلاءُ پڻ شامل آهي، جيڪو ان جي قومي تشخص جي زنده رهڻ لاءِ لازمي آهي.

ٻولي ڪنهن بہ قوم جي اسرڻ يا ان جي اعليٰ حيثيت کي ميرائڻ ۾ هڪ اهم وجود رکي ٿي ان لاءِ لازم آهي تہ ٻار کي سڀ کان پهرين ان جي ماءُ ٻوليءَ ۾ تعليم ڏني وڃي، پر حقيقت اها آهي تہ سنڌ ۾ سرڪاري يا هڪ ڪجهہ خانگي اسڪولن کي ڇڏي، اڪثر اسڪولن ۾ ٻار کي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم نہ ٿي ڏني وڃي. ڪيترن ئي نالي جي انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾ ٻار سان انگريزيءَ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ بدران، اردوءَ ۾ گفتگو ڪئي وڃي ٿي، ڪن خانگي اسڪولن ۾ تہ سنڌي ڳالهائڻ تي بہ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو وڃي ٿو! هتي هن ڳالهہ ڪرڻ جو مقصد ڪنهن بہ زبان/ ٻوليءَ تي تنقيد نہ آهي، بلڪ ڪليل واضح تضاد کي ظاهر ڪرڻ آهي، جنهن اسڪول کي انگريزي ميڊيم چيو وڃي ٿو ۽ ٻار جي مائٽن کان ڀريون فيون ورتيون وڃن ٿيون، اتي فقط هڪ ئي ٻوليءَ کي ئي فوقيت ڏني وڃي ٿو. جيڪو ڪنهن بہ طرح سنڌي ٻوليءَ

سان مناسب رويو نہ آهي. ٻار اسڪول ۾ اردو ۽ انگريزي پڙهي يا ڳالهائي ٿو. گهر يا گهٽيءَ ۾ سنڌي، تہ وري مذهبي تعليم لاءِ عربي! هاڻ اهو چئن مختلف زبانن جو مرڪب بڻجندو ٿو وڃي پر هن معاملي ۾ فقط اهي فرد ذميوار نہ آهن، جيڪي پنهنجي ڪاروبار لاءِ تعليم ۽ ٻولي کي استعمال ڪري رهيا آهن، اُن ۾ وڏيڪ ڏوهاري اسين پاڻ آهيون، جيڪي مائٽ جي حيثيت ۾ پنهنجي ٻارن کي اهڙن اسڪولن ۾ داخل ڪرايون ٿا ۽ انهيءَ جي مالڪن جي هر ڳالهہ کي مڃون ٿا ۽ اُنهن سان پهرين ڪلاس کان ٻار کي سنڌي ٻولي پڙهائڻ جو ضد نہ ٿا ڪريون. سڀ کان وڏيڪ ٻي خرابي کهڙي ٿيندي جو اسان جي ڪيترن ئي سنڌي ٻوليءَ جي گهٽگهرن جي ٻارن کي سنڌي لکڻ، پڙهڻ نہ ايندي آهي، ڪيترائي مثال اسان جي سامهون موجود آهن. اسان انهن لاءِ ڇا چئون ۽ حيرت جهڙي ڳالهہ اِها آهي تہ اُنهن مان ڪجهہ سوشل ميڊيا تي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تباهي جون ڳالهيون ڪن ٿا.

ساڳئي وقت ان ئي تسلسل ۾ ڪن ٻين ڳالهين ڏانهن بہ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. تہ جيڪي نوان اعليٰ تعليمي ادارا کلي رهيا آهن، انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو شعبو کولڻ لاءِ اختيار ڏٽين کي ڪابہ دلچسپي نہ آهي. سنڌ جي ڪن يونيورسٽن جي فيڪلٽين ۾ تہ سنڌي ٻوليءَ جو وجود بہ ناهي! بلڪ هاڻ ڪجهہ سالن کان نہ ڄاڻ ڪهڙي حڪمت عمليءَ تحت سوشل سائنسز فيڪلٽيءَ جي مختلف شعبن مان لازمي يا مائينر مضمون طور پڙهائي ويندڙ سنڌي ٻوليءَ جو ڪورس بہ خارج ڪيو ويو آهي. هيءَ صورتحال خطرناڪ آهي، جنهن ڏانهن اسان کي سنجيدگيءَ سان سوچڻو پوندو. هڪ طرف غير سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي ٻوليءَ سان ماٽيجي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي، تہ وري ٻئي طرف سنڌ جي سرڪاري يونيورسٽين ۾ اهڙي صورتحال پيدا ڪئي پئي وڃي. هتي هڪ اهم نڪتي ڏانهن بہ ڌيان ڇڪائڻ ضروري آهي تہ سنڌ جي جنرل يونيورسٽين ۾ قائم سنڌي شعبن کي محدود رکيو ويو آهي، يعني انهن شعبن کي انسٽيٽوٽ ۾ تبديل ڪري ان ۾ ادب ۽ ٻوليءَ جا الڳ لڳ شعبا قائم نہ ڪيا ويا آهن، ان لاءِ جدا جدا ڪورس تيار ڪرڻ گهرجن، جيئن هن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ’انسٽيٽوٽ آف انگلش لئينگويج اينڊ لٽريچر‘ جهڙو ادارو موجود آهي، جنهن ۾ داخل ٿيندڙ شاگرد کي انگريزي ٻولي ۽ ادب ۾ الڳ الڳ چئن سالن جي B.S جي ڊگري ڏني وڃي ٿي. اسان وٽ هن قسم جون ڪوششون نہ ئي انهن

شعبن ۾ مقرر ذميوارن ورتيون آهن ۽ نہ ئي هائير ايجوڪيشن ڪميشن ڪڏهن ان بابت ڪا نظر ثاني ڪئي آهي. جڻ اهي ڳالهيون انهن جي ايجنڊا تي ئي شامل نہ آهن.

اعليٰ تعليمي ادارا بنيادي طور رياست ڪي هلائڻ لاءِ هڪ تربيت يافتہ فرد يا ماهر تيار ڪندا آهن. جيڪڏهن انهن ئي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ سان اهڙو رويو اختيار ڪيو ويو تہ اها صورتحال تشويشناڪ آهي. هن وقت تائين هتي سنڌيءَ ۾ تعليمي صورتحال تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي آهي. سنڌي ٻوليءَ کي ان ڪانسواءِ بہ ڪيترائي مسئلا درپيش آهن، جن ۾ سنڌيءَ ۾ سائن بورڊ ,آفيسن جون تختيون توڙي سرڪاري آفيسن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لکتي واهپي کان وٺي قومي ٻوليءَ جي حيثيت تسليم ڪرڻ تائين، اڪيچار مسئلا موجود آهن. جن بابت اسان جا عالم اديب ڏاها گفتگو تہ ڪندا آيا آهن، پر اجان تائين ان جو ڪو ڪڙ تيل نہ نڪتو آهي.

دنيا ۾ ٻوليون هاڻ جدت سان ڪمپيوٽيشنل ميدان ۾ گهڻو اڳتي نڪري چڪيون آهن ۽ اسان کي پنهنجي ٻوليءَ کي پيش ايندڙ مسئلن ۽ مونجهارن بابت پڻ فڪر مند رهڻو پئي ٿو. جنهن تيزيءَ سان ٽيڪنالاجي ترقي ڪري رهي آهي، اسان کي پنهنجي ٻوليءَ کي بہ ان رفتار سان اڳتي آڻڻو پوندو.

ڪمپيوٽنگ جي دنيا ۾ سنڌي ٻوليءَ کي درپيش مسئلن ۾ سڀ کان اهو مسئلو ٻوليءَ جي درست استعمال جو آهي. پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي جيڪا ٻولي ڳالهائي يا لکي وڃي ٿي، ڇا اها پوريءَ طرح درست آهي؟ ڇا ان تي نظرثاني ڪئي وڃي ٿي؟، ريڊيو توڙي ٽي وي جي خبرن ۾ بہ سنڌي لفظن جي اُچارن جون غلطيون روز ٿين ٿيون. اڪثر سنڌي نيوز ڪاسٽر ۽ پروگرامن جا ميزبان بہ سنڌي درست تلفظ جو ڪو خيال نہ ٿا رکن. ساڳيءَ ريت پرنٽ ميڊيا پڻ اهڙين غلطين کان پاڻ کي بچائي نہ سگهي آهي. ادارا ڪاروباري بڻجڻ چاهين ٿا، جيڪا هڪ مثبت سوچ آهي پر ان ڪاروبار ۾ ٻوليءَ جو بگاڙ ڪهڙي ريت درست آهي؟ اسان جا اڪثر سنڌي چئنل اهڙن ميزبانن، پروڊيوسرن توڙي ڊائريڪٽرن کي پنهنجي چئنلن تي جاءِ ڏين ٿا جيڪي ڪانئن گهٽ معاوضو وصول ڪن ٿا. ڏک جي ڳالهہ تہ اها آهي تہ بہ ڏوڪڙ بچائڻ جي خيال کان معيار کي ڪيرايو وڃي ٿو. غير تربيت يافتہ فردن کي جڏهن سيٽلائيٽ چئنلن تي ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي ٿو تہ ان حالت ۾ جتي سنڌي سماج

جي فڪري آبياري کي ڌڪ لڳي ٿو ساڳئي وقت سنڌي ٻوليءَ جو به نقصان ٿئي ٿو. سستي شيءِ معيار کي ڪيرائي ڇڏيندي آهي، نتيجي ۾ سڀ کان وڏيڪ نقصان سنڌي ٻوليءَ کي سنڌي ڳالهائيندڙن وٽان ئي ٿئي ٿو.

سماج جو مجموعي عڪس ان جو مجموعو هوندو آهي، سوشل ميڊيا تي سنڌي سماج جو اولڙو موجود آهي، جيڪو ڪيتري حد تائين مثبت آهي يا منفي ان بابت پاڻ سڀ واقف آهيون. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ بابت اهڙي ڳنڀير صورتحال ڇو پيدا ٿي رهي آهي. ان جا بنيادي ڪارڻ ڇا آهن، ڇا سنڌي ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي مالڪي ڪري رهيو آهي؟ ان جا ڪجهه سبب هي ٿي سگهن ٿا:

- ❖ مادري زبان ۾ ٻار کي ابتدائي تعليم نه ڏيڻ ۽ هڪ وقت ئي، هڪ کان وڌيڪ ٻوليون پڙهائڻ سبب ان جي مادري زبان تان مهارت جو گهٽجڻ. ساڳئي وقت اسڪولن توڙي ڪاليجن ۾ لائبريرن ۾ سنڌي ڪتابن جو فقدان، شاگردن ۾ بحث مباحثو يا ان قسم جا ٻيا عمل يا مشق، جن جي ڪرڻ سان ٻار يا شاگرد جي ذهني صلاحيت وڌيڪ تيز ٿئي ٿي.
- ❖ ادب توڙي ٻوليءَ جي مڪمل سکيا جو عمل رڪجڻ يا گهٽجڻ سبب ٻولي ڳالهائيندڙ جي تخليقي صلاحيتن جو درست استعمال نه ٿيڻ. مثال طور: اسان وٽ ماضيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت ان حوالي سان اهم مورچو هو جنهن جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ نون لکندڙن جي ادبي آبياري توڙي ٻوليءَ جي حوالي سان تربيت ٿيندي هئي.
- ❖ سنڌي ٻارن لاءِ ڇپجندڙ رسالن توڙي اخبارن جي صفحن جو گهٽجڻ يا ان جي معيار ۽ موضوعن بابت توجه نه ڏيڻ سبب نون پڙهندڙن يا لکندڙن جو معيار قائم نه ٿيڻ به اهم آهي. هي مورچو به سڀ کان اهم آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ جا نوان پڙهندڙ توڙي لکندڙ اسان جو اڄ جو ٻار آهي، جيڪو اسان جو آئيندو آهي
- ❖ سنڌي سماج جا اڪثر سرمائيدار ڪاروباري ٻڌجي وڏيڪ پئسو ڪمائڻ چاهي ٿو جيڪو بهتر ته آهي پر هو ان ڊوڙ ۾ اهو وساري وينو آهي ته سندس سڃاڻپ سڀ کان اهم آهي ۽ اها سڃاڻپ سندس ماءُ ٻولي آهي، جنهن ڏانهن هن جو رويو غيرذميوارڻو آهي.

پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب کان اسان جيترا پري ٿينداسين، اوترائي

پنهنجي اصليت يا سڃاڻپ کي وڃائيندا آهيون. چاڪاڻ ته هي دور تهذيبي ، ثقافتي، لساني ۽ سائنسي طور تي تبديل ٿيندڙ دؤر آهي. جنهن ۾ اسان جون ذميواريون هڪ استاد، تعليمدان، اديب، شاعر، راڳي، آفيسر، سياستدان توڙي ڪاروباري حيثيت رکندڙن تي سڀ کان گهڻي آهي. اسان کان پوءِ ايندڙ نسلن تائين پنهنجي ٻولي محفوظ ٻڌائي پهچائڻ جو ذمو اسان سمورن تي آهي تنهنڪري اسان کي ٻوليءَ جي موجوده سماجي هيئت توڙي سائنسي انداز کي سامهون رکي اهم ۽ وقتائتا قدم کڻڻا پوندا جن ۾:

- تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي مڪمل طرح رائج ڪرائڻ کان وٺندي ان جي درست استعمال تائين عملي قدم کڻڻ.
- پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ذميوار فردن کي پنهنجي ذميواري کان سختي سان آگاهه ڪرڻ ۽ سندن غلطين جي نشاندهي ڪرڻ.
- ڪمپيوٽيشنل دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي درپيش مسئلن جهڙوڪ: الف بي جي پٽيءَ جو ساڳي حالت ۾ قائم رهڻ يا ان جي اکرن ۽ آوازن جي گهٽ وڌائي، وڏ کان وڏ سنڌي ڪتابن کي ويبسائيٽن تي اپ لوڊ ڪرڻ، ڊيٽابيس کي مڪمل ڪرڻ، يونيڪوڊ ۾ پٽيءَ جي اکرن جي مڪمل سڃاڻپ ڪرائڻ کان وٺندي يونيڪوڊ جي ميمبرشپ حاصل ڪرڻ جهڙن بنيادي ڪمن کي جلد مڪمل ڪرڻ، سنڌي ٻوليءَ کي مارڪيٽ جي ٻولي بڻائڻو پوندو، چاڪاڻ جو ٻوليءَ جي زنده رهڻ جو هڪ هنڌ. وکر جي وڪامڻ جو هنڌ پڻ آهي. اوهان ڪو وکر خريدڻ چاهيو ٿا ان وقت توهان کي اها ٻولي اچڻ گهرجي، جتان اها شيءِ خريدي رهيا آهيو. يعني اوهان هڪ وکر نه خريدي رهيا آهيو پر ان سان ٻولي به خريدي رهيا آهيو. نصير اعجاز ان حوالي سان پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت' ۾ تفصيل سان گفتگو ڪئي آهي. ان حوالي سان هڪ هنڌ لکي ٿو:

  "سنڌي ٻوليءَ جي مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور ترقي صرف حڪومت، ڪنهن اداري يا فرد جي ذميواري ناهي، اهو انفراديءَ سان گڏ اجتماعي فرض آهي، جنهن ۾ هر ماڻهوءَ کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو آهي. (4)

- سنڌي ٻولي کي مسئلن ۽ مونجهارن مان پار اڪلائڻ کان پوءِ جديد ٽيڪنالاجيءَ سان همڪنار ڪرڻ جهڙا سمورا معاملا ۽ مسئلا اسان جي ادارن کان وٺندي هر باشعور فرد جي پهرين ذميواري هجڻ گهرجن.

## حوالا


1. جويو محمد، ابراهيم، مرتب'اسان جي مادري زبان ۽ ان جي تعليم ۾ اهميت' ('اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم': ص 44، سنڌ فرينڊس سرڪل، حيدرآباد، سنڌ، 1985ع.
2. انصاري، عثمان، علي،'قومي زبان ۽ تعليمي زبان' (شامل مضمون): اسان جي ٻولي اسان جي تعليم، مرتب: محمد ابراهيم جويو، ص 19، 1985ع.
3. سراج، 'سنڌي ٻولي' ڇاپو ٽيون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2017ع حيدرآباد ص 91
4. ٻگهيو قاسم، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻولي – لسانيات ڪان سماجي لسانيات تائين'، ص 73، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 1998ع.
5. اعجاز نصير، 'سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت'، ص 192، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ، حيدرآباد، سنڌ، 2018ع.

ڊاڪٽر منظور ويسريو

# تورواليءَ ٻوليءَ جو مختصر جائزو

# A Brief Account of Tourwali Language

**Abstract:**

*Language is not only a source of communication but it is also a major symbol of any culture. It builds friendly relations, economic and cultural ties. Pakistan is a multicultural and multilingual country. Many ethnic groups live in Pakistan. They speak different languages. According to different scholars, more than 50 languages are spoken in Pakistan. Many of them are spoken in Northern Areas of Pakistan and Khyber Pakhtoonkhawa. Tourwali language is spoken in district Swat of Khyber Pakhtoonkhwa. This language is spoken by Tourwal tribe. Approximately more than 80,000 people speak Tourwali language. It is an ancient language and belongs to Dardic branch of Indo-European family of the world languages. Many local and international scholars have carried out research on Tourwali language including John Biddulph, Aurel Stein, G.A Grierson, Daniel G. Hallberg, Calvin A. Rensch, Wayue A. Lunsfurd, Parvesh Shaheen, Dr. G.A Allana, Zubair Tourwali, Inamullah Khan and others. A local organization TELLS (Tourwali Education, Linguistic and Literary Society) is working for the promotion and the development of the Tourwali language. This research article presents a brief introduction of Tourwali language.*

الله تعاليٰ جي نعمتن مان ٻولي (Language) به هڪ وڏي نعمت آهي. جيڪا انسان جي اظهار جو وسيلو آهي ۽ جنهن جي ذريعي انسان پاڻ ۾ تعلق قائم رکن ٿا. حضرت آدم عليه السلام کان وٺي اڄ تائين انسان هڪ ٻئي جي ڳالهه زبان جي ذريعي ئي سمجهي سگهيو آهي ۽ اهو سلسلو قيامت تائين جاري رهندو. زبان انسان کي نه صرف هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ٿي بلڪ محبت جو ذريعو پڻ آهي.

ٻوليءَ جو بنيادي ڪم هڪ انسان جو ٻئي انسان سان رابطو قائم ڪرڻ آهي. الله تعاليٰ، انسان کي اشرف المخلوقات جو درجو به ٻوليءَ جي ڪري عطا ڪيو آهي، ڇو ته اهو انسان ئي آهي جيڪو نه صرف ٻوليءَ ذريعي هڪ ٻئي سان تعلق

قائم رکي ٿو بلڪ ٻوليءَ ذريعي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري ٿو ۽ پنهنجي سوچ ۽ ڄاڻ کي ٻولي ذريعي ٻين تائين پهچائي ٿو.

ٻوليءَ جي ٻي اهم خوبي اها آهي ته ٻولي انسان جي شناخت آهي. انسان ٻوليءَ جي ذريعي ئي پنهنجي سڃاڻپ قائم رکي ٿو. اها سڃاڻپ جيڪا ڪيس ڪيترن ئي صدين کان پوءِ حاصل ٿئي ٿي. جنهن کي هو ٻوليءَ جي وسيلي ئي قائم ۽ دائم رکي سگهي ٿو. جن قومن پنهنجي ٻولي کي وساري ڇڏيو انهن ڄڻ ته پنهنجي هزارن سالن جي تاريخ تي وساري ڇڏيو. بقول عبدالحفيظ قريشي:

"دنيا جي هر هڪ قومي سماج هڪ زنده ايڪو Organic هوندو آهي. جنهن جو جياپو پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ٻوليءَ کانسواءِ ممڪن نه هوندو آهي. ان ئي ڪري ڪنهن قومي سماج لاءِ ان جي ڌرتي (وطن) کان پوءِ ان جي ٻولي ئي سندس خاص اڪيلي سڃاڻپ، هن جو حقيقي روح ۽ گڏيل قومي سوچ هوندي آهي. اها ٻولي ئي آهي جا ڪنهن سماج منجهه ايڪو ۽ ٻڌي پيدا ڪرڻ وارو واحد، مستقل ثقافتي جز، مک عنصر، اوزار ۽ وسيلو هوندي آهي. جيڪا سماج جي هر سطح تي وسندڙ سمورن ماڻهن جو پاڻ ۾ رابطي، ڳاڍاپي، گڏيل جياپي جو هيڪلو حيلو ۽ وسيلو پڻ هوندي آهي." (1)

الله تعاليٰ، پاڪستان کي مختلف قدرتي نعمتن، معدني ذخيرن ۽ خوبصورت نظارن سان نوازيو آهي. ڪٿي وڏا وڏا جبل ته ڪٿي پاڻي، جا دريا، ڪٿي سرسبز شاداب پٽون ته ڪٿي وڏا وڏا رڻ پٽ ۽ بيابان، ڪٿي طرحين طرحين جا گل ٻوٽا ته ڪٿي وري مختلف قسمن جا ميوا، ڪٿي گئس ۽ تيل جا کوهه ته ڪٿي وري ڪوئلي ۽ لوڻ جون کاڻيون، مطلب ته الله سائين پاڪستان کي هر طرح جي قدرتي نعمتن سان نوازيو آهي. انهيءَ طرح پاڪستان ۾ مختلف نسلن، قومن، مذهبن ۽ عقيدن جا ماڻهو به آباد آهن. جيڪي نه صرف شڪل و صورت بلڪ ذات پات ۽ رنگ نسل ۾ به الڳ آهن ۽ اهي جدا ٻوليون پڻ ڳالهائين ٿا. بقول ڊاڪٽر غلام علي الانا:

"The socio-linguistic study of a country like Pakistan is a very interesting subject indeed, as the area has been a cradle of languages and cultures right from the dawn of

civilization. From times immemorial, people of different socio-lingual and socio-cultural backgrounds have migrated and settled here. More recently, the influence of Islamic culture has changed the cultural and linguistic patterns throughout the area." (2)

جيتوڻيڪ اهي ٻوليون هڪ ٻئي کان مختلف آهن پر تنهن هوندي بہ انهن ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي انهن ۾ لساني هڪجهڙائيءَ کي ظاهر ڪن ٿيون.

پاڪستان ۾ ڪيترين ٻولين ڳالهايون وڃن ٿيون ان حوالي سان مختلف عالمن جي تحقيق جو جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو. ڊاڪٽر غلام علي الانا مطابق:

"هڪ اندازي مطابق پاڪستان جي ڌار ڌار خطن ۾ جيڪي ٻوليون ۽ انهن جا لهجا ڳالهايا وڃن ٿا انهن جو ڪل تعداد 75 کن ٿيندو." (3)

ڊاڪٽر حيدر سنڌي ان حوالي سان لکي ٿو تہ:

"------انهن رائج ٻولين جو تعداد ٽيهن ۽ چاليهن جي وچ ۾ ٿيندو ۽ سڀ جون سڀ مادري ٻوليون آهن. ايترين سمورين تهذيبن ۽ ٻولين جو ڪنهن هڪ ملڪ ۾ گڏ هجڻ ياڳ واري ڳالهہ آهي. هتي آباد سڀئي ماڻهو پنهنجي تهذيبن ان جي بدن مان جنم وٺندڙ ثقافتن ۽ ان جي کک مان نشو ۽ نما پائيندڙ ٻولين تي نازکن ٿا. ايترين سارين تهذيبن جا وارث ۽ ثقافتن جا مالڪ هئڻ ۽ ايتري تعداد ۾ ڳالهائجندڙ ٻولين جي ذُنل الله تعاليٰ جي تحفي تي ڪو ملڪ ناز ڇو نہ ڪري. ان ڪري جڏهن بہ دنيا ۾ ڪٿي بہ ٻولين جي گروهہ بندي يا اصل نسل تي تحقيق ٿيندي تہ ان ۾ پاڪستان جو ذڪر ضرور ايندو." (4)

يوري گنڪو فسڪي ، پاڪستان جي 1951ع ۽ 1961 ع جي آدم شمارين جي حوالي سان پاڪستاني ٻولين جو ذڪر هيئن ڪيو آهي:

"پاڪستان جي 1951 ع ۽ 1961 ع جي آدم شماري مان معلوم ٿئي ٿو تہ ملڪ ۾ 12 ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. (انگريزي، فارسي ۽ عربي کي ڇڏي ڪري جن کي يا تہ آباد ڪارن جا ننڍا ننڍا گروپ ڳالهائين ٿا يا معاشري ۾ چوٽيءَ جا ماڻهو بطور ضمني ٻولي جي استعمال ڪن ٿا.) پاڪستان جي اڪثر آبادي هند آريائي ٻوليون پنجابي، سنڌي، اردو

گجراتي ۽ راجستاني ڳالهائين ٿا. جن جو تعلق هند، يورپي خاندان سان آهي. ايراني خاندان جي ٻولين ۾ پشتو ۽ بلوچي بہ وسيع پيماني تي ڳالهايون وڃن ٿيون. ان کانسواءِ هند يورپي خاندان جون درادي ٻوليون ۽ دراوڙي ٻوليون (بروهي) ڳالهائڻ وارن جا بہ ڪيترائي گروھ آهن.“ (5)

عالمي اداري گڏيل قومن جي اداري جي تعليم، سائنس ۽ ثقافت واري شعبي جي سروي رپورٽ موجب:

”پاڪستان ۾ 6 وڏيون ۽ ٻيون 57 ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. يونيسڪو جي ٻولين جي عالمي نقشي موجب معدومي جي خطري ۾ ايندڙ ٻولين مان پاڪستان جون 27 ٻوليون بہ شامل آهن. انهن ٻولين جي بقا جي لاءِ ڪا بہ ڪوشش نہ پئي ڪئي وڃي ۽ خطرو آهي تہ اهي عنقريب معدوم ٿي وينديون.“(6)

ڊاڪٽر عطش دراني، پنهنجي مضمون: ”پاڪستان کي زبانين اور واحد لساني تقاضا“ ۾ ان حوالي سان لکي ٿو تہ:

”موجوده تحقيق جي مطابق پاڪستان ۾ 30 ٻوليون ۽ 40 جي قريب وڏيڪ لهجا آهن.“ (7)

ساڳئي مضمون ۾ وري اڳتي لکي ٿو تہ:

”سروي آف پاڪستان، جيڪو ٻولين جو نقشو تيار ڪيو آهي ان ۾ اردو کانسواءِ ٻارهن (12) ٻوليون تسليم ڪيون ويون آهن. بلوچي، براهوي، سنڌي، پنجابي، پشتو چترالي کوار، آجڙي، ڪوهستاني، شنا، بلتي، ڪشميري، ان ۾ هندڪو جتڪي، سرائيڪي ۽ پوٺوهاري کي پنجابي جي شاخ سمجهيو ويو آهي ۽ گوجري، پهاڙي ۽ مڪراني کي شامل ناهي ڪيو ويو. ريڊيو پاڪستان جن ٻولين ۾ پروگرام نشر ڪري ٿو ان ۾ پنجابي سان گڏ سرائيڪي، پوٺوهاري، گوجري، پهاڙي ۽ هندڪو بہ شامل آهن. ان کان علاوه سنڌي، پشتو بلوچي براهوي، گجراتي، ڪشميري، شنا، بروشسڪي، بلتي وغيره ۾ بہ پروگرام نشر ٿين ٿا. گويا نشرياتي طور تي تسليم ٿيل پاڪستاني ٻولين جو تعداد 18 کن آهي.“ (8)

ڊاڪٽر طارق رحمان پنهنجي ڪتاب "Language Policy, Identity and Religion" ۾ صفحي نمبر 31 کان صفحي نمبر 64 تائين تي ضميما (Annexure) ڏنا آهن. انهن ۾ ڊاڪٽر صاحب ايٿنالاگ ليگويجزآف دي ورلڊ 2005ع جي حوالي سان 72 ٻوليون ڄاڻايون آهن. جڏهن تہ چارٽ ۾ 55 ٻولين جا نالا، جن علائقن ۾ اهي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون انهن جا نالا، آبادي ۽ انهن ۾ موجود ادب آهي يا نہ ۽ ان جي حيثيت جو تمام مختصر ذڪر ڪيو اٿس. ايٿنولاگ، فورم فار لينگوئج انيشي ايٽو طرفان پاڪستان ۾ ڳالهائجندڙ ٻولين جي فهرست ۾ 74 ٻوليون شامل آهن. جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون.

آئر، بديشي، باگڙي، ايرندي بلوچي، اولهندي بلوچي، ڏاکڻي بلوچي، بلتي، بيٽري، ڀايا، براهوي، بروشسڪي، چليسو دميلي، دري، ديهواڙي، ڍاٽڪي، ڊوماڪي، پاڪستاني انگريزي، گواربتي، گهيرا، گواريا، گاوري، گجراتي، گوجري، گرگلا، هزارگي، اترئين هندڪو ڏاکڻي هندڪو جدگالي، جنڊاوڙا، جوڳي، ڪبوترا، ڪڇي، ڪالامي، ڪلاشا، ڪلڪوٽي، ڪام واري، ڪشميري، ڪٽي، ڪيتراني، کووار، انڊس، ڪوهستاني، ڪڇي، ڪولهي، پارڪري، ڪولهي، وڏيارا، ڪولهي، ڪنڊل شاهي، لهندا، لاسي، لوارڪي، مارواڙي، ميميڻي، اوڏ، اورمڙي، پهاڙي، پونوهاري، پاڪستان سائن لئنگويج، پلولا، وچئين پشتو، اترئين پشتو ڏاکڻي پشتو اولهندي پنجابي، سانسي، سرائيڪي، ساوي، شينا، شينا، ڪوهستاني، سنڌي، ڀيل سنڌي، توروالي، اردو، اوشوجو واگڙي، وخي، وائيچي ۽ يدغا. (9)

پاڪستان ۾ ڪيتريون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. ان جو جواب وثوق سان نہ ٿو ڏئي سگهجي. پر تنهن هوندي بہ راقم ان حوالي سان اڄ تائين جيڪو مطالعو ڪيو آهي ان مطابق پاڪستان ۾ اٽڪل 50 کان مٿي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. توروالي پاڪستان ۾ ڳالهائجندڙ ٻولين مان هڪ آهي. جيڪا خيبرپختونخواه جي ضلعي سوات جي تعلقي بحرين جي اهم ٻولي آهي. بقول زبير توروالي:

"توروالي ٻولي سوات ضلعي جي حسين ترين علائقي سوات ڪوهستان ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. دنيا جي ٻولين جي باري ۾ معلوماتي ويبسائيٽ ايٿنولاگ (Ethnologue)موجب توروالي ڳالهائجندڙن جو

تعداد 60 ۽ 80 هزارن جي وچ ۾ آهي اهو رڪارڊ 15 سال پراڻو آهي ۽ ان ۾ انهن توروالين جو ذڪر نہ آهي جيڪي هتان کان مستقل طور لڏي ويا آهن. هاڻي هڪ اندازي موجب اهو تعداد هڪ لک کان هڪ لک ويھہ هزار آهي. اهي ماڻهو ضلعي سوات جي مٿين وادي بحرين (بحرين کان ڪالام) ۽ مدين جي اوپر ۾ الال وادي (چيل، بشيگرام، شنڪو ۽ ان جي ويجهو ڳوٺن) ۾ رهن ٿا. ان کانسواءِ توروالي پاڪستان جي وڏن شهرن ڪراچي، ڪوئيٽا، حيدرآباد، راولپنڊي، مينگوره، پشاور، نوشهره ۾ بہ مستقل طور آباد ٿيا آهن. ويجهن ڪجھہ سالن ۾ گهڻي تعداد روزگار جي سلسلي ۾ سيالڪوٽ، لاهور ۽ چڪوال بہ منتقل ٿي آهي. 2008ع ۾ غير سرڪاري تعليم ۽ ترقي واري اداري آئي-بِي-ٽِي(I-B-T) جي انتظام هيٺ ڪيل سروي موجب توروالي ٻولي ڳالهائيندڙن جي 30 سيڪڙو آبادي پنهنجي علائقي کان مستقل طور لڏي ٻين شهرن ۾ آباد ٿي چڪي آهي. جنهن ۾ ڪيترن ئي جاين تي انهن جي نئين نسل پنهنجي ٻولي ڳالهائڻ ڇڏي ڏني آهي."(10)

توروالي ٻولي جي حوالي سان ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي تہ:

"هيءَ توروال قبيلي جي ٻولي آهي. هيءَ ٻولي توروال خطي ۾، سوات، ڪوهستان جي بالائي حصي ۾ ڳالهائي ويندي آهي. هيءَ ٻولي 'آريانہ' کان سٺ کن ميلن جي ايراضيءَ ۾ چيرولي ۽ ڇاهل دڙي تائين چيروليءَ کان ڪجھ مٿيرو اوپر واري ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي. هيءَ ٻولي سنڌو-ڪوهستان جي پٽڻ واري علائقي ۾ بہ ڳالهائي ويندي آهي. توروالي ٻوليءَ جي ايراضي سوات ڪوهستان جي مٿئين علائقي وارين وادين ۾ 'مدائن' (Madain) بستيءَ کان وٺي، سوات نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي اتر طرف منڪيال بستي تائين ۽ اسريت نالي (Isret Nala) تائين پکڙيل اهي. يعني مدائن کان وٺي بحرين، ڪيرام، چم ڪلام- لائي ۽ آس پاس وارن ڳوٺن ۽ بستين ۾ سوات نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي ڳالهائي ويندي آهي." (11)

**توروالي جو نالو:** توروالي ٻوليءَ کي توروالي ڇو ٿو چئجي يا ان تي اهو نالو ڪيئن پيو. ان سلسلي ۾ انعام الله خان لکي ٿو تہ:

”توروالي ڳالهائيندڙ پنهنجي پاڻ کي ’ڪوستني‘ (ڪوهستاني) چون ٿا ۽ تمام ٿورا ماڻهو ڄاڻن ٿا تہ جيڪي ڪجهہ هو ڳالهائين ٿا اها ڪتابن ۾ ’توروالي‘سڏبي آهي. اصل ۾ توروالي ڳالهائيندڙن کي اهو نالو ان جي پاڙي ۾ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙن ڏنو آهي. خاص طور تي ڪالامي ڪوهستاني ۽ انڊس ڪوهستاني ڳالهائيندڙ بحرين تعلقي جي ڪوهستانين کي توروالي چون ٿا. انهن جي مطابق بحرين علائقو (جنهن جو نالو سوات جي والي کان اڳ پونال يا پشتو نالو برانيال هو) جي گادي جو هنڌ بحرين جي اتر ۾ توروال نالي هڪ ڳوٺ هو جيڪو اڄ بہ موجود آهي. تنهنڪري ان ڳوٺ جي مناسبت سان انهن کي توروالي سڏيو ويو. ڪجه مقامي روايتن موجب حضرت ميان قاسم بابا رحمت الله عليہ (پير بابا جو ڏوهٽو) جڏهن پهريون ڀيرو ان علائقي ۾ ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ آيو تہ سيني قبيلن اسلام قبول ڪيو سواءِ هڪ ننڍي قبيلي جي، واپسي ۾ ڪنهن جي پڇڻ تي هن پشتو ۾ ٻڌايو تہ ”سيني ماڻهن اسلام قبول ڪيو آهي پر ڪجهہ توروال يعني (ڪاراڻ) رهجي وئي آهي.“ انهيءَ سبب ڪري علائقي جو پشتو نالو توروالي يعني توروال پئجي ويو. ان کان پوءِ مدين کان ڪالام جي حدن تائين جو سڄو علائقو توروال سڏجڻ لڳو ۽ هتان جي ڪوهستاني ٻولي توروالي سڏجڻ لڳي.“ (12)

**لساني گروه:** انعام الله خان، گريئرسن جي حوالي سان توروالي ٻولي جي لساني گروهہ بابت هيئن لکي ٿو:

”گريئرسن جو چوڻ آهي تہ يقيني طور توروالي ٻولي، ٻولين جي ’درد‘ خاندان سان تعلق رکي ٿي، ان ۾ مؤنث جي جوڙجڪ ۽ فعل جون مختلف شڪليون ظاهر ڪن ٿيون تہ اها ڪشميري مان جڙيل آهي.“ (13)

زبير توروالي‌ءَ موجب:

”توروالي ٻولي سوات وادي جي قديم ٻولين جي نشاني آهي جيڪا هند_آريائي (Indo-Aryan) ٻولين جي هيٺين شاخ داردي (Dardic) ٻولين سان تعلق رکي ٿي. توروالي ۽ ان سان ويجهو ٻولين جي گروهه کي ڪوهستاني بہ چيو ويجي ٿو.“ (14)

**توروالي جا لهجا:** زبير توروالي، توروالي ٻوليءَ جا ٻہ لهجا ڄاڻايا آهن. هڪڙو سينڪيان يا بحرين ۽ ٻيو چيل. سينڪيان، بحرين ۽ ان جي آسپاس جي ڳوٺن جو لهجو آهي، جڏهن تہ چيل، چيل وادي جو لهجو آهي.

سنڪيان ۽ چيل لهجن ۾ فرق جا ڪجهہ مثال:

| سنڪيان _ بحرين لهجو | چيل لهجو | سنڌي معنيٰ |
|---|---|---|
| اُوئل | اُوجل | اڇو |
| ڪُويُو | ڪُوجُو/ ڪوچو | ڪتو |
| پوئي | پيئي | صوف |
| چوؤ | چويُو/چوپو | ڪنڌو |
| جوئي | جپئي | عورت (15) |

**توروالي جي الف-ب:** 1996ع ۾ مقامي پڙهيل لکيل نوجوانن جي هڪ ثقافتي تنظيم ’ڪوهستان ڪلچرل سوسائٽي‘ قائم ٿي. جنهن توروالي الف_ب جي ٺاهڻ لاءِ هڪ ڪميٽي ٺاهي ان ڪميٽي توروالي ٻوليءَ کي اردو رسم الخط ۾ لکڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مخصوص آوازن جي لاءِ ماهرن جي مشورن جي روشنيءَ ۾ الف_ب مقرر ڪئي. اهڙي نموني توروالي الف_ب ۾ اردو جا تقريبا سيئي ۽ پشتو جو هڪ مخصوص ’خ‘ شامل آهي. باقي پنج مخصوص اکر جن جي 1929ع ۾ گريئرسن نشاندهي ڪئي هئي ۽ انهن کي رومن اکرن سان الڳ لکيو انهن کي برقرار رکيو ويو آهي. جيڪي هي آهن:

<u>توروالي اکر:</u>

اٖ چٖ حٖ شٖ

<u>ويجهو اردو اکر:</u>

ا، چ، ج، ڗ، ش

<u>آئي. پي. اي IPA اکر:</u> a, c, j, z, s (16)

**توروالي ٻوليءَ تي ٿيل تحقيق:** توروالي ٻوليءَ تي جان بڊلف (J. Bidduulph)، ايرل اسٽيئن (Aurel Stein) گريئرسن (G.A Grierson)، ڊينئل جي هال برگ (Daniel G. Hallberg)، ڪيلون رينش (Calvin A. Rensch) ۽ سنڊراڊيڪر (Sandra J Decker) وغيره پنهنجي تصنيفن ۾ توروالي‌ءَ بابت ڄاڻ ڏني آهي. انهن کانسواءِ وئين لنسفرڊ (Wayue A. Lunsford) آمريڪا جي يونيورسٽي ٽيڪساس ۾ ماسٽرس جي ڊگري لاءِ "توروالي ٻولي جي لساني ساخت جو هڪ جائزو" تي مقالو 2001ع ۾ لکيو آهي.

توروالي ٻوليءَ تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي حوالي سان آفتاب احمد نور خان، زبير توروالي ۽ ٻين هڪ تنظيم ٽيلس (TELLS)"Torwali Education, Linguistic and Literary Society"ناهي آهي. جيڪا اڳيان هلي 2007ع ۾ تعليم ۽ ترقي جو ادارو (IBT) بڻيو. جنهن جي مقصدن ۾ توروالي ٻوليءَ جي بقا، تحفظ ۽ فروغ سان گڏو گڏ علائقي جي عمومي ۽ مربوط ترقي شامل آهي. هن ئي اداري طرفان آئي بي ٽي جي قائم ڪيل اسڪول لاءِ درسي ڪتاب جن ۾ توروالي الف ـ ب، توروالي قاعدو، توروالي لکڻ جو قاعدو، توروالي پڙهڻ جو قاعدو، توروالي ڳٽپ جو ڪتاب، توروالي ٻڌڻ واريون ڪهاڻيون، ٻارن جون ڪهاڻيون، ٻارن جا نظم وغيره شائع ڪيا آهن. جيڪي پڙهايا بہ وڃن ٿا.

هن ئي اداري پاران 2015ع ۾ ٽن ٻولين توروالي، اردو ۽ انگريزي لغت شايع ڪئي وئي آهي. هن لغت ۾ توروالي ٻوليءَ جي بنيادي لفظن (Head Words) جو تعداد 10 هزارن جي لڳ ڀڳ آهي.

راقم 'توروالي، اردو، انگريزي لغت' جو مطالعو ڪيو آهي. ان ۾ ڪافي اهڙا لفظ آهن جيڪي هوبهو سنڌي ۾ بہ استعمال ٿين ٿا. ان ڪري ان موضوع تي وڌيڪ تحقيق ٿيڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي مقالي بعنوان "Some Lesser Known Dialects of Kohistan" ۾ بہ بيان ڪيو ويو آهي، جنهن جو ذڪر الانا صاحب پڻ ڪيو آهي.

**توروالي ادب:** توروالي ٻوليءَ ۾ قديم ۽ جديد شعري ادب موجود آهي. غير تحريري زبان هئڻ ڪري اهو ادب سينہ بہ سينہ منتقل ٿي ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ موجود آهي ۽ هاڻ ان کي محفوظ ڪيو پيو وڃي. توروالي قديم ۽ جديد شاعرن ۾ مُلا گلزار، جمروز زردارا، رستم، بخت بلند، اقبال خان، محمد حليم، شير محمد خان وغيره جا نالا اهم آهن.

## حوالا


1. قريشي، عبدالحفيظ، مهاڳ،’سنڌ جولوڪ ثقافتي ورثو‘سهيڙيندڙ ولي محمد طاهرزادو، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو 2007ع، ص19.
2. Allana, G. A., “Pakistani Society and the problem of linguistic plurality”, include, Pakistani Languages and Society: Problems and Prospects, Editors: Joan L.G. Baart and Ghulam Hyder Sindhi, Islamabad, National Institute of Pakistan Studies, QAU and Summer Institute of Linguistics, 2003, p. 19
3. الانا، غلام علي، پروفيسر، ڊاڪٽر، ’ثقافتي ورثو‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1999ع، ص124.
4. سنڌي، غلام حيدر، ڊاڪٽر، ديباچو ’پاڪستان ڪا لساني جغرافيه‘ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان اسٽڊيز قائداعظم يونيورسٽي، اسلام آباد 2005ع ص XVI-
5. گنڪو فسڪي، يوري، پاڪستان ڪِي قوميتين، مترجم، مرزا اشفاق بيگ، ماسڪو دارالاشاعت ترقي، ص9.
6. رپورٽ ’پاڪستاني مادري زبانون ڪا ميلا‘ تعارف رپورٽ، 2017ع، ص4.
7. عطش دراني، ڊاڪٽر، مضمون، ’پاڪستان ڪِي زبانين اور واحد لساني تقاضا‘ شامل، ’اردو جديد تقاضي نئي جهتين‘ اسلام آباد، مقتدره قومي زبان، 2006ع، ص122.
8. ساڳيو.
9. ايٿنولاگ ۽ فورم فار لينگوئج انيشيٽو اسلام آباد
10. توروالي، زبير، مقدمو ’توروالي-اردو-انگريزي لغت‘، تحقيق و تاليف، آفتاب احمد، بحرين-سوات، ادارو برائي تعليم و ترقي (I.B.T) ، 2015ع، ص. VII
11. الانا، غلام علي، پروفيسر، ڊاڪٽر، ’ثقافتي ورثو‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1999ع، ص. 167
12. خان، انعام الله، مقالو ’توروالي زبان ڪا آغاز و ارتقا‘، شامل، مطالعاتي رهنما، ايم فل پاڪستاني زبانين و ادب (پشتو هندڪو توروالي، گاوري زبانين و ادب)، ڪورس ڪوڊ 2723، ص. 255
13. ساڳيو ص. 256
14. توروالي، زبير، مقدمو ’توروالي-اردو-انگريزي لغت‘، تحقيق و تاليف، آفتاب احمد، بحرين-سوات، ادارو برائي تعليم و ترقي (I.B.T) ، 2015ع، ، ص. VII
15. ساڳيو ص. VIII
16. خان، انعام الله، مقالو ’توروالي زبان ڪا آغاز و ارتقا‘، شامل، مطالعاتي رهنما، ايم فل پاڪستاني زبانين و ادب (پشتو هندڪو توروالي، گاوري زبانين و ادب)، ص. 261

ڊاڪٽر الطاف جوکيو

# مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنيس مرڪّب جو جائزو

# A Study of Compound Alliteration in Molvi Ahmed Mallah's Poetry

**Abstract:**

*The great Sindhi Poet Molvi Ahmed Mallah is exceptionally skillful in 'figures of speech'. His poetry is matchless with regard to the marvelous use of Alliteration; hence, he is popularly known as 'the King of Alliteration'. Alliteration is an umbrella term, underlying some famous forms of Figures of Speech, such as: Antanaclasis, compound Alliteration, Tajnees Naqis (same form of word but different in short vowel, according to Arabic-Sindhi Script), Tajnees Mazeel (same form of word but extra letter/letters in ending), Tajnees Qalb (Metathesis Alliteration) etc.*

*In this paper, Compound Alliteration as used in Molvi Ahmed Mallah's poetry has been brought under study. Compound Alliteration is the type of Simple Alliteration. In Compound Alliteration, the homo-type words are used in same line or verse. In these words, one is put in joint-form and the other is placed in divided or split-form. Such as, Faithful and Faith Full ('Faithful' always possesses the 'faith' 'full' of zero-doubt) used in different meanings in context. Compound Alliteration always consists of triplet; that is to say, it consists of three words at a time, each word having similar initial sound.*

*It should be clarified here that always three words are set together in this type of Alliteration.*

*Molvi Ahmed Mallah used Compound Alliteration abundantly, even in rhymes and di-rhymes. Furthermore, there is a beautiful fusion and amalgamation of compound Alliteration with Antanaclasis in his poetry, which has hardly ever been employed by any other poet of Sindhi language in the view of the poetic works or research studies accessible to me so far.*

*This paper is simply the data collection of Compound Alliteration used in Molvi Ahmed Mallah's matchless poetry. All data collected herein leads to conclusion that he used aforesaid Alliteration not only in verses but also in rhymes and di-rhymes.*

**اڀياس جو پس منظر:**

علم عَروض جي دائري ۾ جيڪڏهن صنايع بدايع جا سڀ لوازمات جاچڻا هجن تہ مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ کي پڙهجي. ڇا تہ ’تجنيس حرفيءَ‘ جو استعمال آهي! جڻ تہ ساونڻ جي وسڪاري جيان گوڙن ۾ گاجن سان پالوٽ پيو ڪري. ايتريقدر جو قافين يا رديفن ۾ بہ تجنيس تام ۾ ناقص جا مثال يا تجنيس مڪرر ۾ زائد جا مثال يا مرڪب جا مثال واضح نموني سان پيا ملندا. هن مقالي ذريعي مولوي صاحب جي شاعريءَ مان ’تجنيس مرڪب‘ جو جائزو وٺجي ٿو. ’تجنيس مرڪب‘ مان مراد، اهڙن لفظن جو استعمال، جيڪي هڪٻئي جي ڀيٽ ۾ لفظ جا ٽٽل حصا الڳ الڳ ۾ مليل صورت ۾ هجن. هن تجنيس ۾ زير- زبرن واري معاملي کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي.

**اڀياس جا سوال:**

- ؟ تجنيس مان ڇا مراد آهي؟
- ؟ تجنيس مرڪّب ڇا کي ٿو چئجي؟
- ؟ تجنيس مرڪب ۾ مقرون ۽ مفروق ساڳئي شعر ۾ ٿي سگهي ٿو يا الڳ شعرن ۾ ڳڻيو ويندو؟
- ؟ مقرون ۽ مفروق مان ڪهڙو اڳ ۽ ڪهڙو پوءِ رکي سگهجي ٿو؟
- ؟ ڇا مقرون ۽ مفروق لفظن جي ڀيٽ ۾ زيرن- زبرن جو فرق ٿي سگهي ٿو؟
- ؟ تجنيس مرڪب جي دائري ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪيترا مختلف معنائن وارا لفظ ڪم اچي سگهندا آهن؟
- ؟ ڇا تجنيس مرڪب ۽ تجنيس مرفو ۾ فرق آهي؟
- ؟ ڇا ’تجنيس مرڪّب‘ کي تجنيس حرفيءَ جو جز چئي سگهجي ٿو؟
- ؟ شعر يا بيان ۾ ’تجنيس مرڪب‘ جو هنڌ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟
- ؟ مولوي احمد ملاح ’تجنيس مرڪب‘ شعر جي ڪهڙي حصي ۾ وڌيڪ ڪم آندي آهي؟

**اڀياس جو عمل/ تجنيس جي معنيٰ ۽ مراد:**

عربي لفظ ’جنس‘ مان ورتل آهي، جنهن جي مراد اهڙا مختلف حيثيت رکندڙ همجنس لفظ ڪم آڻڻ آهي، جيڪي ڪنهن دائري هيٺ، ڀيٽ جي صورت ۾

ڏيکاري سگهجن. يعني هن اصطلاح جو لاڳاپو لفظن جي استعمال واري ڪاريگريءَ سان آهي، جڏهن ته ’صنعت‘ جو اصطلاح، شاعريءَ ۾ معنوي ڪاريگريءَ سان لاڳاپو رکندي آهي.

- جامع سنڌي لغات: تَجنِيس جمع تَجنِيسُون ث. [ع. جَنَس < جَنِّس، تَجنِيس = جنسوار ڪرڻ، جنسن ۾ ورهائڻ] هڪجهڙائي_ مشابهت. علم بديع جي هڪ صنعت. (1)

جامع سنڌي لغات موجب لفظن کي جنسوار ڪرڻ، جنهن مان مراد آهي ته ان ۾ لفظ پيٽ جي صورت ۾ رکي همجنس يا جنسوار ڪري ڏيکاريا ويندا آهن. جڏهن ته صنعت ۾ لفظ کي جنسوار نه ڪبو آهي بلڪ، ان کي معنيٰ جي نسبت سان ڇاڻايو ويندو آهي.

1.1.1. تجنيس مرڪب جي معنيٰ ۽ مراد

- جامع سنڌي لغات: تَجنِيس مُرڪبّ: ث. شعر ۾ هڪ مفرد ۽ ٻئي مرڪب لفظ کي ڳنڍيل معنيٰ ۾ پيش ڪرڻ واري صنعت:
  ’سا هڙ ڇڙي نه ساه جي، سا هڙ ساهڙ ري‘ (شاه لطيف). (2)

جامع سنڌي لغات موجب ’هڪ مفرد ۽ ٻئي مرڪب لفظ کي ڳنڍيل معنيٰ ۾ پيش ڪرڻ‘ ۾ هڪ ڳالهه کٽل پئي محسوس ٿئي ته ڇا مفرد صورت ۾ هڪ لفظ استعمال ٿيندو يا ٻه؟ ڇاڻايل تجنيس ۾ لفظن جو تعداد ٽي ٿي ويندو: ٻه مفرد ۽ هڪ مرڪب. تڏهن ته لفظن جي پيٽ وارو عمل بيهندو.

**لفظ مرڪب جي وضاحت:**

لفظ مرڪب مان مراد ٿي ٻه واضح الڳ الڳ معنائن وارا لفظَ ڳنڍيل، هڪ اهڙو لفظ ڪم آڻڻ آهي، جنهن جي معنيٰ مراد پڻ الڳ سان ٻوليءَ ۾ مستعمَل هجي. جيئن ’صورتخطي‘ جو لفظ ٻن الڳ الڳ حيثيت رکندڙ لفظن ’صورت + خطي‘ جو جوڙ آهي، يا ’اڳڪتي‘ ٻن الڳ الڳ ڪم ايندڙ لفظن ’اڳ + ڪتي/ ڪتڻ‘ جو جوڙ آهي. ان صورت ۾ اهڙي چال لاءِ مرڪب لفظ ڪم آندو ويندو آهي. ٻي صورت ۾ لفظ ’اَوير‘ يا ’ڪُپت‘ پڻ ٻن لفظن (اَ = نه + وير + ويل/ گهڙي/ وقت ۽ ڪُ = خراب + پت = پروسو/ اعتبار) جا جوڙ آهن، ليڪن انهن لفظن کي مرڪب جي دائري ۾ نه آڻبو. ڇاڪاڻ ته، انهن لفظن جي جوڙ ۾ اڳياڙي يا هڪ پد/ صرفيو الڳ سان معنيٰ ۾ ڪم نه ٿو اچي، بلڪ ٻئي لفظ جو محتاج آهي يا ٻئي جوڙ جي وس آهي، ان سبب

اهڙي اڳياڙيءَ کي ’پروس‘ صرفيو سڏبو. اهو ئي سبب آهي تہ اهڙي جوڙ کي ’تجنيس مرڪب‘ ۾ شامل نہ ڪري سگهبو بلڪ ’تجنيس اشتقاق‘ ۾ شامل ٿيندو يا وري تجنيس مرتب چئي سگهجي ٿو.

تجنيس مرڪّب مان مراد اهڙا بہ هم جنس لفظ ڪم آڻڻ آهي، جن مان هڪ ٽُٽل، ٻيو اڻ ٽٽندڙ هجي. يعني هڪ لفظ سالم/ مقرون حالت ۾ ڪم آيو هجي، ٻيو ساڳين اکرن/ آوازن سان ٻن حصن ۾ مفروق حالت ۾ ڪم آيو هجي.

تجنيس مرڪب بابت مرزا قليچ بيگ لکيو آهي:

”هن کي مرفو يعني ’رفودار‘ بہ چوندا آهن. هن ۾ همجنس لفظ ڪم اچن ٿا ۽ انهن مان هڪڙو يا ٻيئي مرڪب يا ٻن لفظن مان جڙيل هجن. هن جا بہ قسم آهن: هڪڙو ’مقرون‘. جڏهن اهي بہ لفظ لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ بلڪل هڪجهڙا هجن ۽ ٻيو ’مفروق‘ جڏهن اهي لکڻ ۾ هڪجهڙا نہ هجن، پر پڙهڻ ۾ هڪجهڙا هجن.

**مقرون**

عشق سچو رکين ٿو ’پروانا‘
جو جلڻ جي رکين ٿو ’پروا نا‘

**مفروق**

سروقد، جو سرو جي سِر رکي ٿو ’آفتاب‘،
آفت آهي، ٿيو اکين ۾ جڳ جي کان جنهن ’آف تاب‘.(3)

ظفر عباسيءَ بہ ساڳئي انداز سان لکيو آهي:

”مرڪب جي لفظي معنيٰ آهي ڳنڍيل. هن کي مرفو يعني رفودار بہ چوندا آهن. هن ۾ هم جنس لفظ ڪم اچن ٿا ۽ انهن مان هڪ مفرد تہ ٻيو مرڪب يا ٻي صورت ۾ هڪڙو يا ٻئي مرڪب يا ٻن لفظن مان جڙيل هجن.

جا هڙ اندر جي ساهڙ ڏني ساهہ کي،
سا هڙ ڇڙي نہ ساهہ جي ساهڙ سا هڙ ري،
ساهڙ ميڙ سميع! ساهڙ ڇڙي ساهہ جي.

(’ساهڙ‘ ۽ ’سا + هڙ‘ ڪٿي مفرد تي ڪٿي مرڪب ٿي ڪم اچن ٿا.)

هن جا ٻه قسم آهن ۽ هڪڙو مقرون، جڏهن اهي ٻه لفظ لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ بلڪل هڪجهڙا هجن ۽ ٻيو مفروق يعني انهن ۾ فرق هجي.

**مقرون**

عشق سچو رکين ٿو ’پروانا‘،
جو جلڻ جي رکين ٿو ’پروا نا‘.

**مفروق**

سروقد، جو سرو جي سِر رکي ٿو ’آفتاب‘،
آفت آهي، ٿيو اکين ۾ جڳ جي ڪان جنهن ’آف تاب‘.“ (4)

ظفر عباسيءَ، بغير ڇنڊڇاڻ جي، ڇڻ مرزا قليچ واري وضاحت کي جيئن جو تيئن اتاريو آهي. ’مقرون‘ ۽ ’مفروق‘ واري تفاوت جي، ٻنهي وضاحتن ۾ مونجهارو آهي. مقرون ۽ مفروق جو دائرو تشريح توڙي مثالن مان واضح نه ٿو بيهي، جڏهن ته مقرون جي مثالن ۾ ’مقرون ۽ مفروق‘ ٻئي موجود آهن ۽ مفروق جي مثالن ۾ پڻ ’مقرون ۽ مفروق‘ موجود آهن.

### ❖ حاصل نڪتا:

- مرزا قليچ بيگ، ’تجنيس مرڪب‘ کي ’تجنيس مرفو/ رفودار‘ به ڪوٺيو آهي، جيڪا ڳالهه نامناسب آهي. ڇاڪاڻ ته ’تجنيس مرڪب‘ ۽ ’تجنيس مرفو‘ ۾ اصولي فرق آهي. ’تجنيس مرڪب‘ ۾ اصولي طور تي پورا لفظ ڪم ايندا آهن، جڏهن ته ’تجنيس مرفو‘ ۾ پورا ٻه لفظ ۽ ٽئين لفظ جو صرف جز ڪم ايندو آهي.
- مرزا قليچ جي ڄاڻايل مثالن جي هر شعر ۾ ’مقرون ۽ مفروق‘ موجود آهن، ان سبب ان کي الڳ شعرن ۾ ورهائڻ نامناسب آهي. ظفر عباسيءَ پڻ ساڳيو ڪم ڪيو آهي.

ڊاڪٽر اُم ڪلثوم شاهه پنهنجي ٿيسز ۾ تجنيس مرڪب بابت لکي ٿي: ”شعر ۾ هڪ مرڪب ۽ ٻئي مفرد لفظن کي ڳنڍيل معنيٰ ۾ پيش ڪرڻ واري صنعت، مثال طور سر سهڻيءَ ۾ شاه سائينءَ جي هن بيت ۾ ان صنعت جو استعمال:

جا هڙ اندر جي، ساهڙ ڏني ساه کي،
سا هڙ ڇڙي نه ساهه جي، سا هڙ ساهڙ ري،
ساهڙ ميڙ سميع، ته سا هڙ ڇڙي ساهه جي.

هت لفظ ’ساهڙ‘ ۾ لڪ رکيل آهي جيڪو ڪٽ مرڪب ۽ ڪٿي مفرد لفظ ٿي استعمال ٿيو. شاه سائين جو هي بيت ’تجنيس تام‘ جي بندشن ۾ به اچي ٿو.“ (5)

ڊاڪٽر ڪلثوم جي ڄاڻايل تجنيس مرڪب جي انتهائي مختصر وضاحت ته مناسب آهي، ليڪن مٿيون بيت ’تجنيس تام جي بندشن ۾ به اچي ٿو‘ واري ڳالهه سراسر غير علمي آهي؛ ڇاڪاڻ ته بغير ڪنهن زير- زبر واري فرق جي، ساڳي صورتخطيءَ وارو لفظ ٻي ڪابه معنيٰ نه ٿو رکي. ان لاءِ اهو عام اڳيان واضح هجڻ گهرجي هي مٿيون بيت ڪنهن به صورت ۾ ’تجنيس تام‘ واري ماڻ ماپي/ پئرا ميٽر ۾ نه ٿو اچي. علمي حوالي سان ٽيسز ۾ اهڙي غير علمي ڳالهه ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

**اصطلاح ’تجنيس مرڪب‘ جو ڇيد:**

فيروز اللغات عربي- اردو (6) جي مدد سان تجنيس مرڪب جو اشتقاق هيٺين ريت بيان ڪجي ٿو:

تجنيس مرڪّب: [ تجنيس- تَفعِيل- مصدر (جَنّس = هو پچي راس ٿيو) جنسوار ڪرڻ، جنسي ترتيب ڏيڻ + مُرڪّب- مُفَعَّل- اسم مفعول (رَڪّبَ = جوڙڻ- ترڪيب ڏيڻ) جڙيل- ترڪيب ڪيل] صنايع بدايع موجب ڪنهن شعر يا بيان ۾ اهڙا به يا وڌيڪ همجنس لفظ ڪم آڻڻ جن ۾ هڪ ’مقرون‘ ٻيو ’مفروق‘ هجي، يعني هڪ سالم هجي ۽ ٻيو ساڳين اکرن/ آوازن سان ٽٽل حالت ۾ الڳ معنائون رکندڙ لفظ هجن، جيئن: شام تون (مفروق) ۽ شامتون (مقرون)

شام منهنجو شام سين مَس، صبح تنهنجو شام تو
سَٽ سَتر گذري پنيان، رَهندو وجي رَبّ، نام تو
جام جامان تو ڏِڪايا، جام پيتم جام تو
صبح توٽي شام آئون، شامتن ڪان شام تو
شام تون جهَل، شامتون پَل، شاه شاهوڪار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو، ڏيهہَ جو ڏاتار تون.

(ڪليات احمد- ياڳو پهريون، 2017: 163)

مٿيون مثال هڪ ئي وقت تجنيس مرڪب ۽ تجنيس تام جو مثال آهي. ’شام تون‘ مفروق صورت ۾ به لفظَ ۽ ’شامتون‘ مقرون صورت ۾ هڪ لفظُ هجڻ

سبب، ان مسدس جي تجنيس مرڪب سڏبي. ساڳئي وقت ان ۾ ’شام‘ جو لفظ ڇهه دفعا استعمال ٿيو آهي. جن مان پهريون شام لفظ: وجود جي معنيٰ ۾، ٻيون- ٽيون- چوٿون شام لفظ: سانجهيءَ لاءِ ڪم آيو آهي، باقي پنجون ۽ ڇهون شام لفظ: سام- پناهه جي معنيٰ ۾ ڪم آندل آهي، مختلف معنائن جي بنياد تي چئي سگهبو ته اهو شعر ’تجنيس تام‘ جي بندشن ۾ به اچي ٿو.

ڊاڪٽر ام ڪلثوم لطيف سائينءَ جي بيت ’جا هڻ اندر جيءَ، ساهڙ ڏني ساهه ڪي...‘ ۾ ’ساهڙ‘ لفظ جو ساڳي معنيٰ ۾ ٽي دفعا استعمال، ۽ ’سا هڙ‘ (مفروق صورت ۾) پڻ ساڳي معنيٰ ۾ ٽي دفعا استعمال ڏسي، ان کي تجنيس تام جي بندش به ڪوٺيو آهي، حالانڪ ڊاڪٽر صاحبه جي اها ڳالهه ڪنهن به حوالي سان مناسب ناهي. ڇاڪاڻ ته ’تجنيس تام‘ جو پيٽراميٽر ئي ساڳي صورت وارن لفظن کي مختلف معنائن ۾ استعمال ڪرڻ هوندو آهي.

**تجنيس مرڪّب جو دائرو:**

تجنيس مرڪّب، اهڙي ڪاريگري آهي، جنهن ۾ ڪي ٻه ٻه لفظ ائين ڪم آندل هجن، جو هڪ مڪمل صورت ۾ الڳ معنيٰ سان اچي ۽ ٻيو ساڳئي لفظ جي ٽٽل صورت سان ٻن الڳ معنائن سان بيهي. يعني ٻنهي جي ساخت ساڳين اکرن مان هجي؛ مڪمل صورت واري کي ’مقرون‘ ۽ ساڳئي لفظ جي ٽٽل صورت کي ’مفروق‘ ڪوٺيو ويندو آهي. اهو به لازمي آهي ته اهي لفظ ساڳي سٽ يا شعر ۾ ڪم آندل هجن؛ جيڪڏهن الڳ الڳ شعرن ۾ ڪم آندل هوندا ته انهن جي پيٽ ڪارگر نه رهندي. هيٺ مولوي احمد ملاح جو هڪ شعر خيال خاطر رکجي ٿو:

شرافت شر آفت، ته دولت به دو لَت،
ٿيندئي پڪ پٽيءَ تي پڙهي ڏسندي ڏسندي.

(ڪليات احمد- ڀاڱو پهريون، 2017: 399)

ڇاڪاڻ ته شعر جي پهرين سٽ ۾ هڪبئي سان سلهاڙيل، مختلف معنائن سان تجنيس مرڪب جا به مثال ملن ٿا، هڪ: ’شرافت‘- ’شَر آفت‘ ۽ ٻيو: ’دولت‘- ’دو لَت‘. ڇاڪاڻ ته مثال ۾ ’شر ۽ آفت‘ کي ملائبو ته ’شرافت‘ ۽ ’دو ۽ لَت‘ کي ملائبو ته ’دولت‘ ٿي بيهندو. ان ٽٽل صورت ۽ مليل صورت جي پيٽ واري عمل کي تجنيس مرڪب ڪوٺجي ٿو.

ٽئين صورت کي ’مفروق‘ ۽ گڏيل صورت کي ’مقرون‘ ٿو چئجي. مٿين مثالن ۾ ’شرافت ۽ دولت‘ مقرون صورتون آهن ۽ ’شر- آفت‘ ۽ ’دو- لَت‘ مفروق صورتون آهن. جنهن شعر ۾ لفظن جون اهي ٻئي صورتون (مقرون ۽ مفروق) هونديون ته ان کي ’تجنيس مرڪب‘ ۾ شمار ڪبو.

مٿئين شعر ۾ ’شر‘ ۽ ’آفت‘ ٻه الڳ الڳ لفظ آهن. جڏهن اهي ملائجن ٿا ته ’آ‘ جو آواز ’ر‘ سان ملي ’را‘ جو آواز ناهيندو، يعني ’مد‘ جو آواز ’ر‘ سان ملي ويندو. ان لحاظ کان ’شر‘ ۽ ’آفت‘ لفظ ملائڻ سان ’شرافت‘ جو لفظ بيهندو. يعني هنن ۾ اکرن جي بجاءِ آوازن جي نسبت ڏنو ويو آهي.

**مفروق ۽ مقرون لفظن جي اڳ- پوءِ واري حالت:**

اها ڳالهه ڪتي به واضح طور طئي ٿيل ناهي ته ’تجنيس مرڪّب‘ ۾ ’مقرون‘ اڳي ڪم آڻجي ۽ ’مفروق‘ پوءِ ڪم آڻجي. هن صورت ۾ ’مقرون‘ ۽ ’مفروق‘ اڳي- پوءِ ڪم آڻي سگهجن ٿا. مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ اهڙا مثال ملن ٿا، جتي مقرون ۽ مفروق ٻنهي اندازن يعني اڳ- پوءِ ڪم آندل آهن، جيئن:

- مفروق- مقرون واري شڪل:

پريمَ، آهنجي پسڻ جا پُور، پيا مَن تي، پيامن تي،
وري سڪ جا ٿيا ساوا، سَلا مَن تي، سَلامن تي.

(ڪليات احمد- ياڳوبيون، 2017: 562)

هن غزل جي مطلع ۾ ’پيا مَن- پيامن‘ ۽ ’سَلا مَن- سلامن‘ تجنيس مرڪّب جا مثال آهن. هن ۾ پهرين مفروقَ: ’پيا مَن‘ ۽ ’سَلا مَن‘ ڪم آيا آهن، جڏهن ته مقرونَ: ’پيامن‘ ۽ ’سَلامن‘ پوءِ ڪم آيا آهن.

- مقرون- مفروق واري شڪل:

مس دوائن سان وجي، دل ناپري، تان نا پرِي،
ساپرُوءَ جهڙن کي سامهين، ساپرِي، گم سا پَرِي.

(ڪليات احمد- ياڳوبيون، 2017: 545)

هن غزل جي مطلع ۾ ’ناپري- نا پَري‘ ۽ ’ساپري- سا پَري‘ تجنيس مرڪّب جا مثال آهن. هن ۾ پهرين مقرونَ: ’ناپري‘ ۽ ’ساپري‘ ڪم آيا آهن، جڏهن ته

مفروقَ: ’تا پري‘ ۽ ’سا پَري‘ پوءِ ڪم آيا آهن.

### 1.1.2. تجنيس مرڪّب ۾ زيرن زبرن جو فرق

تجنيس مرڪب جو گهڻو لاڳاپو اکرن سان آهي، ڪنهن هنڌ آواز سان بہ ٿي سگهي ٿو. لفظ جي گڏيل صورت ۽ ٽٽل صورت جي حالت ۾ زيرن زبرن جو فرق روا آهي. جيئن تہ ’تجنيس تام‘ ۾ جيڪڏهن زيرن- زبرن جو فرق ٿي ويندو تہ ان جي حيثيت مٽجي ويندي، يعني ان جي حيثيت ’تجنيس ناقص‘ ٿي ويندي، ليڪن تجنيس مرڪّب ۾ زيرن- زبرن واري فرق کي نظر انداز ڪري سگهجي ٿو جيئن:

سونهن منهنجي جنهن سُٽائي، سُومري کي سو مَري،
تا حياتي بي حيا جي، منهن تي ہئي هٿ هيٺ هيٺ!

(ڪليات احمد- ياڳو ٻيون، 2017: 163)

ڄاڻايل مثال ۾ ’سومري‘ ۽ ’سو مَري‘ تجنيس مرڪّب جو مثال آهي، جنهن ۾ پهرين ’مقرون‘ ۽ پوءِ ’مفروق‘ ڪم آيو آهي. جڏهن ’مقرون: سومري‘ کي ڏسجي ٿو تہ ’سومرو‘ ذات وارو لفظ نحوي بناوت پٽاندر ’سُومِري‘ ٿئي ٿو جنهن جي پهرين پد ’سُو‘ پٽاندر، ’س‘ اکر تي پيش ۽ ’مري‘ پد پٽاندر ’م‘ اکر تي زير ڪم اچي ٿي، يا ’م‘ ساڪن ٿي سگهي ٿو- ياد. جڏهن تہ مفروق ’سو مَري‘ ٽٽل صورت ۾ ’سو‘ تي ڪابہ اعراب نہ ٿي اچي ۽ ’مَري‘ واري پد مان ’م‘ اکر تي زبر ٿي ڪم اچي. پهرين سٽ ۾ مارئيءَ جي روپ ۾ شاعر چوي ٿو تہ: ’جنهن بہ منهنجي سونهن جو عمر سومري کي ٻڌايو، سو شل مَري!‘

ظاهر آهي تہ تجنيس مرڪّب جي نسبت، اهڙن لفظن جي ٽوڙڻ سان زيرن زبرن جو فرق ممڪن آهي، ان لحاظ کان ڄاڻايل تجنيس ۾ ’زيرن- زبرن‘ کي نظر انداز ڪيو ويندو آهي.

**تجنيس مرڪّب ۾ معنادار لفظن جو تعداد:**

ڪنهن بہ تجنيس ۾ هم جنس، ليڪن مختلف معنادار لفظن جو گهٽ ۾ گهٽ تعداد ٻہ ٿيندو آهي. ان جي برعڪس ’تجنيس مرڪب‘ اهڙي تجنيس آهي جنهن جو دائرو گهٽ ۾ گهٽ ٽن لفظن تي جڙندو آهي، هڪ: مقرون/ سالم، ٻيو: مفروق/ ٽٽل. مفروق ۾ ڪي بہ بہ لفظ ٽٽل حالت ۾ هوندا آهن، جن کي ملائي مقرون

صورت ۾ ڪم آندو ويندو آهي. ان ليکي تحت، ڪل تي معنادار لفظ ڪم ايندا آهن، جيئن مولوي صاحب جي هڪ مصرع ۾ آهي:

وري سڪ جا ٿيا ساوا، سَلا مَن تي، سَلامن تي.

هن مصرع ۾ ’سَلا + مَن‘ ۽ ’سلامن‘ جا ٻہ هم جنس لفظ آهن، جن مان پهرين ’سَلا + مَن‘ کي ملائبو تہ ’سلامَن‘ بيهندو. لفظن جي اهڙي بيهڪ کي تجنيس مرڪب ڪوٺبو.

ڄاڻايل مصرع ۾ مذڪوره تجنيس هيٺ ڪل تي لفظ اچن ٿا، جيڪي مختلف معنادار پڻ آهن:

- سَلا = گونچ۔ انگور۔ گوشو...
- مَن = دل۔ هنياءُ۔ قلب...
- سلامَن = سلام جو جمع. نحوي بناوت موجب حرف جر سببان آخر ۾ ’نون ساڪن‘ جو اضافو...

**تجنيس ’مرڪب‘ ۽ ’مرفُو‘ ۾ فرق:** تجنيس مرڪب ۾ ٻہ اهڙا همجنس لفظ هوندا آهن، جن مان هڪ: مقرون (گڏيل صورت ۾) ٻيو: مفروق (ٽٽل صورت ۾)، جيئن:

پريمَ، اَهنجي پسڻ جا پُور، پيا مَن تي، پيامن تي،

وري سڪ جا ٿيا ساوا، سَلا مَن تي، سَلامن تي.

(ڪليات احمد۔ ياڳو ٻيون، 2017: 562)

مٿئين شعر ۾ مفروق: ’پيا۔ مَن/ سلا۔ من‘ ۽ مقرون: ’پيامن/ سلامن‘ آهي. مفروق صورت وارا لفظ الڳ سان سپ پورا لفظ آهن. جڏهن اهي ملائجن ٿا تہ ساڳين موجود لفظن جهڙا ٻيا لفظ سامهون اچن ٿا. ان مان مراد اها آهي تہ تجنيس مرڪب ۾ ڪل تي مڪمل صورت وارا لفظ ڪم آندا ويندا آهن.

تجنيس مرفو ۾ صرف ٻہ همجنس لفظ سامهون ايندا آهن. هڪ: مقرون (گڏيل صورت ۾)، جڏهن تہ ٻيو: اهڙي صورت ۾ ڪم آڻبو آهي، جو ان کي همجنس بيهارڻ لاءِ گڏ هوندڙ ٻئي لفظ جو صرف جز ڪٽي ان سان ڳنڍيو، مقرون (گڏيل صورت ۾) جهڙو بيهارڻو پوندو آهي، جيئن:

صاحب سَتار هڪڙو تنهن کي سِڪون سدائين،

يا رب ياد ياور، ۽ يار هڪ اسان جو.

(ڪليات احمد۔ ياڳو ٻيون، 2017: 466)

مٿئين شعر ۾ ’يار‘ مقرون (گڏيل صورت ۾) موجود آهي، جڏهن ته ’يا + رب‘ ٻه الڳ لفظ آهن. ان مان صرف ’رب‘ جي ’ر‘ کي ’يا‘ لفظ سان ملائبو ته ساڳيو ’يار‘ بيهندو. ان اهڙي ٻِنڌي کي ’مرفو‘ ڪوٺبو آهي. اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن ’يا‘ ۽ ’رب‘ لفظن کي مڪمل صورت ۾ ملائبو ته ’مرڪب‘ سڏبو.

تجنيس مرفو ۾ ڪي ٻه ٻه لفظ مڪمل صورت ۾ ڪم آڻجن ٿا، جڏهن ته ٽئين لفظ مان صرف اکر/ آواز جز واري حالت ۾ ڪٽي، ڪم آندو ويندو آهي. جنهن صورت ۾ ٽيون لفظ مڪمل صورت ۾ گڏائبو ته پوءِ مرڪب سڏبو. ان حالت ۾ ٻنهي تجنيسن کي ساڳيو تصور ڪري نه ٿو سگهجي.

**تجنيس مرڪّب ۽ تجنيس حرفيءَ ۾ مماثلت:** عروضي شاعريءَ جي حوالي سان مولوي احمد جي سڃاڻپ ’تجنيس حرفيءَ جو شهنشاه‘ رهي آهي. هتي جيڪو جائزو وٺجي پيو سو ’تجنيس مرڪّب‘ جو! بيشڪ تجنيس مرڪب ٻه ’تجنيس حرفيءَ‘ جو جز چئي سگهجي ٿو ليڪن پوءِ ٻه ٻنهي جي دائرن ۾ فرق آهي.

تجنيس حرفيءَ مان مراد اهڙو شعر يا بيان جنهن جو تقريباً هر لفظ ساڳئي حرف سان شروع ٿئي، جيئن:

شام تون جهَل، شامتون پَل، شاه شاهوڪار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو، ڏيهہَ جو ڏاتار تون.

(ڪليات احمد- پاڳو پهريون، 2017: 163)

ڇاڻايل بند جي سٽن ۾ پهرين سٽ ۾ ’ش‘ اکر جي گهڻائي آهي: ’ شام تون جهَل، شامتون پَل، شاه شاهوڪار تون‘، جڏهن ته ٻين سٽن ۾ ’ڏ‘ جي گهڻائي آهي: ’ تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو، ڏيهہَ جو ڏاتار تون‘. ان بنياد تي چئي سگهبو ته اهو شعر ’تجنيس حرفيءَ‘ جو مثال آهي.

ساڳئي وقت ’شام تون‘، مفروق/ ٽٽل صورت ۾ هجڻ ۽ ’شامتون‘ مقرون/ گڏيل صورت ۾ هجڻ سبب تجنيس مرڪب جو ئي مثال سڏبو. چوڻ جو مقصد ته تجنيس حرفي، ٻين تجنيسن جي ماءُ سڏجي ٿي. ان سبب ’تجنيس حرفيءَ‘ جي ٻين تجنيسن سان مماثلت ممڪن آهي.

**تجنيس مرڪّب جو هنڌ:** جيئن ته ڪنهن ٻه شعر جا حصا ٿيندا آهن، مصرع اول، مصرع ثاني، قافيو رديف وغيره. ان لحاظ کان تجنيس مرڪّب جو مخصوص هنڌ

متعيّن ناهي. يعني تجنيس مرڪّب جو استعمال شعر جي ڪهڙي بہ حصي ۾ ڪري سگهجي ٿو. قافيي توڙي رديف ۾ بہ ممڪن آهي، ان لاءِ تہ مولوي احمد ملاح قافين توڙي رديفن کي بہ جاٽايل تجنيس ۾ شامل ڪيو آهي، جيئن:

مس دوائن سان وجي، دل ناپري، تان نا پِري،
ساپرُوءَ جهڙن کي سامهين، ساپري، گم سا پِري،

(ڪليات احمد_ ڀاڱو ٻيون، 2017: 545)

جاٽايل مثال ۾ قافيو: 'نا' ۽ 'سا' آهي، جڏهن تہ 'پِري' رديف طور ڪم آيل آهي. جڏهن رديف 'پِري' سان 'نا' قافيو ملائي ٿو تہ 'ناپري' مقرون ٿي وڃي ٿو ۽ جڏهن ساڳئي رديف 'پِري' سان 'سا' ملائي ٿو تہ 'ساپري' مقرون بيهي ٿو. ان مان مراد اها آهي تہ 'تجنيس مرڪّب' جو ڪو خاص هنڌ ناهي، شعر جي ڪهڙي بہ حصي ۾ ان جو استعمال ٿي سگهي ٿو.

**مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنيس مرڪّب جو جائزو:**

مولوي صاحب جيئن تہ عروضي دؤر جو شاعر رهيو آهي، ليڪن سندس شاعريءَ ۾ سنڌي ڪلاسڪ جو بہ امتزاج رهيو آهي. عروضي شاعر جي نسبت سندس شاعري صنايع بدايع ۾ تمام شاهوڪار رهي آهي. هتي سندس شاعريءَ ۾ 'تجنيس مرڪّب' ڏسڻ مقصود آهي.

سندس شاعريءَ ۾ شعر جي مختلف حصن ۾ مذڪوره تجنيس ڪم آندي اٿس. ايتريقدر جو 'قافين'، 'رديفن' ۾ بہ سندس اهڙي حرفت نوٽ ڪري سگهجي ٿي. هيٺ چند شعر يا بند خيال خاطر رکجن ٿا:

**تجنيس مرڪّب جا سادا مثال:**

➢ آدم (مقرون) ۽ آ دَم (مفروق)

'تي تونگر رب تعاليٰ، توکي تعريفون تمام،
تون اپائين، تون نپائين، ساڻ اعليٰ اهتمام،
آهِ ايءُ آدم، تہ آ دَم، دم مٿي ڪهڙا دَمام،
هيڪ ٻي پنيان هتان، هَليا وڃن حاذق هُمام،
ڏڙ دفن، دس بعد دس، الله بس، باقي هوَس.

(ڪليات احمد_ ڀاڱو پهريون، 2017: 243)

’آدم ۽ آ دَم‘ تجنيس مرڪب جو مثال آهي. يعني ’آ + دَم‘ کي ملائبو ته ’آدم‘ بيهندو. ان سبب ان بيت کي جاٽايل تجنيس ۾ شمار ڪبو.

➢ آب- رُو (مفروق) ۽ آبرُو (مقرون)

آب رُو ’احمدَ‘، تہ ماڻين در احد جي آبرُو،
پڙھہ اکر الفقر فخري، بَن مَ ست تي سيٺ سيٺ.

(ڪليات احمد- پاڱو ٻيون، 2017: 163)

’آب رُو‘ (مفروق) ۽ ’آبرُو‘ (مقرون) بيت جي بنياد تي تجنيس مرڪب جو مثال آهي.

➢ او- تارو (مفروق) ۽ اوتارو (مقرون)

ڏَسين تاريخ او تارو، اٿن ان هيٺ اوتارو،
ڪٿي ڏينهن ڪندڙ جو ڏيھہ، ڪٿي جا ڏَس ڏيين ٿو تون.

(ڪليات احمد- پاڱو ٻيون، 2017: 414)

’او- تارو‘ ۽ ’اوتارو‘ ۾ تجنيس مرڪب جو مثال آهي.

➢ تجمل (مقرون) ۽ تہ جمل (مفروق)

سچ سداسھڻو گھڻو منهنجو سجڻ سچ ڪان بہ صاف،
چا تجلي، چا تجمُل، چا تہ جَمُل واھہ جو.

(ڪليات احمد- پاڱو ٻيون، 2017: 562)

’تجمل ۽ تہ جمل‘ تجنيس مرڪب جو مثال آهي.

➢ پار-ڪر (مفروق) ۽ پارڪر (مقرون)

مينهن وسڻ جي مند آئي، مينهن مارن پار ڪر،
ڪيل هُن ڪُڻ تي ڪنوڻ جا، ايءَ تہ پاسو پارڪر.

(ڪليات احمد- پاڱو ٻيون، 2017: 260)

پار ڪر (مفروق) ۽ پارڪر (مقرون) آهن. پار ڪر = پار = پاسي، ڪر = ڪرڻ جو امر) يعني اي ڌڻي، مينهن کي مارن جي پاسي ڪري ڇڏ. پارڪر = (ڪيل هُن ڪُڻ تي ڪنوڻ جا، ايءَ تہ پاسو پارڪر) ٿر جو علائقو.

➢ پرواھہ (مقرون) ۽ پَر واھہ (مفروق)

مُلان تہ ماني موئي جي، ختمن تي مَرندا ڪوئجي،
پرواھہ نہ پائي پوءِ جي، پَر واھہ ماني ميرَ جي.

(ڪليات احمد- پاڱو پهريون، 2017: 525)

پرواھ (مقرون) ۽ پر واھ (مفروق) تجنيس مرڪب جو مثال آهي.

➢ پريشان (مقرون) ۽ پري شان (مفروق)

پَريشان ڪيو مَن، پَرِي شان جن،
گمر وار، ڪاريون اکيون، ڪونج ڪنڌ.

(ڪليات احمد- ڀاڱو ٻيون، 2017: 225)

پريشان (مفروق) ۽ پري شان (مقرون) تجنيس مرڪب جو مثال آهي.

➢ پيچ ري (مفروق) ۽ پيچري (مقرون)

پُنهل سان پيچ ري، ٻيو ڪير پوندو پيچري پُنيان،
مِرون موجود مارڳ ۾، نہ مهندان مال ڪي ماها.

(ڪليات احمد، ڀاڱون ٻيون- 80)

’پيچ ريءَ‘ (پيچ کان سواءِ) ۽ ’پيچري‘ (رستي) تجنيس مرڪب جو مثال آهي.

➢ جت نہ (مفروق) ۽ جتن (مقرون)

جَت نہ رَت پائي، نہ پَت پائي، پِرن کهڙي تہ پَت،
تِن جَتن جيڏيون، جڏي ڪئي جان، ويندس جت بہ جَت.

(ڪليات احمد- ڀاڱو ٻيون، 2017: 119)

’جت نہ‘ ۽ ’جتن‘ تجنيس مرڪب چئي سگهجي ٿو.

➢ سنگهار (مقرون) ۽ سَن- گهار (مفروق)

سِڪ سَنگهارن جي سڪان، سَن گهار ڪهڙي سانگ ويا،
مون مٿو ويڙهيو نہ ويڙهيان وار ڏارين ۾ ڏُئي.

(ڪليات احمد- ڀاڱو ٻيون، 2017: 591)

’سنگهار‘ (مقرون) ۽ ’سَن گهار‘ (مفروق) تجنيس مرڪب جو مثال آهي. آوازن جي نسبت ’ن‘ جو فرق اچي ٿو ليڪن لکت جي لحاظ کان ساڳيائپ آهي. ’سنگهار‘ ۾ ’ن‘ گهُٽو يعني ’نڪوون ڇوٽو سُر‘ (Nasal short Vowel) آهي، جڏهن تہ ’سن گهار‘ ۾ ’ن‘ وينجن (Consonant) آهي. اهڙي فرق کي بہ نظر انداز ڪري سگهبو آهي، ڇاڪاڻ تہ ’تجنيس مرڪب‘ جو گهڻو تعلق اکرن سان آهي.

➢ ڪو- سِي (مفروق) ۽ ڪوسِي (مقرون)

سِير ۾ ساريان نہ ڪو سِي، تنهنجي ڪِڍ ڪوسِي ٿڏي،
مون ٺلهو ٺارج نہ ٺُل تي، جيئن مِلين تيئن مِل مٺا.

(ڪليات احمد- ڀاڱو ٻيون، 2017: 36)

’ڪو سِيءَ‘ (مفروق) ۽ ’ڪوسِيِ‘ (مقرون) تجنيس مرڪب جو مثال آهي. جيئن تہ مولوي صاحب لاڙي لهجي جو ماڻهو آهي ۽ لاڙي لهجي جي مزاج ۾ آخري ڇوٽو سُر حذف ڪيو ويندو آهي، ان خيال کان سندس شاعريءَ موجب ’سِيِ‘ لفظ جو اچار ٿي هوندو، جيڪو معياري لهجي موجب ’سيءَ‘ ڪري لکيو ويندو آهي.

- ڪا۔ سائِي (مفروق) ۽ ڪاسائِي (مقرون)

نہ آهم سَنڌ ڪا سائِي، مون سان ڪئي سُور پَر سائِي،
جيئن ڪاتيءَ کي ڪاسائِي، ڏيئي چيرو ڳُهن ڇيلا.

(ڪليات احمد۔ ياڳُو ٻيون، 2017: 74)

’ڪا سائي‘ (مفروق) ۽ ’ڪاسائي‘ ’مقرون‘ تجنيس مرڪب جو مثال آهي.

- مان گهر (مفروق) ۽ مانگر (مقرون)

ڪري ارمان اوسيئڙا، ادن لايون اويرون اڄ،
نہ مان گهر موٽيا منهنجا، مگر مانگر ڪنهين ماريا.

(ڪليات احمد۔ ياڳُو ٻيون، 2017: 94)

’مان گهر‘ ۽ ’مانگر‘ ۾ ’وسرڳ‘ ۽ اوسرڳ‘ جو فرق ضرور آهي، پر جيئن تہ لاڙي لهجي جي مزاج ۾ ’گهر‘ جو اچار ’وسرڳ‘ سان ناهي، ان لاءِ ان کي بہ تجنيس مرڪب ۾ آڻبو.

- مفتخَر (مقرون) ۽ مفت خَر (مفروق)

ڪو ٻتاڪي، ڪو ٻتيهہ لَکڻو، تہ ڪو ٻالڪ ٻَٺُور،
ڪنهن اندر خوشبوءِ ڪٿوري، واه، اُڪتو ڪو ڪَتُور،
مُفتخَر، ڪو مفت خَر، قربان قدرت تان ٿيان.

(ڪليات احمد۔ ياڳُو ٻهريون، 2017: 62)

’مُفتخَر (مفتعَل جي وزن تي فخر ڪيل) ۽ مفت خَر (گڏهہ)‘ تجنيس مرڪب جو مثال آهي.

- مڪر (مقرون) ۽ مَر ڪر (مفروق)

دنيا مڙئي مومنَ، مَڪر، باطن زهر ظاهر شڪر،
مغرورَ تنهن تي مَئو مَر ڪر، عالَم سڄو آخر فنا.

(ڪليات احمد۔ ياڳُو ٻهريون، 2017: 422)

’مَڪر (مقرون) ۽ ’مَر ڪر‘ (مفروق) تجنيس مرڪب جو مثال آهي.

- مينڌري (مقرون) ۽ مِ۔ ڌَري (مفروق)

مَنيءَ ڪا مينڌري مَن ۾ ڌَري، مون ڏانهن، منهن موڙيو

مُنيَس، ماريَس مَيارن، ميهڻن، مَرجات، ڪيئن ڪريان.

(ڪليات احمد۔ ياڳو ٻيون، 2017: 394)

'مينڌري' (مقرون) ۽ 'مِ ڌَري' (مفروق) جو مرڪب وارو مثال، لکت/ اکرن جي لحاظ کان ڪمزور ضرور آهي، ليڪن آواز جي بنياد تي ڀرپور آهي. ڇاڪاڻ تہ مفروق: 'مِ ڌَري' جو آواز 'مين ڌري' ٿئي ٿو جن کي مرڪب صورت ۾ آڻبو تہ 'مينڌري' ئي بيهندو.

- نحس (مقرون) ۽ نہ حس (مفروق)

'ري' رَهي نالو ڌڻيءَ جو ٻيو نہ دونهيون ڌَڻ ڌراڙ

خواه ساهڙ، خواه سهڻي، سڀ وڃي ڀهتا ڀَراڙ

ٻول ٻيلاين نہ ٻڌجن، پڻ نہ ڪاهن کي قراڙ

ڪُل نفس ذائقۃ جو نقش هر ڪنهن منجھ نراڙ

پر نحسَ، توکي نہ حَس، الله بس، باقي هَوَس.

(ڪليات احمد۔ ياڳو ٻيون، 2017: 254)

'نحس' ۽ 'نہ حس' تجنيس مرڪب جو مثال آهي.

- نہ ماٽو (مفروق) ۽ نماٽو (مقرون)

ڪو پرين، پيغام منهنجو، تو پُنو پانڌي هٿان،

ڪر نہ ماٽو رهہ نماٽو نت نهاري، موٽ تون.

(ڪليات احمد۔ ياڳو ٻيون، 2017: 413)

'نہ۔ ماٽو' ۽ 'نماٽو' تجنيس مرڪب جو مثال آهي.

- واسوا (مقرون) ۽ وا۔ سوا (مفروق)

واسوا وڃ جو وٺي سگهندو نہ ٻيو ڪو وا سوا،

واءُ، خدا جي واسطي، ويندين نہ ويندين ڇڏ ڪٽي.

(ڪليات احمد۔ ياڳو ٻيون، 2017: 576)

'واسوا (خبرچار) ۽ وا سوا (هوا کان سواءِ)' پڻ تجنيس مرڪب جو مثال آهي. هي مثال بہ لاڙي ٻوليءَ جي نسبت آخري ڇوٽا سُر (Last short Vowels) حذف واري حالت ۾ رهندا. معياري لهجي موجب 'واءُ سواءُ' (مقرون) ۽ 'واءُ سواءِ' (مفورق)

بيهندو جنهن موجب آخري چوٽن سُرن موجب فرق سامهون اچي ٿو.

- ياسين (مقرون) ۽ يا ـ سِين (مفروق)

عين اکيون، الف قد، ياسين خود، يا سِين ڏند،
مثل بسم الله پِرون، رخ پاڪ قرآن جي بجاءِ.

(ڪليات احمد ـ ياڳو ٻيون، 2017: 508)

'ياسِين' (مقرون) ۽ 'يا سِين' (مفروق) تجنيس مرڪّب جو مثال آهي.

- ياقوت (مقرون) ۽ يا ـ قوت (مفروق)

جهَلڪندڙ ياقوت هيءُ، يا قُوت آهي قلب جو
يا تہ آهي لعل لَب، غُنچا ڪري غمخوار جو.

(ڪليات احمد ـ ياڳو ٻيون، 2017: 468)

'ياقوت' (مقرون) ۽ 'يا قوت' (مفروق) تجنيس مرڪب جو مثال آهي.

**قافين ۾ تجنيس مرڪّب جا مثال:**

مولوي صاحب جي غزلن ۾ الڳ ڍنگ سان اهڙا غزل بہ ملن ٿا، جيڪي مڪمل طور تجنيس مرڪب جي دائري ۾ اچن ٿا. انهن مان بہ تہ 'ذوقافيتَين' جا مثال بہ ٿين ٿا، باقي هڪ عام قافين ۾ آهي:

**ذوقافيتَين، مقرون ۽ مفروق (قافيي ۽ رديف جي ميلاپ سان):**

هن دائري ۾ سندس اهڙا غزل اچن ٿا جن ۾ تجنيس مرڪب جي نسبت، ساڳي سٽ ۾، پهريان مقرون ۽ پوءِ مفروق اچن ٿا. مفروق بہ اهڙو جنهن ۾ قافيي کي 'رديف' سان ڳنڍي 'مفروق' بيهاريو ويو آهي. اهڙو انداز بيهارڻ سان اهي قافيا، ذوقافيتَين جو پڻ مثال بڻجي وڃن ٿا، جيئن:

مس دوائن سان وجي، دل ناپري، تان نا پري،
ساپرُوءَ جهڙن کي سامهين، ساپِري، گم سا پَري،
دل بہ هئي، دولت بہ هئي، پڻ دين دانائي دماغ،
ويا سيئي اسباب آئي، واپريءَ جي وا پري،
ڪنهن قَسم ڏيئي پُڇيم، ڪاريون اکيون ڪهڙو قِسم،
باز بَحري، سي نہ بَحري، ناپِري ڳن نا بَري،
عشق گولن جو بہ گولو حسن حاڪم حاڪمن،

ڪنڌ تي ڪاتي قرب لئي، ڳر ڪاتِريءَ تي ڪا تري،
لڙڪ لڙهه لالڻَ، ڏسي اوڏو نه 'احمد' ڪي اچين،
ويهه اکين ۾ آب پوندو آنري، تون آ نري،
(ڪليات احمد- ياڳوبيون، 2017: 545)

تجنيس مرڪب جي نسبت هن ۾ اڳيون حصو مرڪب يعني مقرون ۽ آخري حصو تتل يعني مفروق رکيو ويو آهي، جيئن: تاپري- تا پري، ساپري- سا پري، واپري- وا پري، نابري- نا بري، ڪاتري- ڪا تري، آنري- آ نَري. هن غزل ۾ مولوي صاحب پهريون لفظ مرڪب صورت ۾ آڻي، ساڳئي لفظ کي توڙي هڪ کي قافيو ۽ ٻئي کي رديف طور ڪم آندو آهي. تجنيس مرڪب جو اهڙو مثال ٻين شاعرن وٽ ڪونه ٿو ملي.

**ذوقافيتَين، مفروق ۽ مقرون :**

هن دائري ۾ سندس اهڙا غزل اچن ٿا، جن ۾ تجنيس مرڪب جي نسبت، ساڳي سٽ ۾، پهريان مفروق ۽ پوءِ مقرون اچي ٿو. اهڙي انداز سان قافين جي استعمال سبب ان جي سجاڻپ 'ذوقافيتَين' واري به بڻجي وڃي ٿي، جيئن:

پريمَ، اَهنجي پسڻ جا پُور، پيا مَن تي، پيامن تي،
وري سڪ جا ٿيا ساوا، سَلا مَن تي، سَلامن تي.
ڏَڪايو مون ڏُکيءَ جو ڏِيل، ڏوران پنڌ ڏوراپن،
ڪيا غفلت سبب غم، غُل غُلا مَن تي، غُلامن تي.
نماڻن ڏي نه ماڻن ڪان، نهارين پَر نهوڙين ٿو
خوديءَ کي ڇڏ، رکي خوف خُدا مَن تي، خُدامن تي.
گهُرن ڪي مال، ڪي موتي، ڪي موتيا گل، مگر مون کي،
ته تو ڏاران نه ٻيا دارُون، دَوا مَن تي، دَوامن تي.
مٺي ٻولي سندن، ڳر ٿا ٻُرن ٻيلي ۾ ٻاٻيها،
ڪبوتر ڪجهه وڏي تنهن جي، ڳلا مَن تي، ڳلامن تي.
اڳڻ 'احمد' اُنا اچ مينهن، نه پايو تِن نيايو نينهن،
وري ان ياد اڳيان ڏينهن، آيا مَن تي، آيامن تي.
(ڪليات احمد- ياڳوبيون، 2017: 562)

تجنيس مرڪب جي نسبت، هن ۾ وري اڳيون حصو ٽٽل (مفروق) ۽ آخري گڏيل (مقرون) رکيل آهي، جيئن: پيا مَن ـ پيامن، سَلا مَن ـ سَلامن، غُلا مَن ـ غُلامن، خُدا مَن ـ خُدامن، دَوا مَن ـ دَوامن، ڳلا مَن ـ ڳلامن، آيا مَن ـ ايامن.

’آيا مَن تي‘ ۽ ’ايامن تي‘ ۾ ’مد‘ جو فرق آهي، ليڪن لاڙي لهجي جي ٻوليءَ نسبت ان آواز کي ڇوٽو بہ ڪيو ويندو آهي، جيئن ’آهي‘ کي ’اَهي‘/ ’آهہ‘/ ’آ‘. آوازن جي بنيادن تي مذڪوره لفظ جي ڏگهي ۽ ڇوٽي سُر کي نظر انداز ڪري سگهجي ٿو.

**تجنيس مرڪب نسبت قافين جو استعمال:**

هن دائري ۾ سندس اهڙا غزل اچن ٿا جن ۾ تجنيس مرڪب جي نسبت، الڳ قافيا سامهون اچن ٿا. يعني هڪ قافيي جي جڳهہ تي مقرون تہ ٻئي قافيي ۾ مفروق جو استعمال ڪيو ويو آهي، جيئن:

محبوب مٺا، موٺُ، خدا لڳ خَدمن تي،
سَنڙم تو سوا، ڪي سؤ صدما صدمن تي.
ديدار مٺان دل نہ ڪجي، دوستَ، ڪنهن دم،
هر مهل مٺا، مون کي، ملڻ جي سَڌ مَن تي.
تون نُور انور، پري حُور نہ مٽ مُور،
دل دُور، پوَن پُور، پسڻ جا پَد مَن تي.
هر پاس، اچي واس، کُلي خاص ڪٿوري،
هيءُ پار پريمَ، تنهنجو پَروڙيم پَدمن تي.
آئون مُلڪ هٽي ماڳ رَسان، محبَ، مَٿين تون،
ايڏو نہ ٻڌو زور، انڌيرن آڌمن تي.
تون سَروَ سِڌائيءَ ۾، سدا سونهن ۾ سرور،
چِٽ آهہ ٻڌو الف مثل، ان قَدَ مَن تي.
ڪنهن وار اڳڻ آءُ، ’احمد‘ نار اکين جا،
قربان ڪريان جان، ڪِري ڳر قدمن تي.

(ڪليات احمد ـ ياڳو بيون، 2017: 513)

متئين غزل جي قافين ۾ هڪ کي مقرون/ مفروق حالت ۾ تہ ٻئي هنڌ وري مفروق/ مقرون حالت ۾ رکيو ويو آهي. ’صدمن‘ (مقرون) ۽ ’سَڌ من‘ (مفروق)، ’پَد

مَن' (مفروق) ۽ 'پدمن' (مقرون) ۽ 'قَد مَن' (مفروق) ۽ 'قَدمن' (مقرون) جا قافيا سامهون اچن ٿا.

'صدمن' ۽ 'سڌ- مَن' اکرن جي نسبت نہ ٿا مرڪب ۾ اچن، ليڪن لاڙي لهجي نسبت، آواز جي بنياد تي ان کي مرڪب جو مثال چئي سگهجي ٿو. آواز جي حوالي سان 'وسرڳ' جو اچار لاڙي لهجي جي مزاج ۾ ناهي، ان ڪري 'سڌ' کي 'سد' جو ئي اچار تصور ڪري سگهجي ٿو ٻيو تہ 'ص' پوري سنڌي ٻوليءَ جي نسبت 'س' جو ئي اچار اچي ٿو ان خيال کان ان کي 'صدمن' کي بہ 'سدمن' ئي تصور ڪري سگهجي ٿو.

**تجنيس مرڪب مع تجنيس تام:**

مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ جي ڪاريگريءَ جا رنگ بہ نرالا رهيا آهن، هڪ ئي غزل ۾ تجنيس مرڪب ۽ تجنيس تام جي ٻيهڪ. تجنيس تام جي ٻيهڪ بہ اهڙي جو قافين کي مفروق صورت ۾ آڻي هر لفظ جي معنيٰ الڳ ٻيهاري ٿو جيئن:

ڪانُ ڦهري ڪو لڳو جنهن قلب سين ڪَئي ڪربَلا،
ٻُت چنبن ۾ باز جي پيو، گهُور پانيان ڳر بلا.
چنبُ واڙو وار، منهن جي وصف، شامل صبح شام،
يا گُلابي گُل جي پَر ۾ ڳر، ڪٽي ٿي ڳر بلا.
حوصلو جيڪر هِنيين ۾، ناز نازُڪ جو ڇڏيم،
بت وجهي تان باهہ ۾، باسي بيهان ڪيئن ڳر بلا.
حرف 'هَئو' ۾ حاضرن ڪان، جي حيا پانئين حبيب،
تان پلائيءَ سين پَلا، ٻولي پليءَ ۾ ڪر بَلا.
عاشقن جو آهہ 'احمد' ايئن وڇوڙي ۾ وجود،
هو ڪُڙها جي ڪِهر جا، جيئن ٿي ڪُنا منجهہ ڪربلا.

(ڪليات احمد- پاڳو ٻيون، 2017: 72)

هن غزل ۾ بہ لفظ مرڪب يعني مقرون صورت ۾ آيل آهن ۽ چار لفظ مفرد صورت ۾ يعني مفروق حالت ۾ ڪم آندا ويا آهن. معنوي لحاظ کان اهڙن لفظن جو ڇيد هيٺين ريت رکجي ٿو:

1. ڪربلا (مقرون) 'ڪربلا = ظلم، ڏاڍ، ويل'، 2. ڳر بلا (مفروق) 'ڳر = جيڪر، جهٽڪ' + 'بَلا = مصيبت'، 3. ڪَر بلا (مفروق) 'ڪَر = ڪنڌ' + 'بَلا = سپ، نانگ جي

ماديٰ، 4. ڳَر ٻَلا (مفروق) ’ڳر = جهڙوڪر، ڄڻڪ‘، ۽ ٻيو: ’ٻَلا = ٻَلا (لاڙي لهجي جي صورت) عام صورت ۾ ڳالهائجندڙ انداز تہ اهو ڪم ڪيئن ڪر/ جهڙوڪر ٻلا!‘، 5. ڳَر ٻَلا (مفروق) ’ڳَر = عمل ڪر- ڪرڻ جو امر‘، ۽ ٻيو: ’ٻَليِ = هائو- چونہ‘ (قالوا بليٰ)، 6. ڳَربَلا (مقرون): هنڌ- عراق جو شهر، جتي امام حسين عليہ السلام جي ساٿين ۽ گهر ڀاتين کي شهيد ڪيو ويو.

آخر ۾ هڪ ’واقعاتي غزل‘ جي پسمنظر کان هٽي ڪري، ان جي ٽيڪنڪ کي ڏسجي تہ ان ۾ ڏهہ قافيا مرڪب (مقرون) ۽ مفرد (مفروق) صورت ۾ بيهن ٿا:

ماروِي مارُن منجهان، هيءَ پئي پڏائي پوپٽي،
پاٽهي پرڏيهہ پَلاٽي، پوپٽي اک پو پٽي.
شاه ڪِن شرميلن جا، شان ڳايا شعر ۾،
پُڇ مَ تِن جا پار، جن پاڙي کي پاڙهي پوپٽي.
ڳئين دِلاسا دلبرن کي، پَر نہ ويا دل مان دَليل،
ڪام جا ڪمزور هوندي، ڇا جهليندي پو پٽي.
گهر ڇڏيو گجرات ۾، اڄ گوڙ ڪن ٽيون گُجريون،
پير پنهنجي ۾ ڪهاڙو، ڇئو تہ ڪهڙي پو پٽي.
هُن ڇڏيا شربت شرم کان، هِن وٽن شيشا شراب،
هوءَ جڏهن پهتي پنوهارن پار، پيتئين پو پٽي.
هار هيرن هِن وٽن، هوءَ هِير تي هاري هنجون،
پير ۾ پازيب ڇا ڪن، ڳَن نہ پائي پوپٽي.
هيءَ پڇي محلات ماڙيون، مارئي مارو پڇي،
سُڌ پَکن جي ڏي پکيئڙو، خواه پوپٽ، پوپٽي.
هيءَ عمر جي ڪوٽ اڇٽي، هوءَ تہ ڳڪ ڪوٽن ڪنان،
پيچ پينگهي ۾ پنوهارن سان، پڙهيائين پو پٽي.
هِن اندر ۾ انب ’احمد‘، ڇا ’ٻبي‘ سمجهي پِپُون،
هُن مَڃر موڙي هٿن سان، پاند ۾ مَڪ پو پٽي.

(ڪليات احمد- ٻاگو ٻهريون، 2017: 536- 537)

مٿئين ’واقعاتي غزل‘ جي پسمنظر کان هٽي ڪري، ان جي ٽيڪنڪ کي ڏسجي تہ ان ۾ ڏهہ قافيا مرڪب (مقرون) ۽ مفرد (مفروق) صورت ۾ بيهن ٿا:

.1پوپٽي (پوپٽي هيرانندااڻي) ، 2. پوءِ + پٽي = بعد ۾ کولي، 3. پوپٽي (منفي معنيٰ ۾، پوپٽيون پڙهائڻ جي اصطلاحي معنيٰ، جُٽ ڪئي/ سيڪيت ڏني، 4. پوءِ + پٽي = ڇت ۾ پوندڙ شهتير مٿان ڪاٺيءَ جي پٽي، 5. پوءِ + پٽي = پوءِ ڪمڙي مرهم پٽي/ ڪمڙي ڪيپ ڪٽي، 6. پوءِ + پٽي = پٽڙي جهڻ/ لسي، 7. پوپٽي = ڪن جو زيور، 8. پوپٽي = پوپٽي مادي، 9. پوءِ + پٽي = الف_ بي، 10. پوءِ + پٽي = پٽيائين.

**نتيجو:** چند سوالن جي روشنيءَ ۾، تجنيس مرڪّب جي دائري هيٺ، مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ جو جائزو ورتو ويو. جائزي دوران جيڪي اهم نڪتا سامهون آيا آهن، تن کي اختصاري صورت ۾ پيش ڪجي ٿو:

- تجنيس مرڪّب مان مراد، اهڙا بہ هم جنس لفظ پيت جي صورت ۾ ڪم آڻڻ، جن مان هڪ: مقرون (سالم صورت ۾)، ٻيو: مفروق (ٽٽل صورت ۾). جيئن:

شرافت شر آفت، تہ دولت بہ دو لَت،
ٿيندئي پَڪ پٽيءَ تي پڙهي ڏسندي ڏسندي،

- تجنيس مرڪب ۾ مقرون (گڏيل صورت ۾) ۽ مفروق (ٽٽل صورت ۾) جي حالت اڳ يا پوءِ ٿي سگهي ٿي.
- تجنيس مرڪب ۾ مقرون ۽ مفروق جو دارومدار گهڻو ڪري اکرن/ لکت تي ٿيندو آهي.
- تجنيس مرڪب نسبت، مفروق ۽ مقرون جي صورتن ۾ زيرن زبرن جو فرق ٿي سگهي ٿو.
- تجنيس مرڪب جي دائري ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ لفظ ڪم اچن ٿا.
- تجنيس مرڪب ۽ تجنيس مرفو ۾ لفظن جي بيهڪ جو فرق رهي ٿو.
- تجنيس مرڪب ۽ تجنيس حرفيءَ توڙي تجنيس تام ۾ ساڳئي حرف سان شروع ٿيندڙ لفظن نسبت مماثلت رهي ٿي، ليڪن سيني جا دائرا مختلف ٿين ٿا.
- تجنيس مرڪبُ، شعر جي ڪهڙي بہ حصي ۾ ٿي سگهي ٿو.
- مولوي احمد ملاح شعر جي مختلف حصن ۾ تجنيس مرڪب ڪم آڻيندي، قافيي ۽ رديف ۾ پڻ تجنيس مرڪب ڪم آندي آهي، جنهن جي شڪل

ذوقافيتَين واري ٽي وچي ٿي. ان تجنيس هيٺ، مولوي صاحب جي ڪم آندل قافين جي استعمال جا ٽي نمونا نوٽ ڪيا ويا آهن:

1. ذوقافيتَين ۾ پهرين مقرون ۽ پوءِ مفروق. ان نموني ۾ قافيي ۽ رديف جي ميلاپ کي بہ شامل رکيو ويو آهي، جيئن:

مس دوائن سان وچي، دل ٿاپري، تان نا پري،
ساپرُوءَ جهڙن کي سامهين، ساپري، گم سا پَري.

2. ذوقافيتَين ۾ پهرين مفروق ۽ پوءِ مقرون رکيو ويو آهي، جيئن:

پريمَ، آهنجي پسڻ جا پُور، پيا مَن تي، پيامن تي،
وري سڪ جا ٿيا ساوا، سَلا مَن تي، سَلامن تي.

3. الڳ قافين ۾ تجنيس مرڪب، جيئن:

تون سَروَ سِڏائيءَ ۾، سدا سونهن ۾ سرور،
چِٽ آهه ٻڏو الف مثل، ان قَدَ مَن تي.
ڪنهن وار اڱڻ آءُ، ’احمد‘ نار اکين جا،
قربان ڪريان جان، ڪِري ڳر قدمن تي.

4. تجنيس مرڪب مع تجنيس تام، جيئن:

ڪانُ ڦري ڪو لڳو جنهن قلب سين ڪَئي ڪربَلا،
ٻُت چنبن ۾ باز جي پيو، گهُور پانيان ڳر بَلا.
چنڊ واڙو وار منهن جي وصف، شامل صبح شام،
يا گُلابي گُل جي پَر ۾ ڳر، ڪٽي تي ڳر بلا.

✍ مولوي صاحب، شعر جي مختلف هنڌن تي تجنيس مرڪب ڪم آندي آهي، ليڪن سندس قافين ۾ اهڙو استعمال قدري وڏيڪ ٿو ملي.

❖

## حوالا


1. بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر، 'جامع سنڌي لغات'، جلد: 2_ سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سال: 1981، ص: 590
2. حوالو ساڳيو_ ص: 591
3. مرزا، قليچ بيگ 'علم عروض'مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو سال: 2016_ ص: 97_ 98.
4. عباسي ظفر 'سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون'سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد 2007_ ص: 413
5. ام ڪلثوم شاهہ، ڊاڪٽر'شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ استعارہ ۽ تشبيهہ نگاريءَ جو تحقيقي جائزو': شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر_ ڪراچي يونيورسٽي، سال: 2004_ ص: 23
6. فيروزالدين_ فيروز اللغات_ عربي اردو، لاهور: فيروز سنز لميٽيڊ_ سال: 1979
7. رستماڻي ضرار، پروفيسر_ 'ڪليات احمد' (*مولوي احمد ملاح*) ڀاڱو پهريون ۽ ٻيو، نروشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سال: 2017_ (*ڪليات احمد جا صفحا نمبر مواد ۾ ڏنا ويا آهن*).

مختيار احمد ملاح

# سنڌي ٻوليءَ ۾ جاگرافيءَ جو علم : هڪ اڀياس
# A Study on Geography Subject in Sindhi Language


**Abstract:**

*Geography as a field of learning has continue to hold special importance since ancient times because the relation between human beings and the earth is eternal, and the knowledge of earth is said to be 'Geography'. As ancient books on history of Sind are written in Arabic and Persian, so the Geography of Sind is also written in those languages. Additionally, the books written in English on the Geography of Sind are in English language. When different writers began to write books on Geography in Sindhi in nineteenth century, the term "Dharti Nirwar (The Manifestation of Earth)" also came to be used for Geography in Sindhi. The article will try to expose that Geography subject was not promoted in Sind after independence because Geography is not taught now at schools like past times. Previously, the syllabus of class/grade One to Three contained books on Geography subject, which particularly contained the brief information of different talukas of Sind, but such books have disappeared altogether now. A very small number of students opts Geography at college level. Likewise, a few students opt to seek admission to Geography at university level. Over many past years, no book on Geography has been published in Sindhi. This article presents review of the printed material on Geography in Sindhi.*


قديم دور کان جاگرافيءَ جي علم کي خاص اهميت حاصل رهي آهي، ڇو ته انسان ۽ ڌرتيءَ جي وچ ۾ گهرو تعلق رهيو آهي. ڌرتيءَ بابت ڄاڻ جي علم کي ’جاگرافي‘ چيو وڃي ٿو. جاگرافي، ٻن يوناني لفظن ’جيو (Geo) معنيٰ ’ڌرتي‘ ۽ ’گراف (Graph) معنيٰ ’ماپ‘ مان نڪتل آهي. هنديءَ ۾ جاگرافي کي ’ڀون- وگيان‘ به چون ٿا. سنڌ جون اوائلي تاريخون جيئن ته عربي ۽ فارسيءَ ۾ لکيل آهن، ان ڪري انهن ڪتابن ۾ سنڌ جي جاگرافي به عربي ۽ فارسي زبانن ۾ درج ڪيل آهي. جيڪي انگريزي زبان ۾ ڪتاب لکيا ويا، انهن ۾ جاگرافي به

انگريزيءَ ۾ لکيل آهي. اڻويهين صديءَ ۾ جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکڻ جي شروعات ٿي تہ ليڪڪن جاگرافيءَ لاءِ ”ڌرتي نروار“ جو لفظ بہ ڪتب آندو. اڪثر جاگرافيدانن، پنهنجي علمي ميدان کي نہ رڳو طبعي حالتن وارين تصويرن تائين محدود رکيو آهي، پر ان کي ڌسي مشاهدن ۽ لاڳاپن، انگن اکرن جي روشنيءَ ۾ مختلف عنصرن تي بہ نظر رکي آهي. خشڪي ۽ ساموندي ورهاست، طبعي ۽ زميني ڪيفيت، پاڻي ۽ هوا، نباتات، حيوانات، معدنيات، زراعت، صنعت ۽ حرفت، آمد و رفت ۽ ملڪي پاڳن ۾ فطري تبديلين جي سببن ۽ نتيجن تي پڻ نظر رکڻ سندن تحقيق ۾ شامل آهي.

جاگرافي، درحقيقت مشاهدي جو هڪ اهڙو طريقو آهي، جنهن سان ٽن قسمن جو مواد حاصل ٿئي ٿو: پهريون سائنس جي مزاج ۽ قاعدن جي ڄاڻ ملي ٿي، ٻيو هن وسيلي منظم سائنسي مضمونن جي پيش ڪيل تصويرن واري صحت جي جاچ ڪئي ويندي آهي ۽ ٽيون مخصوص جاين جي جدا جدا حالتن جو حقيقي تجزيو. ان ذريعي سامهون اچي ٿو. جاگرافيءَ جو تعلق موسم، زمين ۽ ستارن وغيره سان بہ آهي، ان ڪري جاگرافيءَ کي سنڌي ۾ ’آڪاشي نروار‘ بہ چيو ويندو هو. جاگرافيءَ جو ساهوارن، پيداوار، سياحت ۽ سماج ڪانسواءِ نفسيات ۽ فلسفي سان بہ تعلق آهي. جاگرافيءَ جو علم نقشن جي ڄاڻ ڪانسواءِ پڙهي نٿو سگهجي.

بنيادي طور جاگرافيءَ جون بہ اهم شاخون ’طبعي جاگرافي‘ (Physical Geography) ۽ ’انساني جاگرافي‘ (Human Geography) آهن. اڳتي هلي انساني جاگرافيءَ جون ڪيترين ئي شاخون نڪرن ٿيون. جيئن سنڌ جي قديم تاريخ آهي، تيئن دنيا جي مختلف ٻولين ۾ آيل سنڌ جي جاگرافيءَ جي بہ قديم تاريخ پڻ آهي. سنڌ ۾ کيرٿر جي جابلو قطارن ۾ ڪيترين ئي غارون واقع آهن، جن ۾ تصويري لکتون موجود آهن، ۽ جن تي اڃا تائين ڪا منظم تحقيق ڪانہ ٿي آهي، پر انهن تصويري لکتن ۾ ڪي طرف ٻڌائڻ خاطر ’تير‘ يا اشارا ڏنا ويا آهن، جن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ جاگرافيائي اهميت کي سمجهندي طرفن جي نشاندهي ڪئي ويندي هئي.

**سنڌ جي جاگرافي ۽ تاريخي حدون:** سنڌ جي جاگرافيائي حدن بابت يونانين کان وٺي عرب جاگرافيدانن جا انيڪ حوالا موجود آهن. سنڌ جي جاگرافيائي حدن بابت رچرڊ برٽن لکيو:

”سنڌ پرڳڻو اپکنڊ (سنڌ تاسر: Indian Plate) جي ڏکڻ ڪنڊ وارو اهو زميني حصو آهي، جيڪو اتر ويڪرائي ڦاڪ جي 23 ۽ 28 درجن ۽ اوڀر ڊگهائي ڦاڪ جي 66 ۽ 71 درجن جي وچ ۾ موجود آهي. ان جي اتر کان ڏکڻ تائين ڊيگهه 360 ميلن جي لڳ ڀڳ ٿيندي ۽ ويڪر 170 ميل آهي. ان جي وچ مان وهندڙ ’سنڌوندي‘ (River Indus) اُن کي ٻن ڦاڪن ۾ ورهائي ٿي. ان نديءَ پنهنجي لٽ سان سنڌ جو ميداني علائقو لکين، ۽ ڪروڙين سالن دوران جوڙيو آهي“.(1)

رچرڊ برٽن، سنڌ جي جاگرافيائي حدن بابت وڌيڪ لکي ٿو ته:

”اهو علائقو جنهن کي يوناني ’سنڌومان‘، پراچين هندو ’سنڌ ديس‘، عرب جاگرافي نويس ’سند‘ ۽ هاٽوڪا رهواسي ’سنڌ‘ جي نالي سان سڏيندا آهن، ان جون حدون هي آهن: اتر طرف بهاولپور جو علائقو، ڏکڻ طرف عربي ۽ هندي وڏو سمنڊ، اوڀر طرف وارياسا ’رڻ پٽ‘ ۽ الهندي ۾ کيرٿر ۽ ان سان لاڳاپيل جبلن جون قطارون، جن کي يورپ وارن جي غلطيءَ سبب ’هالار جبلن‘ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو“.(2)

سنڌ جو سمورو الهندو پاسو جابلو سلسلن ۽ ان جي مختلف ورنن ۽ مختلف جوڙجڪ واري تاڪرو نمونن سان سرشار آهي. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا مان ملندڙ معلومات موجب:

”الهندي وارن جبلن جي هن سلسلي کي سنڌ واسي ’کيرٿر جابلو سلسلو‘ (Khirther Mountain Range) چون ٿا. هي جابلو سلسلو ’زمين جي جيالاجيڪل (پون ڇاڻڪاري) ماپي‘ (Geological Scale of Earth) موجب ’پربت جيڏن جانورن واري زماني‘ (Jurassic Era) يعني اٽڪل روءِ 13 ڪروڙ 60 لک ورهيه (136 million years) اڳ پوري ٿيڻ کانپوءِ ’چن ۽ چاڪ واري زماني‘ (Cretaceous Epoch) ۾ جڙي راس ٿيو. هي دؤر 13 ڪروڙن سالن کان هڪ ڪروڙ سالن تائين جاري رهيو. ان دؤر جي وچ ڏاري گلن ۽ ڦرهن وارا ٻوٽا اُسريا. انهيءَ زماني تائين اپکنڊ (سنڌ تاسر)، 5 ڪروڙ ورهيه اڳ گونڊوانا لينڊ (Gondwana Land) مان مڊگاسڪر وٽان ڇڄي، ٽيٿئيس سمنڊ (Tethys Sea) ۾ هڪ وڏي ٻيٽ

(Great Island) وانگر تري رهيو هو. ان زماني ۾ اپکنڊ اتر طرف هوريان هوريان سُرڻ شروع ڪيو ۽ 4 ڪروڙ 50 ورهيہ اڳ اپکنڊ ۽ يورئشئن تاسرن جو ٽڪراءُ (Collision of Indian Eurosion Plates) ٿيو جنهنڪري 'ويڙهيدار جوان جابلو سلسلو' (Young Folded Mountain Range) هماليا ۽ 5 لک سال اڳ زمين جي اندرين تبديلين جي ڪري ڪئلاش پربت اوچتو اڀريو. جڏهن تہ کيرٿر سلسلي جون پراڻيون ٽڪريون 'پربت جيڏن ۽ ريڙهيون پائيندڙ جانورن واري زماني' (Jurassic & Triassic Era) جون آهن. جيڪي هن اپکنڊ-يوريشئن تاسرين جي ٽڪراءَ واري زماني ۾ 5000 فوٽ کان وڌيڪ اتاهيون ٿي نروار ٿيون".(3)

سنڌ جو الهندو جابلو سلسلو مختلف مٿاهين چوٽين سان نروار آهي، جيڪي سنڌ ۾ تمام مشهور آهن.

**کيرٿر، ڪُتي جي قبر، ڪڪريو، ڪارو ۽ پيٽارو:** کيرٿر جي سڀ کان اُڀي چوٽي ڪُتي جي قبر آهي، هن ماڳ جي اوچائي 7200 فوٽ آهي. هيءَ چوٽي ري جبلن ۾ ڪوئيٽا وارن جبلن کان بہ اُڀي آهي. هن چوٽيءَ جي اتر طرف 'ڏاڙهياري' جبل جو مٿانهون پٽ آهي، جيڪو سراسري طور سمنڊ کان 6000 فوٽ مٿانهون آهي. 'کيرٿر جابلو سلسلو' ٽن جدا جدا نالن سان: 'ڪڪريو، ڪارو ۽ پيٽارو' جبلن ۾ ورهايل آهي ۽ اهي هڪٻئي جي سامهون اولھہ سنڌ مان لنگهن ٿا. پهرين جابلو قطار 'ڪڪريو'، کيرٿر جي اوپر ۾ آهي، جنهن جا پاسا اُڀا، اڙانگا ۽ اولھہ طرف لڙيل آهن. ٻي جابلو قطار 'ڪارو' وچ وارو مٿانهون پٽ آهي، جنهن جون چوٽيون، سنون ۽ سڌن جابلو ليٽن وانگر آهن، جن جا پاسا گول آهن. ٽين جابلو قطار 'پيٽارو'، ڇن جي جبلن جي ڇپن تي آڏاريل آهي. (4)

سنڌ جي جاگرافيءَ جو اڀياس، در اصل سنڌ جي زميني ورنن جو اڀياس آهي. سنڌ جا برپٽ، واريا سا پٽ سنڌ جي اعليٰ سونهن جو بيان آهن.

**اپرندي وارا واريا سا پٽ:** اپرندي وارا واريا سا پٽ، جيڪي راجستان سان وچي ملن ٿا،

سي ڪنهن زماني ۾ ڏاڍا آباد، وسيل ۽ ساوڪ سان ڀرپور علائقا هئا. جتي هاڪڙو، چتانگ ۽ سرسوتي نديون وهنديون هيون. ان وقت ۾ سنڌ کي ٻه وڏا درياهه آباد ڪندا هئا. هڪ ايرندو درياهه، جيڪو پڪ ئي پڪ هاڪڙو هو ۽ ٻيو الهندو درياهه 'سنڌو' آهي. جيڪو ڪڏهن هاڪڙي جي ويجهو ۽ ڪڏهن پرانهون ٿي 20 ۽ 70 ميلن جي وچوٿي ڏئي الهندي طرف کان وهندو رهيو آهي. هنن درياهن جي ڀرتي ڪندڙ ندين ۾ سنڌونديءَ جون ڀرتي ڪندڙ نديون: ستلج، بياس، راوي، چناب، جهلم هيون، جڏهن ته ايرندي ڏانهن چتانگ ۽ سرسوتيءَ جا وهڪرا به جاري ۽ ساري هئا. هاڪڙو 'زميني جڙيل تاسرين جي چرپر' (Movement of Tectonics Plates) جي ڪري آيل زلزلن سبب رخ بدلائي يمنا (جمنا) جو ڀراءُ وجي ٿيو ۽ سنڌ جي ادبي اتهاس ۾ ان جي ياد رڳو هڪ سورٺي ۾ وجي رهي آهي:

هاڪ وهندو هاڪڙو، ڀڄندي ڀنڊ اروڙ،
بهه، مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙيا (5)

"ايرندي جي هن ريگستاني وارياسي پٽ کي سنڌ واسي 'ٿر' سڏين ٿا. هن خطي ۾ وڏا وارياسا پٽ ۽ ڀٽون آهن. ان جي سراسري ويڪر 50 ميل ٿيندي. هي باراني علائقا آهن ۽ اتان جي زندگي مينهوڳيءَ تي آڌاريل آهي. ٿر جا ڪي حصا 'نارو ڪئنال' (Nara Canal) آباد ڪري ٿو. هن وارياسي علائقي جي ڏکڻ اوڀر ڪنڊ وٽ 'ڪارونجهر جبل' آهي، جيڪو 12 ميل ڊگهو آهي ۽ ان جي اوچائي 1000 فوٽ ٿيندي. هي جبل 'زمين جي اندرين آتش فشاني لقائن' (Volcanic Activities) جي ڪري 5 ارب 70 ڪروڙ ورهيه اڳ وجود ۾ آيو. اصل ۾ ڪارونجهر جبل ڏکڻ هندستان جي اراولي جابلو سلسلي (Aravali Mountain Range) جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن کي ڪڇ ۾ 'ڪارا ڏونگر' (Black Mountains) چيو ويندو آهي. هي سلسلو سمنڊ جي اندر تائين هليو وڃي ٿو. گجرات ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ آيل ماضيءَ جا زلزلا ۽ سونامين وارا لقاءَ، هنن جبلن جي اندر هلندڙ آتش فشاني عمل جي ڪري ٿيا هئا".(6)

سنڌ جو مَيداني علائقو جيڪو سنڌو نديءَ زرخيز لٽ آڻي، هزارين ۽ لکين ورهين ۾ جوڙي راس ڪيو اهو ئي زرخيز ميداني علائقو سنڌو تهذيب جي اوسر جو بنيادي ماڳ رهيو آهي. هتي ئي اوائلي زرعي سماج ۽ مالوند لوڪن گڏجي، واڌو

زرعي ۽ چوپائي مال جي واڌ سبب وسنديون، واهڻ ۽ شهر جوڙيا.

**سنڌ جو ميداني علائقو:** ”سنڌ جو ميداني علائقو (Alluvial Plain)، جيڪو سنڌونديءَ جي ٻنهي ڪپن سان لاڳيتو 10 کان 25 ميلن تائين ويڪرو آهي، سو ڪشمور کان وٺي ’عربي/ سنڌي سمنڊ‘ تائين هليو وڃي ٿو. هي انتهائي زرخيز علائقو سال ۾ ربيع ۽ خريف جي ٻن فصلن جي اپت ڏئي ٿو. ڪٿي ڪٿي ته سال ۾ ٽي فصل به پوکيا وڃن ٿا، جن ۾ ناڻي وارا فصل (Cash Crops) به شامل آهن.“(7)

سنڌ جو ڪيٽيائي ماڳ، جتي سنڌو ندي ڇاڙون ڇاڙن ٿي وهندي آهي، سنڌ جي سامونڊي ڇاڙهه کي روڪڻ وارو تمر جي ٻيلن سان ڀرپور علائقو آهي، جتي مڇين جون انيڪ جنسون واڌ ويجهه ڪن ٿيون.

**سنڌ جو ڊيلٽائي علائقو:** ”سنڌ جو ڊيلٽائي علائقو سنڌونديءَ جي سترهن (17) ڇاڙهن تي ٻڌل آهي. سنڌو ڊيلٽا 350 ڪلوميٽرن تي ’مور کنڀ‘ جهڙي صورت ۾ پکڙيل آهي. هن علائقي جي ’سنڌو ڊيلٽائي- منهن‘ (Mouth of Indus Delta) ۾ اٽڪل 300 ننڍا وڏا ٻيٽ آهن، جن اندر ماضيءَ ۾ ملاحن ۽ ميربحرن جا سوين ڳوٺ آباد هئا، اڄڪلهه سنڌونديءَ ۾ پاڻيءَ گهٽ هئڻ ۽ مٺي پاڻيءَ جي کارين تائين گهٽ پهچ هئڻ ڪري مڇي ۽ جهينگن جو نسل ختم ٿيندو پيو وڃي ۽ ڇهن لکن هيڪٽرن تي ٻڌل تمر جا ٻيلا، جيڪي انيڪ قسمن جي مڇي ۽ ٻي آبي جيوَت جي ’قدرتي ٻيجاري‘ (Natural Hatcheries) جا مرڪز هئا، سي هاڻي ختم ٿيڻ جي ويجهو اچي پهتا آهن. ڊيلٽائي علائقا ۽ اتي موجود تمر جا ٻيلا هر قسم جي آبي جيوَت سان گڏ انساني پيٽ قوت ۽ جيئدان جو ڪارڻ آهن. تمر جي ٻيلن جي کوٽ جي ڪري ’سنڌ جو ماحولياتي نظام‘ ۽ ’ماحولياتي وايومنڊل‘ (Eco system) بدلجي رهيو آهي.“(8)

قديم تاريخ ۾ سنڌ کي هڪ تمام وشال سامونڊي ڪنارو هو جيڪو گذريءَ کان ڪنيات نار تائين لاڳيتو هليو ٿي ويو. هن وقت به سنڌ جو سامونڊي علائقو ۽ بندرگاهه وڏي جاگرافيائي اهميت رکن ٿا.

**سنڌ جو سامونڊي علائقو:** سنڌ کي تمام ڊگهو سامونڊي ڪنارو آهي،

جنهن تي ڪراچيءَ جهڙو عالمي هاڪ رکندڙ شهر ۽ بندر موجود آهي. سنڌ جي ساموندي ڪناري سان ماضيءَ ۾ انيڪ قديم بندر: ديبل، پنيور، لاهري، ڪيٽي ۽ علي بندر وغيره موجود رهيا آهن. اڄڪلهه رڳو ڪراچي بندر ئي هڪ وشال بندر جي حيثيت ۾ سنڌ جي ناڻي جي اُپت (Revenue) جو مکيه وسيلو آهي. ان بندر ذريعي سموريءَ دنيا جا واپاري جهاز اچ وڃ ڪن ٿا. پاڪستان جي بحري فوج جو مرڪز به ان شهر ۾ آهي. (9)

**سنڌ جا خشڪ علائقا** (Arid Zones of Sindh): پاڪستان جي جملي خشڪ زمين جو 17 سيڪڙو سنڌ صوبي ۾ آهي، جنهن کي 'نيم گرم استوائي بيابان' (Subtropical) جو درجو ڏئي سگهجي ٿو. سنڌ جي خشڪ زمين 68000 هم چورس ڪلوميٽرن ڪان سرس ايراضيءَ تي پکڙيل آهي، جنهن کي هڪ جيترن ٽن حصن: **ٿر، ناري ۽ ڪوهستان** ۾ ورهائي سگهجي ٿو. سنڌ جي جملي جاگرافيائي علائقي 14.09 ملين هيڪٽرن مان 9.28 ملين هيڪٽر چراگاهه آهن ۽ اهي گهڻي ڀاڱي ملڪي ملڪيت آهن، جن کي 1958ع ۾ 'تحفظ ڏنل ٻيلا' قرار ڏنو ويو.

(1) **ٿر:** ٿر جو علائقو 23000 هم چورس ڪلوميٽرن تي پکڙيل آهي ۽ ان جي آدمشماري ارڙهن لکن جي لڳ ڀڳ آهي. سنڌ جي هن علائقي جو وڏو حصو ٿرپارڪر ضلعي ۾ آهي، باقي عمرڪوٽ ضلعي سان واسطو رکي ٿو. ٿرپارڪر ضلعو ڏکڻ طرف ڪڇ جي رڻ سان ملي ٿو ۽ هندستاني وڏي ريگستان جو هڪ حصو بڻجي ٿو. جاگرافيائي بيهڪ جي لحاظ کان هي علائقو 240 کان 280 اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 670 کان 710 اوڀر ڊگهائي ڦاڪ جي وچ تي آهي. ٿر جي آبهوا اتر ۾ خشڪ ۽ ڏکڻ ۾ بنهه خشڪ آهي. اتر ۽ ڏکڻ ۾ وسڪارو مختلف وقتن تي ٿئي ٿو. هن علائقي ۾ هر ٽن چئن سالن کانپوءِ ويجي ڪو مينهن وسي ٿو ۽ هر اٺن ڏهن سالن کانپوءِ مڪمل خشڪساليءَ جو منهن ڏسڻو پوي ٿو. گهٽ وسڪاري جي مند ۾ اها شرح اڃا به گهٽجي ويجي ٿي. (10)

(2) **نارو:** ناري جو علائقو 22000 هم چورس ڪلوميٽرن ۾ پکڙيل آهي، جنهن جو مٿانهون حصو سکر، خيرپور، نوابشاهه ۽ سانگهڙ ضلعن سان

ملندڙ آهي. ٿر ۽ نارو سنڌوءَ جي کاٻي طرف آهن ۽ اهي سنڌ صوبي جي اڀرندي حد ٺڄن ٿا.(11)

**(3) ڪوهستان:** ڪوهستاني علائقو 23000 هم چورس ڪلوميٽرن ۾ پکڙيل آهي ۽ سنڌ جي جملي زمين جو 4 سيڪڙو خشڪ آهي، جنهن ۾ دادو، لاڙڪاڻي ۽ ٺٽي جا حصا اچي وڃن ٿا. ماحولياتي حساب سان هي 'نيم گرم جابلو خطو' سڏجي ٿو ۽ گرم ساموندي چراگاهہ جو درجو رکي ٿو. ڪوهستان الهندي سرحد کان سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ تي ۽ ڏکڻ ۾ انڊس ڊيلٽا سان پکڙيل آهي".(12)

**سنڌو ندي:** هندن جي ڌرمي ڪتاب "رگويد" لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو هندن جو سڀ کان آڳاٽو ڪتاب آهي. ان بابت راءِ بيٺي آهي تہ اهو 1500 کان 2000 سال قبل مسيح جي عرصي جو لکيل آهي. ويدن ۾ گنگا جو ذڪر فقط ٻہ دفعا ملي ٿو، پر ان ۾ سنڌو درياهہ جي شان کي 30 پيرا ڳايو ويو آهي. انهن شلوڪن ۾ سنڌو جي تهذيب، درياهي وهڪرن، ماڻهن ۽ ٻين جاگرافيائي حالتن جي ساراهہ بہ اچي وڃي ٿي:

اجهل، اڻموٽ سنڌو،
ٻل واري سگهاري سنڌو،
ڏيهن ۽ ميدانن مان،
اپار پاڻيءَ جا، ڦلاءَ ڪٽي،
جرڪندي، ڪڙڪاٽ ڪندي، وهندي رهي ٿي،
جهڙي ابلق گهوڙي،
سونهاري ۽ سوڀيا وان سنڌ،
ڀلن گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي،
۽ آهي شاهوڪار رٿن ۽ ويسن وڳن ۾،
سهڻي گهڙيل سون ۾ شاهوڪار،
اڻ مَئي مايا جي مالڪ.
هتان جا گاهہ نيڻ ٺار ۽ لذت وارا
اُنَ اهڙِي جو وينو ڏس
شربت جو ميناج نہ پُڇ".(13)

**سنڌ ۾ جاگرافي جي علم جا مختلف دور:**

**سنڌو سؤوير**: مهاڀارت جي زماني ۾ سنڌ ۽ سؤوير هڪ مُلڪ ليکيا ويندا هئا. ملتان جو حصو سؤوير جاتو ويندو هو. راجا جئدرٿ سنڌي هو. سنڌ جي جن آڳاٽن شهرن جو ذڪر راماڻ ۽ مهاڀارت ۾ آهي، اُهي آهن:

الور_اروڙ وئشي آرين جو تختگاهه.

پٽالا_سور آرين جوڙيو.

سيووستان_ سيوي آرين تعمير ڪرايو هو.

مينانگر_ سنڌ جي ڊيلٽا تي، سنڌ جو مشهور شهر.

هنگلاج_ لس ٻيلي ۾ مهاڪاليءَ ديويءَ جي مندر جو تيرٿ".(14)

**سنڌ جا قديم يوناني جاگرافيدان**: سنڌ جي قديم جاگرافيءَ جا حوالا يوناني ۽ رومي جاگرافيدانن ۽ سياحن جي ڪتابن مان پڻ ملن ٿا، جن ۾ هڪيئٽس، اسڪائلئڪس، هيروڊٽنس، ميگئز ٿيسينز ارٽستو بولس، ڪلائٽار جس، ايرنٽو سٿينيس يودوڪسز استرابو، پلو ٽارچ ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. سنڌ جي تاريخ جا مستند حوالا راءِ گهراڻي جي دؤر حڪومت کان ملن ٿا. پروفيسر محرم علي خان موجب:

"سنڌ جو پهريون دارالحڪومت، جيڪو تاريخي طور تي اسان کي معلوم آهي، سو الور جو تخت_ شهر آهي. انهيءَ شهر ۾ ئي سنڌ جي پهرين حڪمران خاندان راءِ گهراڻي جي حڪومت سن 495ع يعني پنجين صديءَ کان شروع ٿئي ٿي".(15)

هن دؤر ۾ سنڌ جي عوام جي هڪ وڏي اڪثريت سنڌونديءَ جي ڪنارن تي رهندي هئي، مڇي مارڻ، جانور پالڻ، شڪار ڪرڻ ۽ زراعت سندن مکيه ڌنڌا هئا. زراعت کي خاص اهميت حاصل هوندي هئي. اهڙي طرح ٻاهرين دنيا سان به سندن واپاري تعلقات هئا. هن دؤر ۾ ملڪ اندر سڪا به رائج هوندا هئا.

**سنڌ جا عرب جاگرافيدان**: يونانين کان پوءِ سنڌ جي جاگرافيءَ جي گهڻي ۾ گهڻي معلومات عرب سياحن ۽ جاگرافي دانن جي ڪتابن مان ملي ٿي. 712ع ۾ عربن سنڌ تي حڪومت قائم ڪئي ۽ عربن جو سنڌ ۾ اچڻ وڃڻ جو هڪ طويل سلسلو شروع ٿيو. عربن باقاعده سنڌ جا نقشا جوڙيا، پنهنجي ڪتابن ۾ شامل ڪيا. اهڙن نالن ۾ بزرگ بن شهريار، ابن خردازبه، ابن حوقل، جاحظ، استخري، الادريسي، زڪريا قزويني،

احمد بن يعقوب، المسعوري، ابوالحسن، احمد بن يحيٰ، ابو زيوالحسن، ابن بطوطا، البيروني، عبدالقادر بغدادي ۽ ٻيا ڪيترائي نالا شامل آهن. عرب، جاگرافي جي ميدان ۾ انتهائي قابل سمجهيا ويندا هئا. هو جاگرافيءَ جي تحقيق جي سلسلي ۾ سالن جا سال گهران نڪري ويندا هئا ۽ ساموندي سفر ڪري مختلف ملڪن جو مشاهدو ڪري ڪتاب لکندا هئا ۽ نقشا تيار ڪندا هئا. عرب، سنڌ جي مستند جاگرافيءَ جي معلومات، نقشن سميت تيار ڪري ڏئي ويا آهن. اهي ڪتاب عربيءَ ۾ اڄ بہ موجود آهن، جن مان اڪثر انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن، جڏهن تہ سنڌيءَ جي تحقيقي ڪتابن ۾ بہ انهن جا حوالا اچي چڪا آهن. ابن حوقل پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جي هيٺين رياستن، انهن جي حڪمرانن ۽ راڄڌانين جو ذڪر ڪيو آهي:

| نمبر | رياست جو نالو | راڄڌاني | حڪمران |
|---|---|---|---|
| 1 | ملتان | جندورو | سام بن لوي |
| 2 | سنڌ | منصوره | هباري گهراڻو |
| 3 | مڪران | ڪي | عيسي بن معدون |
| 4 | مشڪي | مشڪ | مطهر بن راجا |
| 5 | ٻڌ | گنداوا | غير مسلم راجا |
| 6 | طوران | طوران شهر | ابو القاسم بصري |
| 7 | قزدار | ڪنيز ڪاتان | معين بن احمد |

**عرب دور کانپوءِ جاگرافيءَ جو علم:** سنڌ ۾ عربن کان پوءِ وارن حڪومتي دورن: سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور(1843_712ع) ۾ سنڌ ۾ فارسي زبان کي رياستي ٻوليءَ جو درجو مليل هو. اِنهن دورن ۾ فارسي ۽ عربي زبانن ۾ سنڌ جي علم ۽ ادب تي بيشمار ڪتاب لکيا ويا، جن مان ”چچ نامي“ کي خاص اهميت حاصل آهي. ’چچ نامو‘ سنڌ جي تاريخ جو بنيادي ماخذ آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي راءِ، برهمڻ ۽ عرب دورن جي تاريخ ۽ جاگرافي بابت اهم معلومات ملي ٿي. ان کان علاوه سيد مير محمد پورانيءَ جي ’نصرت نامہ ترخان‘، مير محمد معصوم بکريءَ جي ’تاريخ معصومي‘، سيد طاهر محمد سنياني جي ’تاريخ طاهري‘، ادارڪي بيگلاري جي ’بيگلار نامو‘، مير علي قانع جي مختلف ڪتابن مان يوسف ميرڪ جي ’مظهر شاهجهاني‘ ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪتابن جا جاگرافيءَ جا الڳ باب لکيا ويا

آهن. مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دورن کان وٺي سنڌ ۾ سنڌي زبان ۾ ڪتابن لکڻ جي هڪ تحريڪ شروع ٿي، پر انهن ۾ اڪثر ڪتاب ديني معاملن بابت لکيا ويا، ان جي باوجود مدرسن ۽ مڪتب ۾ جاگرافيءَ جو مضمون پڙهايو ويندو هو ته جيئن ٻار پنهنجي اردگرد جي حالتن، ملڪن ۽ طبعي حالتن وغيره کان باخبر ٿين. جيڪڏهن سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعريءَ کي ڏسجي ته، جاگرافيءَ جا سنڌي زبان ۾ اهڃاڻ انهن جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا. قديم ڪلاسيڪل شاعريءَ مان جبلن، ڍنڍن، ڍورن، ٻرن، ندين، قومن، شهرن، ڳوٺن، سامونڊي سفرن، مذهبي مڪانن، طوفانن ۽ برساتن وغيره جي معلومات ملي ٿي. خود شاهه لطيف جي شاعري جاگرافي حوالن سان ڀرپور آهي. مثال طور:

موٽي مانداڻن جي، واري ڪيائين وار
وڃون وسڻ آئيون، چوڏس ٿي چوڌار
ڪي اٿي هليون استنبول ڏي، ڪي مڙيون مغرب پار
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندن سار
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار
ڪي دلي، ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار
جنبي ويون جسيلمير تان، بيڪانير بيڪار
ڪنهن ڀُڄ ڀڃائيو، ڪنهن ڍٽ مٿي ڍار
ڪنهن اڇي عمرڪوٽ تان، وسايا ولهار
سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين (16)

ٽالپرن جي دور (1843ع_1783ع) ۾ مغربي عملدار، سياحن ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ايجنٽن جو سنڌ ۾ اچ وڃ جو سلسلو عام هو. يورپي قومن مان انگريزن خاص ڪري سنڌ جي جاگرافيائي بيهڪ، اهميت ۽ افاديت تي ڌيان ڏنو ۽ هنن سنڌ ۾ سنڌو نديءَ ذريعي وڻج واپار تي ڌيان ڏنو. بعد ۾ برطانوي حڪومت سنڌ ۾ قائم ٿي. ان عرصي ۾ انگريزن خاص طور سنڌ جي تاريخ، ادب، ٻولي، جاگرافيءَ ۽ ملڪي حالتن تي رپورٽون تيار ڪيون ۽ ڪتاب لکيا، جن ۾ جاگرافيءَ جي باب کي سڀ کان اول رکيو ويندو هو. انگريز عملدارن سنڌ جي جاگرافيءَ تي تمام گهڻو ڪم ڪيو.

هنن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جا نقشا تيار ڪيا. سنڌ جي زراعت، آبپاشي، جبلن، واهن، وادين ۽ ٿر جي صحرا جا بہ نقشا جوڙيا، جيڪي اڄ بہ استعمال ٿي رهيا آهن. هنن سنڌو درياھ جي ڀرپور سروي ڪئي. جاگرافيءَ جي ميدان ۾ اليگزينڊر هيئملٽن، ناٿن ڪرو، هينري پاٽينجر، اليگزينڊر برنس، جيمس برنس، هيوگو جيمس، آرٿر ڪونولي، رچرڊ هارٽلي، وليم هينري ڊيني، سر آئزڪ نڪولسن ايلن، ٿامس پوسٽنس، جيمس آئوٽرام، چارلس مئسن، ميلڪم رابرٽ هيگ، رچرڊ برٽن، ڪئپٽن ايس اين رپڪس، جين فيئرلي، ڊيوڊ راس، جارج راورٽي، ايچ ٽي لئمبرڪ ۽ ٻين ڪيترن ئي جي ڪتابن ۾ سنڌ جي جاگرافيءَ جي ڀرپور معلومات ملي ٿي.

**انگريزن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ جاگرافيءَ جو علم:** جيستائين سنڌ ۾ انگريزن جي دور تائين سنڌي الف۔ ب نهي راس نہ ٿي هئي، تيستائين سنڌي زبان ۾ جاگرافيءَ جا ڪتاب بہ نہ لکيا ويا هئا نہ شايع ٿيل هئا. 1853ع ۾ سنڌي زبان لاءِ سنڌي الف۔ ب کي سرڪاري طور نافذ ڪيو. سنڌي زبان ۾ درسي ڪتاب لکجڻ لڳا. سنڌي اسڪول کوليا ويا تہ سنڌي زبان ۾ مختلف مضمونن لاءِ ڪتاب بہ لکجڻ لڳا. انگريز سرڪار پنهنجي تعليمي تجربي جي حساب سان جاگرافيءَ جي مضمون جي اهميت کان واقف هئا. هنن جاگرافيءَ جي مضمون کي پهرين جماعت کان وٺندي ڪاليجن تائين پڙهائڻ جو بندوبست ڪيو. انگريزن جو دور سنڌي زبان ۾ جاگرافيءَ جي اهميت ۽ ڪتابن جي لحاظ کان عروج جو دور هو. هن دور ۾ سنڌي ۽ انگريزي ۾ جاگرافي جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا. سنڌ ۾ جاگرافيڪل سوسائٽيءَ جو قيام عمل ۾ آيو. هن دور جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ هيٺيان ڪجھ ڪتاب اهم آهن:

**ننديرام ميراڻي سيوهاڻي** (1819_1875ع): سنڌي الفابيٽ جڙڻ کان وٺي سنڌي عالمن ٻين موضوعن سان گڏ جاگرافيءَ ۾ معلومات پڙ لکي. ان ۾ ڪيترائي عالم اڳيرا ۽ گيان ڏيان وارا هئا. سنڌي ٻوليءَ ۾ سڀ کان اول ننديرام ميراڻي، جيڪو سيوهڻ جو رهاڪو ۽ الفابيٽ ڪميٽيءَ جو ميمبر هو، سندس علمي توڙي ادبي خدمتون ادبي تاريخ ۾ نمايان حيثيت رکن ٿيون. خاص ڪري الف۔ ب جي موجوده تشڪيل ۾ سندس ڪوششون ساراھ جوڳيون آهن. جديد علمن جي اصطلاحن کي يڪجاءِ ڪرڻ ۾ سندس ئي ڪوششون تعريف لائق آهن، اڄ بہ جاگرافي، رياضي جاميٽري ۽ ٻين علمن ۾ تيار ڪيل ڪتابن ۾ سندس جوڙيل اصطلاح مروج آهن.

”هن ۾ مهاديو شاستريءَ ڳڌجي 1855ع ۾ ’ڌرتي نروار‘ جي نالي دنيا جي مختصر جاگرافيءَ جو انگريز ليکڪ هينري موريس جي انگريزي ڪتاب تان ٻن جلدن ۾ ترجمو ڪيو. هينري موريس هندستان جي اسڪولن جي ڪورس لاءِ ڪيترائي ڪتاب لکيا هئا. ڪتاب پهرين حصي ۾ 246 صفحا ۽ ٻيو حصو 194صفحن تي پکڙيل هو. پهرئين جلد ۾ يورپ، آفريڪا، آمريڪا ۽ اوشينيا جي جاگرافي لکيل آهي ۽ ٻئي جلد ۾ ايشيا کنڊ ۽ هندستان جي جاگرافي ڏنل آهي.”جاگرافيءَ سان تعلق رکندڙ سنڌي ۽ عربي ٻولين وارا اصطلاح جيڪي هنن جاگرافين ۾ ڪم آيل آهن، سي ساڳيا اڄڪلهه جي سڌريلن جاگرافين ۾ بہ قائم آهن. جهڙوڪ: محور، قُطب، خطِ استوا، ڏکهائي ڦاڪ، ويڪرائي ڦاڪ، مڌيان ڦاڪ، کنڊ، ٻيٽ، اُپٻيٽ، ڳچي ڌرتي، راس، نار، اُپسمنڊ وغيره “.(17)

ان کان پوءِ 1861ع ۾ مهاديو شاستريءَ ، ننديرام سان گڏ ’جغرافيہ جديد‘ لکيو. هي ڪتاب وڏن ڪلاس جي شاگردن جي ڪورس تي رکيل هو. هن ڪتاب ۾ جاگرافيءَ جي معلومات سولي نموني سمجهايل آهي. مهاديو شاستري ان زماني ۾ تعليم کاتي سان وابستہ هو. هن ڪي درسي ڪتاب پڻ سنڌي ۾ ترجمو ڪيا هئا.

پنڊت بنسي ڌر چرنجي لال هندي جي ڪتاب ’بديا نگر‘ تان ’حقائق الموجودات‘ نالي اردو ڪتاب جوڙيو هو.ديوان نندیرام ان جو 1861ع ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سندس نالو ’سنساري نروار‘رکيو.’مطالعه الفطرت‘ (Nature Study) يا ’سرشتي اپياس‘ تي هي پهريون پهريون ڪتاب سنڌي ۾ لکيو ويو آهي. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ سنڌي زبان ۾ جاگرافيءَ جي ڄاڻ ڏيڻ جو بنياد نندیرام سيوهاڻي وڌو.

**نارائڻ جڳن ناٿ وئديہ :** جڳن ناٿ، سنڌ جي جاگرافي، تاريخ تي’سنڌ جو نروار‘ نالي ڪتاب سال 1865ع ۾لکيو. ڪتاب جيتوڻيڪ مختصر آهي، پر معلومات جي لحاظ کان نهايت مفيد ۽ بنيادي آهي. ڪافي عرصو هي ڪتاب نصاب ۾ شامل هو. هي ڪتاب مختلف بابن ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي رخن کان معلومات مهيا ڪري ٿو. 1856ع ۾ سيد ميران محمد شاه (اول)، جنهن ڪتاب ’سڌاتورو_ڪڌاتورو‘ لکيو هو. تنهن ’آڪاشي نروار‘ لکيو. ’آڪاشي نروار‘ يعني خلاصہ نظام شمسي (نظام شمسيءَ

جو تشريحي بيان). ”هي ڪتاب وڏن شاگردن لاءِ درسي ڪتاب هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ علم هيئت بابت هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڌرتي، سج، چنڊ، سيارن (گرهن)، ثوابت (نکترن يعني بيٺل تارن) پڇڙ تارن، ڪسوف (سج گرهڻ) ۽ خشوف (چنڊ گرهڻ) بابت ماڻهن جا جيڪي اٽڪلاٽائيءَ جهڙا خيال ۽ عقيدا هئا، تن کي ڪوڙو ثابت ڪيو ويو آهي. ڪتاب مان نثر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

> ”هن ڳالهه جي ڏيان ڪرڻ کان ته اسين ڌرتيءَ سُوڌا جنهن تي رهندا آهيون، توف جي گونري کان پڻ هيڪوسو وِيهُوٽو تڪڙو هوا تي اڏامندا وڃون. ڪهڙا ڪهڙا اچرج پڌرا ٿين ٿا ۽ ڏٽيءَ جو ڊپ ۽ ان جي ٻانهپ ۽ چٽَي ۾ رهڻ ڪيترو اسان تي جوڳو ٿئي ٿو“.(18)

1856ع ۾ مشهور عالم، اديب ۽ ماهرِ تعليم ڪوڙيمل چندن مل ’املهه علم طبعي‘ لکيو، جنهن ۾ هن خاص طور طبعي جاگرافيءَ جي معلومات مهيا ڪئي آهي. ان کان پوءِ واحد بخش جو ’ته جُلدي علم طبعي‘ (1874)، هوتچند سگنومل جو ’جاگرافي‘ (1910)، چيلارام ڪيچند جو ’جاگرافي‘ (1937)، گرمداس پيتو مل جو ’جاگرافي‘ (1944) ۽ بي ايس ناگراڻيءَ جو ’جاگرافي‘ (1945) اهميت وارا آهن. انگريزن جي دور ۾ سنڌي زبان ۾ جيڪي به جاگرافيءَ جا ڪتاب لکيا ويا، انهن مان اڪثر تعليمي مقصدن خاطر لکيا ويا، جن جا ليکڪ اسڪولن جا استاد هئا. جيڪڏهن انهن کي موضوع وار الڳ ڪجي ته، انهن کي هيٺين ريت ورهائي سگهجي ٿو:

(1) دنيا جي جاگرافي
(2) مختلف کنڊن جي جاگرافي
(3) هندستان جي جاگرافي (جنهن ۾ بمبئي کاتي جي جاگرافي به شامل آهي)
(4) سنڌ جي جاگرافي (جنهن ۾ ائٽلس جاگرافي به شامل آهي)
(5) سنڌ جي مختلف ضلعن ۽ تعلقن جي جاگرافي

ان سلسلي ۾ جيڪڏهن مختلف کنڊن جي جاگرافيءَ جي ڪتابن جو جائزو وٺبو ته انهن ۾ اهم نالو هري سنگهه ڊنگومل جو ملندو. هو ڪراچيءَ ۾ هڪ اسڪول ۾ ماستر هو. هن ڪيترائي درسي ڪتاب لکيا. جڏهن ته جاگرافيءَ جي ڪتابن ۾ ’ٽي جلدي جهان جي جاگرافي‘ (1888)، ’ٻه کنڊي جاگرافي يعني ايشيا ۽ يورپ جو

مختصر نروار' (1884)، 'انگلينڊ ۽ آمريڪا جي مختصر جاگرافي (1884)، جاگرافي يورپ آمريڪا ۽ آفريقا (1884)، آفريقا ۽ آمريڪا جي جاگرافي (1884)، هندستان جي مختصر جاگرافي (1885) ۽ سنڌ جي تمام مختصر جاگرافي (1909) وغيره اهم آهن.

**راءِ بهادر تارا چند شوقيرام (1850_1893ع) بحيثيت جاگرافيدان:** سماج سڌارڪ راءِ بهادر تارا چند شوقيرام تعليم کاتي ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ سان گڏ ٽريننگ ڪاليج، حيدرآباد جو ڪيترائي سال پرنسپال رهيو ۽ سرڪار طرفان تعليم کاتي ۾ ترجمان طور بہ ڪم ڪيائين. تارا چند شوقيرام جي اصلي شهرت جاگرافيدان واري آهي. هن جاگرافي جي مضمون تي ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ 'فزيڪل جاگرافي' (1851ع)، 'دنيا جي جنرل جاگرافي' (1886ع)، 'يورپ کنڊ جي جنرل جاگرافي' (1885ع)، 'ڏکڻ ايشيا کنڊ جي جنرل جاگرافي' (1885ع)، 'فزيڪل جاگرافي سوالن جوابن ۾' (1885)، 'يورپ کنڊ جي تفصيلوار جاگرافي' (1886)، 'ايشيا کنڊ جي جنرل جاگرافي' (1885) وغيره اهم آهن. سندس پهريون ڪتاب 'يورپ کنڊ جي جنرل جاگرافي' آهي ، جنهن ۾ برٽش آٽلس انگريزي ٻيٽ) متعلق مفيد معلومات ملي ٿي ۽ ڪيترن انگريزي ڪتابن جي ورق گردانيءَ جو نتيجو آهي. ڪارخانا، ٻيلا، کاڻيون، پوکون، تعليم، اپسمنڊ ۽ ناريون وغيره جي چٽي سمجهاڻي ڏنل آهي. انگريزن جي فتح ڪيل ايراضين، يورپ ايشيا، آفريقا، آمريڪا ۽ آسٽريليا بابت بہ چارٽ جي صورت ۾ تفصيلي سان ذڪر ڪيل آهي.ڪتاب مان نثر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

1. جبل: هن ۾ چار مکيہ جابلو ضلعا آهن. پينائن جي قطار جو پيٽ، ٽڪرين کان لنگهي ڊربي شيئر جي ٽڪرين تاءِ اچي ٿي. اهي سڄي قطار ۾ ڪرائس فيل تمام وڏي چوٽي آهي، جنهن جي اتاهي 2927 فوٽ آهي.
2. ڪمبيرئن قطار انهيءَ جي بہ شڪل گول جهڙي آهي سا پينائن جي الهندي پاسي آهي تنهن ۾اسڪافيش وڏي وڏي چوٽي آهي جنهن جي بلندي 3229 فوٽ آهي، ٻي چوٽي هبليويلن 3055 فوٽ ۽ ٽي اسڪڊار 3012 فوٽ.
3. ڪيميرين جي قطار، جا ويلس جي گهڻي پاڱي ۾ لنگهي وڃي ٿي انهيءَ ۾ سنوڊن جبل آهي ۽ جنهن جي اتاهي 3590 آهي ، اها چوٽي انگلينڊ ۽ ويلس

جي سيني جبلن کان وڏي آهي انهيءَ کانسواءِ ٻيون چوٽيو ن بہ آهن، جهڙوڪ بريڪناڪ بيڪن پلنلمن ڪيڊر آئڊرس. انهن قطارن ۾سيورن ۽ وسندين جي وچ ۾ هڪڙي ننڍڙي قطار آهي، جنهن کي مالورن چون ٿا.

4. ڏووئين قطار جنهن ۾ڪاسيندبيڪن ۽ ڏارٽ مور جبل آهن.

جڏهن تہ ٻين ڪتابن ۾ واحد بخش جو 'بہ کنڊي جاگرافيءَ ' (1893)، محمد يوسف جو 'جاگرافي ايشيا ۽ يورپ جي جاگرافي' (1897)، عبدالحق جو 'ايشيا کنڊ جي جاگرافي' (1888)، جمال الدين جو 'ايشيا کنڊ جي جاگرافي' (1898) ۽ ايم اي جڳتياڻي جو 'ائٽلس جاگرافي يورپ کنڊ' (1926) وغيره اهم آهن. دنيا ۽ مختلف کنڊن کان علاوه گڏيل هندستان ۽ ان وقت جي بمبئي حڪومت هيٺ هلندڙ رياستن جي گڏيل جاگرافيءَ جا ڪتاب پڻ لکيا ويا. اهڙن ڪتابن ۾ سنڌ جي جاگرافي بہ شامل هوندي هئي. ان سلسلي ۾ اتمچند تارا چند جو هندستان جي جاگرافي (1875)، محمد رمضان آخوند جو 'هندستان جو مختصر نروار' (1882)، عبدالحق جو 'هندستان جي مختصر جاگرافي' (1888)، کيمچند شوقيرام جو 'هندستان جي مختصر جاگرافي' (1893)، ساڳي نالي سان فقير محمد بہ 1893 ۾ ڪتاب لکيو. آغا تاج محمد جو ڪتاب 'ڏس ۽ سک جاگرافي هندستان' 1940ع ۾ شايع ٿيو.

بمبئي کاتي جون مختصر جاگرافيون هريسنگ ڏنگو مل بہ ڪافي لکيون، پر منشي گرٽ نولالسنگهہ سيوهاڻي (1828_1887) جو لکيل 'بمبئي کاتي جي جاگرافي' (1868) اهم آهي. سندس باري ۾ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو تہ: 'هو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر (ضلع ڪراچي ۽ شڪارپور) جي آفيس ۾ هيڊ منشيءَ جي عهدي تي فائز هو. هن جي تحرير ڪيل 'بمبئي کاتي جي جاگرافي' 1868ع ۾ شايع ٿي. سندس انداز بيان جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"سنڌ جي جو واءُ پاڻي خشڪ ۽ گرم آهي، آرهڙ جي ڏينهنِ ۾، سکر ۾ 102 درجي تائين ٿرماميٽر جو پارو چڙهي ٿو. اتر ڏي ايتري سخت گرمي آهي جو افغانستان جا ماڻهو چوندا آهن تہ سنڌ جي گرمي اچي ماڻهوءَ کي ڪارو ڪري ٿي ڇڏي ۽ آني کي پچائي وجهي".(19)

**جڳتراءِ ايسر داس شِوداساڻي (1882_1945):** جڳتراءِ ايسر داس شِوداساڻيءَ جو شمار انهن جاگرافيءَ جي استادن ۾ ٿئي ٿو جن ائٽلس جاگرافيءَ جا ڪتاب لکيا. هو

حيدرآباد جي ٽريننگ اسڪول ۾ استاد هو بعد ۾ وائيس پرنسپال جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو. سندس ڪتابن ۾ 'ائٽلس جاگرافي هندستان' (1926)، 'ائٽلس جاگرافي سنڌ' (1922)، 'ائٽلس جاگرافي يورپ، جاگرافيءَ جو ڪورس ۽ جاگرافيءَ جو ايڪسرسائيز بوڪ' وغيره اهم آهن. سنڌ جي جاگرافيءَ تي گهڻا ڪتاب محمد يوسف بادل خان بخشاڻيءَ لکيا. هو عليگڙهه يونيورسٽيءَ مان پڙهيل هو ۽ خيرپور رياست تعلق رکندڙ هو. هو تعليم کاتي مان ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿيو هو. سندس ڪتابن ۾ 'جاگرافي ايشيا ۽ يورپ' (1898)، 'بمبئي کاتي جي جاگرافي' (1896)، 'سنڌ جي مختصر جاگرافي' (1894)، 'سنڌ جي سهنجي مختصر جاگرافي' (1894) ۽ 'جاگرافي سنڌ' (1902) وغيره اهم آهن.

**شيخ عبدالحق :** جاگرافيءَ جي مضمون تي رٽائرڊ ائڊمنسٽريٽو آفيسر اسڪول بورڊ ڪراچيءَ جو شيخ عبدالحق پڻ ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "ايشيا کنڊ جي جنرل جاگرافي" (1888)، 'سنڌ جي نئين جاگرافي' (1918) ۽ 'سنڌ جي سليس جاگرافي' (1927) وغيره اهم آهن. جڏهن ته ٻين ڪتابن ۾ محمد رمضان آخوند جو 'سنڌ جو مختصر نروار' (1876)، بولچند ڪوڙيمل جو سنڌ جو ڏرتي نروار (1893)، فقير محمد جو سنڌ جي مختصر جاگرافي (1898) ۽ شيوا رام لاهوري مل جو 'سولي ۽ مختصر جاگرافي' (1935) وغيره اهم ڪتاب آهن. انگريزن جي دور ۾ جتي سنڌ جي جاگرافيءَ تي ڪتاب سنڌي زبان ۾ شايع ٿيا، اتي ٻيا ڪيترائي ڪتاب سنڌ جي ضلعن ۽ تعلقن جي جاگرافي بابت لکيا ويا. انهن سڀني ڪتابن کي پهرين ڪلاس کان پنجين درجي جي شاگردن جي تعليم ۽ سکيا خاطر مقامي استادن لکيو هو. اهي ڪتابڙا هئا. هتي اهڙن ڪجهه ڪتابن جي مختصر فهرست ڏجي ٿي:

(1) حيدرآباد ضلعي جي جاگرافي (1902) ڏيومل ڪلاچند، (2) سکر تعلقي جي جاگرافي (1904) نواز علي شاهه، (3) حيدرآباد ضلعي جي مختصر جاگرافي (1912) ڏيومل ڪلاچند، (4) خيرپور تعلقي جي جاگرافي (1912) شاهه صاحب ماستر، (5) رياست تعلقي جي جاگرافي (1912) شاهه صاحب ماستر، (6) سڌريل سکر تعلقي جي جاگرافي (1912) قاضي غلام مصطفيٰ، (7) فيض گنج تعلقي جي جاگرافي ((1912) شاهه صاحب خيرپور ماستر، (8) گمبٽ تعلقي جي جاگرافي ((1912) شاهه

صاحب خيرپور ماستر، (9) ميرواهہ تعلقي جي جاگرافي ((1912) شاهہ صاحب خيرپور ماستر، (10) نئين سڏريل سکر ضلعي جي جاگرافي (1912) الهڏنو شاهہ ، (11) جاگرافي تعلقي شڪارپور ۽ ضلعي سکر جي (1913) نندیرام تلسيداس، (12) تعلقي وارهہ سنڌ جي جاگرافي (1920) ديوان بولچند، (13) سڏريل سکر تعلقي جي جاگرافي (1921) سيد پنجل شاهہ (14) سڏريل سکر تعلقي جي جاگرافي (1921) روچلداس، (15) نئين سڏريل شڪارپور تعلقي جي جاگرافي (1921) ٽڏا سنگہ (16) جاگرافي شڪارپور تعلقو ۽ سکر ضلعو (1924) نيو ندرام، (17) ائٽلس جاگرافي ضلعو سکر (1926) جي-جي شوداساڻي، (18) ائٽلس جاگرافي ضلعو سکر (1926) جڳتراءِ ۽ عبدالقادر، (19) ائٽلس جاگرافي ضلعو ڪراچي (1926) جڳتراءِ ۽ ڏرمداس نارومل، (20) جاگرافي تعلقو ڪنڊيارو (1926) چوهڙ مل ۽ تولارام، (21) ائٽلس جاگرافي ضلعو نوابشاهہ (1927) ڪرمچند ليلارام ۽ جڳتراءِ، (22) جاگرافي تعلقو گمبٽ (1927) ماستر ٿانور داس، (23) ائٽلس جاگرافي ضلعو لاڙڪاڻو (1926) چيلارام موهنداس ۽ (24) ائٽلس جاگرافي ضلعو نوابشاهہ (1926) آسورام مولراءِ ۽ تولارام.

**نامور سنڌي جاگرافيدان ڊاڪٽر مانيڪ (ماڻڪ) پٿاوالا:** انگريز دور ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي مڪمل طور جاگرافيدان سڏجي تہ اها هڪ ئي شخصيت ڊاڪٽر ماڻڪ بينرجي پٿاوالا هو. بنيادي طور هيءُ پارسي هو ۽ ڪراچيءَ جي مختلف تعليمي ادارن سان لاڳاپيل هو. هن سنڌ جي جاگرافيءَ تي 'A Geographical Analysis of the lower Indus Basin ( Climatic conditions in Sindh' عنوان هيٺ پي ايچ ڊي ڪئي. هن سنڌ جي جاگرافيءَ جي مختلف پهلوئن تي 50 کان مٿي ڪتاب ۽ مقالا لکيا. ڪراچي ۾ جاگرافيڪل سوسائٽيءَ جو قيام آندائين. ان پليٽ فارم تان جاگرافيڪل جرنل بہ شايع ڪندو هو. مجموعي طور اِهو دور سنڌي جاگرافيءَ جي لحاظ کان بهترين دور هو. جاگرافيءَ جي مضمون سان کيس عشق هو ۽ جاگرافي ۾ سندس تحقيق جو محور "سنڌ" هئي.

جڏهن تہ هن سڄي هندستان جي مختلف علائقن جي جاگرافيءَ تي بہ ڪم ڪيو هو“.(21) جاگرافيڪل سوسائٽيءَ جي جرنل ۾ گھڻا مضمون هن جا هوندا هئا، سندس ڪتابن جو تعداد 50 کان بہ مٿي آهي، جڏهن تہ سندس تحقيقي مقالن جي تعداد جو اندازو نہ ٿو ڪري سگھجي. هن ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا لکيا. سندس ڪتابن ۽ مقالن مان ڪجھ جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

1. A Geographical Analysis of Khairpur State — A Post Barrage Investigation
2. An Introduction to Pakistan its Resources and Personalities
3. Geography and Culture with example of Sindh
4. Greater Karachi
5. Historical Geography of Sindh
6. New Site for Pakistan Capital
7. Survey of Dominion's Mineral Resources
8. Physiographic Division of India , Burma and Ceylon
9. A Geographical Analysis of the Lower Indus Basin (Sindh) Climatic Conditions in Sindh
10. Settlement in the Lower Indus Basin (Sindh)
11. An Introduction to Kashmir : Its Geography and Geology
12. A Physical and Economic Geography of Sindh
13. Identification and Description of some old Sites in Sindh and their relations with the Physical Geography of the Region
14. Sacred Spark
15. Rock Record of Darious the Great
16. Historical maps of Sindh (22).

**1947ع کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ جاگرافيءَ جو علم:** ورهاڱي کانپوءِ پوري ملڪ ۾ جديد تعليم جو ڦهلاءُ شروع ٿيو. وڏن وڏن شهرن ۾ يونيورسٽيون قائم ٿيون، جن ۾ جاگرافيءَ جا نوان شعبا قائم ٿيا. موجوده وقت ۾ سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ڪراچي يونيورسٽي، وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي، شاهہ عبد اللطيف يونيورسٽي، خيرپور، ۽ ٻين ڪيترن ئي خانگي يونيورسٽين ۾ جاگرافيءَ جا شعبا قائم آهن. جاگرافيءَ جي مضمون جي اهميت اسڪولن کان وٺي ڪاليجن تائين پهتي. ٿيڻ ائين گهربو هو تہ، سنڌ ۾ جاگرافي جي مضمون تي خاص ڌيان ڏيئي، ان شعبي کي وڏيڪ ترقي

ڏيارجي ها ۽ سنڌيءَ ۾ جاگرافيءَ تي وڌيڪ تحقيق ٿئي ها. جنهن سان ڪاليج سطح کان يونيورسٽي سطح جا استاد جاگرافيءَ جا ڄاڻو پيدا ٿي سگهيا ٿي، پر ائين نہ ٿيو سنڌ جي سرڪاري توڙي خانگي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ جاگرافيءَ جو مضمون پڙهايو وڃي ٿو پر جاگرافيءَ جي شعبي ڪا ترقي ڪانہ ڪئي. ۽ 1947ع کان پوءِ اڄ 2020ع تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ جاگرافيءَ جو ڪو بہ معياري ڪتاب شايع ٿيل نظر نہ ٿو اچي.. ڪجھ انگريزي ڪتاب ۽ ڪي انگريزيءَ مان ترجمن جي صورت ۾ ضرور شايع ٿيا آهن. جاگرافيءَ جا اڪثر پروفيسر صاحب، پنهنجي پڙ ۾ پي.ايچ.ڊيءَ جون ڊگريون تہ حاصل ڪريو ويٺا آهن، پر سنڌ جي جاگرافيءَ تي جديد انداز سان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. افسوس جي حد اها بہ آهي تہ يونيورسٽين جي اڪثر سيمينار لائبريرين ۾، انگريز دور ۾ لکيل سنڌ جي جاگرافيءَ تي ڪي خاص ڪتاب بہ موجود نہ آهن.

1947ع کان پوءِ، جاگرافيءَ جي مضمون تي ٿورو گهڻو ڪم ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ٿيو آهي، جتي جي استادن ۽ شاگردن جي جوڙيل "جاگرافر ايسوسيئشن" قائم هئي، جيڪا گهڻو فعال رهي نہ سگهي. سيد ظفر حسن، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪيترائي سال جاگرافي شعبي جو چيئرمين رهيو. هو انتهائي اصول پرست شخص هو. ان کان علاوه ڪهاڻيڪار، نقاد ۽ پبلشر بہ هو. جيستائين ادبي دنيا ۾ داخل نہ ٿيو هو تيستائين 'جاگرافي' نالي هڪ ننڍو مخزن بہ ڪڍندو هو ۽ جاگرافيءَ تي ڪي مضمون بہ لکيا. سنڌ يونيورسٽي جي جاگرافيءَ شعبي جي پروفيسر رفيق احمد ڏناڻي بہ سنڌ جي ڳوناڻي گهرن بابت ۽ مقالا لکيا آهن. اهڙيءَ طرح ڪجھ جهونن پروفيسرن جا بہ ڪي مضمون نظر اچن ٿا.

آزاديءَ کانپوءِ بہ ماڻڪ پٿاوالا جا جاگرافيءَ تي معياري ڪتاب انگريزيءَ ۾ شايع ٿيا آهن، جن ۾ (1) Physical and Economic Geography of Sindh (2) Historical Geography of Sindh

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي جاگرافي شعبي جي پروفيسر مشتاق الرحمان جو 'دي جاگرافر ايسوسيئيشن' پاران 1975ع ۾ A Geography of Sindh Province Pakistan شايع ٿيو جيڪو انتهائي معياري ڪتاب آهي. بهرحال، جديد دور ۾ ڪو بہ سنڌ جو ماهر جاگرافيدان طور اڀري نہ سگهيو آهي، جنهن کي الڳ حيثيت ۾ پيش ڪري

سگهجي. سنڌ جي نامياري مترجم عطا محمد ڀنڀري (مرحوم) ڪيترن ئي انگريزي ڪتابن جا ترجما ڪيا، جن ۾ جاگرافيءَ جا باب پڻ شامل آهن. انهن ۾ سر اليگزينڊر ڪننگهم جي ڪتاب جو ترجمو 'هند ۽ سنڌ جي جاگرافي' تمام اهم ترجمو آهي. سر اليگزينڊر ڪننگهم، سنڌ ۽ هند جي جاگرافيءَ کي ڌار ڌار ڀاڱن ۾ ورهايو آهي. هر هڪ ڀاڱي کي ان وقت جي مذهب ۽ حڪومت جي نالي پنيان سڏيو ويو آهي. جيڪو برهمڻ، ٻڌ ۽ مسلمان دورن تي مشتمل آهي. برهمڻ دور کي ان وقت کان شروع ڪيو ويو آهي جڏهن آريا اتر هندستان تي ڇانئجي ويا ۽ پهريون پيرو پنجاب جي ڌرتيءَ تي والار ڪئي هئي. سنڌي ادبي بورڊ پاران ايڇ.ٽي. لئمبرڪ جا سنڌ جي تاريخ تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب شايع ٿيا ۽ انهن جا سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجما بہ شايع ڪيا آهن. انهن ۾ سنڌ جي جاگرافيءَ تي الڳ باب ڏنل آهن. ان کان علاوه، سنڌ جو نالي وارو محقق ۽ مورخ ايم.ايڇ. پنهور ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا انگريزيءَ ۾ لکيا، جن ۾ سنڌ جي جاگرافيءَ تي ڪم تي مواد شامل آهي. پنهور صاحب جي خواهش هئي تہ سنڌ ۾ 'جاگرافيڪل سوسائٽيءَ' کي ٻيهر فعال ڪجي.

**جاگرافيءَ جا درسي ڪتاب:** آزاديءَ کان پوءِ جيڪي بہ جاگرافيءَ جا ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيا آهن، اهي گهڻو ڪري اسڪولي ڪورس جي لاءِ لکيا ويا آهن. اهي ڪتابڙا اڪثر پرائمري اسڪولن جي شاگردن لاءِ لکيل آهن. انهن مان گهڻا تعلقي ۽ ضلعي جي جاگرافيءَ بابت آهن. هن قسم جا ڪتاب گهڻو ڪري 1947ع کان 1980ع تائين باقاعده شايع ٿيندا رهيا، پر پوءِ آهستي آهستي، پرائمري اسڪولن ۾ جاگرافي جي مضمون کي نيڪالي ڏني وئي. بعد ۾ سماجي اڀياس ۾ جاگرافيءَ جا ڪجهہ باب ڏئي الڳ مضمون واري حيثيت ختم ڪئي وئي.

**صوبائي ۽ ملڪي سطح جي جاگرافيءَ جا نصابي ڪتاب:** 1947 کان پوءِ جاگرافيءَ جي سلسلي ۾ هڪ نالو رسول بخش آخوند (1897_1952) جو نالو اچي ٿو جنهن جو تعلق شڪارپور سان هو ۽ تعليم کاتي سان لاڳاپيل هو. جاگرافيءَ تي لکيل سندس ڪتابن ۾ 'نيو ماڊل ايزي جاگرافي' مختلف ڪلاس لاءِ (1951) ۽ 'جاگرافي پاڪستان' (1955) اهم آهن. رحيم بخش ميمڻ جو ترجمو ٿيل 'جاگرافي' (1962) بہ جامع ۽ معياري ڪتاب آهي. جڏهن تہ عام جاگرافي ۽ دنيا جي جاگرافيءَ تي جيڪي ڪتاب شايع ٿيا، انهن ۾ اجمل بيگ مرزا جا 'نئين ائٽلس جاگرافي' (1958) ۽ 'دنيا

جي نئين جاگرافي'، محمد يوسف جا 'دنيا جي نئين جاگرافي' (1954) ۽ 'رنگين جاگرافي پاڪستان' (1958)، الله بخش ٽالپر جو 'جاگرافي' (1956)، پروفيسر ايم ايم ميمڻ جو 'جاگرافي ۽ رٿابندي' (1972)، رحيم بخش رياستيءَ جو 'جاگرافي' (1962)، مقبول حسين موسويءَ جا 'دنيا جي جاگرافي' (1961) ۽ 'دنيا جا قدرتي ڀاڱا' (1960)، محمد علي علويءَ جو 'تجار تي جاگرافي' (1972)، نامياري تعليمدان محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو 'جاگرافي دنيا' (1963) ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. ٻين ڪتابن ۾ جڳتراءِ ايسرداس جو 'ائٽلس جاگرافي سنڌ' (1947)، محمد صديق ميمڻ جو 'سنڌ جي جاگرافي' (1956) ۽ محمد عالم عباسيءَ جو 'سنڌ جي سولي جاگرافي' (1953) وغيره اهم آهن.

**ضلعي ۽ تعلقي وار جاگرافيءَ جا ڪتاب:** سنڌ جي مختلف ضلعن ۽ تعلقن تي بہ ڪجھ سارا ڪتاب لکيا ويا، جيڪي پرائمري سطح جا آهن ۽ معزز جهونن استادن جا لکيل آهن. اهڙن ڪتابڙن جو تعداد تمام گھڻو آهي. هتي ڪجھ ڪتابن جا نالا ڏجن ٿا:

**ضلعو ڪراچي:** 'جاگرافي ضلعو خيرپور' (الهداد ۽ محمد بخش 1968)، ڪراچيءَ جي نئين جاگرافي (اي جي بشير احمد 1961)

**ضلعو ٺٽو:** جاگرافي ضلعو ٺٽو (حاجي محمد طالب ميمڻ 1968)، ائٽلس جاگرافي ضلعو ٺٽو (حاجي عبدالله پليجو)

جاگرافي ضلع ٺٽو، حاجي محمد طالب ميمڻ ۽ محمد قاسم ميمڻ، آر.ايڇ احمد حيدرآباد، دفعو ٻهريون 1968ع.

ائٽلس جاگرافي تعلقو ٺٽو (نقشن ۽ تصويرن سان) محمد عرس صوفي جهمپير، آر.ايڇ احمد حيدرآباد، دفعو ٽيون 1964ع.

**ضلعو حيدرآباد:**

جاگرافي ضلعو حيدرآباد، محمد اسماعيل عرساڻي، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، ٻيو ڀيرو 1961ع.

نئين جاگرافي ضلعو حيدرآباد، سيد محمد صالح شاهہ عجائب اسٽور، سکر، ايڊيشن ٻهريون 1968ع.

جاگرافي تعلقو حيدرآباد، جان محمد علي بخش قريشي، اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هالا، سب ڊويزن حيدرآباد پاڪ، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو چوٿون 58-1957ع ۽ دفعو يارهون سال 1970ع.

رفيق رنگين جاگرافي تعلقو حيدرآباد، محمد اسماعيل بن واصف، رفيق ڪتاب گهر، شاهي بازار حيدرآباد، دفعو پهريون 1968ع.

**ضلعو ٽنڊو الهيار:**

نئين اٽلس جاگرافي تعلقو ٽنڊوالهيار، گل محمد آزاد صوفي، آر.ايڇ احمد حيدرآباد، دفعو پهريون 1950ع.

جاگرافي تعلقو ٽنڊوالهيار، محمد اسماعيل بن واصف، امين ڪتاب گهر، دفعو پهريون 1967ع.

**ضلعو ٽنڊو محمد خان:**

نئين جاگرافي تعلقو ٽنڊو محمد خان، هدايت علي باريجو شعيب ڪتاب گهر، چوٽڪي گهٽي، حيدرآباد، ڇاپو پهريون 81_1980ع.

جاگرافي تعلقو (گوني) ٽنڊو محمد خان، عبدالرسول شيخ ٽڪڙائي، محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد، (سال لکيل ناهي).

**ضلعو مٽياري:**

جاگرافي تعلقو هالا (مؤلف لکيل ناهي) آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو ٻيو 1969ع.

جاگرافي تعلقو هالا، بي اي "عزيز" اديب فاضل، ميمڻ بڪ اسٽور، ڪڪا جامع مسجد هالا نوان 1976ع.

**ضلعو دادو:**

اٽلس جاگرافي ضلعو دادو (جان محمد قريشي 1951).

دادو ضلعو جاگرافي ۽ تاريخ جي آئيني ۾ (ڀاڱو 2) تاج محمد صحرائي، سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ، قاضي پاڙو حيدرآباد 1992ع.

جاگرافي ضلعو دادو، محمد اسماعيل عرساڻي، آر.ايڇ، حيدرآباد 1961ع.

جاگرافي ضلعو دادو، احمد خان آصف ۽ پير علي محمد اظهر، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد 1968

سولي جاگرافي تعلقو دادو، حافظ محمد احسن، ناشر: آدم جي ابا سومار، مالڪ غازي اسلام ڪتب خانو شاهي بازار، دادو، دفعو ٽيون 1965ع.

نئين اٽليس جاگرافي تعلقو دادو (مصنف لکيل ناهي) آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1965ع.

ائٽليس جاگرافي تعلقو ميھڙ، محمد صديق محمد صالح چنا، ھيڊ ماستر اسڪول، ڪولي ڪوڪر، ميھڙ ۽ ساڪن سنڌي ٻتڙا تعلقو: ڪڪڙ، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو پھريون 1955ع.

جاگرافي تعلقو ميھڙ (مؤلف لکيل ناھي). آر.ايڇ احمد، حيدرآباد (سال لکيل ناھي).

**ضلعو ڄام شورو:**

سولي جاگرافي تعلقو سيوھڻ، حافظ محمد احسن چنا، غازي اسلام ڪتب خانو شاھي بازار، دادو، دفعو ٻيو 1964ع.

نئين ائٽلس جاگرافي تعلقو سيوھڻ (مؤلف لکيل ناھي) آر.ايڇ احمد، حيدرآباد (سال لکيل ناھي)

امين جاگرافي تعلقو ڪوٽڙي، محمد قاسم ھيڊ ماستر پرائمري اسڪول نانگو لائين، ڪوٽڙي، امين ڪتاب گھر، حيدرآباد، دفعو پھريون 1968ع.

نئين ائٽلس جاگرافي تعلقو ڪوٽڙي، صوفي گل محمد آزاد، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو ٻيو 1967ع.

**ضلعو سانگھڙ:**

جاگرافي ضلعو سانگھڙ، محمد اسماعيل عرساڻي، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، پھريون ڇاپو 1961ع ٻيو: 1968ع ۽ پنجون 1966ع.

رھبر سماجي اڀياس، جاگرافي ضلع سانگھڙ، ھدايت علي ناريجو شعيب ڪتاب گھر، حيدرآباد 81-1980ع.

نئين ائٽلس جاگرافي تعلقو سانگھڙ ۽ کپرو، صوفي گل محمد آزاد، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو ٻيو: 1967ع.

آسان جاگرافي تعلقو کپرو، الف. ع شيخ، مھراڻ بڪ ڊيپو، شاھي بازار کپرو (سال لکيل ناھي).

جاگرافي تعلقو کپرو، عبدالرسول شيخ، محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد، ڇاپو چوٿون (سال لکيل ناھي).

جاگرافي تعلقو شھداد پور، جان محمد علي بخش قريشي، آر.ايڇ احمد حيدرآباد، 1950ع.

جاگرافي تعلقو شھدادپور، محمد اسماعيل بن واصف، امين ڪتاب گھر، حيدرآباد 1966ع.

جاگرافي تعلقو شهداد پور (مؤلف لکيل ناهي) محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد 1965ع. نئين جاگرافي تعلقو سنجهورو، سومرو "حسام" ٻنوي، امين پيپر مارٽ، حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1966ع. جاگرافي تعلقو سنجهورو، آر.ايڇ ميمڻ، آر.ايڇ احمد ، حيدرآباد، دفعو پهريون 1967ع.

**ضلعو بدين:**

ائٽلس جاگرافي تعلقو بدين (1962)، محمد صديق "مسافر"

جاگرافي تعلقو ٽنڊو باگو (1962)، محمد صديق "مسافر"

نئين داس ۽ سک جاگرافي (1956) ، محمد صديق "مسافر"

نئين ائٽلس جاگرافي تعلقو بدين، محمد صديق گلاب خان مسافر، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد 52_1953ع.

نئين ائٽلس جاگرافي تعلقو بدين، صوفي گل محمد آزاد، آر.ايڇ احمد حيدرآباد، 1967ع.

جاگرافي تعلقو بدين، مولوي عبدالله جوڻيجو، محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد دفعو ٻيو 1968ع.

ائٽلس جاگرافي تعلقو ٽنڊو باگو محمد صديق گلاب خان مسافر، آر.ايڇ احمد حيدرآباد 52_1953ع.

نئين ائٽلس جاگرافي تعلقو ٽنڊو باگو، محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد (مؤلف ۽ سال لکيل ناهي)

جاگرافي تعلقو ماتلي، حاجي جان محمد قريشي، آر.ايڇ احمد حيدرآباد دفعو ٻيو 1967ع.

نئين جاگرافي تعلقو ماتلي (محمد اسماعيل بن واصف)

جاگرافي تعلقو ڏيرو محبت (ڪنهن وقت تعلقي ماتلي کي تعلقو ڏيرو محبت چوندا هئا) ماستر سڪندر علي، آر.ايڇ احمد حيدرآباد دفعو پهريون 1955ع.

**ضلعو ميرپورخاص:**

جاگرافي تعلقو ميرپورخاص، محمد اسماعيل بن واصف، امين ڪتاب گهر، حيدرآباد 1966ع.

جاگرافي تعلقو ميرپورخاص ۽ سامارو، ماستر گل محمد آزاد صوفي، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو پهريون 55-1956ع، دفعو ٻيو 61_1960، وري 1967ع.

جاگرافي تعلقو ڏگهڙي ۽ جيمس آباد، گل محمد آزاد صوفي، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو ٻيو 54_1955ع.

جاگرافي تعلقو ڏگهڙي ۽ جيمس آباد، محمد اسماعيل بن واصف، امين ڪتاب گهرحيدرآباد، دفعو پهريون 1966ع ۽ رفيق ڪتاب گهر حيدرآباد، 1968ع، رفيق نيئن جاگرافي تعلقو جيمس آباد ۽ ڏگهڙي جي نالي سان.

نئين جاگرافي تعلقو ڏگهڙي ۽ جيمس آباد، هدايت علي باريچو شعيب ڪتاب گهر، حيدرآباد، ڇاپو پهريون 81_1980ع.

## ضلعو ٿرپارڪر:

ناميارِي تعليمدان محمد اسماعيل عرساڻيءَ جاگرافي ضلعو ٿرپارڪر (1972)، جاگرافي ضلعو سانگهڙ (1968) ۽ نئين جاگرافي ٿر پارڪر (1965) لکيا.

جاگرافي ضلع ٿرپارڪر، جان محمد علي بخش قريشي، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو ٽيون 58_1959ع.

جاگرافي ضلعو ٿرپارڪر، محمد اسماعيل عرساڻي، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو پهريون 1961ع.

جاگرافي ضلع ٿرپارڪر (مؤلف لکيل ناهي) مسلم بڪ ڊيپو سکر، دفعو پهريون 1968ع.

نئين اٽلس جاگرافي تعلقو ننگرپارڪر، ايم موهن لال سروپچند گرڙو صاحب پاڪستان، پرائمري ماستر اسڪولس ان ٿرپارڪر، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو ٻيو 1963ع، دفعو ٽيون 1966ع.

اٽلس جاگرافي تعلقو ڏيپلو ۽ مٺي، گل محمد آزاد صوفي، آر.ايڇ احمد حيدرآباد، (سال لکيل ناهي)

جاگرافي تعلقو مٺي ۽ ڏيپلو اي نور محمد شيخ ٽکڙائي، محمد يوسف اينڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد، دفعو ٽيون 69_1968ع، وري 70-1969ع.

جاگرافي تعلقو عمرڪوٽ ((گل محمد آزاد صوفي 1960))

سولي جاگرافي تعلقو عمرڪوٽ، محمد موسي ڪمال خان انڙ، ساجن ڳوٺ بهادر انڙ، اسسٽنٽ ڊپٽي انسپيڪٽر فار گرلس اسڪولس، ٿرپارڪر، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد 57_1956ع.

جاگرافي تعلقو عمرڪوٽ ۽ ڇاڇرو، ماستر گل محمد آزاد صوفي، آر.ايڇ احمد حيدرآباد

(سال لکيل ناهي).

**ضلعو بينظير آباد اڳوڻو نوابشاهه:**

جاگرافي ضلعو نوابشاهه محمد اسماعيل عرساڻي، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، پهريون ڇيرو 1961ع.

جاگرافي ضلعو نوابشاهه جميل احمد ميمڻ، ڇاپيندڙ: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد، ڇپائيندڙ: ڪتاب ايجنسي، حيدرآباد، دفعو پهريون 1972ع.

سولي جاگرافي ضلع نوابشاهه ظفر عباسي، روپچند جنرل اسٽور ۽ بڪ سليرز چمن بازار ڪنڊيارو ضلع نوابشاهه (سال لکيل ناهي).

نئين ائٽليس جاگرافي تعلقو نوابشاهه ح ـ ر ميمڻ، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، 1967ع.

جاگرافي تعلقو نوابشاهه بي اي عزيز پٽي، اديب فاضل، ڪمال بڪ ڊيپو نواب شاهه، دفعو پهريون 1980ع.

ائٽليس جاگرافي تعلقو سڪرنڊ (مؤلف لکيل ناهي) آر.ايڇ احمد حيدرآباد (سال لکيل ناهي).

نئين ائٽلس جاگرافي ضلعو نوابشاهه (گل محمد آزاد صوفي 1960)

**ضلعو خيرپورميرس:**

جاگرافي ضلعو خيرپور غلام مصطفيٰ شاهه (1963)

جاگرافي ضلعو خيرپور، عبدالله ايم سومرو آر.ايڇ احمد، حيدرآباد 1961ع.

جاگرافي تعلقو خيرپور، حاجي غلام حسين ميمڻ، ماسٽر جي بڪ اسٽال، خيرپور 88ـ 1987ع.

جاگرافي تعلقو ڪوٽڏيجي، حاجي غلام حسين ميمڻ، ماسٽر جي بڪ اسٽال، خيرپور 1985ـ86ع.

جاگرافي تعلقه گمبٽ، حاجي غلام حسين ميمڻ، ماسٽر جي بڪ اسٽال، خيرپور 82ـ 1981ع.

جاگرافي تعلقو ميرواهه حاجي غلام حسين ميمڻ، ماسٽر جي بڪ اسٽال، خيرپور 83ـ 1982ع.

**ضلعو نوشهروفيروز:**

نئين ائٽلس جاگرافي تعلقو نوشهروفيروز (مؤلف لکيل ناهي) آر.ايڇ احمد، حيدرآباد 1952ـ53ع.

نئين جاگرافي تعلقو نوشهروفيروز بي اي ”عزيز“ اديب فاضل، ميمڻ بڪ اسٽور، نوشهروفيروز.

نئين اٽئلس جاگرافي تعلقو ڪنڊيارو، ماستر عبدالخالق، رٽائرڊ ماستر، چاچڪ، تعلقو ڪنڊيارو، آر.ايچ احمد، حيدرآباد 1963-1969ع.

نئين جاگرافي تعلقو ڪنڊيارو (مؤلف لکيل ناهي) قائم دائم ڪتبخانو ڪنڊيارو (سال لکيل ناهي).

ساهتي سماجي اڀياس يا جاگرافي تعلقو ڪنڊيارو، سکيو خان چنا، نظر ثاني: استاد گل محمد وگهيو روپ چند بڪ اسٽور، ڪنڊيارو. سال لکيل ناهي)

نئين اٽئلس جاگرافي تعلقو مورو، صوفي گل محمد آزاد، آر.ايچ احمد، حيدرآباد، دفعو پهريون: 1967ع.

رفيق رنگين جاگرافي تعلقو مورو، محمد اسماعيل بن واصف، رفيق ڪتاب گهر، شاهي بازار، حيدرآباد: 1968ع.

**ضلعو سکر:**

ضلعي سکر جي جاگرافي، محمد علي مهر 1964ع

اٽئلس جاگرافي سکر ضلع، محمد داؤد مهر، سپروائزر ڊسٽرڪٽ سڪول بورڊ، سکر، چوٿرام خوشيرام وناڻي سپروائزر ڊسٽرڪٽ سڪول بورڊ، سکر ۽ هرچند سنگهه جي پرسواڻي، ٽڏا سنگهه بڪ سيلرز، شڪارپور 1932ع.

جاگرافي سکر. عباسي محمد عالم، مسلم بلڪ ڊيپو دفعو ٻيو 52-1953ع ۽ دفعو چوٿون 1955ع.

جاگرافي ضلعو سکر، محمد علي مهر، آر.ايچ احمد، حيدرآباد مخلتف ڇاپا: 1962ع – 1961ع ۽ 1963ع. جاگرافي تعلقو روهڙي (مؤلف لکيل ناهي) عجائب اسٽور سکر 1974ع.

جاگرافي تعلقو پنو عاقل، الهڏنو خان شيخ، عباسي محمد عالم ۽ محمد حسن مشتاق،انيڊز ، مسلم بڪ ڊپو، سکر، ڇاپو ٽيون (سال لکيل ناهي)

**ضلعو لاڙڪاڻو:**

جاگرافي ضلع لاڙڪاڻو مگريو غلام حسين اسسٽنٽ ماستر گورنمينٽ مين اسڪول سکر، آر.ايچ احمد، حيدرآباد (پاڪستان ايڊيشن: 56–1956ع)

نئين جاگرافي تعلقو لاڙڪاڻو بي اي عزيز اديب فاضل، ماڊرن بوڪ ڊيپو لاڙڪاڻو 1975ع.

جاگرافي ضلعو لاڙڪاڻو غلام مصطفيٰ شاھ (1963) ۽ (1962) لکيا“.

**ضلعو قنبر- شهدادڪوٽ ايٽ قنبر:**

سولي جاگرافي تعلقو شهدادڪوٽ، قربان علي نقشبندي، دفعو چوٿون (پاڪستان ايڊيشن) 63-1962ع، ڇپائيندڙ: نور محمد، محمد عثمان، ڪاٺياواڙ بڪ سٽور، بندر روڊ، لاڙڪاڻو.

**ضلعو شڪارپور:** جاگرافي تعلقو شڪارپور (حبيب الله ڀٽو) وغيره اهم آهن.

جاگرافي تعلقو شڪارپور، ماستر نور احمد نور، مسلم بوڪ ڊيپو سکر، دفعو ٻيو 55-1956ع.

**ضلعو جيڪب آباد:** 'جاگرافي ضلع جيڪب آباد'، محمد صالح شاھ آر.ايچ احمد حيدرآباد 1962ع، 1968ع ۽ مسلم بوڪ ڊيپو سکر 1964ع ۽ 1966ع.

**'سنڌ جي لساني جاگرافي'** نامور اسڪالر ڊاڪٽر غلام علي الانا جو لکيل تحقيقي ڪتاب آهي، جنهن جو پهريون ڇاپو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري 1979ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ هن سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي لهجن، ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پهچ ۽ پکيڙ، ڪڇ ۽ سنڌ جي سياسي سماجي ناتن، ڪڇي لهجي، جهونا ڳڙهه، راجستان، ڪاٺياواڙ گجرات،بلوچستان ۽ مڪران ۾ سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ۽ سرائيڪيءَ جي سنبنڌ، سرائيڪي زبان جي بڻ بنياد ۽ سرائيڪي خطي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ وغيره تي تحقيقي مضمون شامل ڪيا آهن. ان ڪانسواءِ ڊاڪٽر عمر چنڊ جو ڪتاب 'لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون' 1979ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر عمر چنڊ، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ' تي هڪ جامع تنقيدي نظر وڌي آهي. ٻولي جي جاگرافيءَ بابت، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو هڪ ٻيو ڪتاب 'ٿر جي لساني جاگرافي ۽ لهجا' بہ آهي. جيتوڻيڪ هي ڪتاب لسانيات جي موضوع تي لکيل آهي، پر هن ڪتاب ۾ شامل مواد مان پتو پئي ٿو تہ هيءَ ڪتاب ٿر جي مڪمل جاگرافي، تاريخ، ثقافت ۽ ٻوليءَ جي سمورن لهجن کي نروار ڪري ٿو. هن ۾ نہ رُڳو ٿر جون حدون ڏنيون ويون آهن، پر هن ۾ ٿر جي لوڪ شاعري، لوڪ داستان، ڍاٽڪي، مارواڙي، گجراتي، پارڪري، سامروٽي لهجن ۾ تخليق ٿيل ادب جو بہ نمونو ڏنو ويو آهي .هيءَ ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 2014ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران شايع ٿيل ’سنڌيءَ ۾ جاگرافيءَ جي لغت‘ جنهن کي ناليواري ليکڪ رضوان گل ڪافي محنت سان تيار ڪيو آهي. هن لغت ۾ جاگرافيءَ سان سلهاڙيل ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ انهن لفظن جي ضروري وضاحت پڻ ڏني وئي آهي. اڪثر لفظن جي معنيٰ لاءِ هڪ کان وڌيڪ لفظن ۾ وضاحت پڻ ڪيل آهي جنهن ۾ ان ڏکي لفظ بابت تفصيلي ڄاڻ ملي ٿي.

**نتيجو:** مٿي ڄاڻايل سموري مواد کي جانچڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ 1947ع کان پوءِ سنڌ ۾ جاگرافيءَ جي مضمون جي حوصلہ افزائي نہ ٿي آهي، ڇو تہ ماضيءَ جيان محنتي استاد نہ رهيا آهن، جيڪي اسڪولن ۾ جاگرافي پڙهائيندا هئا ۽ ڪتاب لکندا هئا. مٿي ذڪر ڪيل ڇوپڙي نما جاگرافيءَ جا ڪتاب صرف پهرين درجي کان ٽئين درجي ڪورس تي رکيل هوندا هئا، جن ۾ خاص طور تي مختلف تعلقن جي ڪٿل معلومات شامل هوندي هئي، پر افسوس تہ اهي ڇوپڙي نما ڪتاب بہ هاڻي ناپيد ٿي چڪا آهن. ڪاليج سطح تي تمام گهٽ شاگرد هيءُ مضمون کڻندا آهن. ساڳي طرح يونيورسٽي سطح تي تمام گهٽ شاگرد هن مضمون ۾ داخلا وٺن ٿا. سنڌ جي جاگرافيءَ جي حساب سان ڪنهن بہ جاءِ تي ڪورس ئي رکيل نہ آهي. اسڪولي سطح تي صرف سماجي اڀياس جي مضمون ۾ هڪ يا بہ باب جاگرافيءَ جا ضرور هوندا آهن، جن ۾ بہ سنڌ جي جاگرافي انتهائي مختصر نموني شامل هوندي آهي. يونيورسٽين جا اڪثر پروفيسر سنڌ جي جاگرافيءَ تي تحقيق ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهن، ان ڏس ۾ نئين تحقيق بہ نہ پئي ٿي ۽ نوان ڪتاب، مضمون ۽ مقالا نہ پيا لکجن. بهرحال، اها ذميواري يونيورسٽين جي استادن جي آهي تہ اهي هن شعبي ۾ وڌيڪ محنت ڪن ۽ انگريزي ۽ سنڌي ۾ سٺا ۽ معياري ڪتاب لکن، جيڪي صرف تعليمي گهرجن تائين محدود نہ هجن، پر عام پڙهندڙن لاءِ معلوماتي ۽ حوالي طور بہ ڪم اچن. سرڪاري ادارا بہ جاگرافيءَ جي مضمون کي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي نہ تہ سنڌ جي جاگرافيءَ تي انتهائي اهم ڪم ٿي سگهي ٿو.

گذريل ڪيترن ئي سالن کان سنڌي زبان ۾ جاگرافيءَ جو ڪو بہ ڪتاب شايع نہ ٿيو آهي، جڏهن تہ فقط بہ يا ٽي ڪتاب انگريزيءَ ۾ گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ شايع ٿيا هوندا. يونيورسٽين جي سيمينار لائبريرين ۾ سنڌ جي جاگرافيءَ تي ڪتاب موجود نہ آهن. اهو ئي سبب آهي جو 1947ع کان پوءِ سنڌ ۾ ڪنهن بہ معزز پروفيسر

سنڌ جي جاگرافيءَ تي سنڌي زبان ۾ خاص طور، ڪو بہ ڪتاب نہ لکيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ جاگرافي جي علم جي نشونما، جيڪا انگريزن جي دور ۾ ٿي هئي، اها رڪجي وئي آهي. جاگرافيءَ جا نوان نوان لفظ ۽ اصطلاح جڙڻ ختم ٿي ويا آهن. سنڌ جي يونيورسٽين ۽ ڪاليج جي پروفيسرن کي هن طرف ترت قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. ان ڏس ۾ جاگرافيڪل سوسائٽيءَ جو قيام آندو وڃي، جنهن ۾ سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ مقالا پڙهيا وڃن ۽ سوسائٽيءَ جي پليٽ فارم تان اهي مقالا جرنل ۾ شايع ٿيڻ گهرجن. ان کان علاوه، سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سرڪاري ادارا، جن ۾ سنڌالاجي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ڊاڪٽر اين اي بلوچ ريسرچ هيريٽيج انسٽيوٽ، ايم .ايڇ پنهور چيئر وغيره کي سنڌ جي جاگرافي سميت مختلف سائنسي مضمونن تي ڪم ڪرڻ گهرجي. سنڌ جي اسڪولن ۾ پرائمري سطح تي پهرين درجي کان پنجين درجي تائين تعلقي ۽ ضلعي سطح تائين، سيڪنڊري اسڪولن ۾ ميٽرڪ تائين ضلعي ۽ ڊيويزن سطح تائين سنڌ جي جاگرافيءَ جي مضمون کي باقاعده ڪورس ۾ شامل هئڻ گهرجي. ڪاليج جي سطح تي جاگرافيءَ جي مضمون کي صوبائي ، ملڪي ۽ بين القوامي سطح تائين لازمي طور شامل هئڻ گهرجي. يونيورسٽي سطح تي جاگرافي جي شعبي کي وڌيڪ فعال ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي، اتي ڪم ڪندڙ پروفيسرن لاءِ سنڌ جي جاگرافيءَ تي تحقيق جو ڪم لازم رکيو وڃي. ان طرح سان جاگرافيءَ جو علم وڌيڪ طرقي ڪندو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ اهم واڌارو ٿيندو.

## حوالا


1. برٽن، رچرڊ: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون". (ترجمو محمد حنيف صديقي) سنڌي ادبي بورڊ 1976، ص 45
2. ساڳيو حوالو ص 46
3. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا ,(جلد نائون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد , 2014، ص 23
4. ساڳيو حوالو ص23
5. ساڳيو حوالو ص23
6. ساڳيو حوالو ص23
7. ساڳيو حوالو ص23
8. ساڳيو حوالو ص24
9. ساڳيو حوالو ص24

10. ساڳيو حوالو ص24
11. ساڳيو حوالو ص24
12. ساڳيو حوالو ص24
13. رام امرلال: 'سنڌ رگ ويد کان شيخ اياز تائين'، مارئي، اڪيڊمي سڪرنڊ، 2002ع، ص 53
14. گيهاڻي، موهن: 'سنڌ جي تواريخ' جهلڪون، سورٺ پبلڪيشن، ممبئي، 1998ع، ص 33
15. وگهامل، محرم خان، پروفيسر: 'سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2007ع، ص 51
16. ميمڻ، محمد صديق:'سنڌ جي ادبي تاريخ'، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، 2005ع، ص 232
17. سيد ميران محمد: 'آڪاسي نروار'، سنڌ جو تعليم کاتو 1856ع،ص 3
18. سنڌي، ميمڻ عبدالغفور، ڊاڪٽر: 'اڻويهن صديءَ جو جائزو'، ماهوار پيغام،اطلاعات کاتو حڪومت سنڌ، جنوري، 1989
19. عرساڻي ، شمس الدين، ڊاڪٽر:'سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ'، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، 2009ع، ص 377
20. ملاح، مختيار احمد: 'مشرقي سنڌ شناس'، سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2017ع، ص 367
21. ساڳيو حوالو ص 368


## مددي ڪتاب ۽ مضمون


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 'سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو 1974ع
2. السندي،محمد ادريس، ڊاڪٽر: سنڌ جي ماڳن ۽ شهرن بابت سنڌيءَ ۾ لکيل، مهراڻ 2ءِ3/ 2017ع
3. ٻٽ، الهہ رکيو ڊاڪٽر: '1819ع کان وٺي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جو جائزو'، سي ماهي مهراڻ نمبر 1 ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1995ع
4. ملاح ، مختيار احمد: 'سنڌي زبان ۾ جاگرافيءَ جي مضمون جو ماضي، حال ۽ مستقبل'، مڊويڪ ميگزين ، روزانہ ڪاوش، 2014ع.

ڊاڪٽر حاڪم علي ٻرڙو/ارشد علي

# شوڪت حسين شوري جي افسانن جو موضوعاتي اڀياس
# Thematic Study of Stories of Shoukat Hussain Shoro

**Abstract:**

*Shoukat Hussain Shoro is a prominent prose writer who has written short stories, dramas articles and columns. His short stories are remarkable for realism and progressivism. Another important aspect of his short stories is the mingling of urban and rural life. The themes of his short stories are derived from real, life-like situations. He highlights the shortcomings, deprivations, backwardness, inequality and difficulties of common man in a realistic manner. His short stories convey meaningful messages of humanism, Justice and brotherhood. He uses modern techniques in his stories to deliver his themes to the reader. In this research article, an effort has been made to analyze the themes of his short stories with suitable examples form the text.*

جديد سنڌي ادب ۾ مختصر ڪهاڻي هڪ اهم صنف ليکي وڃي ٿي. آڳاٽيون لوڪ ڪهاڻيون ۽ قصا سنڌي ادب جي تاريخ جو حصو آهن. سنڌ ۾ افسانوي ادب انگريزن جي دور کان شروع ٿيو. انگريزن جي دور ۾ مختصر ڪهاڻي يا افساني جي شروعات ترجمن سان ٿي. انگريزي، هندي، بنگالي ۽ ٻين ٻولين ۾ لکيل ڪهاڻين جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا ويا. بعد ۾ اصلوڪيون ڪهاڻيون لکجڻ شروع ٿيون. وقت گذرڻ سان گڏ ڪهاڻيءَ جي فن، ٽيڪنڪ ۽ اسلوب ۾ نہ رڳو نوان تجربا ڪيا ويا، پر موضوعن ۾ بہ وسعت آئي. سنڌي افسانہ نويسن ۾ ڪيترا معروف نالا شامل آهن، جن مان شوڪت حسين شورو بہ صفِ اول جي ڪهاڻيڪارن ۾ شامل آهي.

شوڪت حسين شورو جديد سنڌي افسانوي ادب ۾ اهم مقام رکي ٿو. سندس جنم 4 جولاءِ 1947ع تي ٺٽي ضلعي جي تعلقي سجاول (هاڻي ضلعو) جي ڳوٺ حاجي نور محمد شوري ۾ ٿيو.

”شوڪت حسين شوري لکڻ جي شروعات شاگردي واري دور 1964ع ۾ ڪئي. سندس پهرين ڪهاڻي ’اڪيون روئي پيون‘ جي عنوان سان 1964ع ۾ ماهوار ’روح رهاڻ‘ رسالي ۾ شايع ٿي. سندس ڪهاڻين جا چار مجموعا (1) ’گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاس‘ (1981ع)، (2) ’اکين ۾ ٽنگيل سپنا‘ (1983ع)، (3) ’گم ٿيل پاڇو‘ (1989ع) ۽ (4 ) ’رات جو رنگ‘ (2009ع) ڇپجي چڪا آهن. هي پهرين سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي ’گل ڦل‘ جو ايڊيٽر مقرر ٿيو بعد ۾ پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تي بطور اسڪرپٽ پروڊيوسر پنهنجا فرض سرانجام ڏيندو رهيو تنهن کانپوءِ 2009ع تائين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر رهيو.(1)

**شوڪت حسين شوري جي افسانن جو اسلوب:**

شوڪت حسين شورو صف اول جي ڪهاڻيڪارن ۾ ته شامل آهي، پر گڏوگڏ پاڻ هڪ ڪامياب منتظم ۽ اداره ساز شخص رهيو آهي. جديد سنڌي افساني ورهاڱي کان پوءِ گهڻي ترقي ڪئي آهي، موضوع، فن ۽ ٽيڪنيڪ جي ترقي هن ئي دور ۾ ٿي آهي. شوڪت صاحب به ورهاڱي کانپوءِ سٺ واري ڏهاڪي جي ٿهيءَ جي ڪهاڻيڪارن ۾ اهم مقام رکي ٿو. سندس ڪهاڻين جي ڪليات ’رات جو رنگ‘ ۾ 60ع کان 80ع جي ڏهاڪي تائين جي سنڌ جو منظرنامو سندس ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿو. انهن مان 16 ڪهاڻين جو انگريزي ترجمو هندستان ۾ Color of Night جي نالي سان ڇپيو آهي، اهو ترجمو رام درياڻيءَ ڪيو آهي، جيڪو ’شيلا ليڪ پبلشرز‘ نئين دهليءَ طرفان 2018 ۾ ڇپيو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ موضوع توڙي ٽيڪنيڪ ۾ هڪ قسم جي انوکي جدت آهي. عبدالجبار جوڻيجي موجب:

”شوڪت شوري جي ڪهاڻي رڳو موضوع ۽ اندروني سفر جي خيال کان جديد نه آهي، انهن عنصرن سان گڏ سندس ڪهاڻيءَ جي رڻا، گهاڙيٽو ٻاهريون ڏيک، لفظن جو استعمال، ڪهاڻي پڙهندڙ جي ذهن تي آخري اثر ڪردارن جو رويو اختصار، رفتار ۽ سپني عنصرن جي ترتيب ڪيس جديديت وارن لاڙن ۾ صفِ اول ۾ بيهاري ٿي.“ (2)

شوڪت حسين شوري وٽ موضوعن جا انبار آهن. سندس هر ڪهاڻيءَ ۾ نئون موضوع پيش ڪيل آهي. سندس انهيءَ ئي خوبيءَ سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏنو آهي. هُن ڪهاڻي ءَ کي جديد لاڙن ۽ رجحانن مطابق پيش ڪيو آهي. شوڪت شوري جي ڪهاڻين بابت نجم عباسي هن ريت لکي ٿو.

"سندس هر ڪهاڻي مڪمل ادبي تاجي پيٽي ۾ جڙيل آهي. شوڪت شورو انهن ڪهاڻيڪارن مان هڪ آهي جن سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏيڻ ۾ وکِ وڌائي آهي. موضوعن جي ورائٽي ڪارڻ سندس هر ڪهاڻيءَ کي پڙهڻ سان تجسس وڌيو وڃي." (3)

وجوديت، هن دور جي ذهني اضطراب، سائنس جي ايجادن، ٻن مهاڀاري لڙاين سبب تباهه ڪارين، گروهه پرستين ۽ فرد دشمن تحريڪن جي نتيجي ۾ هڪ فڪري تحريڪ سڏجڻ ۾ اچي ٿي. جيڪا سيني تسليم ٿيل روايتن کان نه فقط بغاوت لاءِ اڀاري ٿي، پر مادي پرستي، ذهني ڏيوالپڻي، فڪر، فن توڙي ادب ۾ سچي جذبي جي عدم موجودگي، انتشار ۽ عدم تحفظ جو پڻ احساس ڏياري ٿي.

قاضي جاويد جي لکڻ موجب:

"سمورين مجيل روايتن جي خلاف بغاوت، ماده پرستي، تخيل جي غربت، فڪر، ادب ۽ فن ۾ جذبي ۽ وحدت جو انتشار، بي سلامتي جو احساس، سماجي، سياسي، مذهبي اخلاقي ۽ جمالياتي قدرن جي ڀڃ ڊاهه جن سان ثقافت پذير ٿي سگهي ٿي، انهن گڏجي وجودي فلسفي کي خام مواد مهيا ڪيو" (4)

شوڪت شوري جي ڪهاڻين جو مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هو به انهيءَ نظريي جو قائل آهي، پاڻ هڪ حقيقت نگار وانگر معاشري جي براين تي به نظر وجهي ٿو ۽ زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن رخ کي آشڪار ڪري ٿو. ان ۾ هن جي طبقاتي نظام خلاف جدوجهد جي سوچ پڻ سمايل هوندي آهي. انهيءَ ڪري هن جي هر ڪهاڻي فرد سان ٿيندڙ ظلم جي داستان سان ڀريل آهي. انهيءَ نظريي جو سندس هڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

"سمنڊ ڪيڏو وسيع آهي ۽ آءُ ان ۾ هڪ ڪک وانگر لڙهندو پيو وڃان. جي آءُ ٻڏي ويس ته ڪهڙو فرق پوندو. سمنڊ جون ڇوليون ائين

ئي ايندين ويندين رهنديون، ڪڏهن نہ کٽنديون، ويريون، لهرون ۽ موجون ڪيڏي عجيب ڳالھ آهي، آخر هي لهرون ۽ ويريون ڪٿان ٿيون اچن ۽ ڪيڏانهن ٿيون وڃن؟ ڪٿي کٽن بہ ٿيون يا نہ؟ هي پاڻي ساندهہ پيو وهي. ڪا شيءِ ايڏي حيرت انگيز ڪانهي، جيڏو هيءُ سمنڊ، جنهن ۾ ڪئين ڳجهہ طوفان ۽ تبديليون سمايل آهن ۽ ڪيڏي عجيب ڳالھ آهي، هر ڪا اٿندڙ لهر مون کي سوالي نشان جي شڪل ۾ نظر ٿي اچي. شايد حيرتن جو وهڪرو آهي، جنهن ۾ مان لڙهندو پيو وڃان...“ (5)

شوڪت جي ڪهاڻين ۾ پنهنجي وقت جون صداقتون، حقيقتون، تعصب، بي چينيون ۽ بي قراريون سمايل آهن، جن کان هڪ حساس انسان ئي متاثر ٿي سگهي ٿو.

ناميارو اديب قمر شهباز لکيو تہ:

”شوڪت جي ڪهاڻين ۾ اها بي وسي(inertia) خود ڪلامي (soliloquy) فيصلي جي گهٽتائي (indecisiveness) بي حسي (Apathy) سرد جذبات (Frigid sentiments) ساڃهہ جي وهڪ (Stream of consciousness) پويان پُور (Flash back) ۽ ٻيا اهڙا انيڪ مثال ملندا، جيڪي ان دور جي رُٺل ۽ ماحول کان مايوس نوجوانن جو اهڃاڻ هئا.(6)

شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻين ۾ موضوع توڙي ٽيڪنيڪ ۾ هڪ قسم جي انوکي جدت آهي. ان ڪري هن جي اڪثر افسانن ۾ اڪيلائپ، ڊاريائپ، بي سلامتي مايوسي، بيوسيءَ جو اظهار انتشار اوسيئڙو ذهني جستجو جاکوڙ جدوجهد وغيره جا موضوع خاص طور تي ملن ٿا.’هڪ ڊنل ماڻهو‘، ’ٽٽل پڳل ٿڪ‘، ’درد جي لاٽ‘،’اکين ۾ ٽنگيل سپنا‘، ’سرنگ‘ ۽ ٻين افسانن ۾ هن انهن مسئلن کي پيش ڪيو آهي.

ادب بہ دنيا جي ٻين حالتن وانگر ڦرندڙ گهرندڙ يعني تبديلي قبول ڪندڙ آهي، هر دور جون پنهنجون تقاضائون هونديون آهن، جنهنڪري نوان لاڙا ۽ نوان رجحان پيدا ٿيندا آهن. جديد دور جي ڪهاڻين ۾ تہ گهڻا تجربا ڪيا ويا آهن. ٻولي توڙي موضوع جي لحاظ کان ڪهاڻيءَ ۾ وڏيون تبديليون آنديون ويون آهن.

جديد سنڌي ڪهاڻيڪار مشتاق شورو، لکي ٿو تہ:

”شوڪت نئين ڪهاڻيءَ جو واحد ليکڪ آهي، جيڪو اڪيلائپ جي مثالي احساس سان مقابلو ڪري ٿو. شوڪت اهو سچاڻ ليکڪ آهي، جنهن مهذب تهذيب جي گهوٽالي کي محسوس ڪيو آهي. هو ڄاڻي ٿو تہ شخص پنهنجو نوس ڪارگر جيون وڃائي چڪو آهي ۽ حقيقي طور تي جيئري رهڻ جو دروازو هن لاءِ بند ٿي چڪو آهي“. (7)

سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ شوڪت شورو ئي شايد واحد ڪهاڻيڪار آهي جنهن جو لاڳاپو سماجي حقيقت نگاريءَ کان رومانوي ۽ ترقي پسنديءَ کان ون يونٽ وقت قومي جاڳرتا وارين ادبي تحريڪن سان رهيو آهي. ون يونٽ جي خاتمي کان پوءِ شوڪت ئي اهڙو ليکڪ هو، جنهن پنهنجي تخليقي نقصان کي محسوس ڪيو ۽ ڪجهہ سالن جي ماٺ کان پوءِ ’هڪ سمنڊ هيڪلو روح‘، ’ڪاري رات‘ ، ’رت ڦڙا‘ ۽ ’رات جو رنگ‘ جهڙين مثالي ڪهاڻين جو سرجيندڙ بڻجي تجرباتي ڪهاڻين واري پيڙهيءَ ۾ سڀ کان اهم ۽ مٿانهين جڳهہ والاري ٿو.

ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي ليکڪ ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي جي لکڻ موجب:

”زندگيءَ جي وهڪري ۾ هر موڙ تي ڪيترائي اهڙا واقعا گهٽنائون اسان جي اردگرد ڦرندا آهن جن روزمره جي واقعن کي اسين نظر انداز ڪندا آهيو. اهڙن سيني واقعن گهٽنائن کي ڪهاڻيءَ ۾ اوتڻ جي قوت سيني ۾ ڪانہ ٿيندي آهي، پر شوڪت ڪوبہ اهڙو واقعو ڪوبہ اهڙو سماجڪ مسئلو يا ڪوبہ اهڙو موضوع ڪونہ ڇڏيو آهي. جنهن موضوع جو نالو ڪٿبو اهو ڪنهن نہ ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ شماريل ضرور ملندو. هن سماج جي هر هڪ مسئلي کي محسوسو ڪيو آهي ۽ هن جي ڪهاڻين ۾ پنهنجي آسپاس جي ماحول ۽ حالتن جو مشاهدو بہ موجود آهي“. (8)

سندس ڪهاڻي ’پڳل ٽتل ٺهڪ‘ ۾ اڪيلائي بيروزگاري، محرومي، بيوسي تعليم يافتہ ماڻهوءَ لاءِ سفارش ڪانسواءِ نوڪري نہ ملڻ جو مسئلو بي ڇيني بي جوڙ شاديون، وغيره ۽ ٻيا ڪيترائي موضوع پيش ڪيا آهن. مثال جيئن هو پنهنجي افساني ’ٽتل پڳل ٺهڪ‘ ۾ لکي ٿو تہ:

’توکي خبر آهي تہ سفارش ڪانسواءِ نوڪري نہ ملندي
آهي، مون وٽ ڪھڙي سفارش آهي، جو اميد
رکان‘(9)

ڀئي هنڌ هو بيروزگاريءَ جي ڪري شادي نہ ٿيڻ واري مسئلي کي هن ريت بيان ڪري ٿو تہ:

”اها ڳالهہ بہ محسوس ڪريان ٿو پر آءٌ چاچا جن کي ڏوهہ نٿو ڏيان، هو بيروزگار ماڻهوءَ جو بار ڪيستائين کڻندا. بيروزگار پٽ مان تہ ماءُ پيءُ بہ بيزار ٿي پوندا آهي“(10)

بيروزگاريءَ ۾ دنيا ۾ ترقي نہ ڪرڻ جي ڪري ماڻهن ۾ ڊپ، نا اميدي، مايوسي، پيدا ٿئي ٿي جنهن جي ڪري انسان Complex ۾ مبتلا ٿئي ٿو هو هر وقت انڌيرن ۾ ڏڪجندو ويندو رهي ٿو هو هر وقت بيچينيءَ ۾ رهي ٿو هو هر وقت مايوس ۽ خوف ۾ رهي ٿو. هڪ افساني ’اشارو‘ ۾ لکي ٿو:

”دنيا جيئڻ جي قابل نہ آهي يا آئون دنيا جي قابل ڪو نہ آهيان، ايتري ساري زندگي گذري ويئي پر مون کي ڪٿان بہ ڪو گرين سگنل نہ مليو اڳتي وڌڻ لاءِ گرين سگنل هميشہ ٻين جي لاءِ هوندو آهي. ٻيا اڳتي وڌندا ويندا آهن ۽ جڏهن منهنجو وارو ايندو آهي تہ ريڊ سگنل روشن ٿي ويندو آهي. وقت ڪيترو اڳتي وڌي ويو هو ۽ آءٌ پوئتي ڏڪجندو وجان. موجوده وقت ۾ ان نهڪندڙ صفا (Misfit) ٿيل ۽ مايوس آهيان.“(11)

سندس افساني’گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاس‘ ۾ انهيءَ مسئلي کي مفلسي، نا اميدي ۽ محرومي ڏک ۽ تڪليفون، آس ۽ اميد جي طور تي بيان ڪيو ويو آهي. شوڪت حسين شوري ڪاروڪاريءَ جي رسم کي پنهنجي افساني ۾ ’شهر ۾ سپنا‘ ۾ هن ريت نِنديو آهي:

”نجوءَ جو سِر ڌڙ کا ڌار ٿيو پيو هو. پٽس نجوءَ کي ڪاري ڪري ڪهاڙي ڪٽي ٿاڻي تي پيش پيو هو“.(12)

انهيءَ کان علاوه بہ سندس افسانن ۾ سنڌ جي معروضي حالتن، لساني جهيڙن، حيدرآباد ۾ ٿيل 30 سيپٽمبر 1988ع واري واقعي، سنڌي ماڻهن کي سندن پاڙن مان

لڏائڻ، سنڌي نوجوان مردن، عورتن ۽ ٻارن کي قتل ڪرڻ وغيره جو ذڪر هن پنهنجي افسانن ۾ پيش ڪيو آهي. هن سنڌ جي علائقي ٿر جي ماڻهن جي گذر سفر، طور طريقن، رهڻي ڪهڻي جي عڪاسي پنهنجي افسانن ۾ هن ريت پيش ڪئي آهي:

"سنڌ جو هڪڙو علائقو آهي ٿر، اتي ماڻهن جو گذر سفر برسات تي آهي، برسات نہ وسندي آهي تہ ماڻهو اتان لڏا ڪڻي بئراج وارن علائقن ۾ ويندا آهن، ٻنين ۾ پورهيو ڪري پيٽ گذر ڪندا آهن. جڏهن ٿر ۾ برسات پوندي آهي تہ موٽي ماڳن تي ويندا آهن".(13)

انهن سڀني ڳالهين سان گڏ، شوڪت صاحب جي افسانن جي خاص خوبي سندس عبارت ۽ اسلوب آهي. هن پنهنجن افسانن ۾ خوبصورت معني خيز ٻولي استعمال ڪئي آهي. هن هر موضوع کي نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيو آهي. مطلب تہ شوڪت جي افسانن جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هن بحيثيت جديد ڪهاڻيڪار جي افسانن جي موضوع، هيئت ۽ ٽيڪنيڪ وغيره کي جديد رنگ ۾ پيش ڪيو آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر حيدر سنڌي، شوڪت حسين شوري جي افسانن بابت لکي ٿو تہ:

"افسانہ نويسيءَ جي حوالي سان مشتاق شوري ۽ شوڪت شوري جا نالا مختصر عرصي ۾ نمايان آهن ۽ هي ٻيئي ڪهاڻيڪار جتي روايتي موضوعن تي طبع آزمائي ڪن ٿا، اتي افساني جي صنف ۾ پنهنجي وسيع مطالعي جي آڌار تي ڪيترائي تجربا بہ ڪندا رهن ٿا، انهن ڪوششن جي ڪري هو ڏاڍا مقبول و معروف ٿيا. ٻنهي قلمڪارن جي افسانن جا مجموعا بہ شايع ٿيا آهن. انهن ٻنهي ڪهاڻيڪارن 'مونو لاگ' ۽ تجريدي افساني کي بہ سنڌي عوام ۾ متعارف ڪرايو آهي."(14)

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو تہ:

"شوڪت جون ڪهاڻيون انهن جيئرن جاڳندن ڪردارن جون ڪهاڻيون آهن، جيڪي ڏوهہ ثواب، غم ۽ خوشيءَ جي هن دنيا ۾ پلجن ٿا. انهن جذبن جون ڪهاڻيون آهن، جيڪي هميشہ جوان آهن. شوڪت جو مجموعو 'گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاس' (1981) انهن ئي ڪهاڻين جو مجموعو آهي. (15)

سيد مظهر جميل، شوڪت حسين شوري جي افسانن بابت لکن ٿا تہ:

”شوڪت حسين شورو جديديت جي تحريڪ جو هڪ ڪهاڻيڪار آهي. هو وجوديت جي مسئلي کي آسماني مسئلو نہ ٿو بنائي، بلڪ ان رشتي کي زميني سببن سان قائم ڪري ٿو.“(16)

ڊاڪٽر نور افروز خواجہ، شوڪت شوري جي ڪهاڻين بابت لکي ٿي:

”شوڪت حسين شوري جي افسانن جو جائزو وٺندي معلوم ٿئي ٿو تہ هن بحيثيت جديد افسانہ نگار جي افساني جي هيئت، ٽيڪنيڪ وغيره کي جديد رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. هن جي افسانن ۾ جديديت ۽ رومانيت سان گڏو گڏ سماجي پس منظر، طبقاتي، معاشي عدم مساوات جي تصوير کي صاف ۽ حقيقي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. هو حقيقت نگار آهي، هو پنهنجي سماج ۽ معاشري مان حقيقي ڪردار ۽ حقيقي مسئلا وٺي ڪري انهن کي حقيقت جي رنگ ۾ پيش ڪري ٿو.“ (17)

شوڪت حسين شورو نہ صرف سنو ۽ جدت پسند ڪهاڻيڪار آهي، بلڪ ڪهاڻيءَ جي مختلف پهلوئن ۽ ڪهاڻيڪارن جي فن ۽ فڪر تي ڪيترائي مضمون بہ لکي چڪو آهي. شوڪت شوري هر موضوع تي ڪهاڻيون لکيون آهن. هن وجودي فڪر کان ويندي سنڌ جي سماج، سنڌ جي سياست، سنڌ جا عام مسئلا ۽ سنڌ بابت ڏاڍاين وارن مسئلن ۽ رومانوي ۽ عشقيہ موضوعن تي بہ ڪهاڻيون لکيون آهن. هو پنهنجي بابت لکي ٿو تہ:

”جڏهن مون لکڻ شروع ڪيو تہ ترقي پسند ادب جي اثر هيٺ منهنجي ڪهاڻين جا ڪردار، مظلوم هاري ۽ ظالم وڏيرا هئا. 60 ع جي ڏهاڪي ۾ پاڪستان جي سياسي حالتن هيٺ سنڌ سان ناانصافين سبب سنڌي ’نيشنلزم‘ وڌي رهي هئي، جنهن ادب تي اثر وڌو هو. ان سبب مون بہ طبقاتي فرق وارن موضوعن کي ڇڏي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ ڏاڍاين تي لکڻ شروع ڪيو. 70 ع وارو ڏهاڪو سڄي دنيا ۾ ماڊرن خيالن ۽ تحريڪن سبب وڏي اٿل پٿل وارو دور هو. ان ئي دور ۾ نئين ڪهاڻيءَ جنم ورتو. سنڌ ۾ جن ڪهاڻيڪارن ماڊرن ڪهاڻيءَ کي قبوليو ۽ لکڻ شروع ڪيو انهن ۾ ماڻڪ، مشتاق شورو ۽ آئون شامل هئاسين“. (18)

شوڪت شوري پنهنجي ڪهاڻين ۾ فرد جي حيثيت تي گهري نظر رکي آهي. هو بنيادي طور تي وجودي فڪر جو حامي آهي. شوڪت شوري جي ڪهاڻين ۾ هڪ انوکي قسم جي جدت آهي, اڪيلائپ, جيڪا موجوده دور جو اهم مسئلو آهي, ان ڪري شوڪت صاحب جي اڪثر افسانن ۾ اڪيلائپ, ڏاريائپ, بي سلامتي, مايوسيءَ جو اظهار, انتظار, اوسيئڙو ذهني جستجو جاڪوڙ جدوجهد جا موضوع خاص طور سان ملن ٿا.

شوڪت شوري جي ڪهاڻي 'هڪ ڏنل ماڻهو' يادگار ڪهاڻي آهي, هن سموري ڪهاڻيءَ ۾ اڪيلائپ ۽ بوريت جا احساس ڪٽيندڙ هڪ ڪردار جي ڪهاڻي آهي, جيڪو شريف ۽ ڏنل ماڻهو آهي. هو شام جو عذاب گذارڻ لاءِ هڪ سانوري رنگ جي وڻندڙ مهانڊي واري ڪال گرل سان رابطو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ ڪجهه وقت هن سان گذارڻ چاهي ٿو. شريف ۽ ڏنل مرد ۽ ڪال گرل جو غير معمولي ورتاءُ هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏنل آهي. هڪ هنڌ چوي ٿو.

"آءٌ سمجهان پيو جهڙوڪر اسين ٻئي روز رات جو ڪراچيءَ ۾ روڊن تي گهمڻ نڪرندا آهيون ۽ اڄ بہ ائين گهمون پيا. هو ڪلڻ لڳو"

جواب ۾ عورت وراڻي ٿي:

"ها مون کي بہ ائين پيو لڳي, ڄڻ اسين ورهين کان هڪ ٻئي کي سڃاڻيندا هجون ۽ گڏ رهندڙ هجون". (19)

سندس ڪهاڻي 'رات جو رنگ' هڪ نوجوان جي ڪهاڻي آهي, جنهن جي چوڌاري اونداهي آهي, هن کي ڪٿي بہ روشنيءَ جو ڪو ترورو نظر نہ ٿو اچي. هڪ هنڌ چوي ٿو تہ دنيا جيئڻ قابل ناهي يا آئون ان دنيا جي قابل ڪو نہ آهيان. شوڪت جي ڪهاڻي 'گم ٿيل پاڇو' جا ڪردار رستي تي بيٺل آهن, ڪيڏانهن وڃن خبر نہ آهي.!!

سندس ڪردار حساس آهن, ان ڪري خود ترسي (Self-Pity) ۾ مبتلا آهن. ڪهاڻي 'اشارو' ۾ عورت ڪردار چوي ٿي تہ 'ها تون حساس تہ آهين, پر رڳو پنهنجي لاءِ پنهنجي ذات جي حد تائين ٻئي ڪنهن کي تڪليف آهي ڪو مسئلو آهي, ان جو احساس توکي ڪٿي ٿيندو آهي. جيستائين ٻئي جي جذبات جو واسطو آهي تہ تنهن جو حساس پڻو ڪيڏانهن گم ٿيو وڃي'.

سندس ڪهاڻي ’خوف جو موت ‘ سنڌ جي لساني جهيڙن جي پسمنظر ۾ آهي. ڪامل ۽ سندس گهرواري زيب حيدرآباد ۾ لساني فسادن جي زماني ۾ پناهگيرن جي گهيري ۾ اچي وڃن ٿا. تڏهن رات جو گولين جا آواز گونجن ٿا، موت اڏو بيٺو آهي، زال ڪيس لڏي وڃڻ لاءِ ايلاز ڪري ٿي. پر آخر موت جي خوف کان آزاد ٿي هو زال کي چوي ٿو ته:

”نه پاڻ کي ڪيڏانهن به ناهي هلڻو پاڻ هتي ئي رهنداسين. پنهنجي گهر ۾ جنهن گهر ۾ منهنجا سمورا وڏا ۽ بابو امان مري ويا ان گهر ۾! پاڻ مرڻ کان ڇو ٿا ڊڄون؟ اڄ کان ڊپ ذهن مان ڪڍي ڇڏ!!“ (20)

هن ڪهاڻيءَ جو انگريزي ۽ هندي ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي.

ڪهاڻي ’اڌورا ماڻهو‘ ۾ پروين هڪ تيز طرار، وائڪي، بولڊ ۽ بي ڊپي عورت آهي، نياز ان جي ابتڙ ڪمزور، ڊڄڻو ۽ بي همت مرد آهي. شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻي ’اوپرو ماڻهو‘ به شاندار آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ موجوده دور جو وڏو الميو بيان ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اولاد جي بيمار پيءُ ڏانهن سخت رويي جي ڀرپور عڪاسي ڪئي ويئي آهي، جيڪا ڪهاڻيڪار جي فن جي ڪماليت ئي آهي. پٽن جي رويي ۽ زال طرفان اولاد جي پاسداري ڪرڻ تي پيءُ چوڻ لڳي ٿو ته ها ابا!! پڇاڙيءَ ۾ پٽن کان اهو ئي پڇندو! وٺي وڃي ڪنهن اسپتال ۾ اڇلائي اچو سيني جي جند ڇٽي پوندي. جن ڪهاڻين ۾ شوڪت جو شاعراڻو انداز بخوبي پسڻ لاءِ ملي ٿو ته اتي سندس گهڻين ئي ڪهاڻين ۾ علامتي ادا سان فلاسافيءَ جا ڀرپور نڪتا ملندا.

(1) **ڊهندڙ ديوارون:** هيءَ ڪهاڻي علامتي انداز ڇڻ منظوم نثر ۾ لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ جيون جون سچائيون زندگيءَ جي حقيقت هڪ هڪ لفظ دل کي ڏڪائيندي ۽ روح کي جاڳائڻ لاءِ دستخط ڏئي ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ سماج جو حقيقي پس منظر آهي.

شوڪت صاحب جي هيءَ ڪهاڻي تمام حيرت انگيز فن جي مهارت سان ۽ لاثاني ڍنگ سان پيش ٿيل آهي. سموري ڪهاڻيءَ ۾ اهو ظاهر نه ڪيو ويو آهي ته ڪهاڻي عشق پيار جي موضوع تي اڏاوت آهي نه ئي ڪنهن عورت جو يا ڪنهن مرد جو ذڪر اچي ٿو سندس هيءَ ڪهاڻي شاهه لطيف جي سورمي ’ليلان‘ جيان آهي، جيڪا هار تي چنيسر کي هڪ رات لاءِ وڪڻي ڇڏي ٿي.

(2) **سمنڊ ۽ هيڪلو روح:**ليکڪ هن ڪهاڻيءَ جو آغاز ئي شاعراڻي انداز سان ڪندي، جيون جو سڳنڌ ڳجهي نموني سليندي، زندگيءَ جو ڀرپور فلسفو اوتيندي، علامتي انداز ۾ اها ڪهاڻي پيش ڪئي آهي. ليکڪ سمنڊ جي پيٽ هن فاني دنيا سان ڪئي آهي ۽ تختي جي پيٽ، زندگيءَ جي ڪوڙن سهارن سان ڪئي آهي.

(3) **سرنگ:** هن ڪهاڻيءَ ۾ به فلاسافي ۽ شاعراڻي تصورن جا عڪس ملن ٿا. انسان جون خواهشون ۽ تمنائون به ان 'سرنگ' مثل آهن، جيڪا ڪڏهن به کُٽڻي ناهي، انسان اهو سڀ سمجهي ٿو پر تہ به پوري زندگي انهن خواهشن جي ڳولا ۾ پنهنجو سڄو جيون ختم ڪري ڇڏي ٿو.

(4) **نيٽ بهار ايندو:** ليکڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ اميدن جا سڀ ترورا سجايا آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ بہ ٻاهرين پاسي هڪ باغ آهي، جتي هڪ ٽڪل ٽٽل ماڻهو اچي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جي هڪ هڪ جملي ۾ علامتي انداز ملي ٿو ائين ٿو لڳي جڻ هيءَ سنڌ جي سيني دورن جي تاريخ هجي.

(5) **گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاس:** هن ڪهاڻيءَ ۾ احساسن کي علامتي انداز طور پيش ڪيو ويو آهي. جيستائين انسان جو روح سلامت آهي تيستائين انسان جا جذبا نہ ٿا مري سگهن، ائين نہ هجي ها تہ جيڪر سهڻا شعر ۽ گيت، سهڻيون تصويرون ۽ مجسما وجود ۾ نہ اچن ها.

(6) **رات جو رنگ:** هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار ڌرتيءَ جي عذابن ۽ ڏکن جو مقابلو ڪندي ٿڪجي ٽٽي پوي ٿو. زندگيءَ جي تيز رفتاريءَ سان هي پڄي نہ ٿو سگهي ۽ هن جا قدم نٽا ڪجن، تنهنڪري سمنڊ جي گهرائين ۾ پاڻ کي گم ڪندي پنهنجو وجود مٽائڻ چاهي ٿو.

جيتوڻيڪ آپگهات بزدلي ۽ گناهہ جي علامت آهي، پر ليکڪ پنهنجي تخليقي قوت سان ڪردار جي ذهن تان اهڙا تصور پاسيرو ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، پر آخر ۾ اهو به ثابت ڪري ٿو وڃي تہ موت انسان جي هٿ ۾ نہ آهي، ڪڏهن به ڪٿي به اچي سگهي ٿو.

(7) **گم ٿيل پاڇو:** هن ڪهاڻيءَ ۾ علامتي انداز سان جيون جي فلسفي جي جهلڪ پسڻ لاءِ ملي ٿي. حالانڪہ ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار اڪيلو تنها پاڇي جي ڳولا ڪندو

رهي ٿو. جيئن جيئن پاڇي جي ڳولا ڪري ٿو. تيئن ان جي ڳولا وڌندي وڃي ٿي، هو ڪڏهن ننڍين پاڇن ته ڪڏهن وڏن پاڇن ۾ پنهنجي وجود کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندي، ويران راهن ۾ ڀٽڪندو رهي ٿو.

(8) **خالي صفحو:** هن ڪهاڻي ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته رشتن ناتن جا ڌاڳا به ڪڏهن ڪچا ثابت ٿيندا آهن. زندگيءَ ۾ ناڪامي انسان کي ڪمزور ڪري ٿي، پر ناڪاميءَ ڪانپوءِ انسان زندگي جي اصل فلسفي کي صحيح طريقي سان سمجهي سگهي ٿو.

(9) **ڇتيءَ جيترو آسمان:** هن ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي حقيقتين کي نروار ڪيو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ جي هڪ ٽڪرو هن ريت آهي:

> ”هن سوچيو ته سندس عمر وري به 25 سال هئي. پر هو ته ان عمر ۾ ئي پوڙهو ٿيڻ لڳو هو. گهٽ ۾ گهٽ نوجواني ته هن ڏٺي به ڪا نه هئي، هن کي ياد آيو ته جڏهن ڪان ڪيس هوش آيو هن پاڻ کي وڏو ڀانيو. گهر جو سڄو بار، سموريون ذميواريون هن جي مٿان اچي پيون.“ (21)

پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

> ”جديديت جي ڪهاڻيڪارن ۾ شوڪت حسين شورو به شامل آهي، هن جو مجموعو ’اکين ۾ ٽنگيل سپنا‘ ڪافي دير سان ڇپيو. پر سندس ڪهاڻيون اڳ ۾ مختلف رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن. سندس ڪهاڻي ’سمنڊ ۽ هيڪلو روح‘ شاندار ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ سمنڊ هڪ ڪردار آهي ۽ سمنڊ کي دنيا سان تشبيهه ڏني ويئي آهي. جهاز ٽٽل معاشري جي علامت آهي. جنهن ۾ ماڻهو سخت اڪيلائپ، عدم تحفظ ۽ بي سهاري هجڻ جو شڪار آهي، پر پوءِ جدوجهد ڪندو رهي ٿو ۽ آخر تائين حالتن سان وڙهندو رهي ٿو. سندس ڪهاڻي گم ٿيل پاڇو ۾ وجود جي مسئلي کي کنيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سندس ڪهاڻي ’سرنگ‘ زندگيءَ جي انتهائي حد تائين پهچي ٿي. جتان ناڪامي ذريعي سڀ رستا بند ٿي چڪا آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ جدوجهد جو درس ڏنل آهي.“ (22)

شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻين جي اڀياس سان معلوم ٿئي ٿو ته هن پنهنجن افسانن ۾ نت نوان موضوع آندا آهن. هن اهڙي دور ۾ لکيو جڏهن قومي حوالي

سان سنڌ جو تشخص غائب ٿي ويو هو. هن بدلجندڙ روپ ۾ ڪهاڻيءَ کي ڪيترائي نوان، رنگ ۽ ڍنگ ڏنا.جنهنڪري ڪهاڻي کي ڪيترائي نوان موضوع مليا. هن پنهنجن افسانن ۾ قدرن جي ٽٽڻ ۽ انسان جي اندر جي اڪيلائپ کي پڻ بيان ڪيو آهي. جيڪو انسان ڊپ، هراس ۽ نااميديءَ جو شڪار ٿيل هو هن انهن جذبن کي ڪهاڻي ۾ هڪ نئين اميد ڏني. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ معاشي ڇڪتاڻ، نفسيات، جنس ۽ وچولي طبقي جي ٻي چينيءَ کي بہ نروار ڪرڻ جي ڪوشس ڪئي آهي.

**نتيجو:** مجموعي طور شوڪت حسين شوري جي افسانن ۾ سنڌي قوم جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي جاڳرتا وارو احساس بيان ڪيل آهي. شوڪت صاحب پنهنجن افسانن ۾ اجاين وهمن، وسوسن، پيرپرستيءَ، فرسوده ۽ مدي خارج روايتن کي سخت ننديو آهي. پنهنجي ثقافتي ورثي ۽ جديد دنيا ۾ ٿيندڙ تبديلين کي آڏو رکي سنڌي سماج کي خوش گوار زندگي گذارڻ جو تصور ڏنو آهي. شوڪت شوري جي افسانن بابت چئي سگهجي ٿو تہ هن جي افسانن جا موضوع سنڌ ۽ سنڌي سماج جي عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿا. هن خاص طور تي اهڙا موضوع کنيا آهن، جيڪي اسان جي معاشري کي زوال طرف وٺي وڃي رهيا آهن، جيڪي اسان جي سماج کي صدين کان غلط رسمن ۽ رواجن ۾ جڪڙيو ويٺا آهن. خاص طور تي غربت، بنا مرضيءَ جي شادي، ٻي جوڙ شاديون، خاندان کان ٻاهر ڇوڪريءَ جي شادي نہ ڪرائڻ، وڏيرن جا روايتي ڪڏا ڪم، ڇوڪرين کي تعليم جهڙي اهم زيور کان محروم رکڻ ۽ ڪارو ڪاري واري غلط رسمون سنڌن ڪهاڻين جا اهم موضوع آهن.

## حوالا


1. ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جلد ڏهون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد
2. جوڻيجو عبدالجبار، پروفيسر ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جي تاريخ‘، (جلد ٽيون) سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، 2006 ع ص، 69
3. ملاح، مختيار احمد، ’سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ‘ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2015 ع، ص، 40 کان 41
4. قاضي جاويد، ’ وجوديت‘ فڪشن هائوس لاهور، 2005، ص، 11
5. نور افروز خواجہ، ڊاڪٽر، (مضمون) ’شوڪت شورو هڪ اديب‘ ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد سنڌ، سيپٽمبر کان آڪٽوبر، 2000 ع، ص، 03
6. قمر شهباز، (مهاڳ)رات جو رنگ ، سنڌي ادبي بورڊ، 2009 ع ص11

7. نور افروز خواجہ، ڊاڪٽر، (مضمون) ’شوڪت شورو هڪ اديب‘ ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد سنڌ، سيتمبر کان آڪٽوبر، 2000 ع، ص، 07

8. ڪندناڻي، سنڌيا چندر، ڊاڪٽر ’شوڪت حسين شورو جي ڪهاڻين ۾ فلاسافي ۽ شاعراڻي لڪاوت‘ (مضمون) سنڌ هند جون عظيم ادبي شخصيتون، روي روشن پبليڪيشن، ٿاڻا ايسٽ، 2007 ع.

9. شورو، شوڪت حسين، ’رات جو رنگ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2009، ص،334

10. شورو، شوڪت حسين ’رات جو رنگ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2009، ص،335

11. شورو، شوڪت حسين، ’رات جو رنگ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2009، ص،135

12. شورو، شوڪت حسين، ’رات جو رنگ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2009، ص،134

13. نور افروز خواجہ، ڊاڪٽر، (مضمون) ’شوڪت شورو هڪ اديب‘ ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد سنڌ، سيتمبر کان آڪٽوبر، 2000 ع، ص، 08

14. حيدر سنڌي، پروفيسر، ڊاڪٽر، سنڌي زبان و ادب جي تاريخ، ، مقتدره قومي زبان، اسلام آباد 1999 ع، ص، 220، 221

15. جوڻيجو عبدالجبار، پروفيسر ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي تاريخ، جلد ٽيون، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 2006 حيدرآباد، ص، 103

16. سيد، مظهر جميل ، ’مختصر تاريخ زبان و ادب‘، (سنڌي)، مقتدره قومي زبان، اسلام آباد، 2009 ع، ص، 400تا 401

17. نور افروز خواجہ، ڊاڪٽر، ’پائي پٽ ڪٺا‘،گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد،، 2005 ع، ص، 560

18. شورو، شوڪت حسين، ’رات جو رنگ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2009، بئڪ ٽائيٽل

19. شورو، شوڪت حسين، ’رات جو رنگ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2009، ص،51

20. شورو، شوڪت حسين، ’رات جو رنگ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2009، ص،128

21. شورو، شوڪت حسين، ’رات جو رنگ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2009، ص،98

22. ميمڻ، غفور، پروفيسر، ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر‘،شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ، 2002 ع، ص، 605

ڊاڪٽر شير مهراڻي

# ماڻڪ جي ناول ”ساھہ مٺ ۾“ جو تنقيدي جائزو
# Critical Analysis of Manik's Novel: "Saahu Muth Men"


## Abstract:

*Manik (1943-1982) is an existentialist fiction writer in the Sindhi Literature. In his short stories and novels, he has depicted the inner feelings of the common Sindhi people. His famous Novel Saah Muth Men (literally means breath held in fist). Saah Muth Men is a Sindhi proverb which means "caught in worst conditions". This novel was written during the last years of the One Unit and early nineteen eighties (1980's). Due to adverse political conditions in Sind; Karachi, the mega city was passing through the horrible circumstances during that period. In this novel, writer has portrayed the fear and terror that had engulfed common Sindhi people, especially the working class in Karachi. The core theme of this novel is resistance. Due to the terrible conditions of the city, the hero of the novel faces severe suppression and remains in melancholy.*

*In this research article, I have attempted to explore mainly the element of resistance as portrayed in the Novel. I have also focused on certain existentialist elements present in the novel. Additionally, I have presented critical analysis of this novel.*


ماڻڪ جو ناول، ’ساھہ مٺ‘ سندس وفات (1982ع) کان پوءِ پهريون ڀيرو سنڌي ٽائيمس پبليڪشن اُلهاسنگر پاران، جولاءِ 1986ع ۾ شايع ٿيو. ان جو ٻيو ڇاپو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو جي طرفان 1992ع ۾ پڌرو ڪيو ويو. سنڌ ۾ شايع ٿيل ڇاپي اندر ماڻڪ جو وفات کان ڪجهہ ڏينهن اڳ نثار حسينيءَ کي لکيل هڪ صفحي جو هڪ خط، نصير مرزا جو اڍائي صفحن تي ٻڌل ڊائريءَ جو ورق ’جڏهن سڄڻ سفر هليا‘؛ موهن ڪلپنا جو ڇهن صفحن تي ٻڌل ’سنڌيت جي اندروني ايڪس ري‘ جي عنوان سان مهاڳ ۽ باقي 133 صفحن تي ناول شامل آهي. هن ناول ۾ ڪل چار باب آهن: امن امان، ٻائيتال، وڳوڙ امن امان (وري). ناول جي پڇاڙيءَ ۾ ظفر عباسيءَ پاران ماڻڪ جو ورتل انٽريو ۽ ٻئڪ ٽائٽل تي امداد حسينيءَ جو مختصر رايو

ڇپيل آهي. جنهن ۾ اهم ترين پئراگراف هي آهي تہ "ماڻڪ ان ٿهيءَ مان هو جيڪا پاڻ کان سينئر ۽ جونيئر جي بہ پُڙن ۾ پيسجي رهي هئي/آهي. سينئر پنهنجين لکڻين ۾ وڏيرن کي لوئي پاڻ ادبي وڏيرا بڻجي ويا ۽ جونيئر شارٽ ڪٽس جي ڳولا ۾ رهيا_ائين ادبي محاذ تي قومي ايڪي واري اعليٰ مقصد کي ڪاپاري ڌڪ لڳو." (1)

مقالي جي ابتدا ۾ ڪجهہ اهم سوالن يا مفروضن جا جواب ڏجن ٿا.

مهاڳ ۾ موهن ڪلپنا لکيو آهي:

"ماڻڪ جو ناول" 'ساهہ مٺ ۾' سنڌي زبان جو پهريون جديد ناول آهي، ان ۾ وجوديت ۽ بعيد العلقلي(بعيد العقلي) فٽ ڪيل ناهي، اها پاڻ خود مرادو ماحول مان اپري ٿي." (2)

'ساهہ مٺ ۾' ڪنهن بہ طرح سان پهريون جديد سنڌي ناول ناهي، ڇاڪاڻ تہ ان کان اڳ ڪيترائي جديد سنڌي ناول سنڌ ۾ شايع ٿي چڪا هئا. جن ۾ موهن ڪلپنا جا ناول، رج ۽ پاڇا (1966ع، سنڌ ۾ 1967ع ۽ 1984ع)، پيار جي پڇاڙي (1969ع)، جلا وطني (1974ع، سنڌ ۾ 1975ع)؛ قاضي خادم جا ناول پيار ۽ سپنا(1977ع)، درد جي خوشبوءِ (1981)؛ سراج جو پڙاڏو سوئي سڏ (1970ع) مزاحمتي ناول هجڻ سان گڏ ٽيڪنيڪ جي حوالي سان هڪ جديد ناول آهي. علي بابا جو ناول "موهن جو دڙو" (روح رهاڻ 1968ع ۽ روح رهاڻ تي بندش ڪانپوءِ هيءُ ناول نئين زندگيءَ ۾ ڇپيو)، حليم بروهيءَ جو ناول 'اوڙاهہ' (جنهن کي شعور جي وهڪري واري ٽيڪنيڪ تي لکيل پهريون ناول چئي سگهجي ٿو) خود ماڻڪ جو پهريون ناوليٽ 'لڙهندڙ نسل' (1972ع) البتہ 'ساهہ مٺ ۾' شعور جي وهڪري جي ٽيڪنيڪ تي لکيل بنيادي ناولن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو.

هيرو شيوڪاڻي لکي ٿو:

مون کي خبر ناهي تہ هن ناول 'ساهہ مٺ ۾' جو دستخط ماڻڪ پنهنجي موت کان ڪيترو اڳ لکي پورو ڪيو هو. "(3)

ناول جي اندر موجود واقعن جي ذڪر مان آساني سان سمجهي سگهجي ٿو تہ هيءُ ناول ماڻڪ پنهنجي موت کان هڪ يا بہ سال اڳ لکي پورو ڪيو هوندو. ماڻڪ جي وفات 1982ع ۾ ٿي. تازو ڪجهہ سال اڳ منور سراج 'ماڻڪ جي بريف ڪيس مان' جي نالي سان هڪ ڪتاب ڇپايو آهي، جنهن ۾ ٻين تحريرن سان گڏ

ماڻڪ جو ناوليٽ ’پڇتاءُ‘ بہ شامل آهي. جيڪو پڻ وجوديت جي فلسفي تي آڌاريل آهي. ناول ’ساھ مٺ ۾‘ اندر ماڻڪ 1977ع وارين چونڊن جو ذڪر ڪري ٿو ۽ لکي ٿو:

”هي ٽيهن سالن ۾ بہ سنڌي نہ سکيا آهن! نہ سکندا ئي جو هن پراسيس ۾ اسان کي مرج ٿيڻو آهي، پنهنجي آئڊنٽيفڪيشن وڃائڻي آهي.“ (4)

يا ڀٽي پاسي ڀُٽي صاحب جي ڦاسي جو ذڪر پڻ هن ناول ۾ ملي ٿو:

”ڀُٽي جي ڦاسيءَ تي وڏا گوڙ ٿيا آهن. ها! خاص ڪري دادو ضلعي ۾ ميهڙ، خيرپور ناٿن شاھ ۽ ٻين هنڌن تي ديرن کي باهيون ڏنيون اٿن ۽ گاڏين جون پٽڙيون...تہ سنڌي اڃا جيئرا آهن. ها اهي اهڃاڻ ٻڌائين ٿا تہ نہ رڳو جيئرا آهن، پر جيئرا رهڻ چاهين ٿا هر جوکو کڻي. اهم ڳالھ اها آهي تہ اهي سنڌي جيڪي هڪ فرد لاءِ ايڏو جوکو کڻي سگهن ٿا تہ، پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ، پنهنجي سنڌ لاءِ ۽ خود پنهنجو پاڻ لاءِ جوکو ڇو نہ ٿا کڻي سگهن.! هان؟ سائين مان سمجهان ٿو تہ کڻي سگهن ٿا، رڳو کين ان قسم جو احساس ڏيارڻو وڃي...بنيادي سوال ليڊرشپ جو آهي، جيڪا عام جي مهنداري ڪري ٿي، جيڪا نہ هئڻ جي برابر آهي.“ (5)

ذوالفقار علي ڀُٽي کي 1979ع ۾ ناحق ڦاسي آئي، جنهن جو سخت ردِعمل سامهون آيو. پر ضياء سرڪار ترت ئي ’اهل قلم ڪانفرنس‘ گهرائي ڪيترائي قلم خريد ڪري ورتا. ناول ’ساھ مٺ ۾‘ لکجڻ جو دور 1977ع کان 1980_1981ع معلوم ٿئي ٿو. هن ناول ۾ ڀُٽي صاحب تي بہ تنقيد ڪئي وئي آهي ۽ ليکڪ واضح طور ڀُٽي صاحب کي ’ڪٽر پاڪستاني‘ سڏي چٽر ڪري ٿو. ڀُٽي صاحب تي اهڙي تنقيد ڪجھ قومپرست ڌريون ڪنديون رهيون آهن. پر ماڻڪ قومپرستن تي بہ تنقيد ڪري کين ’مفاد ۽ ذات پرست‘ سڏي ٿو. ذاتي طور تي پهريان ماڻڪ ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر رهيو ۽ پوءِ پارٽي ڇڏي ڏنائين.

ماڻڪ جو ناول ’ساھ مٺ ۾‘ هڪ ڪاليج جي استاد جي ڪهاڻي تي ٻڌل آهي، هو هڪ تحقيقي مقالو لکي ٿو. هيءُ ناول ائين ٿو لڳي ڄڻ تہ ان تحقيقي مقالي جا نوٽس آهن. ڇاڪاڻ تہ ناول جي آخري صفحي تي ڪوئي سوال ٿو ڪري تہ مقالي

جي ڏي خبر تہ جواب ملي ٿو تہ ’نوٽس وٺي ڇڏيا آهن. مقالو لکان ٿو پيو‘. ناول جو هيرو ڪراچيءَ جي ڪنهن ڪاليج ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استاد آهي. هو پنهنجي گهرواريءَ سان گڏ ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو. کيس سنڌي هجڻ تي فخر گهٽ، ڊپ وڌيڪ آهي. هو اڪثر ان گمان ۾ رهي ٿو تہ ڪوئي سندس پيڇو ڪري رهيو آهي ۽ سندس گفتگو جي جاسوسي ٿئي ٿي. توڙي جو هو ان خيال جو آهي تہ هن جو ڪنهن بہ سياسي توڙي قومپرست پارٽيءَ سان ڪو بہ تعلق ناهي. هو عملي طور سياست کان پاسي تي آهي، ڇاڪاڻ تہ هو سمجهي ٿو تہ اقتداري پارٽيون اسٽيبلشمينٽ جي ڏر آهن ۽ قومپرست قيادت پنهنجي پنهنجي ذات جي خول ۾ وڃايل ۽ مطلب پرست آهي. هتان جا سوشلسٽ وڏيرن جي کيسن ۾ پيل آهن. هو نوڪري پيشہ فرد آهي ۽ صرف ڳالهين جي حد تائين قومپرست سياست ڪري ٿو. ۽ سندس خيال آهي تہ ايتري سياست هر سنڌي ماڻهو ڪندو آهي. تنهن هوندي بہ کيس هر گهڙي اهو ڊپ آهي تہ ’ديوارن کي بہ ڪن آهن‘. سنڌ متعلق ڪيل سندس گفتگو کيس ڏچي ۾ وجهي سگهي ٿي. شهر ۾ وڳوڙ ٿين ٿا تہ هو ڊجي وڃي ٿو. هو اهڙو ڊپ پنهنجي گهرواريءَ سان شيئر ڪري ٿو. جيڪا کيس ڪراچي ڇڏي ڳوٺ هلي رهڻ جو مشورو ڏئي ٿي. هو کيس اڪيلو ڳوٺ ڇڏي اچڻ چاهي ٿو پر سندس گهرواري اڪيلي ڳوٺ وڃي رهڻ نٿي چاهي. انڪري هو ٻيئي ڪراچيءَ ۾ ئي رهن ٿا. هو چونڊن جي بہ خلاف آهي ۽ سندس خيال آهي تہ چونڊن دوران اسان کي صرف ايترو اختيار هوندو آهي تہ اسان پنهنجي لاءِ مناسب ڪاسائي جي چونڊ ڪيون. سندس خيال موجب ٻئي ڌريون ڪاسائي آهن، اسانکي صرف انهن مان ئي چونڊ جو اختيار آهي. انڪري هو ڪڏهن بہ اليڪشن دوران ووٽ ڏيڻ ناهي ويو نہ ئي هن پنهنجو ووٽ داخل ڪرايو آهي. ناول جو هيرو مسلسل خوف، ڊپ، ڊپريشن، انزائٽي، ائبزرڊٽي، اداسي، اڪيلاڻ، بيچيني، ويڳاڻپ، ڳڻتي ۽ ڳاراٽين جهڙين ڪيفيتن ۾ گذاري ٿو. کيس ڪڏهن ماڪڙ ٿي پٽي تہ ڪڏهن ڪُتا ٿا ڪائين. ناول جي پهرئين باب ۾ هن کي ڪوئا پٽين ٿا، کيس پلئگ جو ڊپ رهي ٿو. وري هن کي ماڪڙ ڪائي ٿي ۽ هو ان ۾ مري وڃي ٿو. ناول جيئن تہ (Stream of Consciousness) اسٽريم آف ڪانشسنيس واري ٽيڪنيڪ تحت لکيل آهي انڪري هن ۾ اڳياڙي ۽ پوياڙي جي خبر نٿي پوي. ناول جي ابتدا ۾ ڪوئي سندس پيڇو ڪري ٿو ۽ ناول جي پڇاڙي تائين اهو شخص سندس ڪيڏ لڳل

آهي. ناول جي جهڙي ابتدا آهي، پڇاڙي بہ اهڙي ئي آهي. ائين ٿو لڳي ڄڻ تہ ناول اڳتي وڌيو ئي ناهي. توڙي جو ناول ۾ اهڙيون شاهديون موجود آهن تہ هي ناول لڳ ڀڳ ٽن سالن تائين لکيو ويو. پر ناول جي ڪهاڻي اڳتي وڌڻ بدران ساڳي هنڌ دهرائجي ٿي.

بنيادي طور تي هيءُ ناول وجودي وارداتن جي چوڌاري ڦري ٿو ۽ ان ۾ جديديت واري ٽيڪنيڪ استعمال ڪئي وئي آهي.

وجوديت جي لاءِ ڏاهن جو خيال آهي تہ هيءُ هڪ اهڙو فلسفو آهي، جنهن ۾ فرد پاڻ سڃاڻڻ سان گڏ پنهنجي داخلي برتري ۽ اتم پڻي جي ڳالهہ علامتي تناظر ۾ پيش ڪري ٿو. وجوديت هڪ عملي دائرو (Practical Ring) يا سرڪل پڻ آهي جنهن ۾ اچي انسان ڪيترين ئي اهم جبلتن سان مهاڏو اٽڪائي ٿو. ۽ انهن جبلتن جي آڌار پاڻ سڃاڻڻ ۽ پاڻ مڃائڻ جي ڪيترن ئي مرحلن مان گذري نيٺ پنهنجي وجود ۽ وجودي سگهہ کي مڃائي ٿو. جڏهن انسان کي پنهنجي هجڻ جو احساس ٿيو تہ هن پنهنجي وجود کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پاڻ کان سوال ڪيو تہ ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي؟ سندس ان سوال ۾ اهو امر بحرحال موجود هو تہ هو ڪجهہ ڪري سگهي ٿو. پاڻ سڃاڻڻ لاءِ مختلف مرحلن مان گذري فرد پنهنجي سمجهہ ۽ ڏاهپ جي آڌار پنهنجو وجود يا 'موجود هجڻ' طئي ڪري ورتو آهي. (6)

جڏهن تہ خاص طور يورپ ۾ وجوديت فلسفي يا فڪر سان گڏ هڪ سماجي تحريڪ جي طور تي اتي موجود حالتن جي بر خلاف هئي. ان ڪري ئي ڪجهہ ڏاهن وجوديت کي ردعمل واري تحريڪ سڏيو آهي. هن تحريڪ سماج ۾ موجود ڳُڌي روش سان ٽڪر ڪاڌو.

> "Existentialism" is an intrinsically reactive movement of thought, one which has point only in opposition to the tradition.(7)

ماڻڪ جو هيءُ ناول بہ ردعمل هو انهن حالتن جو جيڪي خاص طور سنڌ ۾ پرماري قوتن پاران پيدا ڪيون ويون هيون. ليڪ هن ناول ۾ فني اعتبار کان جديديت جی ٽيڪنيڪ ڪتب آڻيندي ناول جی بنيادي فن کی چيلينج ڪيو آهی. منظرنگاريءَ جی حوالی سان هن ناول ۾ ڊرامائی ٽيڪنيڪ ڪتب آندي وئی آهی. مثال طور جڏهن ڊاڪٽر ناول جی هيرو جو چيڪ اپ ڪرڻ اچی ٿو تہ اتی واضح طور نئين پئرا تي لفظ 'ڊاڪٽر' لکيو ويو آهي. جنهن مان ڊاڪٽر جي اينٽري ظاهر ٿئي

ٿي. جيڪڏهن ناول ۾ وِگوڙ واري صورتحال ڪي پيش ڪيو وڃي ٿو تہ نئين صفحي ۽ نئين پيرا تي لفظ 'وِگوڙ' لکيو ويو آهي. ان طرح جو تجربو ڊرامن ۾ مروج هو/آهي. پر ناول جي تاڃي پيٽي اٽڻ وقت ناول نگار باقاعده منظر نگاري ڏانهن توجهہ ڏيندو آهي. چاڪاڻ تہ هن کي لفظن جي اندر تصوير پيش ڪرڻي پوندي آهي. جڏهن تہ ڊرامي ۾ اهو ڪم ڪئميرا وسيلي آسانيءَ سان ڪري سگهبو آهي. هن ناول ۾ اهڙي ٽيڪنيڪ ڪتب آندي وئي آهي جو گهٽڻ هنڌن تي منظر نگاري پاڻ هرتونظرانداز ٿي وئي آهي. ناول جي اهڙي ٽيڪنيڪ کي پڙهندڙ نئون باب سمجهي پڙهي يا نئون موضوع، اهو پڙهندڙ جو اختيار آهي. پر اهو تاثر ضرور پيدا ٿئي ٿو تہ ليکڪ کي پنهنجي پڙهندڙ جي پرواهہ ناهي. ان ڳالهہ جو دليل هن ئي ناول ۾ شامل ماٽڪ جو انٽرويو آهي. جنهن ۾ ڪائنس سوال پڇجي ٿو:

"هڪ پڙهندڙ جي حيثيت سان اوهان جي ڪا لکڻي پڙهڻ کانپوءِ جيڪڏهن مان اوهانکي ڪا ٿلهي متاري گار ڏيان تہ...؟ مان رڳو مُرڪندس." (8)

ماٽڪ جو اهڙو ردعمل بنيادي طور تي "ڊيٿ آف ڪريٽڪ" توڙي "ڊيٿ آف ريڊر" (نقاد ۽ قاريءَ جي موت) واري نظريي ڏانهن اشارو آهي. رولان بارٿ جي "ڊيٿ آف آٿر" (ليکڪ جي موت) کانپوءِ 'ڊيٿ آف ڪريٽڪ' ۽ 'ڊيٿ آف ريڊر' جهڙا نظريا بہ آيا آهن. ماٽڪ جي هن جواب مان لڳي ٿو تہ هن کي پنهنجي پڙهندڙ جي ڪابہ پرواهہ ناهي تہ هو ڇا سوچيندو. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ اٽلڪائتي انداز ۾ ماٽڪ پنهنجي لکڻين لاءِ 'ڊيٿ آف ريڊر' جي ٿيوري جو مڃيندڙ آهي. تنقيد جو نئون منظر نامو تہ ان حد تائين جو حامي آهي تہ، هرڪو پڙهندڙ ڪابہ تحرير پڙهڻ وقت پنهنجو اڳوڻو تجربو، اعتقاد، قدر ۽ مڃيل سوچ سامهون رکندو آهي. هو ڪنهن بہ تحرير بابت ڪا بہ راءِ ڏيڻ وقت مڪمل آزاد هوندو آهي، هن کي ليکڪ جي مقصد سان ڪوبہ واسطو ناهي هوندو. ساڳي ڳالهہ رولان بارٿ هنن لفظن ۾ ڪئي هئي تہ پڙهندڙ جو جنم حقيقت ۾ ليکڪ جي موت برابر آهي.

"Everyone brings their prior experiences, beliefs, values and assumptions to reading. You are free to interpret texts in whatever way you want, without worrying about what the author 'intended' the text to mean. As Barthes triumphantly concludes, 'The birth of the reader must be at the cost of the death of the Author" (9)

ان منظر نامي کي سامهون رکي جيڪڏهن اسان ’ساهہ مٿ ۾‘ جو تنقيدي ڇيد ڪيون تہ اسانکي معلوم ٿيندو تہ ماڻڪ هن ناول ۾ گهڻو ڪري خوف ۽ حراس کي پيش ڪيو آهي. ڪيس سنڌي هجڻ جو خوف آهي. هو هن ناول ۾ پوڳنا جي اڻ کٽندڙ سلسلي کي تخليق ڪري ويو آهي. جيڪو ڪنهن حد تائين تہ درست آهي. ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ماڻڪ جي وقت ۾ اجا وڌيڪ درست هجي پر هن وقت، وقت مٽجي چڪو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ادب جو سماج تي اثر ٿيندو آهي تہ ڪڏهن وري ان جي ابتڙ سماج جو بہ ادب تي اثر ٿئي ٿو. ادب ۽ سماج هڪٻئي جا اولڙا آهن. اديب اهو شخص آهي، جيڪو سماج جي ڪنهن اهڙي خاص زاويي کان آئينو جهلي بيهي ٿو. جنهن کي هو ڏيکارڻ چاهي ٿو. اهو آئينو ڪڏهن تہ سڄي سماج جي جهلڪ پسائي ويندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن اڌوري جهلڪ سبب پڙهندڙ جي ذهن ۾ اڻتڻ پيدا ڪري وجهندو آهي. ’ساهہ مٿ ۾‘ بہ هڪ اڻتڻ پيدا ڪندڙ ناول آهي. عام طور تي اهو سوال اٿاريو ويندو آهي تہ ماڻڪ جي هن ناول کي ڇاڻي ٻجهي نصاب کان پري رکيو ويو آهي، يا وري ڪنهن اڄاتل خوف ۽ ڊپ سبب اسان ان ناول تي بحث نٿا ڪريون. آئون سمجهان ٿو تہ ناول کي نصاب کان پري رکڻ جو فيصلو جنهن بہ ڪيو آهي درست ڪيو آهي. هيءُ ناول ننڍن ذهنن کي جهنجهوڙي بہ سگهي ٿو تہ ڪنهن حد تائين مايوسيءَ جي اهڙي کُن ۾ ڦٽو ڪري سگهي ٿو. جنهن ۾ ماڻڪ خود بہ ٻڏي ويو هو. (ماڻڪ جي خودڪشيءَ کان اڳ شايد هيءُ سندس آخري ناول هو) جڏهن تہ بالغ ذهن هوندئن ئي هيءُ ناول پڙهي سگهن ٿا. هن ناول جي نصاب ۾ شامل ٿيڻ يا نہ ٿيڻ بابت تازو ئي سوشل ميڊيا تي طويل بحث ٿيو. جنهن ۾ تاج بلوچ، مير ٽيٻي، ڊاڪٽر ايوب شيخ، ممتاز بخاري، شمشير سيلري ۽ ٻين ڀرپور حصو ورتو جيسيتائين خوف جي ڳالهہ آهي تہ اها راءِ نامناسب آهي. هن ناول کان وڌيڪ ڪڙو سچ هن ناول کان اڳ لکيل توڙي ڇپيل ناولن جهڙوڪ ’سانگهڙ‘، ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘، ’مرڻ مونسين آءُ‘ ۽ ’پڙاڏو سوئي سچ‘ وغيره ۾ درج ٿيل آهي. يا غلام نبي مغل جا ناول پڻ جهڙوڪر ساڳئي موضوعن تي آهن ۽ انهن جي پڻ پنهنجي اهميت آهي.

فڪري اعتبار کان هيءُ ناول وجوديت کي ڇُهندي مزاحمت جي دائري ۾ داخل ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ وجوديت ۾ فرد گهڻو ڪري پنهنجي داخلي انيائن سبب پنهنجي ذات جي چوڌاري ڦرندو آهي، جڏهن هن ناول جو هيرو پنهنجي ذات کي سنڌي سوسائٽي سان جوڙي رکي ٿو. توڙي جو ناول جو هيرو مسلسل خوف ۽ ڊپ ۾

رهي ٿو پر ان جي باوجود هو هار مڃي ڪري ڳوٺ واپس نٿو هليو وڃي. هو ڪنهن نه ڪنهن سطح تي حالتن سان جهيڙي ٿو. اهڙي مزاحمت کي فڪري سطح تي تصوراتي مزاحمت سڏيو ويو آهي. اهڙي مزاحمت تڏهن اڀرندي آهي جڏهن فرد پنهنجي ڪنهن خيالي يا تصوراتي سرگرمي ۾ ڪا رڪاوٽ محسوس ڪندو آهي.

> *Imaginative resistance* occurs when a subject finds it difficult or problematic to engage in some sort of prompted imaginative activity.(10)

تصوراتي مزاحمت ليکڪ جي تصورن ۾ پيش ايندڙ رنڊڪن ڪانپوءِ رد عمل طور ليکڪ جي ذهن ۾ پيدا ٿيندي آهي، جنهن جو اظهار هو پنهنجن فنپارن ۾ ڪندو آهي. ماڻڪ پڻ هن ناول ۾ وجوديت سان گڏ تصوراتي مزاحمت جو اولڙو به پيش ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته ادب تخليق ڪرڻ پڻ هڪ تصوراتي ۽ جمالياتي سرگرمي آهي. ۽ ماڻڪ جي دور ۾ جڏهن ادب ۾ رڪاوٽون پيجي رهيون هيون. ڪتابن تي بندشون مڙهيون پئي ويو. ليکڪن ۽ فنڪارن کي گرفتار پئي ڪيو ويو، جيئن هن ناول ۾ به آهي ته،

"خبر: ع ق شيخ گرفتار

خبر: آرٽسٽ فتاح گرفتار

خبر: 'سهڻي' تي پابندي، ايڊيٽر گرفتار، پريس سيل

خبر: ابراهيم منشي گرفتار

خبر: 'اڳتي قدم' تي پابندي، ايڊيٽر تي وارنٽ" (11)

خود ماڻڪ کي پڻ گرفتار ڪيو ويو هو. جڏهن سنڌ ۾ اهڙيون حالتون هيون ته ماڻڪ 'ساهه مٺ ۾' ناول لکي پنهنجي مزاحمت جو اظهار ڪيو. موهن ڪلپنا هن ناول کي سنڌ جو پهريون جديد ناول سڏيو. جيڪا ڳالهه درست نه آهي. هن ناول کان اڳ خود ماڻڪ جو پهريون ناوليٽ 'لڙهندڙ نسل' پهريون جديد ناوليٽ آهي، جيڪو 1972ع ۾ 'اڳتي قدم پبليڪيشن' صدر حيدرآباد طرفان شايع ٿيو تنهن ڪانسواءِ سراج جا ناول، حليم بروهيءَ جو اوڙاهه ۽ آغا سليم جو ناول 'اونداهي ڌرتي روشن هٿ' ڇپجي پڌرا ٿي چڪا هئا. 'ساهه مٺ ۾' ناول جي اندر هڪ پاسي مزاحمت جهيڙي ۽ ڪمزور آهي ته ٻي پاسي هن ناول ۾ اُها خاصيت به ناهي جنهن کي سامهون رکي چئجي ته ناول جيڪڏهن عام ٿئي ها ته ڪو وڏو طوفان اچي وڃي ها. جنهن جي

شڪايت ڪجهه حلقا ڪندا رهيا آهن. فني توڙي فڪري اعتبار کان ساڳي موضوع تي لکيل ٻيا ناول هن کان وڌيڪ سگهارا آهن. جيئن آغا سليم جي ناول ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘ مان هڪ مثال آهي:

”چوڏهين آگسٽ تي سارنگ جيل مان ڇُٽو. جڻ مڙدو قبر مان نڪتو. ساري بت تي هڏا هاريل، اکيون اجهاميل، هڏا نڪتل. جڻ سندس جسم تان ڪنهن ماس ڪوري ڇڏيو هو. جڻ سندس رڳن مان ڪنهن سارو رت ۽ ست چوسي ڇڏيو هو ۽ رڳو هڏاوڻ پڃرو هو. سارنگ پنهنجي ڳنڍڙي سنڀالي جيل مان نڪتو... موت حياتيءَ کي نڙگهٽ کان جهليو هو ۽ حياتيءَ ڦٿڪا ٿي ڏنا. آخر حياتيءَ هارايو. نڙيءَ مان رت جو گرڙو نڪتو ۽ سندس واڇن مان وهڻ لڳو. سارو بت ڍرو ٿي ويو ۽ ڪنڌ هڪ پاسي لڙڪي پيو. سڪينه دانهن ڪري هن جي لاش مٿان ڪري ۽ پار ڪڍي روئڻ لڳي. ٻاهر چوڏهين آگسٽ جو جشن ملهايو ٿي ويو.“ (12)

مزاحمت جي موضوع تي ئي لکيل محمد عثمان ڏيپلائي جي ناول ’سانگهڙ‘ کي، جيڪو ون يونٽ دوران 1963ع ۾ ڇپيو. نه رڳو حُر تحريڪ سان سلهاڙيل نه پڙهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته هن ناول ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي اهڙا اشارا موجود آهن، جن کي سنڌين سڌو ون يونٽ جي پيدا ڪيل صورتحال سان جوڙي سگهجي ٿو. توڙي جو ناول انگريزن خلاف آهي، پر تمثيلي طور تي هي ناول ڪيترن ئي هنڌن تي رياستي جبر ۽ ون يونٽ جي خلاف آهي. جيئن ناول ۾ آهي ته ”جنوري 1942ع ۾ دنيا جي 26 قومن جا نمائندا، آمريڪا جي شهر واشنگٽن ۾ گڏ ٿيا، اتي يڪراءِ هڪ اعلان نالي ’ائٽلانٽڪ چارٽر‘ يا ’ميثاق اوقيانوس‘ منظور ڪيو اٿن، جنهن جا خاص فقرا هي آهن ته سڀني قومن جي انهي ’حق‘ جو احترام ڪيو وڃي، ته هو پنهنجي لاءِ حڪومت جي جيڪا طرز بهتر سمجهن، سا اختيار ڪن ۽ جن قومن کي فرمانروائيءَ ۽ خود اختياري حقن کان زبردستيءَ محروم ڪيو ويو آهي، تن کي اهي ’حق‘ واپس ملڻ گهرجن. اهڙو امن ٿيڻ گهرجي، جنهنڪري سڀني قومن کي بچاءُ حاصل هجي، ۽ سڄيءَ روءِ زمين تي ’انسان ذات‘ خوف ۽ هراس، تنگدستيءَ ۽ محتاجيءَ کان آزاد ٿي، خوشيءَ جي زندگي گذاري سگهي. انهي ائٽلانٽڪ چارٽر موجب ئي اسين اهو اعلان ڪريون ٿا ته ’سنڌي قوم‘ کي جو 1843ع ۾ فرمانروائيءَ ۽ خود اختياري حقن کان انگريزي سامراجين زبردستيءَ ۽ ناحق سان محروم ڪيو هو سي ’حق‘ هاڻي ’سنڌي

قوم‘ ’انگريز سامراجين‘ کان واپس وٺي ٿي، ۽ پنهنجو مرڪز تعلقي سانگھڙ ۾ مقرر ڪري، ’سانگھڙ سرڪار‘ قائم ڪري، انگريز سامراجين کي حُڪم ڏئي ٿي تہ ’ڪُئٽ سنڌ!‘ اي سامراجيو! سنڌ خالي ڪريو.“ (13)

ظاهر آهي، ليڪڪ جڏهن حوالي طور جنوري 1942ع ۾ پيش ٿيل ’ائٽلانٽڪ چارٽر‘ جي ڳالهہ 1963ع ۾ ڪري ٿو تہ ان کي رڳو 1947ع جي پسمنظر ۾ ڏسڻ بدران 1963ع جي ئي پسمنظر ۾ ڏسڻ گھرجي. ۽ 1963ع وارا ئي ڏينهن هئا جڏهن ون يونٽ زور پڪڙيو هو جنهن دوران پڻ سنڌ کي بنيادي حقن کان محروم رکيو ويو هو. ۽ سنڌ جي اينٽي ون يونٽ تحريڪ جون اهي ئي گھرجون هيون جيڪي ائٽلانٽڪ چارٽر تحت 26 ملڪن منظور ڪيون هيون.

سراج جي ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ جي پڇاڙي هنن لفظن سان آهي،

”سنجها ٿي ويئي، پر اجا بہ ڪي سنڌي وڙهي رهيا هئا، جڻ هنن وڙهي مرڻ جو قسم کنيو هو ۽ جڏهن سج ان نظاري ڏسڻ جو وڏيڪ تاب جهلي نہ سگهيو ۽ اولهہ ۾ ڪنهن دور دراز گهرائيءَ ۾ منهن لڪائي روئڻ جو بهانو ڪري، هڪ ڪاري ڪڪريءَ پويان لڪي ويو، تڏهن آخري سنڌي بہ ڪِري پيو. ساري ماحول تي موت ڇانئجي ويو. ان وقت ائين پئي لڳو ڄڻ تہ ڌرتيءَ جو پنهنجو ساهہ بند ٿي ويو هو. ڪوٽ جي برجن تي چڙهيل سنڌي پنهنجي ڪونڌرن لاءِ روئڻ بہ وساري ويٺا هئا. ٻانگن کي ٻانگون ڏيڻ وسري ويون هيون. قلندر جي نوبت بہ اڄ پهريون ڀيرو خاموش رهي. هي عجيب ماتم هو، خاموش، چپ! ائين ٿي ڀانيو ڄڻ سنڌين هميشہ لاءِ ماتم ڪرڻ جو پڻ پڪو ڪيو هو ۽ اهو خاموش ماتم صدين تائين انسان ذات جي ضمير ۾ ٻرڇيءَ جو گهاءُ بڻجي چڪندو رهندو!“ (14)

سراج جي هن ناول لاءِ رسول بخش پليجي صاحب لکيو هو،

”اهو ناول سنڌي ٻوليءَ جي ادب جو هڪڙو بيمثال شاهڪار آهي ۽ سنڌي قوم جو عظيم الشان قومي داستان آهي.“

هن ئي ناول جي پيش لفظ ۾ جمال ابڙي صاحب لکيو هو:

”حب الوطنيءَ جو ۽ تاريخ جو مذهب سان ڪو ٽڪر نہ آهي. عرب،

اسلام کان اڳ واري دور جي شاعرن ۽ سورهين تي اڄ به فخر ڪن ٿا.
اسين نه حاتم طائيءَ ۽ نوشيروان جا ڳڻ ڳائيندا اچون, جيتوڻيڪ هو مسلمان نه هئا. رستم, سهراب ۽ سڪندر جا نالا پاڻ تي رکندا اچون جيتوڻيڪ هو غير مسلم هئا. ڇا ٿي پيو جي پنهنجي سنڌ ديس جي سورهين جا اسين گيت ڳايون: انهن سورهين جا, جن موهن جي دڙي جي تهذيب جو پايو وڌو, جن ٽيڪسيلا ۽ گنڌارا جي آبياري ڪئي, جن رني ڪوٽ جو قلعو اڏيو ۽ ديبل, اروڙ ۽ برهمڻ آباد جو بنياد رکيو. جن جي تهذيب ۽ تعمير تي سارو پاڪستان ته ڇا, سڄي دنيا فخر پيئي ڪري, جنهن لاءِ شاهه ايران جي درباري شاعر چيو ته 'ساقي مون کي شراب, موهن جي دڙي جي مٽيءَ مان ٺهيل پيالي ۾ ڏي, ڪاش اها مٽي منهنجن وڏن جي هجي!' ٽوينبي, موجوده دنيا جي عظيم تاريخ نويس چيو "مان دنيا جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ تهذيب جي تلاش ۾ ويس. موهن جو دڙو منهنجي حقير تلاش جي بلند ترين چوٽي آهي!" ان چوٽيءَ تي پهچندڙ نه هندو هئا نه مسلم, سنڌي هئا, محض سنڌي!" (15)

جڏهن ته سراج جو ئي هڪ ٻيو ناول 'مرڻ مون سين آءُ' هنن لفظن تي پورو ٿئي ٿو.

"سانوڻ, آءُ ته يڪو فيصلو ڪري وجهون. تون مغلن وارو پاسو سنڀال, اسين پوئين پاسي ترخانن کي ٿا پُڄون. هونئن ئي لابارن جا ڏينهن ويجها آهن! 'بسم الله, دلبر بسم الله: جيئي سنڌ, جيئرا رهياسون ته آزاد سنڌ ۾ ساهه کڻنداسون, نه ته پرتاسون سنڌ کي!' سانوڻ حجت ڪري چيو. ۽ پوءِ رڻ ۾ راڙو ٿيو. . . سج لهڻ تي سڄو آسمان خون جو رنگ وٺي بيهي رهيو: ان شفق ۾ سنڌ جو ست رنگو انڊلٺي جهنڊو ايئن ٿي جهوليو ڄڻ ته سنڌين آسمان تي جهنڊو کوڙي ڇڏيو آهي." (16)

ادب کان وٺندي صحافت تائين جي ميدان ۾ اديب ۽ صحافي هن مٽيءَ جو مان مٿانهون ڪندا رهيا آهن. هر ڏکئي وقت ۾ هن ڌرتيءَ جي دليرن پاڻ موکيو آهي. پوءِ اهو ون يونٽ جو دور هجي يا ايم آر ڊي يا ڪا ٻي تحريڪ. هيءُ ناول جيئن ته ون

يونٽ جي پچاڙڪن ڏينهن ۾ ايم آرڊي جي ابتدائي ڏينهن جي تخليق آهي. انڪري اهوئي دور بحث هيٺ آڻيون ٿا. ون يونٽ خلاف تمام سخت مخالفت ٿيندي رهي. سنڌي صحافي دليريءَ سان سنڌ جو ڪيس وڙهندا رهيا. روزاني مهراڻ 8 کان 11 آگسٽ 1967ع تائين مسلسل ڇهن قسطن ۾ ون يونٽ جي ’افاديت‘ جي تاجي پيٽي کي اڌيڙي پٽ ڪيو. ياد رهي ته ان وقت مهراڻ جو ايڊيٽر سردار علي شاهه هو اخبار لکيو ته :

”...درحقيقت ون يونٽ جو مسئلو ئي اهو اهم ترين مسئلو آهي، جيڪو پاڪستان جي مستقبل لاءِ نقصانڪار تصور ڪجي ٿو. سنجيده ۽ دورانديش نگاهون انهيءَ مسئلي جي خطرناڪ نتائج کي بخوبي ڏسي سگهن ٿيون. ليڪن افسوس سان ظاهر ٿو ڪرڻو پوي ته ون يونٽ جا حمايتي پنهنجين اکين تي انڌ جا ڪوپا چاڙهيو وينا آهن.....درحقيقت ڏٺو وڃي ته ون يونٽ خود هڪ عظيم انتظامي ڪمزوري آهي. جيڪو نه صرف متعدد ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جو بنياد آهي پر پاڪستان جي بنيادي منشور جي خلاف ۽ جمهوري تقاضائن جي برعڪس پڻ آهي.“ (17)

اهڙي ريت هي ڪهاڻي پڙهي ... ائين لڳي ٿو

اٿاهه مايوسين ۾ خوف باوجود هن ناول ۾ هڪ جهيڻي اميد موجود آهي،

”ٻڌ: سنڌ ۾ سنڌي هن مهل به جيئرو جاڳندو رت جو لوٿڙو آهن، هو جيئرا آهن، ۽ حياتيءَ سان پيار ڪن ٿا. جيئن هر جيئرو جيو ڪندو آهي. پر سنڌن قومي سڄاڻپ لاءِ ۽ ان جي بقا لاءِ نئون رت ايندو، نوجوان نسل، نوجوان مان تون ڏسجانءِ ته ڪيئن نه. . .“ (18)

سندس اميد ۾ به هڪ پيڙا آهي. اهڙي پيڙا جيڪا وجود ۾ وڍ وجهي ڇڏي ٿي،

”نيٺ اسان جو ڇا ٿيندو؟ اسان سنڌين جو؟“

ٿهڪ ڏيندي هو چوي ٿو:

”ڇري آهين بابا، اسين مسلمان ٿينداسين..“

”ته هينئر اسين مسلمان ڪونه آهيون.“

”سنڌي آهيون نه ۽ سنڌي هجڻ هڪ غير اسلامي فعل آهي. اسان پڪا مسلمان تڏهن ٿي سگهون ٿا، جڏهن پاڻ کي ڊي سنڌيلائيز (De-sindhilize) اڻ سنڌي ڪري ڇڏيون.“ (19)

مختلف ۽ متضاد سياسي ۽ سماجي حالتن سبب ناول جو مکيو ڪردار ’پيرانوائڊ پرسنلٽي ڊس آرڊر‘ جو شڪار ٿي وڃي ٿو. هيءُ اهڙو نفسياتي مونجهارو آهي، جنهن تحت مريض کي اهو گمان رهندو آهي ته هو ڪو تمام وڏو ڪم ڪري رهيو ۽ ماڻهو سندس ان ڪم جي مخالفت ڪن ٿا ۽ سندس پيڇو ڪن ٿا. مريض ٻين ماڻهن سان گڏجي ڪم ناهي ڪري سگهندو. تنقيد تي جلد مچرجي پوندو آهي. هو دنيا ۾ ڪنهن کي به سچو ۽ وفادار ناهي سمجهندو. هن ناول جي هيرو کي به هر وقت ائين محسوس ٿئي ٿو ته ڪوئي سندس پويان لڳل آهي. ننڍڙي ڳالهه تان پنهنجي گهرواريءَ کي دڙڪا ڏئي ٿو. ٻي پاسي اردو جو ليڪچرار جڏهن ملڪ لاءِ ڏنل قربانين جي ڳالهه ڪري ٿو ته هيءُ همراهه چڙي پوي ٿو ۽ چوي ٿو.

> ”قرباني ته ڦورو ۽ ڌاڙيل به ڏيندا آهن، جڏهن پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ڌاڙو هڻندا آهن يا ڦر ڪندا آهن. انگريز به جڏهن هتي آيا هئا نندي ڪنڊ ۾ ته جان جوکي ۾ وڌي هئائون ۽ قربانيون به (ڏنيون هئائون).“ (20)

هن ڪردار جو هاڪاري پاسو اهو آهي ته هن جو مقصد پنهنجي ذات سان واڳيل ناهي. هو سنڌ بابت سوچي ٿو. پر سندس اهو به خيال آهي ته سنڌ سان ڪو به سچو ناهي. نه سنڌ جون اقتداري پارٽيون، نه قومپرست، نه سوشلسٽ، نه ئي وري ڪو ٻيو. سندس ڪردار جو ٻيو هاڪاري پاسو اهو به آهي ته هو اهو ته سمجهي ٿو ته هن کي وهم آهي، پر اهو وهم آهي ڇو؟ هو ان سوال جو جواب پڻ ڳولڻ چاهي ٿو.

> ”ڪٿي هيءُ منهنجو وهم ته نه آهي. . .جي هيءُ منهنجو وهم آهي ته پوءِ ڇو؟ ڇا هيئنر مان هن وهم لاءِ پنهنجو نفسي ڇيد ڪيان. ان جون پاڙون ڦوليان. پر سوال ٿو پيدا ٿئي، نيٺ مونکي اڄ اوچتو ئي اوچتو ههڙي قسم جو وهم ڇو؟ ڪو ته اهڙو سبب ٿي سگهي ٿو جنهن جي آڌار تي ههڙي قسم جي _ پوءِ خام خيالي ئي سهي، ايڏي(اهڙي) اندر ۾ پيهي ويل جو پاڻ کي غير محفوظ سمجهڻ لڳو آهيان.“ (21)

۽ هو آخر تائين ان جو سبب ته تلاش ناهي ڪري سگهيو پر ڪن ٻين شين ڏانهن ضرور اشارا ڪري وڃي ٿو. هن جو وڏو اشارو رياستي جبر طرف آهي.

> ”ڪئا قطارن ۾، ڪئن جو رنگ خاڪي

خاڪي ورديءَ ۾ پريڊ
قطارن ۾ پريڊ
ٺڪ، ٺڪ، ٺڪ، ٺڪ، ٺڪ
بوٽن جا ڳرا آواز
ڪٺا پلنگ آڻيندا آهن
ڏپ
ماڻهن جا لاش
ٿلها ڪٺا، مڇن سان
پٽيندڙ ماڻهن جا لاش
ڊنل، هراسيل، موڳا ماڻهو
ڪٺن جون قطارون" (22)

هو ناانصافي محسوس ته ڪري ٿو پر ان جو حل تلاش نٿو ڪري. هو مرڻ لاءِ ته تيار آهي ۽ ڪيس ڊپ به آهي ته هو پنهنجي گهرواري کان وڇڙي ويندو. پر پنهنجي ذات کي ان ڏهڻ مان ڪڍڻ لاءِ ڪو به هٿ پير نٿو هڻي.

"هڪ خوف ۽ انديشي هيٺ ته مان توکان جدا ڪيو ويندس ۽ اوچتو بنهه اوچتو ڪو عتاب ڪڙڪندو. مان توکان جدا ڪيو ويندس ۽ هڪ اهڙي محبت ۽ خيال جيڪو ٻن موڪلائيندڙ دلين جي وچ ۾ وڇوڙي، دردناڪ وڇوڙي جي خوف کان يا ڪنهن اوچتي (ڌار) ٿيڻ جي خوف کان جنهن جي پڄاڻي انتهائي ڀوائتي." (23)

ناول جو هيرو محبت جي گهرائي محسوس ڪرڻ ۽ وڇوڙي جو ڊپ سانڍڻ ڪانپوءِ به محبت جي بچاءَ يا رشتي جي بقا لاءِ ڪجهه به نٿو ڪري. حالانڪ محبت هڪ اهڙو جذبو آهي، جيڪو ذات کان ڪائنات تائين ڪنهن به وقت ڪوبه انقلاب آڻي سگهي ٿو. پر هن ناول جو هيرو تڪليف مان آجي ٿيڻ لاءِ صرف فرار جو رستو ئي اختيار ڪري ٿو. هو جنهن تڪليف ۾ آهي، ان مان نڪرڻ لاءِ ڪڏهن ننڊ واريون گوريون ٿو کائي ته ڪڏهن وري پنهنجي پاڻ کي آٿت ڏيڻ ۽ پنهنجو علاج ڪرائڻ لاءِ ڊاڪٽر کي گهرائي ٿو. سندس علاج ڪندڙ ڊاڪٽر خود نفسياتي مونجهاري جو شڪار آهي. بلڪ سندس خيال آهي ته اسان سڀ بيمار آهيون. ڊاڪٽر جيڪو

سندس علاج ڪرڻ اچي ٿو اهو ڪيس چوي ٿو

”خوف ۽ انديشا. جنهن ۾ اسين سڀ ورتل_شڪيلون ڏار ڏار. پر روح ساڳيو. سپريشن/انسيڪيورٽي، علاج، ٽرنڪولائيزرس.“ (24)

جڏهن ڪوبه اديب ڪوئي ڪردار پيش ڪندو آهي ته سندس هر عمل اديب سان سلهاڙجي ويندو آهي. جديد نفسيات تحت ته ان حد تائين جي ٿيوري اچي چڪي آهي ته جيڪڏهن ڪو اديب ڪنهن تاريخي واردات يا واقعي ڪانسواءِ ڪوئي قتل يا ڏوهه ڪنهن ڪهاڻي يا ناول ۾ ڏيکاري ٿو ته ان جو مطلب اهو ورتو ويندو ته اهو قتل يا ڏوهه خود اهو ليکڪ ٿو ڪري جنهن قاتل ڪردار تخليق ڪيو آهي. هن ناول جو هيرو پاڻ لاءِ اهڙي ڊاڪٽر جي چونڊ ڪري ٿو جيڪو خود بيمار آهي، جنهن مان اهو مطلب وٺي سگهجي ٿو ته هيرو ان مونجهاري مان نڪرڻ ئي نٿو چاهي. توڙي جو هن وٽ هڪ هاڪاري احساس به آهي ته هو يا هر سنڌي ماڻهو پنهنجي مٽي توڙي ديس لاءِ جذباتي آهي. ۽ هو ڪنهن نه ڪنهن سطح تي ڪمزور هٿوراڙيون هڻندو رهي ٿو پر نتيجو ڪو به نٿو ڪڍي.

”سنڌين جي وچولي طبقي جو هر فرد، جيڪو پنهنجي سنڌي هجڻ جو احساس رکي ٿو، اهو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ سياست ۾ بهرو وٺي ٿو. خاص ڪري پڙهيل لکيل. هي صاحب اينٽي ون يونٽ تحريڪ ۾ نهايت سرگرم هو. ۽ نوڪريءَ ڪان پوءِ ڪچهريءَ جي حد تائين سياست، جيئن اسين سڀ ڪندا آهيون ۽ سنڌ بابت ڳالهائيندا آهيون. مستقبل جي ڳڻتيءَ جو ذڪر ڪڍي ۽ پنهنجي قومي وجود جي بقا جي ادڪي سان. . .تاريخ جو قرض نهايت سولي ۽ سوکي نموني لاهيندا آهيون.“ (25)

هتي ليکڪ ٻن حقيقي واقعن کي ناول ۾ تمثيلي يا علامتي طور تي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جن ۾ ٻوليءَ وارن هنگامن دوران ليڪچرار عبدالرزاق سومري جو قتل ۽ ٻي ليڪچرار اشوڪ ڪمار جو رياستي تشدد ۾ قتل ٿيڻ شامل آهن. پر ٻنهي واقعن کي ليکڪ ڪنهن به طرح سان آرٽسٽ نموني ۾ پيش ناهي ڪري سگهيو. البته انهن واقعن جو ردعمل هو نه ڪٽندڙ خوف جي صورت ۾ ظاهر ڪري ٿو. ۽ هن کي لڳي ٿو ته هن به ڪو ڏوهه ڪيو آهي. پر پنهنجي ڏوهه تي

ويچاريندي ان نتيجي تي پهچي ٿو تہ سندس ڏوهہ رڳو اهو آهي تہ هو سنڌي آهي. جنهن جو اظهار هو ڊاڪٽر سان هنن لفظن ۾ ڪري ٿو

"سنڌيپڻي/سنڌي هجڻ جو احساس، جيڪو هتي اڻوڻندڙ آهي ۽ اڻ نمڪندڙ. هڪ ڏوهہ! اسين اڻوڻندڙ آهيون. اهو سمجهون ٿا ۽ اهڙي سرت رکون ٿا، اها سرت ئي اسان کي ڏوهي هجڻ جي احساس کان آگاهہ ڪري ٿي." (26)

جنهن کان پوءِ ناول ۾ 'ماڪڙ' ڪاهي پوي ٿي. ماڪڙ هوندئن بہ هڪ عذاب طور سمجهي وڃي ٿي. خاص طور هن ئي سال سنڌ ۾ ماڪڙ ڪاهي پئي هئي، جنهن فصل تباهہ ڪيا ۽ هارين کي وڏو نقصان پهتو. ناول جي ماڪڙ (پناهگير) آهن. ناول جي مُک ڪردارکي ماڪڙ چنبڙي ٿي ۽ آخر کيس ماري ڇڏي ٿي. ان ماڪڙ کان ڊاڪٽر بہ کيس نٿو بچائي، ڇاڪاڻ تہ اهو مرڪزي ڪردار جو اليوزن (Illusion) آهي ۽ ڊاڪٽر کي ڪجهہ بہ نظر نٿو اچي. ناول جو ٻيو حصو 'ڪاسائيءَ جي چونڊ' جي سري هيٺ آهي. ناول جي هن حصي ۾ ماڻڪ اليڪشن جي موسم جون ڳالهيون ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ اليڪشن ۾ اصل ۾ اسان پنهنجي لاءِ پاڻ ڪاسائي چونڊيون ٿا. هو ڪنهن بہ حڪمران ڌر جي حق ۾ ناهي.

"ڪلهہ ڳوٺان خط آيو آهي تہ ووٽ هتي ضرور ڏيڻ اچجو. رئيس زور پريو آهي. بہ ٽي ڦيرا ڪڍيا اٿائين. پر منهنجي چونڊ ۾ ڪابہ دلچسپي ڪانہ آهي. ۽ نہ ڪوئي مون ووٽ داخل ڪرايو آهي. نہ هن سال نہ پر سال ۽ نہ ڪڏهن." (27)

ناول جي هن حصي ۾ وري مکيہ ڪردار اوچتو ڊپ محسوس ڪري ٿو. ايسيتائين جو اجرڪ نہ پائڻ جو سوچي ٿو.

"۽ ها بڌ! چون ٿا تہ ڌاڙا وڳوڙ ٿيندا. ها بڌو تہ مون بہ آهي. پر پياري تون ڊڄين ٿي.؟ نڪو. پور ٿيل ويساهہ. سنڌين کي ماريندا؟. توکي ڪنهن ٻڌايو؟ اوڙي پاڙي ۾ اهي ڳالهيون پيون ٿين.. .۽ تو جو فيشن ۾ اجرڪ پاتو آهي. سو بہ. ها، مون ڪلهہ ئي سوچيو هو هاڻ ٻاهر اجرڪ پائڻ ڇڏي ڏيندس..."

ناول جي هن حصي ۾ هو قومپرستن تي ڪاوڙيل آهي. هو ڪنهن هڪ قومپرست کي بہ سچو نٿو سمجهي. حالانڪ وقت ثابت ڪيو آهي تہ ڪيترن ئي

اجتماعي مامرن تي قومپرست ڏريون هڪ ٽي ڪو نہ ڪو هاڪاري ڪم ڪنديون رهيون آهن. ائين ئي هن ڪردار جو هڪ ئي جملي ۾ سيني ڪي لوڙهڻ مناسب نٿو لڳي.

”مون کی اهو چوڻ ۾ بلکل بہ هبڪ ڪانهی تہ سنڌ جا ’قومی‘ تپی هيٺ سڏجندڙ اڳواڻ قومپرست پنهنجو پاڻ لاءِ آهن. قوم لاءِ نہ. قومی مسئلن تی سوچيندي ۽ ويچاريندي ۽ عمل ڪندي سندن ذات ئی محور هوندي آهی. نہ ڪو قوم/سنڌ...هر ڳاتی ڀڳی موقعی مهل تي سنڌ جي قومي اڳواڻن جي ڪوڪلائپ پڌري ٿي آهي. نا اهلي ۽..." (28)

ناول ۾ اهم ٿيسز اها ڏنی وئی آهی تہ سنڌي بحيثيت قوم جی متحد ٿی سگهن ٿا. هو ڪوئی بہ وڏو ڪم ڪري سگهن ٿا پر انهن وٽ ليڊرشپ جي کوٽ آهي. هن ٿيسز کی تہ ناول جی مهاڳ ۾ موهن ڪلپنا پاڻ ئی رد ڪيو آهی.

”مان پاڻ سان بہ ايماندار نہ ٿيندس اگر مان ماڻڪ سان هڪ اختلاف ظاهر نہ ڪندس. سنڌ ۾ ذهين ماڻهو بہ آهن ۽ بهادر ماڻهو بہ آهن. اتی فقط تنظيم ناهي. انڪري زور ائڪشن بدران تنظيم تي اچڻ گهرجي." (29)

مجموعی طور تی هیءُ ناول فرد جی انهن پيڙائن جو داستان آهی، جيڪی هو رياستي جبر سبب محسوس ڪري ٿو ۽ هو نفسياتي طور تي هڪ (Disorder) جو شڪار ٿی وجی ٿو. جڏهن اهڙيون پيڙائون ۽ اهنج حدون اورانگهی ويندا آهن تہ متاثر فرد ان طرح ئی ’ايڪٽ يا ري ايڪٽ‘ ڪري سگهی ٿو. جهڙي ريت هن ناول جو هيرو ڪري ٿو. پر اها پڻ حقيقت آهی تہ هن ناول جا ڪيترائی واقعا هن وقت صرف ڪتابن ۾ ملن ٿا. جنهن سبب هیءُ ناول جنهن کی ’سياسی ليڪچر‘ سڏجڻ جی ڳالهہ ڪئی وئی آهی: پنهنجو ڀرپور اثر نہ ٿو ڇڏي. هن ئی موضوع تی ڪنعيی گيانچنداڻی پنهنجی هڪ مقالی ’ماڻڪ جی ناول ’ساهہ مٿ ۾‘ جو تنقيدي جائزو‘ ۾ لکيو آهی تہ ’. . .آئون ڪجهہ اعتراض رکندي بہ اصولی طور تی ان راءِ سان سهمت آهيان تہ ڪيترائی دانشور ۽ اديب هن ناول کی سياسی ليڪچر جو نالو ڏيندا.‘ اهو مقالو ’منير کان ماڻڪ تائين‘ ڪتاب ۾ شامل آهی. جنهن مان ثابت ٿئی ٿو تہ ناول بحيثيت هڪ فن پاري جي اهو مقام نٿو ماڻي جنهن جي اميد پڙهندڙ هن ناول مان رکی ٿو.

**نتيجو:** مجموعي طور تي هن مقالي مان هي نتيجا نڪرن ٿا:

- جديديت جي سري هيٺ لکيل هيءُ ناول ’ساهه مٿ ۾‘ فن توڙي ٽيڪنيڪ جي حوالي سان جديد آهي پر هيءُ سنڌيءَ جو پهريون جديد ناول ناهي، جيئن هن ناول جي مهاڳ ۾ موهن ڪلپنا لکيو آهي.
- هن ناول ۾ ناول جي منظرنگاري بدران ڊرامائي منظر نگاري پيش ڪئي وئي آهي، جيڪا هڪ ناول لاءِ موزون ناهي.
- ناول جو مک ڪردار مختلف وجودي وارداتن جو شڪار رهي ٿو جن مان هو بيچيني، ويڳاڻپ، ڊپ ۽ خوف تمام گهڻو محسوس ڪري ٿو.
- وجوديت جي حوالي سان هن ناول ۾ اهم شيون بحث هيٺ آيون آهن. خاص طور مک ڪردار مختلف هنڌن تي چونڊ جي اختيار تي سنو بحث ڪري ٿو. جيڪو سارتر جي وجوديت جو بنيادي نقطو پڻ آهي.
- ناول جو مک ڪردار ’پيرانوائڊ پرسنلٽي ڊِس آرڊر‘ جو شڪار محسوس ٿئي ٿو. پر هو ان ۾ هاڪاريت تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جيڪو سنو عمل آهي.
- مذڪوره ناول ڪو به نتيجو ڏيڻ ڪانسواءِ پورو ٿي وڃي ٿو.
- ناول ۾ هڪ مسلسل ڳڻتي ۽ ڳاراڻو آهي، جيڪو مک ڪردار سنڌي هجڻ جي حيثيت سان محسوس ڪري ٿو.
- ناول جو مک ڪردار ڪمزور ٿي سهي پر مزاحمت ڪري ٿو هو ڪٿي به مڪمل هار نه ٿو مڃي. هو ڪجهه هنڌن تي جزوي يا وقتي سرينڊر ضرور ڪري ٿو.
- ناول پنهنجي تخليق جي دور(1977ع کان 1980ع تائين) جي سنڌ جي حالتن جو مڪمل احاطو نٿو ڪري.
- ليڪڪ هن ناول ۾ رياستي جبر کي علامتي انداز ۾ ڪنهن حد تائين پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

## حوالا


1. ماڻڪ، ’ساهه مٿ ۾‘ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1882ع، ص، بئڪ ٽائٽل
2. ساڳيو حوالو ص 13، 14
3. حسين مصور، ’منير کان ماڻڪ تائين‘ سنڌ سلامت ڪتاب گهر، (آنلائين ڇاپو) 2019ع، ص، 89
4. ماڻڪ، ’ساهه مٿ ۾‘ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1882ع، ص، 60
5. ساڳيو حوالو ص، 150

6. مهراڻي شير، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف جي شاعريءَ جو جديد اڀياس‘، سوجهرو پبليڪيشن ڪراچي، 2014ع، ص، 100
7. RICHARD RORTY, Philosophy and the Mirror of Nature, Princeton University Press Princeton, New Jersey page, 366
8. ماڻڪ، ’ساهه مٿ ۾‘ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1882ع، ص، 157
9. Ronan McDonalds, The Death of the Critic, Continuum, London, 2007, Page, 118
10. https://plato.stanford.edu/entries/imagination
11. ماڻڪ، ’ساهه مٿ ۾‘ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1882ع ص، 72
12. مرزا نصير، ’جيئن سو تارو صبح جو‘(اينٿالوجي)، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع ص، 164
13. ڏيپلائي عثمان محمد، ’سانگهڙ‘، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، چوٿون ايڊيشن، 1998ع، ص، 107
14. سراج، ’پڙاڏو سوئي سڏ‘، انٽرنيٽ ايڊيشن، 2006ع، ص، 248، 249
15. ساڳيو حوالو ص، 6
16. سراج، ’مرڻ مونسين آءُ‘ انٽرنيٽ ايڊيشن، ص، 157
17. ٻگهيو عزيزالرحمان،ڊاڪٽر، ’سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو 1988ع، ص،606
18. ساڳيو حوالو ص، 96
19. ماڻڪ، ’ساهه مٿ ۾‘ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1992ع، ص 96
20. ساڳيو حوالو ص، 58
21. ساڳيو حوالو ص 21
22. ساڳيو حوالو ص، 37
23. ساڳيو حوالو ص، 41
24. ساڳيو حوالو ص، 44
25. ساڳيو حوالو ص، 44
26. ساڳيو حوالو ص، 46
27. ساڳيو حوالو ص، 83
28. ساڳيو حوالو ص، 96
29. ساڳيو حوالو ص، 18

اشتياق انصاري

# سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جا مقبرا، فنِ تعمير ۽ بحالي

# Architecture and Restoration of the Tombs of Suhagan and Duhaghan


**Abstract:**

*The tombs of Suhagan and Duhagan built in naked brick architecture are located, in Taluka Rohri, District Sukkur. The naked brick/exposed brick style of architecture is known to have come to this region from Afghanistan and later found in Baluchistan and southern Punjab and are considered to be of Ghorid period. According to a popular belief as pointed out by Dr. Ahmed Nabi Khan (1987-88), both these tombs belonged to Shakar Ganj and Khatal-al-Din Shah which were constructed in the late 12th and early 13th century A.D. Badar Abro is also of the same opinion that these tombs were constructed in Ghorid period and belonged to Shakar Ganj and Khatal-al-Din Shah. The details of the cut brick panels on both the tombs are marvelous and are compared in the paper.*

*Recently Endowment Fund Trust for Preservation of the Heritage of Sindh (hereafter EFT) has restored the Tombs of Suhagan and Duhagan. Author is thankful to CDC-EFT Jamshoro for providing drawings and pictures of Suhagan and Duhagan Tombs.*


سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جا صديون پراڻا مقبرا ضلعي سکر ۾ اَروڙ جي ٽڪرين تي 27.65 اتر ۽ 68.93 اوڀر ڊگهائي ۽ ويڪرائي ڦاڪن تي واقع آهن. اَروڙ جو ذڪر برصغير جي قديم مذهبي قصن، توڙي تاريخي ڪتابن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان ملندو رهي ٿو. ساڳي طرح سنڌ جي چند اوائلي شهرن ۾ اَروڙ جو احوال بہ واري سان اچي ٿو. سنڌ ۾ دراوڙي دور هجي يا آرين جي اُرهہ زورائي، سنڌين تي برهمڻ جي بادشاهي هجي يا ٻڌ پرستن جو عروج، يا هتان جي ماڻهن جو ڪوس ايراني، يوناني يا عربن جون تلوارون ڪنديون هجن، انهن سڀني تاريخي واقعن ۾ اَروڙ جو ذڪر لاڳاپيل ملي ٿو. ايتري قدر جو اسان کي ٻين صدي ق.م جي قصي مهاڀارت ۾ بہ اَروڙ

جو ذڪر نظر اچي ٿو.

> ” مهاڀارت ۾ دروپدي، سنڌو کي هڪ آسودو ملڪ ڄاڻائي ٿي. مورخن جي راءِ موجب مهاڀارت واري دور ۾ اتر سنڌ، آرين جي بيٺڪ بڻجي چڪي هئي، جڏهن ته هيٺين سنڌ اڃا آرين يا دراوڙن جي جُوءِ هئي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته ان دور ۾ اروڙ پنهنجي قدامت ۽ دفاعي نوعيت سبب، سنڌ علائقي جي گادي هوندو. گهٽ ۾ گهٽ ان عظيم ملڪ جي ڪنهن صوبي جي راڄڌاني ضرور هوندو.“ (1)

سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جا راجا ٻڌ جا پوڄاري ها، سندن حڪومت جو زمانو 450 کان 643 عيسوي تائين هو. راءِ سهاسي (ٻئي) جي زماني ۾ ڇهن هنڌن تي يا ته قلعا اڏايا ويا هئا يا انهن جي مرمت ڪئي وئي هئي.

مير علي شير قانع ان جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

> ”راءِ سهاسي ’بيو‘ وڏن کان به وڏيڪ وڻندڙ عادتن جو مالڪ هو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ بادشاهي جي حدن جو بندوبست ڪري تختگاهه ۾ آرام سان رهڻ لڳو ۽ ڊل جي عيوض رعيت کي ڇهن قلعن: اُچ، ماٿيلو، سيورائي، الور ۽ سيوستاني جي زمين، مٽي سان ڀرڻ جو حڪم ڏنائين“(2)

مطلب ته سنڌ تي محمد بن قاسم جي حملي کان اڳ به اَروڙ پنهنجي شان شوڪت ۽ جاگرافيائي بيهڪ ڪري مختلف نالن سان مشهور هو.

**اَروڙ تي نالو:** تاريخ جي مختلف دورن ۾ اَروڙ کي جدا جدا نالن سان سڏيو ويو آهي، شايد سنڌ جو هي واحد شهر آهي، جيڪو ايترن گهڻن نالن سان سڏيو ويو آهي. جيئن مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ته :

> ”بني اُميه خليفن جي وقت ۾ هندو راجا دلوراءِ الور جو حاڪم هو ۽ الور کي دلور به سڏيندا هئا (3)

هاڻي اچو ته ڏسون دنيا جي ٻين محققن اروڙ کي ڇا سڏيو آهي:

> ”اَروڙ نالي جي هجي مختلف نمونن ۾ نظر ايندي، مسعودي (ص 22) تي الرور، ابن خرداذبه، الدور (صفحو 28) تي لکي ٿو اشڪال البلاد، الدور (صفحو 36) ۽ الدود (صفحو 37) گائلڊ ميسٽر (Gild Meister) ابن حوقل

جي حوالي سان روز ۽ الروز. ادريسي دور (صفحو 79) مراصد الاطلاع.
الرور لکي ٿو. ليفٽيننٽ مٽڪ لاڳن جو بيان آهي ته هن شهر کي اروڙ
به سڏيو ويندو آهي. (4)

چچ نامي ۾ به اَروڙ جو ذڪر مختلف نالن سان اچي ٿو. جيئن ياقوت (معجم البلادان) الرور لکيو آهي... گمان غالب آهي ته ياقوت حمزه اصفهاني جو قول نقل ڪندي لکي ٿو ته:

”سندو ندي جو قديم ايراني نالو قبل از اسلام هن جو نالو رود هو. جنهن جي معني نهر يا درياه هو. “ مهراڻ رود“ هو. معجم البدان (مهراڻ). جيئن ته هن مقام وٽ مهراڻ ڦٽي ٻه شاخون ٿي پيو. انهي ڪري درياه جي رخ جي اهميت جي لحاظ. يا شايد انهن ٻن شاخن مان اپرندين شاخن جي نالي جي لحاظ سان هن مقام جو نالو ئي رود يا نهر پئجي ويو (5)

مير معصوم ۽ مير علي شير قانع. اَروڙ جو تلفظ الور اختيار ڪيو آهي. اڄ ڏينهن تائين سنڌ جو عوام به انهيءَ تلفظ جي مناسبت سان هن شهر کي اَروڙ سڏي ٿو.(6)

اسان اروڙ جي عروج ۽ زوال کي پاسيرو رکي، اَروڙ ۾ موجود قديم آثارن مان صرف سهاڳڻ ڏهاڳڻ جي مقبرن جو ذڪر ڪنداسين. آثارِ قديم جي ماهر احمد نبي خان جو خيال آهي ته:

”اهي مقبرا سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جا نه آهن. هو لکي ٿو ته: ”اهي ٻئي مقبرا شڪر گنج ۽ ختل الدين شاهه جا 12 صدي جي پڇاڙي يا 13 صدي جي شروعات ۾ ناهيا ويا آهن“ (7)

ناميارو محقق بدر ابڙو پڻ لکي ٿو ته:

”اهي مقبرا سهاڳڻ ڏهاڳڻ جا نه آهن پر شڪر گنج ۽ ختل شاهه جا آهن. جيڪي غوري دور حڪومت جي ڪاريگرن جو ڪمال آهن“(8)

ساڳي طرح اتان جا ڪي مقامي ماڻهو انهن مزارن کي شڪر گنج ۽ ختل الدين جي مزارن سان منسوب ڪن ٿا. شڪر گنج لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو قلندر لعل شهباز جو همعصر ۽ دوست هو.

انهن مقبرن لاءِ بہ سنڌ جي ڀين ڪيترن ڦِتوڙن واري ساڳي ڏند ڪٿا مشهور آهي تہ هت ڪنهن زماني ۾ هڪ ڪافر راجا دلوراءِ حڪومت ڪندو هو ان کي هر رات نئين ڪنوار کپندي هئي. جڏهن انهن ڀنهي عورتن جو وارو آيو تہ هنن دعا گهري ۽ زمين ڦاٽي پئي، ٻئي ان ۾ دفن ٿي ويون. اهي انهن جون قبرون آهن.

تازو 'انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار دي پرزويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ' EFT جي ٽيم انهن مقبرن جي بحالي دوران سماڳڻ جي مقبري اندر ڇهن قبرن جا نشان ڏٺا جنهنڪري مٽي آيل ڪٿا ڪمزور ٿي پوي ٿي. اهو بہ ممڪن آهي تہ ڪجهہ قبرون بعد جون هجن. سال 2011_2010ع جي وڏي ٻوڏ دوران ڪيترائي ٻوڏ متاثر، مقبرن اندر ۽ ٻاهر لڏو لاهي وٽاڻ ٺاهيون ويٺا هئا.

هاڻي ڏسجي تہ سماڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جيان بنا پلسترNaked Brick work جهڙيون آرائشي اڏاوتون ڪٿي ۽ ڪهڙي هنڌ ملن ٿيون.

سرن سان جوڙيل هڪ پراڻو مقبرو بخارا ۾ ساماني حاڪم اسماعيل ساماني (907_892ع) جو ملي ٿو. ساماني جي دور ۾ سمرقند ۽ بخارا انهن جي گادي جا هنڌ رهيا آهن. جن تي بعد ۾ غزنوي گهراڻي قبضو ڪيو. اسماعيل ساماني جو چوڪور مقبرو گهڙيل سرن جو خوبصورت نقش نگاري وارو آهي.



آرائشي سرن سان سينگاريل ساماني حاڪم اسماعيل ساماني (900ع) جو مقبرو (بخارا. ازبڪستان)

شيخ خورشيد حسن پڻ ان قسم جي بنا پلستر Naked Brick work واري

اڏاوت جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”اسان وٽ ان قسم جي اڏاوت سينٽرل ايشيا مان غزنوي دور ۾ هٿ آئي پر ان جو عروج اسان کي ساميان ۽ سلجوقن جي دور ۾ ملي ٿو.(9)

اها حقيقت آهي ته سرن جو اهڙو پوش پاٽل اڏاوتن جي شروعات سينٽرل، اولهه ايشيا ۽ ايران ۾ خاص ڪري ساميان دور ۾ ملي ٿي. هونئن به سامِيانن جي ’سني مسلڪ جي ايراني حڪومت (999_819ع) ان وقت ايران، افغانستان، تاجڪستان، ترڪمانستان، ازبڪستان، قزاستان ۽ پاڪستان جا ڪجهه حصا شامل هئا، ان ڪري سِرن جو پوش پاٽل اڏاوتون اسان کي بلوچستان ۾ به ملن ٿيون. ”جيئن ته بلوچستان جو تعلق ايران، اولهه ۽ سينٽرل ايشيا سان ملي ٿو ان ڪري اتي، اتان جي تهذيب ۽ ثقافت تي ان جو ڪجهه اثر آهي. (10)

**بلوچستان:** اسان کي بلوچستان ۾ گهڙيل سرن جا اهڙا مقبرا ڪافي هنڌن تي ملن ٿا جيئن لسٻيلو سراوان، خاران، مشڪيل وغيره. سبي کان 24 ڪلوميٽر ڏکڻ ڪڇي ضلعي مٽري جا آثار به سونهن سوپيا جو ثبوت آهن. خاران کان 80 ڪلوميٽر اولهه طرف جهلوار لڪ وٽ به قديم آثار واضح بينا آهن. ساڳي طرح خاران ۾ ڪيترائي نوشيرواني مقبرا پڻ سر سازي جو بهترين نمونو آهن. ان ۾ امير نوشيرواني نقودري جي ٻن طبقن واري مقبري جي ڇتن تي ننڍين خانن اندر جاميٽري ۽ گلڪاري جا نقش موهيندڙ آهن. نقودرين 13 ۽ 14 صدي عيسوي دوران افغانستان، ايران ۽ بلوچستان تي حڪومت ڪئي. نقودرين جو تعلق منگول قبيلي سان هو.



نوشيرواني مقبرا، سر سازي جو بهترين شاهڪار آهن (خاران _ بلوچستان)
*تصوير لاءِ شيخ خورشيد حسن جا ٿورا.*

بلوچستان ۾ ئي لسبيلي ضلعي ۾ محمد بن هارون جو چوڪور مقبرو ٻه ڪافي قدامت ۽ اهميت رکي ٿو. محمد بن هارون مڪران جو پهريون گورنر 86 هجري ۾ ٿي رهيو آهي. محمد بن هارون جي مقبري کي ٻه بنا پلستر سرن جو لباس پاتل آهي. هن جي جڙاوت، سرن جا نانگ وراڪا، چونڪڙي جي شڪل جي قطار، چليدار زنجير ۽ ڏنل بارڊر، عجيب لقاءُ پيش ڪن ٿا.



مڪران جي گورنر محمد بن هارون جو سرن سان جوڙيل مقبرو (مڪران _ بلوچستان) تصوير: هولي ايڊورڊ جي ٿورن سان

**پنجاب:** پنجاب ۾ ڪبير والا ۾ علي بن ڪرمک جي پڪين گهڙيل سرن واري اڏاوت ٻه ڪمال ڪاريگري جو مثال آهي. سپه سالار علي بن ڪرمک 571هه کان 582 هجري تائين ملتان جو والي ٿي رهيو هو. عمارت کي چو ڦير پڪين سرن جو ڪوٽ ڏنل آهي. جن کي گولائي مائل ديوار کان ٻاهر نڪتل برج وڏيک سونهن بخشن ٿا. عمارت جي داخلي دروازي واري مضبوط ڏاڪڻ ۽ ٿلهه اڄ ٻه پنهنجو وجود برقرار رکيون بيٺا آهن. علي بن ڪرمک جي مسجد اندر اڏيل منبر اندر سامهون سرن تي ڪيل نفيس گهڙاوت ۽ چٽسالي اکين کي موهي ٿي. خاص ڪري منبر جي محراب تي اُڪريل گلڪاري ۽ پاسي وارين ٻانهن تي آيتن جي خطاطي بينظير آهي. (11)

اسان کي اُچ شريف ۽ ملتان ۾ ٻه بنا پلستر سرن جو پوش پاتل، ڪيترين ئي عمارتون ملن ٿيون.



رباط علي بن ڪرمک (ڪبيروالا_ پنجاب)



علي بن ڪرمک رباط اندر قائم مسجد جو محراب ۽ منبر

**پختونخواه:** اهڙي طرح پختونخواه ۾ به اسان کي ڳاڙهين سرن وارا ڪيترا تاريخي يادگار نظر اچن ٿا. خاص ڪري ڊيره اسماعيل خان ۾ واقع لال مهرا شريف جا مقبرا هميشه سياحن ۽ آثارِ قديمه جي ماهرن جي توجهه جو مرڪز رهيا آهن. ان ۾ رنگين پورن/خاڪي سرن وارين عمارتن تي نيري رنگ جي سرن جا سڏا پٽا ۽ گهڙاوت تمام سٺو ڪنٽراسٽ پيدا ڪن ٿا. (12)



لال مهرا شريف جا رنگ برنگي مقبرا (ڊيره غازي خان _ پختونخواه)



لال مهرا شريف جي هڪ مقبري جي رنگين سرن سان جڙاوت
(ڊيره غازي خان _ پختونخواه) تصوير لاءِ هولي ايڊوڊ جا ٿورا.

**سنڌ:** اهڙي نموني پڪين سرن سان جوڙيل، عمارت سازي جا اهڙا عظيم شاهڪار، سنڌ ۾ بہ ملن ٿا، جيڪي انساني هنرمندي جي صلاحيتن جو اعليٰ مثال آهن. اسان کي ان قسم جي پڪين سرن سان، عمارتون اڏڻ جو هنر ايران، افغانستان، بلوچستان، پختونخواهہ، پنجاب کانسواءِ سنڌ ۾ بہ ڪافي هنڌن تي ملي ٿو. ماهر آرڪيالاجسٽ شيخ خورشيد حسن جو خيال آهي تہ سڀي ۾ ان طرز جا مقبرا 11 ۽ 12 صدي عيسوي جا آهن، يعني مقبري سازيءَ جو اهو هنر مغل دور کان بہ اڳ جو آهي.

سنڌ ۾ اهڙي سِرَ سازي جو ڪمال اَروڙ جي سهاڳڻ ڍاڳڻ جي مقبرن کان علاوه، مڪلي جي ٽڪري تي سرن سان سينگاريل راڄ ملڪ جو مقبرو ملي ٿو، جيڪو 1479ع جو آهي، اهڙي طرح قوس السلطاني جو مقبرو 1513ع جو جوڙيل آهي. مڪلي ۾ ئي فتح خان جي پيڙھ جي مقبري تي بہ سرون ڪتب آنديون ويون آهن، سرن جي اهڙي ڪاريگري، پنو عاقل (ضلعي سکر) ۾ شيخ لالو جي مقبري ۾ ڏسي سگهجي ٿي جنهن جي تعمير 967هہ 1560ع ۾ ٿي. هن مقبري جي بحاليءَ جو ڪم تازو ئي انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ هٿان مڪمل ٿيو آهي. پني عاقل ۾ ئي پير بائيد احمد سلطان جي روزي جي سرن جي اوساري، ان وقت جي اوستن جي پيار جو پورهيو آهي. اهڙي طرح سکر ۾ بہ شير شاهہ ۽ پير بچايو جا پڪين سرن وارا مقبرا ڏسڻ وٽان آهن.

بهرحال، مختلف ماڳن تي اهڙي طرز تعمير ۽ آرائشي سرن جو لباس پاتل عمارتن تي سرسري نظر وجهڻ بعد اروڙ ۾ موجود سهاڳڻ ۽ ڍاڳڻ جي مقبرن جي




بناوت جو ذڪر ڪنداسين 'سنڌ جا ڪوٽ قلعا' ۾ لکيل آهي تہ:

"ٻنهي مقبرن تي ڪو بہ ڳتبو ڪونهي ڏهاڳڻ سهاڳڻ جا مقبرا اروڙ جي ڀي طرف روهڙي جي پاسي هڪبئي کان اڌ ڪلو ميٽر پري آهن. ٻنهي مقبرن تي اڌ گول طرز جا وڏا قبا تعمير ٿيل آهن. جيڪي محرابن جي آڌار تي مٿي اوساريل آهن. چئني پاسن تي ونگن سان لنگهہ ٺاهيا ويا آهن. هر هڪ قبي تي ٻاهرين پاسي تي سونهن ۾ سنجٽ رکي وئي آهي. هر هڪ ڪنڊ جي ٻنهي پاسي پٽ ۾ ٿلهہ ٺهيل آهن. جن جي مٿيئن پاسي تي گهنڊ جي شڪل جهڙا ڦالڪا ٺاهيل ڏسجن ٿا. قبي تي ٿيل چٽسالي، اُڀريل طور ننڍن ٺلهن وسيلي خانن ۾ ورهايل ڏسجي ٿي. وڏن ۽ ننڍن ٺلهن جي مٿئين پاسي تاج رکڻ واري روايت هندو، ٻڌ طرز تعمير سان واسطو رکي ٿي. هي طرز تعمير ڏاڍي ملوڪ بہ آهي، جيڪا قديم ۽ اسلامي طرز تعمير جو جديد سنگم آهي. (13)

ساڳي طرح شيخ خورشيد حسن، سجاوٽي سرن جو گهونگهٽ پاتل سهاڳڻ ڏهاڳڻ مقبرن جي طرز تعمير جو تعلق وچ ايشيا سان ڄاڻائي ٿو. "هنن قبن جي خاص خوبي اها آهي تہ هنن جي ٻاهرين پاسي تي پڪين سرن وسيلي اهڙي آرائشي طرز رکي وئي، جنهن ۾ آڪيچار نمونا نظر ايندا آهن. ڏسڻ ۾ ائين ايندو تہ قبي ۾ اوساريل هر سر، پٽ جي اُوسر جو ڪم بہ ڏئي ٿي تہ ان سان گڏ ساڳي سر سان،

آرائشي چٽسالي جو بہ ڪم ورتو ويو آهي. سِرن جي اوساريءَ ۾ اهڙي چٽسالي، وچ ايشيا جي طرز تعمير سان واسطو رکي ٿي. هن طرز کي پهريائين غزنوي گهراڻي حڪمرانن متعارف ڪرايو هو پر هن فن کي سامانين ۽ سلجوقين عروج تي پهچايو. اتان جي اهم يادگارن ۾ بہ سرن جي اوساري ۾ چٽسالي نظر ايندي، بخارا جي ساماني حڪمرانن جا مقبرا، دامغان، ساوا ۽ سبز وار جا منارا بہ هن فن سان تعلق رکن ٿا. پوپ هن طرز تعمير کي Naked Brick architecture سڏيو آهي. هن طرز تعمير جي اوساريءَ ۾ سرن سان آرائش رکڻ جي خاص خوبي اها آهي تہ جڳهہ مڪمل ٺهڻ کان پوءِ ان تي ڪنهن بہ چٽسالي رکڻ جي لوڙ ڪانہ پوندي آهي، يعني جڳهہ پنهنجي وجود ۾ سونهن ۽ سنجٽ جون متوقع ضرورتون پوريون ڪري ڇڏي ٿي.(14)



سهاڳڻ جو مقبرو بحالي کان اڳ




**سهاڳڻ مقبري جي فن تعمير** ذريعو: EFT-CDC

## سهاڳڻ مقبري جون آرائشي وصفون:

سنڌ ۾ سهاڳڻ ان سياڳي عورت کي چيو ويندو آهي، جنهن بختاور جو مڙس جيئرو هجي. اروڙ ۾ سهاڳڻ جي نالي سان منسوب هي مقبرو 26.8x26.8 فٽ هم چورس آهي. 2.7 فوٽ ٿلهين ديوارن سان جوڙيل هي يادگار 36 فٽ بلند آهي. پڪين سرن 10x7x1.5 انچ وارن سان بيهاريل هن جاءِ جي اوساري مٽي، چيرولي ۽ چن سان ٿيل آهي. هن جون ٻاهريون گھڙيل پڪين سرن جون ديوارون، جاميٽري جي شاندار چٽن ۽ گلڪاريءَ سان سٽيل آهن. سهاڳڻ مقبري جي خاص خوبي اها آهي ته ديوار تي اُڀريل ۽ اندر اُڪريل نقش نگار، اُس ۽ ڇانو جي فرق Contrast ڪري وڏيڪ چٽا ۽ وڻندڙ لڳن ٿا.

**حاشيو Dado:** سهاڳڻ جي مقبري جي هر طرف ٻاهرين ديوار تي بنيادن بعد حاشي (Dado) ۾ سرن جي ٻن قطارن جي وچ ۾ چونڪڙي جي شڪل جهڙيون سڌيون لڪيرون ڏنيون ويون آهن.

**پاهر نڪتل ٿلهه Pilaster**: حاشي مٿان پاهر نڪتل سرن سان سينگاريل ٿلهه Pilaster ڏنا ويا آهن. آسمان ڏي ويندڙ انهن ڇهن ٿنڀن جي سِرن جي ستون بندي Stylobate، مٿان آرائشي سِرن Fluting ڪي گولائي ڏئي، ڇِهرين سان سينگاريو ويو آهي. جنهن مٿان خوبصورت سرن جي برستون Entablature کي ڪندن وٽ هينائين طرف موڙيل ونگوڙا ڏنا ويا آهن.



پاهر نڪتل ٿلهه Pilaster



طاق Panel

**طاق / Panels**: سهاڳڻ مقبري جي ديوار پاهر نڪتل ٿنڀن ڪري حاشيي ڪان وٺي برستون تائين چئن طاقن ۾ ورهايل آهي. انهن طاقن ۾ ئي حاشيءَ مٿان ٽڪنڊين جهنڊين جي قطار بعد ايٽ جي شڪل جا نو ڪڏ ڪٽا، ستاري جي شڪل ۾ ڪوٽيل آهن. جنهن مٿان چئن ڪڏ ڪٽن وارو ننڍڙو تارو آهي. اهڙي طرح برستون جي بلڪل هينان ننڍڙين ڪنگرين جي قطار بعد چٽيان جي شڪل جهڙا پتا ڏاڪندي سميت اُڪريل آهن.

سهاڳڻ واري قبي جي ٻاهرين ديوار جي اُڀريل ٿنڀن جي سرستونن مٿان قطار ۾ گهڙيل هلالي شڪل جهڙا اڀتا سبتا چنڊ اڀريل آهن ۽ ان جي مٿان ٽڪنڊين جهنڊين جي ڪارنس (Cornice) نڪتل آهي. جنهن بعد هڪ مستطيل حصي ۾ اُڀريل ڪنگريون ۽ ايٽ جي شڪل جا ڪڏڪٽا آهن

مهاڙي جي ٻنهي ڪندن تي ساڳي شڪل جا سينگاريل شاهي ٿلهه نڪتل آهن. ٿلهه ۽ طاقن جي وچ ۾ اُڀي ڪوٽيل ايٽ جي شڪل جي قطار آهي.

**آرائشي پٽو Frieze**: اهڙي طرح مقبري جي ٻيڙ ٻني Parapet هينان آرائشي پٽو Frieze

جيڪو سرستون ۽ ان جي مستطيل حصي بعد مٿي اُسري ٿو ان کي هيٺان پن ننڍين سرن جي ڪارنس جي وچ ۾ هلالي شڪل جهڙا اُڀتا ۽ سبتا چنڊ آهن. جنهن بعد هڪ مستطيل طاق اندر Celtic Interlacing knots جي شڪل جهڙي جوڙ يا عربي ڪوفي خطاطي Kufic Calligraphy جي شڪل ۾ آرائش سان سِرن کي ترتيب ڏني وئي آهي. انهن ڪوفي خطاطي جهڙين اُڀين شڪلين وارين ڳنڍين جي مٿان هڪ مستطيل خاني اندر ماڪيءَ جي مناري جهڙا دلڪش آرائشي نقش جوڙيا ويا آهن.



سهاڳڻ جي پيڙ ٻني هيٺان سينگاريل پٽو Frieze

**پيڙ ٻنو Parapet:** ان آرائشي پٽي مٿان سهاڳڻ جو پيڙ ٻنو Parapet بيهاريو ويو آهي. ان پيڙ ٻني کي هيٺان سهٽو ڇليدار سرن جو هار پاتل آهي. جنهن مٿان تراشيل سرن جي وٽندڙ جهنڊين جي جهالر لڙڪي ٿي. آخر مٿاهين تي پيڙ ٻني کي سرن کي ڪٽي، ايٽ جي شڪل جي قطار (Diamond chain) بيهاري وئي آهي. جنهن بعد سڄي ديوار کي سِرن جي قطار جو بند ڏئي محفوظ ڪيو ويو آهي.

شيخ خورشيد ان آرائشي پيڙ ٻني جي لاءِ لکي ٿو ته: سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جي قبن جي Parapet تي آرائشي ٻاري رکي وئي آهي. جنهن جي ڪري هيءَ اڏاوت، ويتر خوبصورت ٿي وئي آهي. ٻنهي قبن ۾ لڳل سنگ مزار وارا پٿر ڍهي عام پٿرن جيان ڪوڙو ٿي ويا آهن. ڪنهن تحريري شاهد جي عدم موجودگي جي ڪري ڪنهن دور جي تعمير چئي ڪونه ٿو سگهجي ته اهي مقبرا ڪهڙي زماني ۾ جوڙيا ويا هئا. بلوچستان جي خاران ضلعي ۾ ساڳئي قسم جي طرز تعمير موجود آهي. ان طرز جي فن ۽ ڪن تاريخي شاهدين جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته هيءَ اڏاوت تيرهين صدي عيسويءَ سان تعلق رکي ٿي. اهڙي ريت سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جي قبن کي ساڳئي دور سان ڳنڍي سگهجي ٿو. (15)

اهڙي طرح سهاڳڻ جي مقبري جي مهاڙي Facade جيان مزار جا پيا پاسا به گهنبديدار، خمدار، ڪائنچيدار، نانگ وراڪن ۽ گلڪاري سان سينگاريل آهن.

**گردو Drum:** سماڳڻ جي ان چوڪور پٽن مٿان ڪُنڊ جوڙ جي مدد سان اٺاس ٺاهي ڇت جي فرش بندي ڪري وچ تي هڪ گول گردو Drum بيهاريو ويو آهي. گردي جي اوچائي ڇت کان 4.6 فٽ آهي. قطر 20 فٽ آهي. ان گردي مٿان هڪ شاهي قبو رکيل آهي. گردي ۽ گنبذ جي وچ ڏڏ (Haunch) تي ٽُڪيل سرن جا بارڊر ڏئي ان جي وچ ۾ اندر طرف زنجير (Diamond Chain) جو هار پارايو ويو آهي.

**گنبذ Dome:** اُپي گردي ۽ وچ واري ڊبيل زنجير نما هار بعد قبي جي ساخت ۾ تبديلي ايندي ٿي وڃي. اتان گنبذ آهستي آهستي وچ طرف مٿي چڙهندو ٿو وڃي، آخر مرڪز تي پهچي، هلڪي مخروطي چوٽي Apex جي شڪل اختيار ڪري ٿو. گنبذ کي مٿان بلڪل سادو چن جو پلستر چڙهيل آهي، چوٽيءَ جي مٿان ڪابه ڪلغي Crown يا نيل Finial وغيره لڳل نه آهي.

**دروازا Doors:** سماڳڻ جي مقبري کي چئني پاسن کان 8.3x2.6 فٽن جا گولائي مائل محرابدار دروازا لڳل آهن. دروازن مٿان مستطيل اُپي ڪائنچي ۾ ٻنهي ڪنڊن تي اَٺن پنکڙين وارو هڪ هڪ گل چنبڙيل آهي. جنهن جي مٿان به ڏندا نڪتل سرن جون قطارون آهن. ان کان مٿئين قطار ۾ ڏاندي سميت چونڪڙي جيان گل جوڙيل آهن. ان کان پوءِ ماکي جي مناري مٿان قطار ۾ هلالي چنڊ جيان ابتيون سبتيون شڪليون اُپريل آهن.

**حجرو Chamber:** سماڳڻ جي مقبري جي اندرين حجري جو ڏيک بلڪل سادو ۽ زيبائش کان عاري آهي. حجري اندر سرن جي اوساري به سادي ۽ بغير ڪنهن توجهه جي ڪئي وئي آهي.

سماڳڻ مقبري جو ڪنڊ جوڙ



**ڪُنبُ جوڙ** Squinches: مقبري اندر چئن ڪنڊن تي ٺهيل ڪنبُ جوڙ Squinches **شاهي گنبذ کي ڪلهو ڏيون بيٺا آهن. ڪنبُ جوڙ جي ٻنهي پاسي ڪلهن وٽ ٻاهر نڪتل سرن جي ننيڙڙي ٽنيڙي آهي، جنهن مٿان هڪ مضبوط ڪماني ڏنل آهي. ان ڪنبُ جوڙ کي هيٺين پاسي پوري وچ تي ڏندا نڪتل سرن سان سينگاريو ويو آهي. ڪنبُ جوڙ کان ڪجهہ مٿيرو گنبذ جي گولائي وٽ ڏندائون ڪننو پارايل آهي.**

**قبرون Graves: حُجري اندر موجوده وقت ڇهن ڪچين قبرن جا نشان آهن. هڪ بلڪل وچ تي ٻي اترين دروازي وٽ ۽ چار قبرون مقبري جي ڏاکڻي ديوار پرسان. حجري جي وچ تي مک قبر ڪي ٿي سهاڳڻ جي قبر چيو وڃي ٿو. جنهن تي پڙ پڻ پييل آهن.**




**مهاڙي ۽ ان جا حصا**



سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جي مقبرن کي خط ڪوفي جهڙي آرائش سان سينگاريو ويو آهي





سهاڳڻ جو مقبرو بحالي بعد

ڏهاڳڻ جو مقبرو بحالي کان اڳ







WESTREN SIDE ELEVATION
OF DUHAGAN TOMB

ذريعو: *EFT-CDC*

<u>ڏهاڳڻ مقبري جو اڏاوتي نمونو</u>

**اسان وٽ ڏهاڳڻ ان بدبخت عورت کي چيو ويندو آهي جيڪا مڙس کان طلاقيل يا رَن زال هجي. اروڙ ۾ ڏهاڳڻ جو مقبرو سهاڳڻ جي مقبري کان چند سو قدمن تي هڪ مٿاهين ٽڪري تي آهي، هن يادگار ۾ بہ ساڳي سهاڳڻ واريون 10x7x1.5 انچ ماپ جون سرون استعمال ڪيون ويون آهن. البت هي مقبرو سهاڳڻ جي مقبري کان ڊيگهہ ۽ ويڪر ڪجهہ قدر ننڍو يعني 24.6x24.6 فٽ آهي. ساڳي طرح اوچائيءَ ۾ بہ**

گرانٽ ڪن ننڍو يعني 35.6 فٽ آهي. باقي هن جون ديوارون 3.0 فٽ ٿلهيون آهن.

هن چوڪور عمارت جون ٻه ٻاهريون پٽيون ڳاڙهين تراشيل پڪين سرن سان سينگاريل آهن. جن کي جاميٽري جي ڊزائين ليڪن، گولن، ڪمانن سان جاذب نظر بڻايو ويو آهي. خاص ڪري پٽين تي ڦولدار زيبائش اکين کي راحت ڏئي ٿي.

**حاشيو Dado:** ڏهاڳڻ جي ٻاهرين ديوار تي هيٺ بنيادن بعد حاشيو Dado ڏنل آهي. جنهن کي سرن جي ٻن نڪتل سڌين پٽين سان سينگاريو ويو آهي. ان جي پيٽ ۾ سهاڳڻ جي مقبري ۾ انهن سڌين قطارن جي وچ ۾ چونڪڙي جي شڪل جهڙيون لڪيرون پڻ ڏنل آهن.

**ٻاهر نڪتل ٿلهه Pilasters:** ان حاشي مٿان، مٿي ويندڙ چار ٻاهر نڪتل ٿلهه Pilaster بيهاريل آهن. اسان کي سهاڳڻ ۾ اهڙا ٻاهر نڪتل ڇهه ٿلهه ملن ٿا. ڏهاڳڻ جي ٿُلهن جي ستون بندي Stylobate مٿان نهيل آرائشي سِرن Fluting کي گولائي ڏئي جهرين جهڙن ڏندن سان چڪري جهڙي شڪل ڏني وئي آهي. ان پيل پاوي مٿان برستون Entablature کي سڌيون سرون ڏئي انهن جي ٻاهرين ڪنڊن کي هيٺ طرف موڙي ونگوڙا ڏنا ويا آهن. مهاڙي جي ڪنڊن تي پڻ ساڳي طرز جا ٿلهه ۽ طاقن جي وچ ۾ کوٽيل اُڀي ايٽ جي قطار آهي.

**طاق / Panels:** ڏهاڳڻ جي ٻاهرين ديوار ٻاهر نڪتل پيل پاون ڪري، حاشيه کان وٺي برستون تائين دروازي کي ڇڏي، ٻن وڏن حصن ۾ ورهائجي وئي آهي. انهن حصن ۾ حاشيه بعد هڪبئي مٿان اِيٽ جي شڪل جهڙا ٻه ننڍڙا ڪڏڪٽا آهن، جنهن مٿان ساڳي ئي ايٽ جي شڪل جا نو (9) عدد ڪڏڪٽا ستارن جي هڪ جهرمٽ جي شڪل ۾ نظر اچن ٿا.

ان نَو عدد ستارن واري جهرمٽ جي مٿان ۽ برستون جي هيٺان هڪ مستطيل طاق اندر ڪوفي خطاطي kufic Calligraphy يا Celtic Interlacing knots سان مشابهه سِرن کي جڙ ڳنڍيون ڏئي نقش چٽيا ويا آهن. ڏهاڳڻ واري قبي جي ٻاهرين ديوار جي اُڀريل ٿنڀن جي سرستون مٿان قطار ۽ گهڙيل آرائشي سرن جي ابتن سبتن هلالي چنڊن جي قطار مٿان ٽڪنڊين جَهنڊين جي جهالر ڏنل آهي، جنهن بعد هڪ طاق اندر اُڀريل ڪنگريون ۽ کوٽيل ايٽ جا ڪڏڪٽا آهن.

**آرائشي پٽو Frieze:** پيڙ ٻني Parapet هيٺان سينگاريل پٽو Frieze ڏنو ويو آهي. جيڪو

طاق اندر اُپريل ڪنگرين مٿان نڪتل ڪارنس بعد آهي، ان طاق اندر خط ڪوفي Kufic calligraphy سان مشابهہ آرائش ڏنل آهي. جنهن مٿان هڪ ٻي مستطيل ڪاٺنچي اندر ماڪي جي مناري سان مشابهت ڏنل آهي، ان مٿان مقبري جو ٻيڙ ٻنو ٻيهاريو ويو آهي.

**ٻيڙ ٻنو Parapet:** سينگاريل پٽي بعد ٻيڙ ٻني ۾ سهٽي انداز سان تراشيل سرن جي زنجير ڪان پوءِ هڪ مستطيل پاڳي ۾ ماڪيءَ جي مناري جهڙي آرائش آهي، جنهن مٿان شاندار انداز سان سرن کي ڳتي، جهنڊين جي جهالر لڙڪائي وئي آهي، آخر ۾ ٻيڙ ٻني کي مٿان سڌي سرن جي ڪارنس ڏئي محفوظ ڪيو ويو آهي.

**گردو Drum:** ڏهاڳڻ جي ٻيڙ ٻني واري ڇت ۾ ٻہ سنيال نہ هئڻ ڪري گهرا ڏرڙ پئجي ويا هئا. جن کي وري ڇيرولي ۾ چن سان بند ڪري ڇت جي فرش بندي ڪئي وئي آهي.

گنبذ ٻيهارڻ لاءِ ان جي هيٺان گولائي مائل گردو Drum ڏئي ان سان گنبذ کڙو ڪيو ويو آهي، حالانڪ سنڌ جا گهڻا گنبذ اٺاس جي شڪل جا ٺاهيا ويندا آهن پر هي گنبذ جو Drum ٻاهران گول ٻيهاريو ويو آهي. ان اٺاس ۾ گنبذ جي وچ تي ٻاهرين پاسي ڏُڏ (Haunch) وٽ گهڙيل آرائشي سرن جو هڪ پٽو ڏئي حد بندي ڪئي وئي آهي. گردي جو قطر 17.6 فٽ آهي.

**گنبذ Dome:** ڏهاڳڻ جو گنبذ، گردي ۾ وچ تي موجود آرائشي ڪنني بعد آهستي آهستي مٿي اُسرڻ سان گڏ، اندر گول چوٽيءَ طرف چڙهڻ شروع ڪري ٿو. آخر مرڪز يعني چوٽي Apex تي پهچي مخروطي شڪل وٺي بيهي ٿو. گردي ۾ گنبذ جي ڇت کان وٺي بلندي 14 فٽ بيهي ٿي. مقبري جو گنبذ سنيال نہ هئڻ ڪري ڪيترن هنڌن تان ڏريل هوءِ ان جي چوٽي بہ اڇي پٽ پئي هئي.

**دروازا Doors:** ڏهاڳڻ جي مقبري جي چئني پاسن کان، وچ تي گولائي مائل محرابدار دروازا آهن. انهن مٿان اُڀي مستطيل طاق جي ٻنهي ڪنڊن تي، واڌو شڪل جي وچ تي، سوراخ نڪتل نشان آهي، ان جي مٿان ڏندا نڪتل سرن جي ٻن قطارن بعد اِيٽ جي شڪل جهڙي سوراخ دار ڄاري آهي ان کان پوءِ چوڪور چار جهڙي آرائش جڙيل آهي. سڀ کان مٿان وچ تي اٺن پنکڙين وار گل اُڪريل آهي. دروازي جي ماپ 7.9x3.3 فٽ بيهي ٿي.

**حجرو Chamber ۽ ڪنڊ جوڙ Squinches:** اهڙي نموني ڏهاڳڻ جي حجري جي جڙاوت بہ بلڪل سادي آهي. ان ۾ ڪابہ ڪشش نہ آهي، اوساري ۽ درزون پرڻ ۾ بہ مهارت نہ آهي. چئني ڪُنڊن تي ڪُنڊ جوڙ Squinches آهن. ڪنڊ جوڙ هڪ وڏي مضبوط محراب جيان جڙيل آهن. انهن جي وچ تي هيٺين پاسي تي هڪ ٻي ننڍڙي محراب پڻ ڏنل آهي، جنهن کي هيٺان سڌن سرن جو پٽو ڏنل آهي. ان ڪنڊ جوڙ ۾ وڏي ڪاريگري ۽ مهارت کان ڪم ورتو ويو آهي. گردي ۽ گنبذ جي وچ تي ڏندا نڪتل سرن جو هار پارايو ويو آهي.



ڏهاڳڻ جو مقبرو بحالي بعد



ڏھاڳڙ مقبري جي مھاڙي



ڏھا,ڳڙ مقبري جو ڪنب جوڙ (Squinche)



بحالي بعد ڏهاڳڻ جي تربت

**قبر Grave**: ڏهاڳڻ جي مقبري ۾ خزاني جي ڳولا ۾ قبر کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو آهي. البت هڪ ڪچي قبر جو وچ تي نشان آهي. سوال آهي تہ جنهن ڏهاڳڻ جي مقبري تي اهڙو شاندار ڪم ڪرايو آهي ان ضرور ڏهاڳڻ جي قبر کي بہ خوبصورت بنائڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي، پر جيئن تہ سنڌ جي ٻين مقبرن جيان خزاني جي ڳولا ڪندڙن، اتي گهرا کڏا هڻي ڇڏيا آهن، ائين انهن ماڻهن سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جون خوبصورت قبرون بہ مسمار ڪري ڇڏيون آهن.

بهرحال، انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي ماهرن اها ڳالهہ ذهن ۾ رکي آهي. سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جي قبرن کي وري نئين انداز ۾ ساڳي ئي خوبصورت سرن جي گهڙائي، جُوڙائي ۽ گلڪاري سان سينگاري بيهاريو آهي.

## سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ مقبرن جي نقش نگاريءَ ۾ فرق

سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جي اڏاوت ۽ جڙاوت نوي سيڪڙو ساڳي طرز جي آهي، تنهن هوندي به ڪن هنڌن تي سندس سجاوٽ ۾ ٿورو فرق پڻ نظر اچي ٿو. اسان هت ان جي نشاندهي ڪندا هلنداسين.

**حاشيو Dado:** سهاڳڻ جي مقبري جي ٻاهرين ديوار ۾ بنيادن کان پوءِ سڌي ليڪ ۾ سپي جي شڪل جي قطار مٿان ايٽ جي شڪل (Diamond Chain) جون ٻه قطارون ڏنل آهن، جنهن مٿان سڌائي ۾ ٽڪنڊن جو ڪنٺو ڏنل آهي پر ڏهاڳڻ جي مقبري جي حاشيه ۾ ايٽ جي شڪل جون صرف ٻه لڪيرون آهن.

**ٿلهه/ ٿنڀا Pilasters:** سهاڳڻ جي مقبري جي ٻاهرين ديوار کي ٻاهر نڪتل ڇهن ٿنڀن Pilaster ذريعي مک ڇئن طاقن Panel ۾ ورهايو ويو آهي، جڏهن تہ ڏهاڳڻ جي ديوار ۾ اهڙا چار ٿنڀا ۽ ٻه طاق آهن.

**طاق/ Panels:** سهاڳڻ جي طاق اندر حاشيه مٿان هڪ ايٽ جي ڪُڏڪٽيءَ بعد ايٽ جي قطار مٿان، نو (9) عدد ايٽ جي ڪڏڪٽن وارو جهرمٽ ڪوريل آهي. ان بعد هڪ ايٽ مٿان ڏاندڀيءَ مان ڇٽيان جي پٽي کي ننيڙڙي ڪنگري نما ٿوپ پارايل آهي، جڏهن تہ ڏهاڳڻ جي حاشيہ بعد هڪئي مٿان، ايٽ جي ڪڏڪٽن مٿان، نو عدد ايٽ جي ڪڏ ڪٽن وارو جهرمٽ ڪوريل آهي. ان بعد طاق کي خطِ ڪوفي جهڙي سهڻي آرائش ڏني وئي آهي.

**سربستون Entablature:** سهاڳڻ جي سربستون تي سرن جي زنجير مٿان جَهندڙيون اُڪريل آهن، جڏهن تہ ڏهاڳڻ جي مقبري تي ابتا سبتا چنڊ ۽ جهندڙيون نقش ٿيل آهن.

**آرائشي پٽو Frieze:** سهاڳڻ جي مقبري سربستون مٿان سينگاريل پٽي Frieze تي ابتا سبتا هلالي چنڊن بعد ڪوفي خطاطي (Kufic calligraphy) جون ڳنڍيون ۽ ان مٿان ماکيءَ جي مناري جهڙا سوراخ آهن. جڏهن تہ ڏهاڳڻ جي مقبري تي خط ڪوفي جي شڪلن مٿان ماکي جي منارن جهڙو چار وڇايل آهي.

**ٻيڙ ٻنو Parapet:** سهاڳڻ جي مقبري جو ٻيڙ ٻنو، هينئان کان سرن جي زنجير جي سان ٻڌل آهي. جنهن مٿان سرن جون جهندڙيون ٽنگيل آهن آخر ۾ ايٽ جي قطار ڏئي سڌين سرن جو بارڊر ڏنو ويو آهي. جڏهن تہ ڏهاڳڻ جي ٻيڙ ٻني ۾ هينئان زنجير بعد،

ماکي جي منارن جهڙي ڄاريءَ مٿان، سرن جون ننڍڙيون جهنڊيون ٻيهاري، سرن سان بند ڪيو ويو آهي.

**ڪنڊ جوڙ Squinches:** سهاڳڻ جي ڪنڊ جوڙ واري مضبوط محراب ٻن ننڍن ٿنڀن تي بيٺل آهي، ان محراب جي هيٺان وچ تي، ڏند دار سِرن سان سينگاريو ويو آهي. ان جي پيٺ ۾ ڏهاڳڻ جي ساڳي طرح محراب دار ڪنڊ جوڙ جي هيٺ، پوري وچ تي هڪ ننڍي محراب پڻ جوڙي وئي آهي.

**قبرون Graves:** سهاڳڻ واري مقبري جي حجري اندر هن وقت ڪل ڇهه قبرون آهن. هڪ پوري وچ تي باقي هڪ اترين دروازي سان گڏ ۽ چار ڏکڻ ديوار وٽ آهن. جنهن مان لڳي ٿو ته مک قبر پهريان هئي. باقي پاسي واريون قبرون بعد جون آهن. هڪ قبر مان ڪفن ۾ ويڙهيل لاش پڻ نظر اچي پيو. البت ڏهاڳڻ جي مقبري ۾ وچ تي صرف هڪ تربت آهي.

سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ مقبري جي بحالي مقامي ڪاريگرن جي هٿ هنر جو ڪمال آهي.



انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ طرفان سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ مقبرن جي بحالي

آروڙ جون ٽڪريون سالن کان ريتي بجري ۽ پٿر مافيا جي قبضي ۾ آهن. هتان روزانو ريتي بجري ۽ پٿرن جون سوين ٽرڪون پرچي نڪرن ٿيون. ٽڪرين کي ٽُڪڻ ڪري سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جي مقبرن جي آسپاس به گهرا کڏا پئجي ويا آهن. انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي سخت احتجاج ۽ درخواستن بعد، في الحال ته هنن مقبرن جي پرسان

ڪوٺائي بند آهي، تنهن هوندي بہ ڪا نہ ڪا ترڪ پرجندي نظر ايندي آهي. انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ سماڳڻ ۽ ڏاهاڳڻ جي مقبرن کي وڏيڪ قبضي ۽ نقصان کان بچائڻ لاءِ مقبري جي چوقير، چُن جي اوساري سان پٿرن جي ننڍڙي ديوار ڏئي ڇڏي آهي. پليٽ فارم تي چڙهڻ لاءِ سماڳڻ جي اتر پاسي کان پنج اڌ گول جي شڪل جا ڏاڪا ڏنا ويا آهن. اهڙي طرح ڏهاڳڻ کي اوبر پاسي کان ڏاڪا ڏنا ويا آهن.

1. سماڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جي مقبرن جي پيڙهہ کي برسات جي پاڻي کان بچائڻ لاءِ چوڌاري 12 فوٽن تائين پڪين سرن جي فرش بندي ڪئي وئي آهي.
2. سماڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جي مقبرن کي چئني پاسن کان داخلي دروازا هئا. في الحال انهن کي عارضي طور تي سرن سان بند ڪيو ويو آهي. سماڳڻ کي اتر پاسي کان اهڙي طرح ڏهاڳڻ کي اُپر پاسي کان عارضي لوهي سيخن وارو دروازو ڏنو ويو آهي.
3. تڪرين مان پٿر حاصل ڪرڻ لاءِ بارودي ڌماڪا ڪيا ويڃن ٿا، جنهنڪري سماڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جي مقبرن جي گنبذ جي چوٽي جو وڏو حصو اچي هيٺ ڪريو هو. ساڳي وقت گنبذ ۽ گردي ۾ ڪيترن هنڌن تي ڏار ۽ ڏرڙ پئجي ويا هئا. انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي ماهرن وڏي محنت سان ان گنبذن جي سوراخن کي چيرولي ۽ چن جي مدد سان، ساڳي ماپ جي سرن سان بحال ڪيو آهي. قبي جي وڏيڪ مضبوطي لاءِ بانس جي تيلن جي جار کي لوهي تارن سان ٻڌي، ان مٿان چيرولي ۽ چن جو پلستر ڏنو ويو آهي.
4. سماڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جي مقبرن جي ڇت ۾ بہ گهرا سوراخ ۽ ڏار پوڻ ڪري برسات جو پاڻي مقبري جي ڇت ۽ ديوارن کي نقصان پهچائيندو رهندو هو. ڇت جي فرش بندي ڪري، پاڻي جي نيڪال لاءِ نيسارا ڏنا ويا آهن.
5. سار سنڀال نہ هئڻ ڪري ٻنهي مقبرن جي ڇت جي چوڦير ڏنل بيڙ ٻنو بہ اچي پٽ پيو هو بيڙ ٻني تي اُڪريل سرن جي زنجير جو هار (Pearl Chian) جهنڊيون، ايٽ جي شڪل جي قطار (Diamond Chain) ۽ ڪارنس وارين سرن کي ان جي اصل انداز ۾ گهڙي، محفوظ ڪيو ويو آهي.
6. اهڙي طرح سماڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جي چئني پاسي وارين ديوارن تي حاشيہ کان وٺي بيڙ ٻني تائين جـتي بہ ڪا آرائشي ڊزائين ٽٽي غـائب ٿي وئي هئي يا نقصان پهتو هو پلي اهــو ستارو هــجي، ڪنگري، چـٽيان يا ايٽ جو پن، چنڊ، ڪوفي خطاطي

جي شڪل، نانگ وراڪو، گلن جي وَلِ، ماڪي جو منارو  يا ڪو ٻيو نقش، انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي ڪاريگرن، ساڳي ئي شڪل ۾ ڊزائين گهڙي، ان هنڌ تي هٽي سهاڳڻ ۾ ڍاڳڻ جي مقبرن کي ساڳي خوبصورتي موٽائي ڏني آهي.




سهاڳڻ جو مقبرو بحالي کان اڳ ۽ پوءِ

ڍاڳڻ جو مقبرو بحالي کان اڳ ۽ پوءِ



7. سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ مقبرن جون تقريباً چاليهه سيڪڙو گم ٿيل يا نقصان پهتل ڊزائين ۽ گلڪاريءَ واريون سرون، پيهر نئين سر گهڙي تراشي هيون ويون آهن.

8. ٻنهي مقبرن جي حُجري اندر به پڪين سرن جي فرش بندي ڪئي وئي آهي.

9. سهاڳڻ جي حجري اندر ڇهن ڪچين قبرن جا نشان مليا آهن، ان مان وچ واري سهاڳڻ سان منسوب مک ٻُني جو 9x5x4 فٽن جو صندوق نما ٿلهو ناهي، ان کي مقبري ۾ ڪتب آندل ڊزائين جهڙين سرن سان سينگاريو ويو آهي، ساڳي طرح ڏهاڳڻ جي قبر کي به ساڳي ماپ ۽ نقش نگار سان جوڙيو ويو آهي.

10. مقبري جي حجري توڙي ٻاهرين ديوار جا ڏار ۽ ڏرڙ درزون چيرولي ۽ چن سان ڀريون ۽ سنواريون ويون آهن.

## حوالا


1. پٺي، رشيد، 'اروڙ جو عروج ۽ زوال' ٽه ماهي مهراڻ 1984 (2)، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو1984ع.

2. مير، علي شير قانع، 'تحفتہ الڪرام' مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ، سنڌيڪار مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2004ع، ص 64

3. مرزا ، قليچ بيگ، 'قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو' سنڌي ادبي بورڊ 1990ع ص، 314

4. ايليٽ، 'سنڌ جي تاريخ' مُترجم عطا محمد ڀنڀرو، نيشنل بڪ فائونڊيشن اسلام آباد 2000ع ص 437

5. 'چچ نامو'، ترجمو مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ 1976ع، ص، 374 حاشيو

6. ساڳيو صفحو 375_374

7. Dr. Ahmed Nabi khan 'Pakistan Archaeology' The Department of Archaeology, Pakistan. page 311. Number 23, 1987-88

8. ابڙو بدر، روزانہ ڪاوش 'دنيا' مخزن ، مضمون، 9 مارچ 2017

9. Shaikh Khurshid Hassan, 'Islamic Architectural Heritage of Pakistan'. Royal Book Company. Sadar Karachi- 2001 Page. 30-31

10. Ibid- Page 30-31

11. Holly Edward, 'Of Brick and Myth' Oxford University Press Karachi. 2015 Page-111-112.

12. Ibid Page-211

13. انصاري اشتياق'سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا 2' سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي (ٻيو ڇاپو) 2015ع صفحو 256

14. Shaikh Khurshid Hassan, 'Beauty in Runis at Alore'. Daily Dawn December 20, 1991.

15. شيخ خورشيد حسن، 'اروڙ جا قديم آثار' ترجمو عطا محمد ڀنڀرو، ٽه ماهي مهراڻ 4/ 2000 سنڌي ادبي بورڊ

رضا علي قاضي

# شيخ اياز جي مختصر ڪهاڻي ’کلڻي‘ جي ’زمان و مڪان‘ جو جائزو

# An Analysis of the Setting in Short Story `Khilini` by Sheikh Ayaz

**Abstract:**

*Short Story is a prosaic genre which has been adopted in Sindhi literature from English literature. In a short story, realities are produced in a fictional way. Technically, there are five main elements of a short story. These are Setting, Characterization, Plot, Theme and Point of View. All elements play very important role in construction of a short story. The setting is considered very important of these elements of a short story. Setting describes the time and place of the story.*

*Sheikh Ayaz is a prestigious writer among the first Short Story writers in Sindhi literature. Twenty four short stories of Sheikh Ayaz are compiled by Dr Anwar 'Figar' Hakro in his book 'Jey Tand Barabar Toryan'.*

*In this research paper we have analytically studied the element of 'Setting' in short story titled as "Khilni" written by Sheikh Ayaz.*

## موضوع جو تعارف:

مبارڪ علي شيخ، جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ’شيخ اياز‘ (1923_1997ع) جي نالي سان مشهور آهي. شيخ اياز جو بنيادي تعارف شاعري ئي رهيو پر اها بہ حقيقت آهي تہ شيخ اياز، سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ بہ پاڻ مڃايو. شيخ اياز بابت هڪ پيري جمال ابڙي چيو هو:

> ”جيتوڻيڪ مون کي موجوده دؤر جي ڪهاڻيءَ جو ابو سمجهيو يا سڏيو وڃي ٿو، حقيقت ۾ اهو سهرو بہ شيخ اياز تي آهي.“ (1)

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙي موجب:

> ”اياز جون ڪهاڻيون سنڌي ادب جو اڻ مٽ سرمايو آهن. اهي ڪهاڻيون هڪ پيرو چيچڙ ڪان پوءِ وري پيهر ڪونہ ڇپيون. جو اها مڃتا حاصل ڪري سگهن ها يا ادبي تاريخ جي محققن ۽ نقادن آڏو

مقام پائي سگهن ها.“ (2)

شيخ اياز پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪل 24 مختصر ڪهاڻيون لکيون. هي اهو دؤر هو جڏهن شيخ اياز ادب ڏانهن وکون وڌائي رهيو هو. هن جون ڪهاڻيون نہ فقط جديد سنڌي ادب جو بنياد فراهم ڪن ٿيون، پر انهن جا ڪردار جيئرا جاڳندا پاسجن ٿا.

”شيخ اياز جي ڪهاڻين جو ڪتاب ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي ’جي تند برابر توريان‘ جي نالي سان سهيڙي ڇپرايو جنهن ۾ شيخ اياز جون سڀئي ڪهاڻيون موجود آهن.“ (3)

شيخ اياز جون سڀئي مختصر ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت رکن ٿيون، جن تي الڳ نموني سان تمام گهڻو لکي سگهجي ٿو. هتي فقط سنڌس هڪ مختصر ڪهاڻي ’ڪلڻي‘ جي هڪ بنيادي عنصر زمان و مڪان ’سيٽنگ‘ جو جائزو پيش ڪيو ويندو.

**مختصر ڪهاڻيءَ جي خاصيت:** افسانو جيتوڻيڪ فرضي ڳالهين تي ٻڌل ٿئي ٿو پر اهو انساني زندگيءَ ۽ سماج مان ئي جنم وٺي ٿو. ان ڪري ڏسبو تہ نہ ان مان نہ رڳو سماج ۽ تهذيبي قدرن جي عڪاسي ٿئي ٿي، بلڪ گذريل زماني جي ريتن رسمن، احساسن ۽ عادتن جي بہ واقفيت حاصل ٿئي ٿي. افساني ۾ بظاهر تخيل جون بلند پروازون مغالطہ آميز بيان هوندو آهي پر، پسمنظر ۾ ان جو رشتو حقيقت نگاريءَ ڳنڍيل رهي ٿو ان ۾ وقت جون صداقتون سمايل ٿين ٿيون.

**شيخ اياز جون مختصر ڪهاڻيون:** شيخ اياز جي ادب ۾ سڃاڻپ هڪ اعليٰ پائي جي شاعر جي آهي، هن پنهنجي شاعريءَ ۾ تخيل ۽ سوچ جا نوان زاويا ڏنا. شيخ اياز جتي شاعريءَ جي ڪيتر ۾ اتم نالو آهي، ساڳئي وقت هن جون نثري لکڻيون بہ ڪمال جي حدن کي ڇهندي ملن ٿيون. نثر صنفن ۾ هن جون مختصر ڪهاڻيون تمام اعليٰ پايي جون آهن، جن کي عالمي ادب سان مقابلي لاءِ پيش ڪري سگهجي ٿو. شيخ اياز لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ هن جي شاعريءَ جو مقام پنهنجي جاءِ تي تمام گهڻو اوچو آهي، پر جڏهن مختصر ڪهاڻيون پڙهجن ٿيون تہ اياز اسان کي فقط هڪ بهترين ڪهاڻيڪار نظر اچي ٿو.

شيخ اياز جديد سنڌي ڪهاڻي جي بلڪل ابتدائي دؤر ۾ لکڻ شروع ڪيو. اهي مختصر ڪهاڻيون ايتريون تہ سگهاريون آهن، جو اڄ بہ جڏهن پڙهجن ٿيون تہ

محسوس ٿئي ٿو تہ جڻ شيخ اياز هاڻي ئي لکيون آهن. ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙي، شيخ اياز جي مختصر ڪهاڻين بابت لکيو تہ:

"اياز جون ڪهاڻيون سنڌي ادب جو اڻ مٽ سرمايو آهن.اهي ڪهاڻيون هڪ ڀيرو ڇپجڻ کان پوءِ وري ٻيهر ڪونہ ڇپيون. جو اها ميجتا حاصل ڪري سگهن ها يا ادبي تاريخ جي محققن ۽ نقادن آڏو مقام پائي سگهن ها." (4)

شيخ اياز جي لکيل مختصر ڪهاڻين مان 24 ڪهاڻيون اسان وٽ موجود آهن.

**شيخ اياز جي مختصر ڪهاڻي 'ڪلڻي' جو اختصار:** هن جي سادگيءَ ۾ چالاڪي هئي، چالاڪيءَ ۾ سادگي. ڪڏهن ٻار جيئن نچندي ٽپندي ايندي ۽ پنيان اچي اکين تي هٿ ڏيندي. ڪڏهن اوچتو منهنجا وار ڏاهي چوندي، 'ڏس تہ ڪيئن ٿي پيو آهين؟' ۽ پوءِ آرسي کڻي هٿ ۾ ڏيندي. ڪڏهن مان پينسل رکي پاڻي پيئڻ اُٿندس تہ پينسل جو گورو پيجي ڇڏيندي ۽ اچا کڻڻ جي ڪوشش ڪندس تہ کل ۾ ويڙهجي ويندي.

هڪ دفعي مون کيس جمهوريت جا اُصول ٿي سمجهايا. 'پر خدا تہ اسان کي جمهوريت نہ ٿو سيکاري.' هن سوچيندي چيو، 'خدا تہ گهٽا ئي دوزخ ۾ وجهي ٿو ۽ ٿورا ئي جن ۾ مُلان مولوي، چريا ڪريا آهن تن کي بهشت ڏئي ٿو.' هوءَ تقرير ڪرڻ لڳي، 'پر ٻيلي هي بهشت دوزخ جو معاملو بہ عجيب آهي. مان تہ سوچيندي منجهي پوندي آهيان. مئٽرڪ ۾ اسان کي ماستر ٻڌايو هو تہ، صوفي چوندا آهن تہ انساني روح ۾ خدا جو جزو آهي. جي ايئن آهي تہ پوءِ تہ دوزخ ۾ بہ صرف روح ٿو وڃي ۽ ان جي معنيٰ اها ٿي تہ دوزخ ۾ پاڻ ٿو وڃي." هوءَ کلڻ لڳي. مان سوچي رهيو هوس تہ هن کي اهي شرارتي خيال اچن ڇو ٿا؟ خدا مان بہ نہ ٿي رهي!

هوءَ ايترو تہ کلندي هئي جو سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ شروع ٿيندا هئا ۽ پتو نہ پوندو هو تہ هوءَ کلي ٿي يا روئي ٿي! هن جي حياتيءَ ۾ لڙڪ ۽ مُرڪ گڏ گهوٽيل هئا. هوءَ هر ڪنهن کي تنگ ڪندي هئي پر ڪو ئي منجهائنس ڪک نہ ٿيندو هو. مان تہ ساڻس نفرت ان ڪري ڪندو هوس جو مون کي هن کان نفرت هئي. مٺي مٺي نفرت، ڪؤڙي ڪوڙي محبت! دور رهي، دور رهڻ نہ چاهيندو هوس. ويجهو رهي ويجهڙائيءَ مان ڪک ٿي ويندو هوس. مون کي ٻيون بہ سوٽيون ماساتيون هيون

پر ڪا اهڙي عجيب و غريب نہ هئي. ڪنهن کي ايتري مجال نہ ٿيندي هئي جو مون سان ڪٽي ڪيچل ڪري. سڀ ڪتابي ڪيڙو سمجهي، منهنجي عزت بہ ڪنديون هيون ۽ مون کان نفرت بہ ڪنديون هيون. پر هوءَ الاجي ڇو مون کي چيڙينديهئي. مون ڪيئي ڀيرا خيال ڪيو هو تہ وري سندس گهر نہ ويندس. اجا بہ اڍائي ڪلاڪ گهر ۾ ويهندس تہ هوءَ ڪوئي بهانو ناهي ماڻهو موڪليندي. مثلن چوائي موڪليندي تہ: 'امان کي مٿي ۾ سور آهي دوا تہ ڏي.' ۽ مان اجا سور جي دوا کڻڻ ويندس تہ نياپو ڏيندڙ گم ٿي ويندو ۽ لاچار مون کي ئي دوا کڻي سندس گهر وڃڻو پوندو. اجا ويندس مس تہ هوءَ کلندي چوندي: 'ڏس ڪيئن چالاڪي ڪري گهرايومانءِ پتو پيئہ!' ۽ پوءِ نوڙيءَ تي ٽپڻ لڳندي.

هڪڙي ڏينهن مون کي سخت بخار هيو، سو مون پيڻ کي چيو تہ 'مٿي کي ٿورا زور تہ ڏينم'. هن چيو تہ، 'بہ ڪلاڪ ساندهہ ماساتنهن ويهي زور ڏنا اٿيئي، اجا پيو زور زور ڪرين!' مون کي خبر نہ هئي تہ غشيءَ جي حالت ۾ هن مون کي زور ڏنا هئا. اهڙي طرح ڪيئي دفعا مون محسوس ڪيو هو تہ هن جي مون سان همدردي هئي.

مون کي ڪڪو ڄائو ۽ هوءَ آئي ۽ وري ساڳيا لفظ چيائين: 'مٺائي کاراءِ'۽ پوءِ 'هل سجا تون ڇا کارائيندين' چئي ٺهڪ ڏنائين. هن ۾ اجا بہ اها معصوم شرارت هئي، اجا بہ زنده دلي هئي، اجا بہ کلي کلي ڳوڙها وهي ايندا هيس، پر...

ڪالهہ هوءَ منهنجي ڪِڪي کي کيڏائي رهي هئي. هن جي منهنجي ڪڪي سان ڏاڍي دل هئي. ڪِڪو بانبڙا پائي ٿورو گهمڻ سکي ويو هو، سو ڪالهہ جئن هوءَ ڪڪي کي ڪُڏائي رهي هئي. مان آفيس مان موٽيس. ڪڪي مون کي ڏسي ڪيو، 'با آ با آ' (بابا) مون ٻانهون ڊگهيڙيون تہ ڪٽانس، پر ڪڪو ڪنڌ ڏوٽي هن جي ڇاتيءَ سان چهٽي پيو ۽ چيائين، 'ام مان (امان)' مون چرچي ۾ چيو: 'اڙي امان تہ تنهنجي ماني پئي پچائي، هيءَ اٿي پڦي!' پر ڪڪي جڻ منهنجي ڳالهہ نہ مڃي ۽ هن جي ڇاتيءَ مان منهن ڪڍي، ڏانهس ڏسي، چيائين: 'امان.' اچانڪ مون ڏٺو تہ هن جو منهن ون ون ٿي ويو ۽ ڳوڙها سندس اکين مان لهي ڳلن تي اچي ويا. مون تعجب ۾ پڇيو: 'ڇو آهي تہ خير؟' هن ڪڪي کي چميو ۽ سندس چولي ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀرڻ لڳي. مان حيرت ۾ هوس. اڄ شايد پهريون ڀيرو هو، جو ٺهڪ ۽ لڙڪ دوستي ڇني جدا ٿيا هئا. زندگي کل جو سهارو نہ وٺي سگهي هئي ۽ ڳوڙها قابو پائي ويا هئا. خوشيءَ غم کي چميون ڏئي، الوداع ڪئي هئي.

**افسانوي ادب جو مکيہ عنصر سيٽنگ يا زمان و مڪان:** افسانوي ادب ۾ سيٽنگ مان مراد زمان ۽ مڪان ورتو ويندو آهي. هي هڪ ادبي عنصر آهي، جيڪو ڪهاڻيءَ جي فني پهلوئن کي اجاگر ڪري ٿو. ان سان گڏ ڪهاڻيڪار کي افساني جي جوڙجڪ ۾ گهڻي مدد ڪري ٿو.

> ”سيٽنگ، ڪهاڻيءَ جي پسمنظر کي سمجهڻ ۽ پڙهندڙ جي موڊ ٺاهڻ ۾ ڪارائتو عنصر آهي.“ (5)

ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ کي لکڻ يا زباني ٻڌائڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان جي آس پاس جو حالتون بيان ڪيون وڃن. ’سيٽنگ‘ ۾ جتي زمان و مڪان اچن ٿا، اتي سماج جو ثقافتي پهلو، تاريخي دؤر، جاگرافيائي حالتون. موسم ۽ ڏينهن جا حصا يعني رات يا ڏينهن يا ڏينهن جو ڪهڙو حصو آهي؟ واضح ڪيو ويندو آهي. زمان ۾ ٻولي، لباس، شين جا نالا بہ اهم جڳهہ والارين ٿا. مڪان جي سب عنصرن ۾ تعميرات اهم آهي.

ڪهاڻيءَ ۾ ’سيٽنگ‘ جو ڪردار، ان جي ڪرنگهي جي هڏي جيان آهي. ڪهاڻيءَ ۾ آيل ڪردار پاڻ ئي ’سيٽنگ‘ جي عنصر جي نمائندگي ڪندي ملندو آهي. مختصر ڪهاڻيءَ تي تحقيق ڪندڙ لاج ڊيوڊ، پنهنجي ڪتاب The Art of Fiction ۾ لکيو آهي تہ:

> “The setting of a short story is the time and place in which it happens. Authors often use descriptions of landscape, scenery, buildings, seasons or weather to provide a strong sense of setting.” (6)

ڪهاڻيءَ ۾ سيٽنگ ٽن صورتن ۾ ٿيندي آهي. پهرين فطري دنيا يا قدرتي منظر، ٻيون نمبر موسمي حالتون يا مندن جو هجڻ، مثال طور سيارو، اونهارو وغيره. سيٽنگ ۾ ٽين صورت خانگي توڙي سرڪاري جاين جي هجڻ جو هوندو آهي. سيٽنگ ۾ قسم پڻ هوندا آهن. مثال طور: حقيقي دنيا، تصوراتي دنيا، افسانوي ڪائنات، دنيا، ملڪ، شهر، ڳوٺ يا گهر وغيره. جن مان پڻ ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ تمام گهڻي مدد ملندي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ سيٽنگ مان سادو مطلب ڪڏهن ۽ ڪٿي جو هوندو آهي. ڪڏهن ۽ ڪٿي؟ اهي بہ سوال آهن، جن جي پوئواري ڪندي هڪ ليکڪ پلاٽ کي اڳتي وڌائيندو آهي.

- سيٽنگ جا ڪجهہ مثال:

01. وقت: گهڻو وقت اڳ حاتم طائي نالي هڪ نوجوان رهندو هو.

02. جڳهه: حاتم طائي عرب ملڪ يمن جو رهواسي هو.

حاتم طائي جڏهن پوڙهو ٿيو ته هن ملڪيت گهٽجڻ بدران وڌي وئي.

ڪهاڻيءَ جي هي سٽ، مٿي ڄاڻايل سٽ جي پوئواري ڪندي، ڪهاڻي ۾ سيٽنگ جي اهم سب عنصر 'وقت يا زمان' کي واضح ڪري ٿي. "حاتم طائي جوان هو- حاتم طائي پوڙهو ٿي ويو." مطلب وچ ۾ 30 سالن کان مٿي جو عرصو گذري ويو. اهڙي ريت، ڪهاڻيءَ جي هن سٽ:

حاتم طائي هڪ پيري پاڙيسري ملڪ حجاز ڏانهن روانو ٿيو.

مان جڳهن جي خبر پوي ٿي. حاتم طائي يمن ملڪ جو رهواسي هو. حاتم طائي، حجاز ڏانهن روانو ٿيو. مطلب يمن هڪ الڳ ملڪ هو ۽ حجاز الڳ ديس. ڪهاڻيءَ جي هن سٽن مان سيٽنگ جي ٻئي اهم جز 'جڳهه يا مڪان' جي خبر پوي ٿي.

**شيخ اياز جي مختصر ڪهاڻي 'ڪلٽي' ۾ 'زمان و مڪان' جو جائزو:** شيخ اياز جي مختصر ڪهاڻي 'ڪلٽي' پنهنجي اندر نثري لکٽي جا سڀ عنصر سانديو ويٺي آهي. ڇاڪاڻ ته هتي تحقيق جو دائرو فقط سيٽنگ يا زمان و مڪان تائين محدود آهي، ان ڪري مختصر ڪهاڻيءَ ۾ آيل انهن لفظن کي واضح انداز سان بيان ڪيو ويندو، جيئن ته مٿي سيٽنگ بابت ڪافي چٽائي سان لکيو ويو آهي، جنهن لاءِ تحقيق جو چاهه رکندڙ بخوبي ان مسئلي کي سمجهي ويندا. هيٺ ترتيب سان پهرين 'زمان' پوءِ 'مڪان' کي ظاهر ڪندڙ جملا ۽ انهن ۾ لفظن کي هيٺان لڪير ڏئي واضح ڪيو ويو آهي.

**مختصر ڪهاڻي 'ڪلٽي' ۾ سيٽنگ کي ظاهر ڪندڙ جملا ۽ لفظ :**

- ۽ پوءِ <u>آرسي</u> ڪٽي هٿ ۾ ڏيندي.
- ڪڏهن <u>پوتي پڳ</u> ڪري ٻڌي ايندي
- ڪڏهن <u>ٽاچڙي</u> ڪٽي منهنجي ڪنڌ ۾ ڇپائيندي
- منهنجي <u>پاند</u> ۾ وڌائين.
- <u>چوٽيءَ</u> کان ڇڪي
- "اڙي، ڏسان ته گهٽا ڏينهن ٿو انهيءَ <u>گوڏ</u> ۾ پڙهي سگهين."

- هڪڙي ڏينهن منهنجي هٿ ۾ ڪئميرا ڏسي
- تو بي اي ۾ فلاسافي ڪنئي آهي
- خدا تہ اسان کي جمهوريت نہ ٿو سيکاري
- مـُلان مولوي، چريا ڪريا آهن
- صوفي چوندا آهن
- ڳلن ۾ جڻ سفيد ۽ سرخ گلاب
- فائونٽين پين ۾ مس پري رکندس
- پوءِ نوڙيءَ تي ٽپڻ لڳندي
- تهہ اونهاري ۾
- ڪنهن مهل ٽڏي جهلڪي تي
- جڏهن گڏجي ماني کائڻ ويهندا هئاسين
- مٽي کي ٽورا زور تہ ڏينم
- ڪڏهن ٻار جيئن نچندي ٽپندي ايندي
- اسان جو گهر ننيڙو هو
- مان ڪوٺيءَ ۾ گهڙيس
- هن چيٽوپٽ تي ڏسي چيو
- تن کي بهشت ڏئي ٿو
- مان آفيس مان موٽيس

**مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ جي سيٽنگ جو تنقيدي جائزو:**

- شيخ اياز جي مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ مان مٽي سيٽنگ يا زمان و مڪان جي دائري ۾ ايندڙ ڪجھ نڪتا لکيا آهن، جن مان پڙهندڙ با آساني آندازو ڪري سگهن ٿا تہ ڪهاڻيءَ جا ڪردار ڪهڙي ماحول، معاشري، حالتن ۽ دؤر ۾ رهن پيا. جيئن جڏهن لفظ ’آرسي‘ سامهون اچي ٿو تہ ان سان گڏ هڪ پورو ماحول جڙي سامهون اچي ٿو جنهن مان خبر پوي ٿي تہ هيءَ ڪهاڻي ان دؤر جي آهي، جڏهن انساني سماج ۾ جماليات پنهنجي عروج تي پهچي چڪي هئي. ماڻهو هار سينگار لاءِ درسنيون يا آئينا استعمال ڪندا هئا. آرسي جيڪڏهن گهر جي پٽ ۾ لڳل آهي تہ ان مان مڪان جو اندازو بہ ڪري سگهجي ٿو. هتي درسنيءَ کي

زمان جي حصي ۾ ان ڪري رکيو ويو آهي تہ ڪردار درسني هٿ ۾ ڪٽي ٿو/ ڪٽي ٿي. لفظ درسنيءَ جي پسمنظر ۾ گهر جو ماحول ڏسي سگهجي ٿو تہ هڪ اهڙو گهر آهي، جنهن جا ڀاتي درسني استعمال ڪندا آهن.

- شيخ اياز جي مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ پينسل جو ذڪر ڪيو آهي. ’پينسل‘ لفظ پڙهندي ئي سڄو ڌيان موجوده تعليمي نظام ڏانهن هليو وڃي ٿو. پينسل جو استعمال لکڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي ۽ پينسل انگريزن جي دؤر کان پوءِ اسان جي لکڻ لاءِ ميسر ٿي. پينسل سان گڏ سانچو جنهن سان هن جو گورو ڪيو وڃي ۽ ربڙ جو هجڻ لازم آهي. ڪهاڻيءَ ۾ پينسل جي گوري پيچڻ جو ذڪر پڻ موجود آهي. هاڻي پڙهندڙ سولائي زمان جو اندازو ڪري سگهن ٿا.
- مختصر ڪهاڻيءَ ۾ ٻن لفظن ’پوتي ۽ پڳ‘ جو استعمال ڪيو ويو آهي. پوتي ۽ پڳ، اوپر جي سماج جون خاصيتون آهن. پوتي عورتن جي باڪردار ۽ پڳ مرد جي شان واري جي علامت سمجهيو ويندو هو. وقت سان گڏ حالتون تبديل ٿيون. مردن، پڳ مان هٿ ڪڍيا، هاڻي عورتون بہ پوتي مان جان ڇڏائڻ لاءِ تيار ٿي رهيون آهن. ان ڪي جديد زمانو چئجي ٿو. انساني روين جي علم يا انترا پالاجي جي علم مطابق، اهي شيون ڪنهن بہ صورت خراب ناهن، پر ڇاڪاڻ تہ سماج جو قدامت پرست طبقو تبديلي ڪي تڪڙ ۾ قبول نہ ڪندو آهي، ان لاءِ هو سدائين اهڙين ايجادن، شين ۽ ريتن رسمن جي مخالفت ڪندو رهيو آهي. پاڻ هن ڪهاڻيءَ ۾ ان بحث ۾ پوڻ ڪانسواءِ فقط زمان و مڪان تائين محدود رهندي، ان ڳالهہ ڪي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا تہ ڪهاڻيءَ جو تعلق اوپر جي سماج سان آهي، جنهن ۾ سنڌ ڪي خاص رتبو حاصل آهي ۽ ان سماج ۾ پوتي پڳ پلي نہ بہ استعمال ڪيون وڃن پر انهن شين جو مان مرتبو اڃا سوڌو مٿاهون آهي.
    - شيخ اياز جي مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ ڪتاب جو ذڪر ڪيو آهي. ’ڪتاب‘ انساني معاشري ۾ هزارين سالن کان استعمال ۾ رهيا آهن، پر اها بہ حقيقت تہ پراڻن وقتن ۾ ڪتابن تي ڪجهہ خاص ماڻهن جي پهچ هوندي هئي. هاڻي ائين ناهي رهيو. اڄ هر گهر ۾ ڪتاب موجود هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪتابن جي تاريخ

هزارين سالن تي ٻڌل آهي. ان ڪري ڪنهن خاص سال يا ڏهاڪي جي نشاندهي نه ٿي ڪري سگهجي، البت ڪتاب زمان ۽ ڪجهه قدر مڪان کي ظاهر ڪري ٿو.

- مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ استعمال ٿيل لفظ ’ٽاچٽي‘ پيپر پن کي چيو ويندو آهي. پيپر پن يا ٽاچٽي، انگريزن ڪانپوءِ اسان جي دفتري استعمال هيٺ آئي. لفظ ’ٽاچٽي‘ جتي ٻڌائي پيو ته هيءَ ڪهاڻي، انگريزن جي دؤر يا ان ڪانپوءِ موجوده يا پاڪستان جي قائم ٿيڻ ڪانپوءِ جي آهي، يعني هي لفظ زمان کي ظاهر ڪري پيو. ساڳي وقت ان ڳالهه تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي ته ’ٽاچٽي‘ گهڻو ڪري آفيسن ۾ استعمال ڪئي ويندي هئي، جيڪڏهن هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ٽاچٽي گهر ۾ پيل آهي ته اهو خاندان نه فقط پڙهيل لکيل پر خوشحال پڻ آهي، ڇاڪاڻ ته ان دؤر ۾ مسڪين ۽ غريب ماڻهو ڪاغذن کي جوڙڻ لاءِ ڪنڊي جو استعمال پڻ ڪندا رهيا آهن، هنن وٽ ٽاچٽي خريد ڪرڻ جي سگهه نه هئي يا اها شهرن ۾ هجڻ ڪري هنن جي پهچ کان پري هئي.
- مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ ’پاند‘ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. ان جڳهه تي پاند مان مطلب قميص جو دامن يا پلاند بيهي ٿو. مطلب ڪهاڻيءَ جي هيرو کي قميص پاتل هئي، يعني هو سلوار ۽ قميص پڻ پائيندو هو. سلوار قميص گهڻو ڪري سنڌي ماڻهو يا سنڌ ۾ رهندڙ استعمال ڪندا آهن. هن لفظ جتي زمان جي خبر پوي ٿي اتي مڪان جو پتو پڻ پوي ٿو.
- ’ڪلٽي‘ ۾ ’چوٽي‘ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو پڻ زمان و مڪان جي باري ۾ وضاحت ڪري ٿو. دنيا جا ڪهڙا علائقا آهن، جتي عورتون چوٽيون ڪنديون آهن يا اهو ڪهڙو زمانو هو جنهن ۾ عورتون چوٽيون ڪنديون هيون.

➢ مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ هي جملو *’اڄ، ڏسان ته گهٽا ڏينهن ٿو انهيءَ گوڏ ۾ پڙهي سگهين‘* مڪان طرف نشاندهي ڪري ٿو. ڪهاڻيءَ جي هيروئن، هيرو کي

ڪنهن اهڙي جڳهه بابت ٻڌائي رهي آهي، جتي گوڙ تمام گهٽ آهي ۽ اتي پڙهائي ضرور مشڪل هوندي.

- مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ لفظ ’مئٽرڪ‘ گهڻن مونجهارن جو سبب بڻجي رهيو آهي. هڪ ته ’مئٽرڪ‘ جي تاريخ جاچڻي ته ڪهاڻيءَ جي نسبت سان جنهن علائقي جو پسمنظر ٻڌايو ويو آهي، ڇا ان علائقي ۾ ڇوڪرين کي ’مئٽرڪ‘ تائين پڙهايو ويندو هو؟ جيڪڏهن جواب ’ها‘ ۾ آهي ته ٻيو سوال هي ٿئي ٿو ته ڇا اهو سماج يا اهو خاندان ايترو سڌريل هو جو ڇوڪرين کي به مئٽرڪ ڪرائڻ لاءِ اسڪولن ۾ داخل ڪرائيندو هو؟ باقي گهٽ ۾ گهٽ لفظ ’مئٽرڪ‘ زمان جي چٽي نموني وضاحت ڪري ٿو ته اهو ڪهڙو دؤر هوندو.
- مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ هيرو جي هٿ ۾ ’ڪئميرا‘ ڏيکاري وئي آهي. جيتوڻيڪ ڪئميرا جي ايجاد کي صديون گذري ويون آهن. انساني ذهن جي هي ناياب ايجاد انگريزن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ پهتي، پر اها پڻ حقيقت ته عام ماڻهو ڪئميرا کي ڇهي به نه سگهندو هو. امير ماڻهو شوق سان ڪئميرا وٺندا هئا ۽ استعمال پڻ ڪندا هئا. ڪهاڻيءَ ۾ هيري جي هٿ ۾ ڪئميرا مان هڪ مراد هي به آهي ته ڪهاڻيءَ جنهن خاندان کي نظر ۾ رکي سرجي وئي آهي اهو ايترو خوشحال هو جو ڪئميرا به استعمال ڪندو هو پر هتي لفظ ’ڪئميرا‘ کي چٽو ڪرڻ مان مطلب زمان کي ظاهر ڪرڻ آهي ته جنهن وقت ۾ هيءَ ڪهاڻي لکي وئي، ان وقت ڪئميرا جو استعمال ڪيو ويندو هو.
- مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ تعليم جي حوالي سان ’مئٽرڪ کان پوءِ بي اي‘ جا اصطلاح استعمال ڪيا ويا آهن. جيڪي تعليمي ڊگرين لاءِ ڪتب آندا ويندا آهن. مئٽرڪ جي معاملي کي درگذر ڪري اسان اڳتي وڌن ٿا ته ’بي اي‘ جو اصطلاح، ڪجهه وقت لاءِ بيماري ڇڏي ٿو. ان جاءِ تي پهچي پڙهندڙ ضرور اها ڳالهه سوچيندو ته سنڌ جو اهو ڪهڙو علائقو هو يا آهي، جنهن ۾ بي اي ٿيندي آهي ۽ بي اي فلاسافيءَ ۾ پڻ ٿيڻ جي تعليمي سهولت موجود هئي!؟ يونيورسٽيءَ سان گڏ بي اي جي سهولت ڪاليجن ۾ پڻ هوندي آهي. جنهن لاءِ پڻ سوال ڪري سگهجي ٿو.

- مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ جمهوريت جو سياسي اصطلاح استعمال ڪيو ويو آهي، هن سياسي اصطلاح مان وقت جو تعين ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته هن لفظن ۾ ڪهاڻي جي زمان بابت آگاهي ملي ٿي.
- مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ ’ملان مولوي، ماستر، صوفي‘ سماج جي مختلف ڪردارن بابت مڪالما ملن ٿا. مذهبي نسبت سان ’ملان مولوي ۽ صوفي‘ جا ڪردار تمام گهڻا پراڻا آهن. پر ’ماستر‘ هاڻوڪو آهي. سنڌ ۾ انگريزن طرفان تعليم جي واڌاري لاءِ اسڪول کولڻ اتي استاد جي مقرري، جيڪو بعد ۾ ماستر به سڏيو ويو. ڪهاڻيءَ ۾ زمان جي معاملو ڪافي قدر واضح ٿيندو پيو وڃي ته هي ڪهاڻي، انگريزن يا انهن جي دؤر ڪانپوءِ جي آهي.
  - مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ ٻاڙهن ۽ اڇن گلابن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن لفظن تي غور ڪندي، بس ايترو ڏسڻو آهي ته سنڌ جي اهو ڪهڙو علائقو آهي جنهن ۾ سفيد ۽ سرخ گلاب ڦٽندا آهن. يا ڪردار پنهنجي معلومات جي آڌار تي گلاب جي انهن رنگن جو ذڪر ڪري ٿو. اهو پڻ ته هي هڪ نج ادبي اصطلاح آهي ۽ ڪهاڻيءَ ۾ آيل ڪردار عام رواجي تعليم سان گڏ ادب پڻ پڙهيل آهي.
  - مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ ’ڪتابي ڪيڙو‘ جو اصطلاح استعمال ڪيو ويو آهي. ڪتابي ڪيڙو اسان جي سماج ۾ گهڻو پڙهندڙ کي چيو ويندو آهي. اهو اصطلاح ويجهي ماضيءَ ۾ استعمال ٿيڻ شروع ٿيو. هن اصطلاح مان نه صرف زمان جي باري ۾ پتو پيو ٿو پر ان سان گڏ اهو پڻ ته ڪهاڻيءَ جو مرد ڪردار تمام گهڻو پڙهيو لکيو شخص آهي.
  - مختصر ڪهاڻيءَ ۾ ’فائونٽين پين‘ جو ذڪر آهي. فائونٽين پين جي استعمال جا پيرا کڻجن ته آسانيءَ سان زمان جي خبر پئجي سگهي ٿي. ساڳي وقت فائونٽين پين مڪان جي باري ۾ پڻ معلومات فراهم ڪري ٿي ته دنيا جي ڪهڙن علائقن ۾ فائونٽين پين استعمال ٿيندي رهي آهي. فائونٽين پين جو اسان وٽ گهڻي ڪان گهڻو استعمال ويهين صديءَ ۾ رهيو. هن پين ’انڪ يا مس واري پين‘ پڻ چيو ويندو هو. هن قسم جي پين جو اڄ به استعمال ڪيو وڃي ٿو پر نه هئڻ جي برابر. ڇاڪاڻ ته بال پوائنٽ ۽

پوائنٽر، استعمال ۾ ڪافي قدر آسان آهن. هتي پيٽن جي قسمن جو بيان انهن جي افاديت ظاهر ڪرڻ نہ پر وقت ۽ جڳهہ جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ آهي تہ ڪهاڻي، ڪهڙي جڳهہ ۽ ڪهڙي وقت سان تعلق رکي ٿي.

- مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ نوڙيءَ تي ٽپ ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي. نوڙيءَ تي ڇوڪرين طرفان ٽپا ڏيڻ، سنڌ خاص ڪري ٻهراڙيءَ جي ڇوڪرين جي وندر رهي آهي، جيڪا اڄ بہ ڪنهن نہ ڪنهن صورت جاري آهي. هن جملي مان پڻ زماني جو پتو پوي ٿو تہ ڪهڙن وقتن ۾ نوڙيءَ تي ٽپا ڏيڻ واري مشق يا راند ڪيڏي ويندي هئي.
- مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ ’تهہ اونهارو، ڏاڍي گرمي، تڏي جهلڪي‘ جا لفظ ۽ جملا موسمن بابت آگاهي ڏين ٿا. موسم جو تعلق جتي مڪان سان اتي زمان سان پڻ آهي. ڪهاڻيڪار، پنهنجي تخليق ۾ موسم جي سختي يا آسانيءَ جو ذڪر ڪري پڙهندڙ کي پگهر ڏياري سگهي ٿو تہ ساڳي وقت هن کي سرديءَ جو احساس بہ ڏياري سگهي ٿو. ’تهہ اونهاري‘ جو اصطلاح وري اسان کي سنڌ جي اتر پاسي جو ڏس ڏئي رهيو آهي، جتي اونهارو ۽ سيارو ٻئي شديد ٿين ٿا. هتي اونهارو زمان کان وڌيڪ مڪان جو پتو ٻڌائي رهيو آهي.
- مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ ’گڏجي ماني کائڻ ۽ مٽي کي زور‘ جتي زمان و مڪان کي ظاهر ڪري رهيا آهن اتي، ڪجهہ سوال بہ پيدا ٿي رهيا آهن. مثال طور: سنڌ جو اهو ڪهڙو علائقو آهي، جتي جوان عورت ۽ مرد جيڪي رشتي ۾ ماسات آهن، گڏ ويهي ماني کائيندا آهن؟ يا گرميءَ سبب همراهہ کي غشي طاري ٿي وڃي تہ ان جي جوان ماسات ساندهہ بہ ڪلاڪ ان کي مٽي تي زور ڏيندي هجي؟ هي ڪجهہ معاملا مختصر ڪهاڻيءَ ۾ ڪافي جهول پيدا ڪري رهيا آهن.
- مختصر ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ۾ مڪان جي حوالي سان هڪ جملي ’ ڪڏهن ٻار جيئن نچندي ٽپندي ايندي،‘ ۾ ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار ڇوڪريءَ جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي. ’نچڻ ٽپڻ ڪڏڻ‘ جا تصور ’گهر‘ يا رهڻ واري جاءِ جا آهن. هي جملو مڪان کي واضح ڪري ٿو.

- مختصر ڪهاڻي ’ڪلڙي‘ ۾ مڪان جي حوالي سان ’گهر‘ جو لفظ تہ تمام گهڻو واضح آهي، جنهن مان مڪان جي باري ۾ وضاحت ملي ٿي.
- ڪهاڻيءَ ۾ ’ڪوٺي‘ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. ’ڪوٺو‘ گهر جي هجڻ جو دليل آهي. ڪوٺا، گهرن يا جڳهن ۾ ئي هوندا آهن.
- مختصر ڪهاڻي ’ڪلڙي‘ ۾ ڇيڙي ۽ پيت جو ذڪر آهي. هن جملي ۾ جتي مڪان جو نالو ’پيتِ‘ ملي ٿو اتي ’ڇيڙو‘ زمان ڪي پڻ ظاهر ڪري. ’ڇيڙو پيت تي ڏسي‘ جو جملو جيتوڻيڪ سڌي ريت ڪهاڻيءَ ۾ عمل جي صورت ۾ شامل ناهي، البت ڪهاڻيءَ جو ڪردار فلسفين تي چٽر ڪندي اها ڳالهہ ڪري ٿو. هن جملي ۾ مڪان ۽ زمان، سيٽنگ جا ٻئي جز ظاهر ٿي رهيا آهن.
- بهشت جو تصور دنيا جي سيني مذهبي معاشرن ۾ رهيو آهي. بهشت، بظاهر تہ هڪ رهڻ جي جاءِ آهي، پر هتي مڪان ڪان وڌيڪ زمان ڪي ظاهر ڪري ٿو. جيئن سوال تہ: اهو ڪهڙو زمانو هو جنهن ۾ بهشت جو تصور هو؟
- مختصر ڪهاڻي ’ڪلڙي‘ ۾ ’آفيس‘ جو ذڪر آهي. آفيس هڪ پاسي جتي زمان ڪي ظاهر ڪري اتي مڪان جي نشاندهي پڻ ڪري ٿو. آفيس، هڪ مڪان جو نالو آهي.

**نتيجو:**

- مختصر ڪهاڻي، هڪ نثري صنف آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي افسانوي انداز سان حقيقي عڪاسي ڪئي ويندي آهي.
- مختصر ڪهاڻيءَ ۾ سيٽنگ يا زمان و مڪان ان جو بنيادي ۽ ڪليدي عنصر آهي.
- مختصر ڪهاڻيءَ جي عنصر سيٽنگ ۾ جڳهہ ۽ وقت اهم جز يا سب عنصر آهن.
- شيخ اياز جي مختصر ڪهاڻي ’ڪلڙي‘ سيٽنگ يا زمان ۽ مڪان جي لحاظ کان ڪافي بهتر آهي، پر ڪي جهول نظر آيا، جن جو مختصر ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي.

❖

## حوالا


1. هڪڙو انور فگار، ڊاڪٽر 'جي تند برابر توريان' سنڌي ادبي اڪيڊمي، ڪراچي 1998ع. ص 10.
2. هڪڙو انور فگار، ڊاڪٽر 'جي تند برابر توريان' سنڌي ادبي اڪيڊمي ڪراچي 1998ع. ص 09.
3. پٿي، هوش محمد 'شيخ اياز ڪهاڻين جا ڪردار' مقالو 'سنڌي ٻولي' تحقيقي جرنل (جون 2018). حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي. 2018ع.
4. (http://journal.sindhila.org/sindhi/article-52-characters-of-shaikh-ayaz%E2%80%99s-stories--a-critical-analysis-)
5. هڪڙو انور فگار، ڊاڪٽر 'جي تند برابر توريان' سنڌي ادبي اڪيڊمي، ڪراچي، 1998ع. ص 09.
6. Levin, Donna (1992), Get That Novel Started, Cincinnati, OH: Writer's Digest Books, ISBN 0-89879-517-6
7. Lodge, David (1992), The Art of Fiction, London: Martin, Secker & Warburg Ltd, ISBN 0-14-017492-3